# 1973ع جو آئين

۽

# پاڪستان جي مختصر آئيني تاريخ

رسول بخش اُنڙ ايڊوڪيٽ

روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 1973ع جو آئين

## ۽

## پاڪستان جي مختصر آئيني تاريخ

رسول بخش اُنڙ ايڊووڪيٽ

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 350

كتاب جو نالو: 1973ع جو آئين ۽ پاڪستان جي مختصر آئيني تاريخ
مترجم ۽ مرتب: رسول بخش اُنڙ ايڊوڪيٽ

ڇاپو پهريون: © روشني 2006ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي ۽ انور حسين سومرو
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

# CONSTITUTION OF PAKISTAN 1973 AND PAKISTAN'S CONSTITUTIONAL HISTORY

by: **Rasool Bux Unar Advocate**

Composed by: Habib Qadir Qureshi & Anwar Hussain Soomro
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2006

## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
نئون نياپو، ڪتاب مرڪز، گهنٽي ڦاٽڪ - لاڙڪاڻو
شاهه لطيف ڪتاب، ميهڙ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو
جنيد بوڪ ڊيپو - دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو - بدين
عزيز ڪتاب گهر - بندراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس .
قاسميه لائبرري - ڪنڊيارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ارپنا

هيءَ سمورو پورهيو ارپيان ٿو
مهان هستيءَ ۽ سچ جي پُتلي
پنهنجي والدِ محترم محمد صالح اُنڙ جي نانءِ،
جنهن جرئت جو مادو پيدا ڪيو،
جو هيءَ تاريخي حقيقت پڙهندڙن تائين
پهچائڻ جي لائق ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| | | صفحو |
| | منهنجو سفر/ مهاڳ | 19 |
| | گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع | 32 |
| | قرارداد پاڪستان 1940ع | 46 |
| | مسلم ليگ طرفان پيش ڪيل ڏهہ شرطَ | 48 |
| | مغربي پاڪستان ناهڻ جو ائڪٽ 1955ع | 51 |
| | يحيٰ خان جي جوڙجڪ عرف ”اَڻ ڇپيل غلطي“ | 72 |
| | 1973ع جو آئين | 85 |
| | مهاڳ | 85 |
| آرٽيڪل | حصو اول - ديباچو | 87 |
| 1 | جمهوريت ۽ ان جا علائقا | 37 |
| 2 | اسلام پاڪستان جو سرڪاري مذهب رهندو | 87 |
| 3 | استحصال جو خاتمو | 87 |
| 4 | فردن جي حقن کي قانون مطابق نبيريو ويندو | 88 |
| 5 | ملڪ سان وفاداري، دستور ۽ قانون جي تابعداري | 88 |
| 6 | وڏي (سنگين) غداري | 88 |
| | حصو ٻيو- بنيادي حق ۽ پاليسيءَ جا اصول | |
| 7 | رياست (حڪومت) جو مطلب | 89 |
| | باب پهريون- بنيادي حق | |
| 8 | بنيادي حقن خلاف يا گهٽتائي آڻيندڙ قانون رد رهندا | 89 |
| 9 | شخصي حفاظت (سلامتي) | 90 |
| 10 | گرفتاري ۽ نظربنديءَ کان بچاءُ | 90 |
| 11 | غلامي يا زبردستي پورهيو منع آهي | 93 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 12 | گدڙيل سزا جي خلاف بچاءُ | 93 |
| 13 | پيٽي سزا ۽ پاڻ تي الزام هڻڻ کان بچاءُ | 94 |
| 14 | ماڻهوءَ جي عظمت لازوال آهي | 94 |
| 15 | چرپر جي آزادي | 94 |
| 16 | گڏجاڻيءَ جي آزادي | 94 |
| 17 | سنگت جي آزادي | 95 |
| 18 | واپار، ڌنڌي يا پيشي جي آزادي | 95 |
| 19 | تقرير جي آزادي | 96 |
| 20 | مذهب جي ادائيگي ۽ مذهبي ادارن جي بندوبست جي آزادي | 96 |
| 21 | ڪنهن به خاص مذهب خلاف محصول مڙهڻ جو بچاءُ | 96 |
| 22 | مذهبي نقطي نگاهه کان تعليمي ادارن بابت بچاءُ | 96 |
| 23 | ملڪيت لاءِ بندوبست | 97 |
| 24 | ملڪيت جي حقن جي حفاظت | 97 |
| 25 | شهرين جي برابري | 99 |
| 26 | عام جاين تي بنا فرق جي پهچ | 99 |
| 27 | نوڪرين ۾ امتياز خلاف بچاءُ | 99 |
| 28 | ٻولي، رسم الخط ۽ ثقافت جي حفاظت | 100 |
| | باب ٻيو - پاليسي جا اصول | |
| 29 | پاليسي (راڄ نيتي) جا اصول | 100 |
| 30 | پاليسي جي اصولن بابت ذميواري | 100 |
| 31 | زندگيءَ جو اسلامي طريقو | 101 |
| 32 | مقامي خودمختيار ادارن جي ترقي | 101 |
| 33 | تنگ نظري ۽ ٻين ساڳين تعصبن جو خاتمو | 101 |
| 34 | قومي زندگيءَ ۾ عورتن جو ڀرپور حصو | 102 |
| 35 | ڪٽنب (خاندان) جي حفاظت | 102 |
| 36 | اقليتن جي حفاظت | 102 |
| 37 | سماجي انصاف کي ترقي وٺرائڻ ۽ سماجي برائين جي پاڙ پٽڻ | 102 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

38 ماڻهن ۾ سماجي ۽ اقتصادي خوشحالي جو واڌارو 103
39 ماڻهن جو مسلح افواج ۾ حصو وٺڻ 104
40 مسلم دنيا سان ناتن کي مضبوط ڪرڻ- عالمي امن ۾ اضافو 104

حصو ٽيون - پاڪستان جو وفاق

باب پهريون - صدر (پريزيڊنٽ)

41 صدر 105
42 صدر جو حلف 106
43 صدر جي عهدي جا شرط 106
44 صدر جي عهدي جو مُدو 106
45 معافي ڏيڻ وغيره ۾ صدر جا اختيار 107
46 صدر متعلق وزيراعظم جا فرض 107
47 صدر کي هٽائڻ- بازپرس ڪرڻ 107
48 صدر جو مشوري تي عمل ڪرڻ 108
49 چيئرمين يا اسپيڪر جو صدر تي ڪم ڪرڻ
يا صدر جا فرض سرانجام ڏيڻ 109

باب ٻيو - مجلس شوريٰ (پارليامينٽ)

50 مجلس شوري (پارليامينٽ) 110
51 قومي اسيمبلي 110
52 قومي اسيمبليءَ جو مُدو 111
53 قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ نائب اسپيڪر 112
54 مجلس شوري (پارليامينٽ) جو سڏائڻ ۽ مهمل ڪرڻ 113
55 اسيمبليءَ ۾ ووٽ ڪرڻ ۽ ڪورم 113
56 صدر جو خطاب 114
57 مجلس شوري (پارليامينٽ) ۾ ڳالهائڻ جو حق 114
58 قومي اسيمبليءَ جو ختم ٿيڻ 114
59 سينيٽ 115
60 چيئرمين ۽ نائب چيئرمين 116
61 سينيٽ جي باري ۾ پيا ٺهراءَ 116

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبرن بابت نهراءُ


| | | |
|---|---|---|
| 62 | مجلس شوريٰ جي ميمبرن جون لياقتون | 117 |
| 63 | مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبري لاءِ نااهل هجڻ | 118 |
| 64 | سيٽن (نشستن) جو خالي ٿيڻ | 121 |
| 65 | ميمبرن جو حلف | 121 |
| 66 | ميمبرن جا خاص حق | 121 |


عام ڪارروائي


| | | |
|---|---|---|
| 67 | ڪارروائي جا قاعدا | 122 |
| 68 | مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ بحث تي پابندي | 123 |
| 69 | مجلس شوريٰ جي ڪارروائي تي ڪورٽ طرفان پڇاڳاڇا نه ٿيندي | 123 |


قانون ساز طريقو


| | | |
|---|---|---|
| 70 | بلن جو پيش ڪرڻ ۽ پاس ڪرڻ | 123 |
| 71 | ختم ڪيو ويو | 124 |
| 72 | گڏيل اجلاس جو طريقه ڪار | 124 |
| 73 | ناڻي بابت بلن جو طريقو | 124 |
| 74 | مالي اپائن لاءِ وفاقي حڪومت جي منظوري | 126 |
| 75 | بلن تي صدر جي منظوري | 126 |
| 76 | مهمل ٿيڻ سبب بل خارج نه رهندو | 127 |
| 77 | فقط قانون موجب ٽئڪس مڙهيو ويندو | 127 |


مالي طريقه ڪار


| | | |
|---|---|---|
| 78 | وفاقي گڏيل موڙي (فنڊ) ۽ قومي حساب | 127 |
| 79 | وفاقي گڏيل موڙيءَ ۽ قومي حساب جي حفاظت | 128 |
| 80 | ساليانو بجٽ تفصيل | 128 |
| 81 | وفاقي گڏيل موڙي مان واجب الادا خرچ | 128 |
| 82 | ساليانو بجٽ تفصيل متعلق طريقو (ڪارروائي) | 129 |
| 83 | اختياري ڏنل خرچ جي ضميمي جو مستند هجڻ | 130 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

84 وڏيڪ ۽ فاضل گرانٽون 130
85 ليکي تي ووٽ 131
86 اسيمبليءَ جي ٽنڊ تي خرچ جي منظوريءَ جو اختيار 131
87 مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي سيڪريٽريٽ 131
88 مالياتي ڪميٽي 132

آرڊيننس

89 آرڊيننس نافذ ڪرڻ جو صدر کي اختيار 132

باب ٽيون - وفاقي حڪومت

90 وفاق جي ڪاروباري اختيار جو استعمال 133
91 ڪئبينيٽ 133
92 وفاقي وزير ۽ وزير مملڪت 135
93 صلاحڪار (مشير) 135
94 وزيراعظم جو عهدو قائم رهڻ 135
95 وزيراعظم خلاف عدم اعتماد جو ووٽ ختم ڪيو ويو 136
97 وفاق جي انتظامي امتياز جي حد 136
98 عهديدارن کي ڪارگذاري سونپڻ 136
99 وفاقي حڪومت جي ڪارگذاري 137
100 پاڪستان لاءِ اٽارني جنرل 137

حصو چوٿون - صوبا

باب پهريون - گورنر

101 گورنر جو مقرر ٿيڻ 138
102 عهدي جو حلف 138
103 گورنر جي عهدي جو حلف 138
104 قائم مقام گورنر 139
105 گورنر مشوري تي عمل ڪندو 139

باب ٻيو - صوبائي اسيمبليون

106 صوبائي اسيمبلين جي جوڙجڪ 140
107 صوبائي اسيمبليءَ جو مُدو 141

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 108 | اسپيڪر ۽ نائب اسپيڪر | 141 |
| 109 | صوبائي اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائڻ ۽ برخاست ڪرڻ | 142 |
| 110 | گورنر جو صوبائي اسيمبلي کي خطاب ڪرڻ جو حق | 142 |
| 111 | صوبائي اسيمبليءَ ۾ ڳالهائڻ جو حق | 142 |
| 112 | صوبائي اسيمبليءَ کي ختم ڪرڻ | 142 |
| 113 | صوبائي اسيمبليءَ ميمبر جي اهليت ۽ نااهليت | 143 |
| 114 | صوبائي اسيمبليءَ ۾ بحث تي پابندي | 143 |
| 115 | مالي اُپائن لاءِ صوبائي حڪومت کان اجازت | 143 |
| 116 | بلن تي گورنر جي منظوري | 144 |
| 117 | مهمل ٿيڻ سبب بل خارج نه رهندو | 145 |
| | مالي (مالياتي) طريقه ڪار | |
| 118 | صوبائي گڏيل ناڻو ۽ سرڪاري حساب | 145 |
| 119 | صوبائي گڏيل ناڻي ۽ سرڪاري حساب جي حفاظت | 146 |
| 120 | ساليانو بجٽ تفصيل | 146 |
| 121 | صوبائي گڏيل فنڊن مان واجب الادا خرچ | 146 |
| 122 | ساليانی بجٽ تفصيل جو طريقه ڪار | 147 |
| 123 | اختياري ڏنل خرچ جي ضميمي جو مستند هجڻ | 148 |
| 124 | وڌيڪ ۽ فالتون گرانٽون | 148 |
| 125 | ليکي تي ووٽ | 149 |
| 126 | اسيمبلي ٽٽڻ تي خرچ جي منظوريءَ جو اختيار | 149 |
| 127 | قومي اسيمبلي سان لاڳو ٿيراءِ صوبائي اسيمبليءَ سان لاڳو رهندا | 149 |
| | آرڊيننس (حڪم ناما) | |
| 128 | گورنر کي آرڊيننس جاري ڪرڻ جو اختيار | 150 |
| | باب ٽيون - صوبائي حڪومتون | |
| 129 | صوبي ۾ انتظامي اختيار جو استعمال | 151 |
| 130 | ڪئبينيٽ | 151 |
| 131 | گورنر متعلق وزيراعليٰ جا فرض | 152 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 132 | صوبائي وزير | 153 |
| 133 | وزيراعليٰ جو عهدي تي قائم رهڻ | 153 |
| 134 | ختم ڪيو ويو | 153 |
| 135 | ختم ڪيو ويو | 153 |
| 136 | وزيراعليٰ جي خلاف عدم اعتماد جو ووٽ | 153 |
| 137 | صوبي جي انتظامي اختيار جي حد | 153 |
| 138 | عهديدارن کي ڪارگذاري سونپڻ | 154 |
| 139 | صوبائي حڪومت جي ڪارگذاري | 154 |
| 140 | صوبي لاءِ ائڊووڪيٽ جنرل | 154 |
| | حصو پنجون- وفاق ۽ صوبن وچ ۾ ناتا | |
| | باب پهريون ـ قانوني اختيارين جي ورڇ | |
| 141 | وفاقي ۽ صوبائي قانون جي حد | 155 |
| 142 | وفاقي ۽ صوبائي قانونن جا مضمون | 155 |
| 143 | وفاقي ۽ صوبائي قانونن جي وچ ۾ اڻبڻت | 156 |
| 144 | مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي ٻن يا وڌيڪ صوبن جي رضامنديءَ سان قانون سازيءَ جو اختيار | 156 |
| | باب ٻيو - وفاق ۽ صوبي وچ ۾ انتظامي تعلقات | |
| 145 | گورنر کي صدر طرفان ڪن ڪمن جي بجاآوري لاءِ حڪم نامي جاري ڪرڻ جو اختيار | 156 |
| 146 | ڪن حالتن ۾ صوبن کي اختيار سونپڻ جو وفاق کي اختيار | 157 |
| 147 | وفاق کي صوبن طرفان ڪم جي سرانجامي سونپڻ جو اختيار | 157 |
| 148 | صوبن ۽ وفاق جي ذميواري | 157 |
| 149 | ڪن حالتن ۾ صوبن کي هدايت | 158 |
| 150 | سرڪاري ڪمن جو جائز ۽ اعتبار جوڳو هجڻ | 158 |
| 151 | صوبن جي وچ ۾ تجارت | 159 |
| 152 | وفاق جي مقصدن لاءِ زمين حاصل ڪرڻ | 159 |
| | باب ٽيون - خاص نهراءُ (حڪم) | |
| 153 | گڏيل مفاد جي ڪائونسل | 160 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 154 | ڪم ۽ ڪارگذاري جو طريقہ ڪار | 160 |
| 155 | پاڻي رسائڻ ۾ مداخلت، شڪايتون | 161 |
| 156 | قومي اقتصادي ڪائونسل | 162 |
| 157 | بجلي | 163 |
| 158 | قدرتي گيس ۾ گهرجن جي اوليت (ترجيح) | 163 |
| 159 | ريڊيو ۽ ٽيليويزن نشريات | 163 |


حصو ڇهون- ماليات، ملڪيت، مقاطعو

(معاهدا) دعوائون

باب پهريون - ماليات

وفاق ۽ صوبن وچ ۾ روينيو جي ورڇ


| | | |
|---|---|---|
| 160 | قومي مالياتي ڪميشن | 165 |
| 161 | قدرتي گيس ۽ برقابي پاور | 166 |
| 162 | صوبن جي دلچسپي وارن محصولن جي بلن جي صدر کان اڳواٽ منظوري | 167 |
| 163 | پيشن (ڌنڌن) جي باري ۾ صوبائي ٽئڪس | 168 |


متفرق مالي نهراء


| | | |
|---|---|---|
| 164 | گڏيل فنڊن مان گرانٽون | 168 |
| 165 | ڪن سرڪاري ملڪيتن جو ٽئڪس کان آزاد رهڻ | 168 |
| A.165 | ڪن ڪارپوريشنن جي آمدني تي ٽئڪس مڙهڻ | 169 |


باب ٻيو - اوڌر ۽ آڊٽ (ڇڪاس)


| | | |
|---|---|---|
| 166 | وفاقي حڪومت جو اوڌر وٺڻ | 170 |
| 167 | صوبائي حڪومت جو قرض وٺڻ | 170 |


ڇڪاس ۽ حساب


| | | |
|---|---|---|
| 168 | آڊيٽر جنرل | 171 |
| 169 | آڊيٽر جنرل جا ڪم ۽ اختياريون | 171 |
| 170 | حسابن جي باري ۾ آڊيٽر جنرل ڪي هدايت ڏيڻ جو اختيار | 172 |
| 171 | آڊيٽر جنرل جون رپورٽون | 172 |

باب ٽيون - ملڪيت، ٺيڪا (معاهدا)

ذميوارين ۽ دعوائون


172 لاوارث ملڪيت (جائداد) 172

173 ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ معاهدا وغيره ڪرڻ جو اختيار 172

174 دعوائون ۽ ڪارروايون 173


حصو ستون - عدالتي نظام

باب پهريون- عدالتون (ڪورٽون)


175 عدالتن جو قيام ۽ دائره اختيار 174


باب ٻيو - سپريم ڪورٽ پاڪستان


176 سپريم ڪورٽ جو آئين 174

177 سپريم ڪورٽ جي ججن جي مقرري 174

178 عهدي جو حلف 175

179 رٽائر ڪرڻ جي ڄمار 175

180 قائم مقام چيف جسٽس 175

181 قائم مقام جج 176

182 وقتي طور ججن جي مقرري (ائڊهاڪ جج) 176

183 سپريم ڪورٽ جي سيٽ (ويهڻ جي جاءِ) 177

184 سپريم ڪورٽ جو ابتدائي دائره اختيار 177

185 سپريم ڪورٽ جو اپيل ۾ دائره اختيار 177

186 مشاورتي دائره اختيار 179

A.186 ڪيسن کي بدلي ڪرڻ جو سپريم ڪورٽ جو اختيار 179

187 سپريم ڪورٽ جي حڪمن جو جاري ٿيڻ، تعميل 179

188 سپريم ڪورٽ جي فيصلن ۽ حڪمن تي نظرثاني ڪرڻ 180

189 سپريم ڪورٽ جا فيصلا ٻين ڪورٽن تي ٻڌل رهندا 180

190 سپريم ڪورٽ جي مدد ۾ عمل 180

191 طريقہ ڪار جا قائدا 180


باب ٽيون - هاءِ ڪورٽون


192 هاءِ ڪورٽ جو قيام 180


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 193 | هاءِ ڪورٽ جي ججن جي تقرري | 181 |
| 194 | عهدي جو حلف | 182 |
| 195 | رٽائر ڪرڻ جي ڄمار | 182 |
| 196 | قائم مقام چيف جسٽس | 182 |
| 197 | وڌيڪ جج | 182 |
| 198 | هاءِ ڪورٽ جي سيٽ (ويهڻ جي جاءِ) | 183 |
| 199 | هاءِ ڪورٽ جو دائره اختيار | 184 |
| 200 | هاءِ ڪورٽ جي ججن جون بدليون | 187 |
| 201 | هاءِ ڪورٽ جو فيصلو هيٺين ڪورٽن کي ٻڌل رکندو | 188 |
| 202 | طريقه ڪار جا قاعدا | 188 |
| 203 | زيردست عدالتن جي هاءِ ڪورٽ طرفان نگراني | 189 |
| | باب ٽيون (الف) وفاقي شريعت ڪورٽ (عدالت) | |
| A.203 | هن بابت ۾ ڏنل ٺهراءُ، دستور جي ٻين ٺهرائن تي غالب رهندا | 189 |
| B.203 | هن باب ۾ جيستائين ڪا شيءِ مضمون ۾ يا عبارت ۾ ابتڙ نه هجي | 189 |
| C.203 | وفاقي شريعت ڪورٽ | 189 |
| CC.203 | ختم ڪيو ويو | 191 |
| D.203 | ڪورٽ جو دائره اختيار، ڪم، اختياريون | 191 |
| DD.203 | نظرثاني ۾ ڪورٽ جو ٻيو دائره اختيار | 193 |
| E.203 | ڪورٽ جا اختيار ۽ طريقه ڪار | 193 |
| F.203 | سپريم ڪورٽ کي اپيل | 195 |
| G.203 | دائره اختيار تي پابندي | 196 |
| GG.203 | ڪورٽ جو فيصلو هاءِ ڪورٽ ۽ ان جي زيردست عدالتن کي ٻڌل رکندو | 196 |
| H.203 | اڻ فيصل ٿيل ڪارروايون جاري رهنديون | 196 |
| I.203 | ختم ڪيو ويو | 197 |
| J.203 | قاعدا ٺاهڻ جو اختيار | 197 |

## باب چوٿون - عدالت جي نظام بابت عام شهراءِ


| | |
|---|---|
| 204 ڪورٽ جي بي ادبي | 198 |
| 205 ججن جا لوازمات | 199 |
| 206 استعيفيٰ | 199 |
| 207 جج ڪنهن ٻئي نفعي واري عهدي تي فائز نہ رهندو | 199 |
| 208 ڪورٽن جا آفيسر ۽ نوڪر | 200 |
| 209 سپريم جُڊيشل (عدالتي) ڪائونسل | 200 |
| 210 ماڻهن کي حاضر ڪرائڻ جا ڪورٽ کي اختيار | 202 |
| 211 دائره اختيار کان روڪ | 202 |
| 212 انتظامي عدالتون ۽ ٽربيونل | 202 |


## حصو اٺون- اليڪشنون (چونڊون)

## باب پهريون- چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشنون


| | |
|---|---|
| 213 چيف اليڪشن ڪمشنر | 204 |
| 214 ڪمشنر جي عهدي جو حلف | 204 |
| 215 ڪمشنر جي عهدي جو مُدو | 204 |
| 216 ڪمشنر ڪنهن ٻئي نفعي واري عهدي تي نہ رهندو | 205 |
| 217 قائم مقام ڪمشنر | 205 |
| 218 اليڪشن ڪميشن | 206 |
| 219 ڪمشنر جا فرض | 206 |
| 220 ڪميشن جي مدد لاءِ انتظامي اختياريون | 207 |
| 221 آفيسر ۽ نوڪر | 207 |


## باب ٻيو- انتخابي قانون ۽ چونڊون


| | |
|---|---|
| 222 چونڊن جا قاعدا | 207 |
| 223 ٻٽي ميمبرشپ تي پابندي | 208 |
| 224 چونڊ ۽ ضمني چونڊن جو وقت | 209 |
| 225 چونڊن جا تڪرار | 209 |
| 226 چونڊ لڪل ووٽ سان ٿيندي | 209 |

حصو ناؤون - اسلامي تـهراءَ (قانون)

227 قرآن پاڪ ۽ سنت جي باري ۾ تهراءَ 210
228 اسلامي ڪائونسل جو ٺهڻ 210
229 مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) طرفان اسلامي ڪائونسل ڪي ريفرنس موڪلڻ 211
230 اسلامي ڪائونسل جا ڪم 212
231 طريقه ڪار جا قاعدا 213

حصو ڏهون- هنگامي حالتن لاءِ تهراءَ

232 جنگ، اندروني وڳوڙ وغيره ڪري هنگامي حالتن جو اعلان 214
233 هنگامي حالتن دوران بنيادي حقن وغيره معطل ڪرڻ جو اختيار 217
234 ڪنهن صوبي ۾ دستوري نظام ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ اعلان جاري ڪرڻ جو اختيار 217
235 مالي هنگامي حالت جي صورت ۾ اعلان 220
236 اعلان جي تنسيخ وغيره 221
237 هرجاڻي وغيره لاءِ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون ٺاهي سگهي ٿي 221

حصو يارهون- دستور جي ترميم

238 دستور جي ترميم 222
239 دستور ۾ ترميمي بل 222

حصو ٻارهون- متفرق (گڏيل سڏيل)

باب پهريون - نوڪريون

240 پاڪستان جي نوڪري ۾ مقرر ٿيڻ ۽ ملازمت جا شرط 224
241 هلندڙ قاعدا جاري رهندا 224
242 پبلڪ سروس ڪميشن 225

باب ٻيو- مسلح افواج (فوجون)

243 مسلح افواج 225

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| 244 مسلح افواج جو حلف | 225 |
| 245 مسلح افواج جا ڪم | 225 |
| باب ٽيون- قبائلي ايراضيون | |
| 246 قبائلي ايراضيون | 226 |
| 247 قبائلي ايراضين جو انتظام | 227 |
| باب چوٿون - عام | |
| 248 صدر، گورنر، وزير وغيره جو تحفظ | 229 |
| 249 قانوني ڪارروائي | 229 |
| 250 صدر وغيره جو پگهار ۽ الائونس | 230 |
| 251 قومي ٻولي | 231 |
| 252 وڏن بندرگاهن ۽ هوائي اڏن بابت خاص ٺهراءُ | 231 |
| 253 ملڪيت جي وڌ ۾ وڌ حد | 232 |
| 254 رٿيل وقت اندر گهربل ڪم نه هئڻ ڪري بي اثر نه رهندو | 232 |
| 255 عهدي جو حلف | 232 |
| 256 خانگي فوجن جي منع | 233 |
| 257 رياست جمون ۽ ڪشمير بابت ٺهراءُ | 233 |
| 258 صوبن جي ٻاهر علائقن جو نظم ۽ نسق | 233 |
| 259 ايوارڊ | 233 |
| باب پنجون - مطلب ٻڌائڻ (سمجهاڻيون) | |
| 260 سمجهاڻيون | 234 |
| 261 ڪنهن عهدي تي قائم شخص پاڻ کي اڳئين جو جاءِ نشين نه سمجهي | 239 |
| 262 گريگورين ڪئلينڊر (ٽپڙو) استعمال ۾ رهندو | 239 |
| 263 جنس ۽ تعداد | 239 |
| 264 رد ٿيل قانون جو اثر | 239 |
| باب ڇهون - عنوان، شروعات، تنسيخ | |
| 265 دستور ۾ عنوان ۽ شروعات | 240 |
| 266 منسوخي | 241 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستون ـ عبوري


| | | |
|---|---|---|
| 267 | مشڪلات ڪي هٽائڻ لاءِ صدر جا اختيار | 241 |
| 268 | ڪن قانونن جو جاري رهڻ ۽ موافقت ۾ آڻڻ | 242 |
| 269 | قانون ۾ ائڪٽن جو جائز قرار ڏيڻ | 243 |
| 270 | ڪن قانونن جي عارضي بحالي | 244 |
| A.270 | صدر جي حڪمن جي بحالي | 245 |
| B.270 | چونڊون دستور جي تابع ڪيل سمجهيون وينديون | 247 |
| 271 | پهرين قومي اسيمبلي | 247 |
| 272 | پهرين سينيٽ جو قيام | 249 |
| 273 | پهرين صوبائي اسيمبلي | 250 |
| 274 | ملڪيت، اثاثه، حق، ذميواريون، واجبات جو تصرف | 251 |
| 275 | پاڪستان جي سروس ۾ تنڪسن جو برقرار رهڻ | 252 |
| 276 | پهرئين صدر جو حلف | 253 |
| 277 | عبوري مالي نهراءُ | 254 |
| 278 | شروع واري ڏينهن کان اڳ نه چڪاس ٿيل حساب | 254 |
| 279 | تنڪسن جو جاري رهڻ | 254 |
| 280 | هنگامي حالت جي اعلان جو جاري رهڻ | 255 |
| | ضميمو- قرارداد مقاصد | 256 |
| | ضميمو پهريون- آرٽيڪل 8 (1) ۽ (2) جي عمل کان آجا ڪوٺيل قانون | 258 |
| | ضميمو ٻيو- صدر جي چونڊ | 264 |
| | ضميمو ٽيون- عهدي جو قسم | 259 |
| | ضميمو چوٿون- قانون ساز فهرست | 289 |
| | ضميمو پنجون- ججن جي عهدي جا شرط، قاعدا ۽ پگهار | 300 |
| | ضميمو ڇهون- صدر جي اڳواٽ منظوريءَ کان سواءِ قانونن ۾ تبديلي، منسوخي يا ڦيرگهير نه ڪئي ويندي. | 304 |
| | ترميمون | 307 |

# منهنجو سفر

منهنجو جنم ڳوٺ عبدالرحمان انڙ تعلقي خيرپور، هاٽي پير جو ڳوٺ ڪچي ۾ ٿيو. ڄم جي صحيح تاريخ منهنجي والدين کي به خبر ڪونهي، پر اسان جي ڳوٺ ۾ 1942ع ۾ ڪُلنڊڙ مُلا اسڪول ۾ 20 جنوري 1935ع جنم جي تاريخ ڏيکاري ويئي آهي. البت مون کي ياد آهي، ته اسان جي ڳوٺ ۾ سيٺ اُتمچند جا ٻه پٽ دُڪان هلائيندا هئا، جن سان گڏ ڏياريءَ جي ٻاراٽي جلوس ۾ اسان نعرا هڻندا هئاسون. پر 1939ع ۾ منزل گاهه جي مالڪيءَ تي هندو- مسلم فساد ٿيا، ته پوءِ اهو دڪان بند ٿي ويو. فسادن سبب هندن ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. سخي ڪنور ڀڳت، ڀٽيونءَ جي ڳوٺ ۾ محفل ڳائي، جيڪا محفل هُن جي قتل ٿيڻ کان هڪ مهينو اڳ ٿي. اسان جو ڳوٺ ڀَٽيون کان پنج ڪلوميٽر پري ڪچي ۾ هو، تنهنڪري منهنجو والد صاحب پنڌ ڪري وڃي سخي ڪنور ڀڳت جو راڳ ٻڌو. تنهن وقت منهنجي ڄمار ڇهه ورهيه ڪن هئي. گڏوگڏ جنهن ڏينهن حضرت پير سورهيه بادشاهه جي ڪيس تي عمل ٿيو، تنهن ڏينهن اوچتو طوفان آيو.

مون اسڪول ۾ ٽي درجا پاس ڪيا. پوءِ اسان کي سوا ٽي ميل پنڌ ڪري ڀٽيونءَ جي اسڪول ۾ داخلا وٺڻي پئي. اسان ڳوٺ مان چار ڇوڪرا هئاسين، جن ۾ ٽي اُنڙ ۽ هڪڙو ڪلهوڙا قبيلي جي پٽيون نُک سان واسطو رکندو هو. چئني ڄڻن بيو انگريزي ۽ ڇهون سنڌي پاس ڪيو. پوءِ منهنجي وڌيڪ تعليم رُڪجي وئي، جو منهنجي والد مون کي چوپائي مال چارڻ سان لڳايو ته ايئن پڙهائي رُڪجي وئي. منهنجا ٽيئي ساٿي ٽيون درجو پاس ڪري، ناز هاءِ اسڪول ۾ چوٿين درجي ۾ پڙهڻ ويا. منهنجي ماسات غلام قادر مرحوم انگريزي ٻوليءَ ۾، سنڌي ڄاڻندڙ چاچي کي خط لکيو. آءٌ مالَ ڀَهرائي ويس پئي، ته ماسات غلام قادر جو چاچو پڙهائڻ لاءِ خط کڻي آيو، جيڪو مون کيس ترجمو ڪري پڙهي ٻُڌايو. ان خط منهنجي ذهن تي وڏو وزن وڌو، ته غلام قادر ڪليڪٽر ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ آءُ جهنگ جو بادشاهه "چور" ٿيندس. اُن شام جو مون والد کي منٿ ڪئي، ته ڳئون سنيالڻ لاءِ ڪو ڏنار رکي ۽ مون کي پڙهڻ جو موقعو ڏئي. منهنجي والد چيو: "سنڌي فائنل پڙهي ماستر ٿيندين يا داروغو ٿيندين، تنهن کان بهتر آهي ته پنهنجي وڏن جو ورثو سنڀال. هي مالَ منهنجو نه آهي، پر وڏن جي واڙ ورثي ۾ مليل آهي." پر جيئن چوندا آهن: 'لکيو منجهه نراڙ قلم ڪياڙي نه وهي.'

اپريل 1949ع ۾ والد صاحب سان گڏجي پير جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو. جتان موديءَ سان ليکو ڪرڻ ڪانپوءِ بابي کي چار هزار رپيا مليا، جيڪي هُن گهر ۾ رکيا. منهنجي اندر ۾ آنڌمانڌ شروع ٿي. صبح ساڻ سج اُڀرئي پير ڳوٺ ويس، ساڳئي دُڪان تان ساڳيو تالو ورتم. خوش قسمتيءَ سان ان تالي جي چاٻي بابي جي پيتيءَ جي قلف کي لڳي ويئي. ٻارهن نوٽ ڳاڙها ڪڍيم. نوان ڪپڙا، ستين سنڌيءَ ۽ ٽئين انگريزيءَ جا ڪتاب خريد ڪيم. منهنجو نئون رنگ ڏسي بابي کي شڪ پيو ته، رسول بخش ڪنهن جي ٻڪري چورائي آهي، يا ڪنهن جو ديرو ڌُڪ ڪيو اٿس. وڏي ڀاءُ مون کان پڇيو: بابي جا ٻارهن ڳاڙها نوٽ ڪُٿن ٿا. مون هن کي ٻُڌايو ته، مون وٽ 120 رپين مان صرف ٻه رپيا بچيا آهن. پر منهنجي اسڪول وڃڻ تي منهنجو پيءُ خوش ٿيو ۽ چوپائي مالَ لاءِ هڪ ماڻهو پگهار تي رکيائين. سنڌي فائنل سان گڏ ٽيون انگريزي پاس ڪيم. شهيد بادشاهه تي پَٽيون ۾ هر جمع تي ملاکڙو لڳندو هو. حسب معمول ملاکڙي ۾ ملهه وڙهڻ ويندو هوس. اُتي اسان جي اسڪول جي هڪ اُستاد مون کي سُڌ ڏني، ته فلاڻيءَ تاريخ تي خيرپور ۾ 'فري بورڊ' جو امتحان پيو ٿئي، ان ڏينهن تي خيرپور ويس. امتحان ڏنم ۽ پاس ٿيس. ڪوٽ ڏجي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ملي. تمام گهڻي محنت ڪيم ۽ خيرپور اسٽيٽ جي هاءِ اسڪول ۽ مڊل اسڪولن ۾ هر مضمون ۾ پهريون نمبر آيس. پوءِ ناز هاءِ اسڪول ۾ پڙهيس، جتي ڇهه-ماهي امتحان ٿيو. مختيارڪارِ گمبٽ خلاف سڄي اسٽيٽ ۾ هڙتال ٿي، جنهن ڪري منهنجو انگريزيءَ پيپر چوڪرا کسي ويا، پر ارٿميٽڪ، آلجبرا، جاميٽريءَ جا پيپر تي چُڪا هئا. رزلٽ هيڊ ماستر صاحب وٽ ويو. استاد مون کي سڏايو. منهنجو قد بت ڏسي، مون کان پڇيائين: مئٽرڪ ۾ پهريون نمبر ايندين يا سال بچائيندين. مون استاد کي ٻُڌايو: مون سان گڏ جيڪي ٻه پڙهندا هئا، سي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي ڇهين درجي ۾ آهن. جنهن تي استاد صاحب چيو: تون به ڇهين درجي ۾ وڃ. ان ڊبل پروموشن منهنجو سال بچايو ۽ منهنجي همت افزائي پڻ ڪئي.

مئٽرڪ 1953ع ۾ پاس ڪيم. استاد صاحب غلام اصغر ونڊيار (سهتو) اڳيان اپريل 1954ع تي حاضر ٿي، پنهنجي ڪمري ۽ سامان چيڪ ڪري وٺڻ جي گذارش ڪيم. استاد صاحب مون کان پڇيو: "رسولا هاڻي ڇا ڪندين؟" سائينءَ کي جواب ڏنم: مير صاحبان کان سائين عبدالرحمان معرفت پوليس ۾ نوڪري ورتي آهي. مئٽرڪ پاس ڪري پوليس ۾ لوئر جي امتحان لاءِ موڪليندا. واپسيءَ تي صوبيدار ڪري رکندا. استاد صاحب کِلي چيو: تون اَٺگهڙيو ڪاٺ، پوليس جي نوڪري وڏ ۾ وڏ پنج- ڇهه سال مس ڪندين. انسپيڪٽر، ڊي. ايس. پي يا ايس. پي توکي گار ڏيندو، ته وڙهڻ ۾ دير ڪونه ڪندين. پوءِ سسپينڊ، انڪوائري ۽ آخر ڊسمس تي ويندين، ۽ اها نوڪري پنج ڇهه سال به نه هلندئي. بهتر اٿئي ته صبح سان اسڪول ۾ ماستر ٿي. بي. اي. پاس ڪري، پوءِ ڪراچيءَ مان ايل. ايل. بي. ڪر." استاد صاحب جي هدايت اَئين تي رکي، صبح سان اسڪول ويس. ناز هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ پڙهائڻ جي نوڪري ملي ۽ آلجبرا ۽ جاميٽري پڙهائڻ لاءِ مٿين ڪلاسن ۾ موڪليو ويس. بي. اي. پاس ڪيم. ان وقت سائين ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن هو. رزلٽ معلوم ٿيس، مون کي گهرائي، استعيفيٰ ڏياري، چيائين: هاڻي وڃي ڪراچي مان ايل. ايل. بي. ڪري وڪالت شروع ڪر. استاد غلام اصغر صاحب منهنجو رهبر هو. آءُ اُستاد جي اولاد جو به دعاگو آهيان. ايل. ايل. بيءَ جي ٻئي سال جي تياري ڪري رهيو هوس، ته اخبار ۾ اشتهار آيو ڊيولپمينٽ آفيسر جي آسامين لاءِ. منهنجو پيارو ياءُ شيخ حفيظ منهنجي ڪمري ۾ آيو. چيائين: تياري ڪر ته لاهور هلون. مون گُسائڻ جي ڪئي، پر هن نه ڇڏيو، ۽ لاهور وٺي ويو. مرحوم پنهون خان گهانگهري، حفيظ جي پيٽوئي جي گهر رهياسين. صبح سان سيڪريٽريٽ ۾ انٽرويو لاءِ وياسين، پر ايڏو ته وڏو هجوم هو، جو اسان کي وارو ئي ڪونه پئي مليو. شيخ صاحب چالاڪيءَ سان بي. اي. رحيم ڊپٽي سيڪريٽري هوم ڊپارٽمينٽ جي آفيس ۾ هليو ويو. ڪيس چيائين: آءُ خيرپور جو آهيان، ۽ توهان تي حُجت ٿو رکان ته اسان جيئن ته ڪراچيءَ کان آيا آهيون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انٽرويو جو بہ آخري ڏينهن آهي، تنهنڪري اسان جو انٽرويو ڪرايو. بي. اي. رحيم صاحب پنهنجي سيڪريٽري عالمگير صاحب کي حقيقت ٻڌائي. ايتري ۾ عالمگير صاحب ٻاهر نڪري حُڪم ڪيو: ڪراچيءَ کان آيل اميدوار قطار ٺاهين ۽ ان بعد ترتيبوار بلوچستان ۽ ڊيرا اسماعيل خان وارا. اهڙي نموني سان اوڻيهہ اُميدوار ٿيا. ٻين ڪي هليو وڃڻ جو حُڪم ڏنائين. انٽرويو ٿيو ۽ مهيني کان پوءِ آفر ليٽر مليو. ان وقت آءٌ اين. جي. وي. هاءِ اسڪول ۾ ماستر هيس. ٽن مهينن لاءِ لاهور ۾ ٽريننگ لاءِ گهُرايو ويو. چوويهہ ڏينهن ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ موڪليو ويس، مون کي قسمت ۾ ڳوٺ چيروان مليو. اُتي نہ اُ دو پيا سمجهن، ۽ نہ وري مون کي اردو آئي ٿي. پنجابي ڳالهائڻ سک... ...ڪ مڪمل ڪري رتيديري لاڙڪاڻي ۾ پوسٽنگ ٿي.

رتيديري ۾ منهنجا تعلقات وڏيڪ خانصاحب پير بخش گهانگهري سان هئا، جنهن جو والد صاحب سر شاهنواز جي اليڪشن ۾ مُک مخالف هو. ڀُٽي صاحب (ذوالفقار) کان اها ڳالهہ برداشت ڪونہ ٿي. مون کي گهرائي سمجهايائين. سندس پيءُ مرحوم سڪندر خان کي بہ شڪايت هئي، پر ڀٽي صاحب مون کي ٻُڌڻ کان پوءِ پاڪر پاتي چيو: ادا! آءٌ تنهنجو پاڙيسري آهيان، ۽ تنهنجي ڪاتي جو وزير آهيان. آءٌ تنهنجي ڪم ايندس. آءٌ سندس مهرباني مڃي ڪانئس موڪلايو. بيسڪ ڊيموڪريسي ۽ وليج هيلٿ جي ائڊمنسٽريشن ۾ تبديليون ٿيون. ڊيولپمينٽ آفيسر جي پوسٽ ختم ڪئي وئي ۽ مونکي ڪوٽڏجيءَ ۾ رکيو ويو. اُتي اٽڪل پوڻا ٽي سال رهيس، مون کي ترقي ملي ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيسڪ ڊيموڪريسي ڪري رکيو ويو. خيرپور، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، حيدرآباد، سانگهڙ ۽ وري لاڙڪاڻي ۾ نوڪري رهي. 1970ع جي اليڪشن ۾ منهنجي نگرانيءَ ۾ بحيثيت اسٽاف آفيسر آف ڊپٽي ڪمشنر ٿي. اُن اليڪشن ۾ وڏا راز فاش ٿيا، جيڪي ڪنهن خلاصي مضمون ۾ پيش ڪندس. بنگالين کي ماري ڏار ڪري، ڀُٽي صاحب کي ويسٽ پاڪستان جو بادشاهہ بڻايو ويو. بچيل پاڪستان ۾ ڀٽي صاحب جي شهنشاهيءَ ۾ پهريون حُڪم منهنجي خلاف جاري ٿيو. رِوَرشن، ٽرانسفر ۽ ان کان پوءِ سانگهڙ ۾ مونکي ماتحتيءَ ۾ رکيو ويو. پر ڊپٽي ڪمشنر مسٽر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد خان جوڻيجو، جيڪو پوءِ سنڌ جو هوم سيڪريٽري ٿيو، تنهن مون کي ڊيولپمينٽ آفيسريءَ جي پوسٽ تي چارج نه ڏياري. ان صورتحال ۾ به مهينا موڪل ورتم ۽ 12 مارچ تي نوڪريءَ مان ڪڍيلن جي لسٽ ۾ نالو آيو. پيٽي صاحب جو ٿورو مڃي، سر ۽ بخت جو خير گهري، وڪالت جي سڪيا شروع ڪيم. رنگيءَ جا رنگ جو لوڪل گورنمينٽ جي ٽيڪسن ۾ نوڪرين مان نڪتل ماڻهن جي ڪيسن ۾ وڏو نالو ٿي ويو. پيٽي صاحب جون لک مهربانيون، جنهن پينشن بردار پڻ ڪيو. گريجوئٽي ڪميوٽيشن جا پئسا ۽ اڻ ڳڻين مهربانين سان واسطو پيو، جو ٿوري عرصي ۾ پنهنجي مڇيءَ مانيءَ وارو ٿي ويس. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ ميمبر ٿيس، ۽ پنهنجي گهرواريءَ کي پڻ ميمبر ڪرايم، چوته هوءَ گريجوئيٽ ليڊي آهي. گورنر جي سنڌ ڪائونسل ۾ ڪيس ڪنيو ويو، بعد ۾ هوءَ صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ پڻ ليڊيز سيٽ تي ميمبر چونڊي. 2002ع ۾ فنڪشنل مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجي وئي.

## صوبائي خودمختياري

ابتدا کان سياسي طور منهنجي سوچ جو محور سنڌ رهي آهي، چوته انهيءَ ئي ڌرتيءَ جو داڻو ڪاڻو ۽ پاڻي پيتو اٿم. آءٌ سمجهان ٿو، ته پاڪستان ۾ سنڌ منڊيءَ تي ٽِڪ لڳندي، پر اُن سان انصاف ٿيڻ گهرجي. هن وقت صوبائي خودمختياريءَ جو ڇهڇٽو هلي رهيو آهي، پر صوبائي خودمختياري هڪ ڳڻي ٽيل مسئلو آهي، جيڪڏهن قرارداد پاڪستان ۾ قائداعظم محمد علي جناح جا 10 شرط، ڪئبنيٽ مشن پلان، 1956ع جي آئين ۾ ڄاڻايل صوبائي لسٽ ۽ يحيٰ خان جي اٽڪيپيل غلطي پڙهڻ جو موقعو ملي ته سڀ ڪجهه صاف ٿي ويندو.

قرارداد پاڪستان ۾ Sovereign Unit جي حيثيت سان اسان جو حق مڃيل آهي، جيڪي اکر استعمال ٿيل آهن، اوهان انهن تي غور فرمايو:

"Constituent units shall be autonomous and soveriegn"

جيڪڏهن "Constituent" لفظ جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي وڃي ته پوءِ مسئلو آسان ٿي وڃي ٿو، ڊڪشنري موجب، اها رياست يا قوم جيڪا پنهنجا ڪجهه اختيار ٻئي کي منتقل ڪري ۽ باقي پاڻ وٽ رکي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوونجاهه سالن کان پوءِ "قرارداد پاڪستان" وڏي اهتمام سان ملهايو وڃي ٿو، اخبارن ۾ مضمون شايع ٿين ٿا، تقريبون ۽ جلسا ٿين ٿا، پر اُن ۾ لکيل ڇا آهي. اهو پڙهڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ آهي. ڪهڙا اختيار اسان کي سونپيل آهن ۽ مرڪز پاڻ وٽ ڇا رکيو آهي. هن وقت اسان جو مطالبو بہ اهو ئي هئڻ گهرجي تہ قرارداد پاڪستان ۾ ڪيل واعدن واري لکت تي عمل ڪيو وڃي.

البتہ آئيني پليٽ فارم تي اسان وٽ پنج دستاويز موجود آهن. پهريون دستاويز هند سرڪار ائڪٽ 1935 آهي. هن ائڪٽ تحت بمبئي کان سنڌ کي ڌار ڪري "صوبو" يعني "Unit" بڻايو ويو ۽ انگريزن جي غلاميءَ هيٺ ڪجهہ حق مليا. اقتصادي، انتظامي ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ 54 اسمن واري صوبائي لسٽ نروار ڪئي وئي. پوليس، ريلوي سميت ايڪسائيز ڊيوٽي، سيلس ٽئڪس، تيل ۽ گئس جي کوهن جي مالڪي، اسٽئمپ ڊيوٽي، تفريحي ٽئڪس، بجلي، معدنيات، تعليم ۽ ٻيا معاملا.

جيڪڏهن 1935 ائڪٽ ۾ مليل حق، جيڪي قرارداد پاڪستان کان اڳ ۾ مليل هئا، انهن تي عمل ٿئي ها تہ اڄوڪي دؤر جو ڪو بي. اي. پاس گريجوئيٽ بہ بيروزگار نہ هجي ها. ٻوليءَ سان ڪوبہ تنازعو نہ هيو. سنڌ جي عدالتن جي ٻولي سنڌي هئي ۽ بعد ۾ قاعدا جوڙي سنڌي نہ ڄاڻندڙ ملازمن لاءِ سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ لازمي هيو ۽ اُن لاءِ ٻن سالن جو وقت ڏنل هو. انگريزن جي مفاد کان علاوه خودمختياري هئي.

ٻيو دستاويز آهي قرارداد پاڪستان، جيڪو يونٽن ۽ انهن جي تعاون سان ٺهندڙ ملڪ پاڪستان جو آئيني ڍانچو چئي سگهجي ٿو. آءٌ اوهان کان 23 مارچ 1940ع جي The Pakistan Resolution پڙهڻ جي اجازت گهرندس.

جيڪر سنڌ کي قرارداد پاڪستان مطابق حق ملن ها، تہ سڄي سنڌ سراسر سون تي ٻوڙي ها. گهٽ ۾ گهٽ 300 ارب روپين کان وڌيڪ آمدني ٿئي ها. ٻاهرين معاملن جو بار پاڪستان تي هجي ها ۽ اندروني معاملن ۾ ڪابہ مداخلت نہ ٿئي ها، پر ان کي اسان جي قاعد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽي رد ڪندي، "Great Tragedy" ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ، "پاڪستان جو وجود، قرارداد پاڪستان جي ڪري نہ ٿيو، بلڪ پنجاب جي قربانين جي نتيجي ۾ ٿيو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1954-55 ۾ ون يونٽ جي بل تي ڳالهائيندي، جناب ممتاز دولتانه ڌمڪي ڏيندي فرمايو ته، "پاڪستان ناهڻ ۾ سنڌ جو ڪردار ڪونه هيو، بلڪ پنجابين جنگيون لڙيون، سرِ قربان ڪيا ۽ رت وهايو، تنهن ڪري سنڌ ۾ زمين ۽ نوڪرين حاصل ڪرڻ جو پنجابين کي پورو حق حاصل آهي ۽ ون يونٽ ناهڻ ۾ سنڌ مخالفت ڪندي ته اسان گولين هلائڻ کان نه ڪيٻائينداسين."

ٽيون دستاويز آهي 1956 وارو آئين. ون يونٽ کي آئيني تحفظ ڏيڻ لاءِ 1956 جو آئين جڙيو. اُن ۾ مرڪزي لسٽ ۽ ڪنڪرنٽ لسٽ کان علاوه صوبائي لسٽ ۾ 93 اسم ڏنل آهن. جيڪڏهن اسان کي اُهي حق ملندا ته اسان جا مسئلا وسيلن آهر حل ٿي ويندا. 1963ع ۾ ريجنل لئنگوئج امتحانن جا رولز ناهي ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزن لاءِ علائقائي ٻولي سنڌي ٻڌائي، سنڌي نه ڄاڻندڙ ملازمن لاءِ سنڌي امتحان پاس ڪرڻ تي اسپيشل الائونس ڏنو ويندو هو. پر ون يونٽ ٺهڻ کان اڳ سنڌي نه ڄاڻندڙ ملازم تي سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ ٻن سالن اندر لازمي هيو. ۽ هينئر سنڌيءَ يا اردوءَ جي ڄاڻ لازمي آهي.

چوٿون آئيني دستاويز آهي يحيٰ خان جو آئيني فارمولو، جيڪو 1971ع ۾ 17 ڊسمبر تي ٽي. وي. اسٽيشن ڏانهن ويندي، ڪيس گرفتار ڪري، نظربند رکيو ويو ۽ اسان جون پڳڙيون ٿيون. جنرل يحيٰ خان جي تيار ڪيل تقرير تي. ويءَ تي ٻڌڻ جو موقعو نه مليو، پر "Herald" مارچ ۾ اها "Un-published fault of Yahia Khan" جي عنوان سان ڇپي. ۽ مون اُن جو ترجمو جنوري 1975ع ۾ هڪ رسالي "اڳتي قدم" ۾ ڇپرايو ۽ فيلڊ مئن جي ڪتاب "The End and Begining of Pakistan, 1969-71" ۾ ساڳي عنوان سان ضميمي طور آيل آهي.

نندن صوبن لاءِ جنرل يحيٰ خان جون وڏيون مهربانيون آهن. هن ون- يونٽ ٽوڙيو: ون- يونٽ دوران سنڌ کان ٻاهر جي ملازمن کي پنهنجي اباڻي صوبي ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڪيو: ۽ عظيم آئيني ڍانچو ڏنو. پر قائدِ عوام جي سرڪار سخت ون يونٽ ناهي، غير قانوني ڀرتي ٿيل ملازمن کي سنڌ ۾ رهايو. 1975ع ۾ پوليس ۾ ڀرتي ڪرڻ لاءِ ڊي. آءِ. جيءَ جي سربراهيءَ ۾ ٽيم موڪلي پنج هزار ماڻهو پنجاب مان ڀرتي ڪيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجون دستاويز آهي "ڪئبنيٽ پلان" تي آل انڊيا مسلم ليگ جو مؤقف. جنهن ۾ ڏهه شرط رکيل آهن. اُن ۾ مرڪز وٽ مالي اختيار يا ٽئڪس لڳائڻ جو اختيار ڪونه هو. مرڪز وٽ رڳو (1) بچاءُ، (2) بين الاقوامي تعلقات، (3) مواصلات ۽ ڪرنسيءَ جا کاتا هئا، باقي سڀ کاتا صوبن جي حوالي ڇاڏايل هئا. شرطن ۾ اهو به لکيل آهي ته جيڪڏهن ڪو صوبو گڏ رهڻ نٿو چاهي ته پنهنجي صوبي جي عوام جي راءِ سان ڌار ٿي سگهي ٿو، يعني مسلم ليگ پاڪستان کي مڪمل ڪنفيڊريشن ڪرڻ تي ڳُھريو.

منهنجا سائين، ايڪيهين صديءَ لاءِ اوهان ڪهڙو ڍانچو پسند ڪيو ٿا. اِهو اوهان کي سوچڻو آهي. پر هن وقت سنڌ ۾ بُک، بيروزگاري، ڌاڙا، ڦُرون ۽ جهيڙا جناب قائدِ عوام جي متفقه آئين جي مهرباني آهن. سرحد ۽ بلوچستان ته خوش آهن، پر سنڌ جي ماڻهن سان هن صاحب 1973 وارو "پيءُ جو پلاند ڪيو،" وڏا پروگرام ٻُڌائي "شعور" لفظ مان "ع" ڪڍي "شور" ڏنو. سنڌ جي ماڻهن کي خودڪشي ڪرڻ جو حق ڏنل آهي. بس منهنجا دوستو، جيڪو "ڪُني" ۾ هوندو، اهو ئي "پاٽ" ۾ پوندو.

جيڪر 1956ع جي آئين کي ون- يونٽ ائڪٽ سان گڏ 1973 جي آئين سان ڀيٽائيندؤ ته مرحوم کهڙي کي غدارچوڻ بدران سندس قبر تي وڃي معافي گهُرندؤ. جنهن جي اوهان کي گذارش آهي ته 1973ع وارن ايم. اين. ايز کي گهُرائي پُڇاڻو ڪيو وڃي ته 1973ع جي آئين مان صوبائي خودمختياري ڳولهي ڏين. سنڌ ۾ مسٽر محمد ايوب کهڙو سنڌ جي ماڻهن جي نظرن ۾ ون يونٽ ٽاهيندڙ سمجهيو وڃي ٿو، پر سچ پُڇو ته 1973ع جي آئين جي مقابلي ۾ سنڌ جي ماڻهن جي حقن جو تحفظ پڻ ڪيل هو. اُن ڪان به اهم ڳالھ ته سنڌ جي ماڻهن جو حقن جو تحفظ ون يونٽ ائڪٽ ۾ وڏيڪ بنگال جي پاڪستان جي موجودگيءَ پڻ ڪيو ٿي.

## سنڌ جا حق ۽ پائماليءَ جي تاريخ

پاڪستان جي پيڙهه جو پٿر سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان ۽ بنگال جي مفاهمت سان 'قراردادِ پاڪستان' جي بنياد تي پيو. قرارداد لاهور کي مڪمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي رنگ ڏيڻ لاءِ ۽ ٻه قومي نظريي جو بنياد بڻائي 23 مارچ 1940ع وارو منظور ڪرايل ٺهراءُ وساري نٿو سگهجي. 1971ع ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي پنهنجي لکيل ڪتاب 'عظيم سانحو' ۾ صاف لفظن ۾ لکيو آهي، ته پاڪستان، قرارداد لاهور جي بنياد تي وجود ۾ نه آيو هو، پر سندس خيال هو، ته پنجاب جي قربانين جي ڪري انگريزن پاڪستان ٺاهي ڏنو هو. ساڳيو خيال ممتاز دولتانا جو پڻ هو، جنهن ون يونٽ ائڪٽ جي بِل تي تقرير ڪندي، صاف لفظن ۾ چئي ڏنو ته، "سنڌ پاڪستان ٺهڻ ۾ ڪوبه ڪردار ادا ڪونه ڪيو آهي. پر اهو پنجاب هو، جنهن جنگين ۾ پنهنجا سِرُ قربان ڪري رت وهايا ۽ هاڻي پنجابين کي سنڌ جي زمينن ۽ نوڪرين تي پورو حق حاصل آهي."

قرارداد مطابق بچاءُ، عالمي لاڳاپا، مواصلات ۽ ڪسٽم مرڪز کي ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. باقي سيني وسيلن تي پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ صوبن جو حق هو. قائداعظم محمد علي جناح مئي 1946ع ۾ ڪئبنيٽ پلان تي راءِ ڏيندي ڏهه شرط پيش ڪيا، جن ۾ خاص طور لکيل آهي ته، صوبا خودمختيار هوندا، ڪوبه ٽيڪس لڳائڻ جو اختيار مرڪز کي نه، پر صوبن کي هوندو. جوڙيل آئين ۾ جيڪڏهن ڪو به صوبو ترميم جي ضرورت محسوس ڪري ٿو، ته صوبي جي اڪثريتي ووٽ سان اهو حق استعمال ٿي سگهندو ۽ اُن کان وڌيڪ جيڪڏهن ڪو صوبو 'رياست' سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار نه آهي، ته پنهنجي صوبي جي عوام جي راءِ 'ريفرينڊم' سان ڌار ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان ٺهي ويو، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع کي ننڍڙين ترميمن سان مُلڪ جو آئين بڻايو ويو، پر صوبن جا حق 1935ع جي ائڪٽ وارا ئي رهيا. بنگال جو گڏ هجڻ پنجاب کي ڏُکيو ٿي لڳو. بنگال جي اڪثريتي آدمشماريءَ واري 'برتريءَ' جي قرباني ڏيئي حُسين شهيد سُهرورديءَ برابريءَ جو نظريو پيش ڪري، اولهه پاڪستان جي چئني صوبن کي ملائي يڪو يونٽ بڻايو.

سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس رٽائرڊ مسٽر منير احمد پنهنجي ڪتاب "Jinnah to Zia" ۾ 1962ع واري آئين کي جوڙڻ جي ذميواري نڀائيندي، بنگالي ليڊرن جهوني سياستدان ۽ وزير مسٽر رميزالدين سان رابطو رکيو. ۽ پراڻي سياستدان ۽ وزير رميزالدين سان اُن ڳالهه تي ڳالهايو، ته بنگال جيڪڏهن ڌار ٿئي، ته آئين ۾ اهڙي ڳالهه رکجي، جنهن تي رميز الدين ککر جيان ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهنڻي ويو ته، ”اسان ڇاونجاهه سيڪڙو آهيون، ۽ توهان ڇوئيتاليهه سيڪڙو. اسان کي ڊار ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. توهان پلي ڊار ٿيو.“

پوءِ مارشلائن مٿان مارشلائون لڳائڻ سان بنگلاديش نهي ويو. جنرل يحيٰ خان ون يونٽ ٽوڙي ون يونٽ دوران ڀرتي ڪيل ملازمن کي پنهنجن پنهنجن صوبن ڏانهن واپس ڪرڻ جو حُڪم جاري ڪيو، جيڪو ليٽر هر آفيس ۾ 30 جون 1970ع تي پهتو. اُن حُڪمنامي تي سنڌ سرڪار عمل نه ڪيو، باقي سرحد ۾ پنجاب جا جيڪي ٿورا ملازم ڀرتي ٿيل هئا، سي 1975ع تائين مڪمل طور پنجاب موٽايا ويا. بلوچستان هڪ ئي وقت پنجاب کان آيل ملازم واپس ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ 1973ع ۾ بلوچستان جي حڪومت کي ”گهر پيڙو“ ڪري، بلوچستان مان ڪڍيل ملازمن کي واپس رکڻ جو حُڪم جاري ڪيو ويو. پر ڪجهه خاص حالتن سبب بلوچستان مان ڪڍيل ڪجهه ملازمن کي سنڌ ۾ پڪو ڪيو ويو. ٻين صوبن جا سنڌ ۾ ڪيئي ملازم هئا، جيڪي پوليس، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ عدالتي کاتي وغيره ۾ ڪم ڪندا هئا.

جنرل محمد يحيٰ خان نئين آئين جا خاص نُڪتا ٻُڌائڻ لاءِ، راولپنڊي ٽيليويزن اسٽيشن تي خطاب ڪرڻ لاءِ ويندي، جنرل گل حسن ۽ ساٿين هٿان گرفتار ٿيو. ڏسو ڪتاب ”پاڪستان جي ابتدا ۽ پڇاڙي: 1969ع کان 1971ع تائين“ ۾ ”يحيٰ خان جي اَڻ ڇپيل غلطيءَ“ جي عنوان سان سندس تقرير ڏنل آهي، جنهن ۾ انڪم ٽئڪس، ويلٿ ٽئڪس، سگريٽ ۽ پيٽرول مان نهندڙ شين تي ڊيوٽي کان علاوه سيني ٽيڪسن جا حق ۽ اختيارَ صوبن جي اختيار ۾ ڏيڻ جي تجويز هئي. مالي وسيلن سان گڏ قدرتي وسيلن جي مالڪي پڻ صوبن حوالي هجي ها. اصل ۾ اها خودمختياري، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع ۾ ڏنل خودمختياريءَ کان به وڌيڪ هجي ها.

هن وقت حالت اها آهي، ته مالي ۽ قدرتي وسيلن تي سنڌي ماڻهن جو اختيار نه آهي. ون يونٽ ۾ ٿيل زيادتيون اُتي ئي بيٺيون رهيون، ويتر آرٽيڪل 27 جي ٻئي ڀاڱي ۾ صوبي کان ٻاهر جي ماڻهوءَ کي ڏنل رعايت سان سنڌ جي ماڻهن جو مڪمل طور حق ڪسجي ويو آهي. ڳالهه جي چِٽائيءَ لاءِ هڪ مثال پيش ڪجي ٿو، ته 1966ع ۾ خيرپور ۾ ويهه ڪانسٽيبل ڀرتي ٿيا. اُهي سيئي پنجاب جا هئا. انهن لاءِ حاجي عطا محمد لُنڊ، ايم. پي. اي. ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ سُوال اُٿاريو. تڏهن قاضي فضل الله گهرو مامرن جو وزير هو. جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن وٽ اهو سوال پهتو ته، آءِ. جي. پوليس کي جاچ جو حُڪم ڪيائين. "Selection stands Cancelled" جو حُڪم جاري ٿيو. اُن دؤران ڪي ملازم ڊيوٽيءَ تي پُهچي چُڪا هئا، پر ڊسٽرڪٽ ڪيڊر کان ٻاهر هئا، تنهنڪري انهن کي واپس وڃڻو پيو. هاڻي آءُ گُذارش ڪندس سنڌ جي سڄڻن کي، ته اُهي اها ضرور ڪَٿ ڪن، ته 1973ع جي آئين ۾ صوبن کي وڌيڪ اختيارَ آهن، يا 1935ع جي ائڪٽ ۾ يا قرارداد پاڪستان ۾ ۽ جناح صاحب جي ڪئبنيٽ پلان وارن سنڌس ڏهن شرطن ۾؟

| اسم جو نالو | 1935ع جو ائڪٽ | قرارِداد پاڪستان | جنرل يحيٰ خان جو آئين | 1973ع جو آئين |
|---|---|---|---|---|
| 1 ڪسٽم | مرڪزي | مرڪزي | مرڪزي | مرڪزي |
| 2 انڪم دولت ۽ ڪارپوريشن ٽئڪس | مرڪزي | صوبائي | مرڪزي | مرڪزي |
| 3 وڪرو ٽئڪس (سيلز ٽئڪس) | صوبائي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 4 صوبي مان روانگي مالَ تي ٽئڪس | مرڪزي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 5 ايڪسائيز ڊيوٽي | مرڪزي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 6 ڪارخانن مان تيار ٿيندڙ مالَ تي ڊيوٽي | صوبائي | مرڪزي | مرڪزي | مرڪزي |
| 7 تيل جا کوهه | صوبائي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 8 قدرتي گيس | صوبائي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 9 پاڻيءَ جي دٻاءَ سا پيدا ٿيندڙ بجلي | صوبائي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 10 اسٽيٽ ڊيوٽي | ذڪر نه ٿيل آهي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 11 نشيدار شين، راندين، گھوڙا ڊوڙ سميت جواخانن تي ٽئڪس | صوبائي | صوبائي | صوبائي | صوبائي |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جو آئين ناهيندڙ جيڪي جيئرا آهن، تن کي عزت ۽ احترام سان گهرائي، ڪائنن پڇاڻو ڪجي، ته 1973ع جي آئين جي ڪهڙي آرٽيڪل ۾ اوهان کي سنڌ ڏسڻ ۾ اچي ٿي؟ اڳوٽي ايم. اين. ايز کان به پڇيو وڃي، ته صوبي سرحد کي تربيلا ڊئم جي بجليءَ تي رائلٽي ۽ ڊيوٽي ڏني ويئي، جيتوڻيڪ 1945ع جي سنڌ- پنجاب جي تڪرار تي جسٽس راءِ صاحب (ڪليڪٽر هاءِ ڪورٽ) فيصلو ڪيو هو، ته سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي حق سنڌ جو رهندو ۽ آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ پنجاب تيهه سيڪڙو پاڻي سنڌو درياءَ مان ڪڍندو، پر اُن جو معاوضو سنڌ کي ڏيندو. سنڌ چار ڪروڙ رپيا گهُريا، پر پنجاب به ڪروڙ رپيا ڏيڻ تي راضي هو. پهرين جنوري 1946ع ۾ سيڪريٽري ايريگيشن پنجاب، سنڌ جي سيڪريٽري ايريگيشن کي لکيو ته، پنجاب ٽي ڪروڙ رپيا ڏيڻ لاءِ تيار آهي، اُن ليٽر جو ذڪر پاڻيءَ ماهر ريٽائرڊ چيف انجنيئر مرحوم عبدالرسول ميمڻ جي ڪتاب ”ڪالاباغ ڊيم“ ۾ ڪيل آهي.

1973ع جي آئين، صوبي سرحد کي مالامال ڪري ڇڏيو. تربيلا جي بجليءَ جي آمدني سورهن کان ويهه ارب رپيا ٿئي ٿي، اها هر سال سرحد کي ڏني وڃي ٿي. ساڳيءَ وقت بلوچستان کي سُئي گئس جي رائلٽي ۽ ڊيوٽي ڏني وڃي ٿي، جيڪا چار کان ڇهه ارب رپيا ٿئي ٿي. اُها مهرباني ولي خان ۽ خيربخش مريءَ تي سائين جي. ايم. سيد ڪري آيو، جنهن وسيلي پُٽي صاحب بلوچن ۽ پٺاڻن کي 1973ع جي آئين تي صحيح ڪرڻ لاءِ راضي ڪيو ۽ موٽ ۾ متن اها مهرباني ٿي. هن حقيقت جو ذڪر ڪتاب ”جي. ايچ. ڪيو جي سياست“ ۾ ٿيل آهي. ان ڳالهه جو ذڪر پير علي محمد راشديءَ پنهنجي ڪتاب ”روئداد سُخن“ ۾ پڻ ڪيو آهي.

سنڌ کي جناب ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي جاگير سمجهي، سنڌ جي وسيلن ۽ حقن کي تباهه ڪيو. هن 1973ع جي آئين کي متفقه بنائڻ خاطر تربيلا ڊئم جي بجليءَ جي رائلٽي ۽ ڊيوٽي سرحد کي ڏني. تربيلا نه سرحد جو پاڻي روڪيو ۽ نه وري سنڌ سان اُن جو جهيڙو هو، پر تربيلا جي پاڻيءَ جي پيداوار سنڌ کي ڏيڻ بجاءِ 1973ع جي آئين کي متفقه بنائڻ لاءِ سرحد صوبي کي اهو حق ڏيئي مالامال ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال، اسان کي هن حقيقت جو احساس ڪرڻ گهرجي، ته ڪراچي بندرگاهه انگريزن انگلستان جي پئسن سان ڪونه ٺهرايو هو، نه ڪي انڊيا جي آمدنيءَ مان ٺهرايو هو. پر ڪراچيءَ بندرگاهه تي ٿيل خرچ سنڌ جي رت سَت مان ٿيو. پر اڄ اُن بندر تي سنڌ جو ذرو به حق ڪونه آهي!

۽ سنڌ مان تيل جا کوهه، گئس ۽ بجلي پيدا ڪندڙ ڪارخانا مرڪز حوالي ٿي ويا، جتي پنجاب جو راڄ هلي ٿو. سنڌ ۾ رهندڙ سنڌ ڇائو، سنڌ جي ماڻهن لاءِ ايترو لاپرواهه ڇو ٿيو، تنهن لاءِ فقط ايترو چوڻ ڪافي آهي.

ڪانڌ مُنهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندين سونهين،
پر تن کي ڪوهه ڪندئين، جي پنهنجن هنئيا پُٺ ۾.

آءٌ بنيادي طور هاري طبقي جو مالوند ماڻهو آهيان. ڪنهن شاعر چواڻي:

"گِر پڙي، گِر ڪر اُٺي، اُٺ ڪر چلي،
اِس طرح ڪاٽي، هم ني زندگي."

سنڌ سان اِهي سڀ مهربانيون آءٌ ذوالفقار علي ڀٽو سان منسوب ڪريان ٿو، جنهن 1973ع جي آئين وارو ڦاهو سنڌ جي ڳچيءَ ۾ وڌو، جنهن ۾ سنڌ جو ساهه اهڙو سوگهو آهي، جو سنڌ پوئين پساهن ۾ آهي.

آخر ۾ آءٌ هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي ڏس ۾ پنهنجي ساٿين ڪامريڊ اندرجيت لوهاڻي، اعظم گوپانگ، حُسين بادشاهه سومري، مرحوم ڊاڪٽر ممتاز علي پناڻ ۽ روشني پبليڪيشن جي علي نواز گهانگهري جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن جي همٿائڻ ۽ عملي مدد سبب هيءَ ڪتاب توهان جي هٿن تائين پهچائي سگهيس.

- رسول بخش انڙ
16 ڊسمبر 2005
حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع

## ستون شيڊول- قانون سازيءَ جون لسٽون

### لسٽ نمبر -1

## فيڊرل (وفاقي) ليجسليٽو (قانون ساز) لسٽ

1. هز مئجسٽيز جون ساموندي، ملٽري ۽ ايئر فورس جيڪي هندستان جي عملي ۾ (ٿي) آهن ۽ بادشاهه جي طرفان ٻيون ڪي به مسلح افواج، پر ان ۾ اهي فوجون شامل نه رهنديون، جيڪي رياستن لاءِ ڀرتي ڪيل هجن يا ملٽري يا مسلح پوليس، جيڪا صوبن جي زير انتظام آهي. ٻيون مسلح افواج جيڪي هز مئجسٽيز جون فوجون نه هجن، پر اُهي هندستان جي عملي ۾ هزمئجسٽيز جي ساموندي، ملٽري ۽ ايئر فورس جي مدد ۾ (لاڳو) آهن، يا ان سان زير عمل آهن: مرڪزي اينٽيليجنس (سراغ رسان) ڪاتو، دفاع، پرڏيهي معاملن يا هندستاني رياستن جي باري ۾ ڪمن جي ڪارروائي (سرانجامي) متعلق روڪيندڙ نظربندي.
2. ساموندي، ملٽري ۽ ايئر فورس متعلق ڪم، خودمختيار مقامي ڪنٽومينٽ (ڇانوڻي) جي ايراضين ۾ (هندستاني رياستن جي فوجن لاءِ ڪنٽومينٽ ايراضين کان سواءِ) گهر رهائش لاءِ ضابطا (انهن ايراضين ۾) ۽ برٽش انڊيا اندر انهن ايراضين جي حدبندي.
3. پرڏيهي معاملا، ٻين ملڪن سان ڪيل معاهدن ۽ ناتن جي تعميل، ڏوهارين جي ڏي وٺ، ڏوهارين، جوابدارن کي اهڙن هز مئجسٽيز جي علائقن ۾ حوالي ڪرڻ جيڪي هندستان کان ٻاهر آهن.
4. ڪرستانن جي مذهب متعلق معاملا، جنهن ۾ يورپي قبرستان شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5. ڪرنسي، سڪا ۽ جائز پيسا (رائج الوقت سڪا).
6. وفاق جو سرڪاري قرض.
7. پوسٽ ۽ ٽيليگراف جنهن ۾ ٽيليفون، وائرليس، نشريات، ۽ ٻيا مواصلات جا اهڙا ئي طريقا، پوسٽ آفيس، سيونگ بئنڪون.
8. وفاقي سرڪاري نوڪريون ۽ وفاقي سروس ڪميشن.
9. وفاقي پينشنون يعني تہ اُهي پينشنون جيڪي وفاق طرفان يا وفاقي آمدني مان ادا ڪيون وڃن.
10. وفاق جي مقصدن لاءِ، هز مئجسٽيز جي ملڪيت ۽ قبضي ۾ عمارتون، زمينون ۽ جايون (جنهن ۾ ساموندي، ملٽري يا ايئر فورس جون تعميرات شامل نہ آهن) پر انهيءَ ملڪيت بابت جيڪا ڪنهن صوبي ۾ واقع آهي، ۽ سدائين لاءِ صوبي جي قانون سازيءَ هيٺ آهي. پر جيڪڏهن وفاقي قانون ٻي طرح حڪم ڪري، ۽ اها ملڪيت جيڪا فيڊريشن رياست ۾ رکي ويئي آهي ۽ انهيءَ رياست طرفان ليز يا معاهدي ۽ ان سان لاڳو معاهدي ۽ ليز جي شرطن جي پابند (هيٺ) آهي.
11. بادشاهي لائبريري (ڪتب خانو)، هندستاني ميوزيم (عجائب گهر)، بادشاهي جنگي عجائب گهر، وڪٽوريا يادگار ۽ اهڙو ڪو ساڳيو ادارو جيڪو وفاق جي ضابطي ۽ خرچ تي هجي.
12. وفاقي ايجنسيون ۽ هيٺين مقصدن لاءِ ادارا يعني تہ تحقيقات لاءِ، پيشيوراڻي ٽيڪنيڪ (هنري) سِکيا ۽ خاص تعليم جي ترقي يا واڌ لاءِ.
13. بنارس هندو يونيررسٽي ۽ علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽي.
14. سروي آف انڊيا، جيولاجيڪل (ارضيات)، بوٽانيڪل (نباتات) ۽ زولاجيڪل (حيوانات) ۽ وفاقي موسمياتي (ميٽراجيڪل) انتظام.
15. قديم ۽ تاريخي يادگار، کوٽائي (کاٽي) کنڊر ۽ آثار.
16. مردم شماري (آدمشماري).
17. هندستان ۾ داخلا يا هجرت ڪرڻ ۽ ٻاهر تڙجڻ، جنهن ۾ اهڙن ماڻهن جي چرپر بابت ضابطا، جيڪي هندستان ۾ آهن، پر برطانيا جي رعيت نہ آهن ۽ هندستان ۾ رهائش پذير آهن، يا ڪنهن فيڊريشن رياست جي رعيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن يا آهن ته برطانيا جي رعيت پر يونائيٽيڊ ڪنگڊم (برطانيا) ۾ رهن ٿا. اهڙين جاين جي زيارت جيڪي هندستان کان ٻاهر آهن.

18. بندرگاهه جي ڪوارنٽين (بيماري سبب ماڻهن کان پري رهڻ)، خلاصين ۽ سامونڊي اسپتالون ۽ بندر ڪوارنٽين سان وابسته اسپتالون.

19. ڪسٽم سرحدن جي پار درآمد ۽ برآمد جيڪي وفاقي حڪومت مقرر ڪري.

20. وفاقي ريلوي (ريلوايون)، سيني ريلواين جا ضابطا (ننڍين ريلواين کان سواءِ) جنهن ۾ تحفظ، وڏ ۾ وڏ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڀاڙن جا اگهه، اسٽيشن ۽ سروس ٽرمينل چارجون، ٽريفڪ جي بدل سدل ۽ ريلوي انتظاميا جي سامان ۽ ماڻهن کڻڻ جي ذميواري، ننڍين ريلواين جي انتظاميا جي تحفظ ۽ ماڻهن جي سامان جي کڻڻ بابت سندن ذميواري.

21. سامونڊي جهازراني، بحري (جهاز راني) جنهن ۾ جهازن جو هلڻ، بحري جهازن جي وير چڙهڻ واري پاڻيءَ ۾ چرپر ۽ بحري ڪاتي جو دائره اختيار.

22. وڏا بندرگاهه يعني ته انهن بندرن جي باري ۾ اعلان ۽ حدن جو مقرر ڪرڻ ۽ بندر جي اختيارين جو قيام ۽ اختياريون.

23. مڇي مارڻ ۽ علاقائي سمنڊ جي ٻئي هنڌان مڇيون ڦاسائڻ.

24. هوائي جهاز ۽ هوائي جهازراني، هوائي اڏن بابت نهراءُ، هوائي ٽريفڪ ۽ هوائي جهازن جو انتظام ۽ ضابطو.

25. لائيٽ هائوس جنهن ۾ لائيٽ شپ (روشني جا جهاز) اشارا ۽ ٻيا جهازن (آگبوٽن) ۽ هوائي جهازن جي تحفظ بابت ٺهراءُ.

26. پئسينجرن ۽ مال جي سمنڊ ۽ هوائي رستي اچ وڃ.

27. ڪاپي رائيٽ، ايجادون، نمونا، واپاري نشان، واپاري مال جا نشان.

28. چيڪ، ڊي وٺ جا بل (هُنڊيون)، پرونوٽ ۽ ٻيا دستاويز.

29. اسلح، آتشي اسلحو ۽ بارود.

30. ڀيڪي سان ٻرندڙ (ڦاٽندڙ يا تيل بارود).

31. آفيم جي پوک، صنعت، وڪرو ۽ برآمد.

32. پيٽروليم ۽ ٻيون پاڻينيون يا اهڙا مادا جيڪي وفاقي قانون موجب خطرناڪ ۽ جلد باهه جهليندڙ آهن، تن جي قبضي، ذخيري ۽ اچ وڃ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

33. ڪارپوريشنون، يعني تہ ڪارپوريشن جو پاڻ ۾ گڏجڻ، ضابطا ۽ واپاري ڪارپوريشن جو ختم ڪرڻ/ ٽيڻ، جنهن ۾ بينڪنگ انشورنس ۽ ناڻي جون ڪارپوريشنون شامل آهن پر ان ۾ اهي ڪارپوريشنون جيڪي ڪنهن فيڊريشن رياست جي ملڪيت آهن ۽ ڪنٽرول ۾ آهن، ۽ جيڪي پنهنجو ڪاروبار فقط ان رياست ۾ هلائين ٽيون يا ڪوآپريٽو سوسائٽيون ۽ اهي ڪارپوريشنون جيڪي ڪاروبار ڪندڙ هجن يا نہ، يا جن جو مقصد ڪنهن هڪ يونٽ تي مرڪوز نہ آهي، شامل نہ هونديون.

34. ڪارخانن جي ترقي، جتي اها ترقي (واڌارو) عوامي فائدي لاءِ ڪنهن وفاقي قانون وسيلي، وفاق جي ڪنٽرول ۾ ضروري سمجهي وئي آهي.

35. ڪاٺين، تيل جي کوهن ۽ ليبر (مزورن) جي تحفظ لاءِ ضابطا.

36. ڪاٺين، تيل جي کوهن ۽ ڪاٺين جي ترقي ۽ ضابطن جي حد، جنهن موجب اهڙا ضابطا ۽ ترقي جيڪا ڪنهن وفاقي قانون هيٺ وفاق جي ڪنٽرول هيٺ، عوامي مفاد ۾ ضروري سمجهي وڃي.

37. انشوئرنس جو قانون سواءِ انهيءَ انشورنس جي جيڪا فيڊريٽيڊ رياستن طرفان ڪنيل ۽ انشورنس ڏنڌي جي باري ۾ ضابطو سواءِ انهيءَ واپار جي جيڪي فيڊريٽيڊ رياستن طرفان ڪيو وڃي، گورنمينٽ انشورنس سواءِ اهو جيڪو فيڊريٽيڊ رياستن طرفان ڪنيو وڃي يا ڪنهن صوبائي قانون ساز فهرست يا گڏيل (ساڳئي وقت هلندڙ) فهرست، صوبي طرفان ڪنهن داخلا بنسبت.

38. بينڪنگ، يعني بئنڪ جو ڌنڌو ڪندڙ ڪارپوريشن سواءِ انهيءَ ڪارپوريشن جي جيڪا فيڊريٽيڊ رياستن طرفان خريد ڪيل هجي يا ضابطي هيٺ آيل هجي ۽ رياست جي اندر ڌنڌو ڪندڙ هجي.

39. پوليس جي ميمبرن جي اختياري ۽ دائره اختيار جي توسيع جيڪا برٽش انڊيا جي ڪنهن حصي ۾ جيڪا ڪنهن ٻئي گورنر جي صوبي ۾ يا چيف ڪمشنر جي صوبي ۾ آهي پر پوليس کي ڪنهن هڪ حصي ۾ اختياري يا دائره اختيار نہ رهندو سواءِ انهيءَ صوبي جي گورنمينٽ يا چيف ڪمشنر جي اجازت سان، پوليس جي ميمبرن جي اختياري ۽ دائره اختيار، ريلوي جي اهڙين ايراضين متعلق جيڪي انهيءَ يونٽ کان ٻاهر هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

40. وفاقي قانون سازيءَ لاءِ چونڊون، پر هن ائڪٽ جي نهرائن ۽ ڪنهن ٻئي ڪائونسل ۽ ڪيل حڪم هيٺ.
41. وفاقي وزيرن، ڪائونسلر آف اسٽيٽ جي صدر، نائب صدر ۽ وفاقي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون پگهارون- فيڊرل قانون سازيءَ جي ميمبرن جون پگهارون، الائونس ۽ رعايتون، اهڙي حد تائين جيڪي هن ائڪٽ جي ٻئي حصي ۾ خاص طور اختيار ڏنل هجن، اهڙن ماڻهن کي سزا ڏيڻ جيڪي قانون ساز ڪميٽي آڏو شاهدي ڏيڻ ۽ دستاويز پيش ڪرڻ کان انڪار ڪن.
42. هن لسٽ ۾ ڏنل معاملن متعلق قانون خلاف ڪيل ڏوهه.
43. ڪسٽم تي ٽئڪسَ، جنهن ۾ برآمدي ڊيوٽي شامل آهي.
44. هن لسٽ ۾ ڏنل معاملن متعلق پڇا ڳاڇا ۽ حساب ڪتاب.
45. تماڪ تي آبڪاري محصول (ٽئڪس) ۽ ٻئي مال تي جيڪي هندستان ۾ ٺاهيا ۽ پيدا ڪيا وڃن- پر ان ۾ هي شامل نه هوندا.
(الف) الڪوهل پاڻيٺ جيڪا ماڻهو استعمال ڪن.
(ب) آفيم، هندستاني ڀنگ، ۽ ٻيون نند آڻيندڙ دوائون ۽ نند ڏياريندڙ، نند نه آڻيندڙ ٻيون دوائون.
(ت) دوائن ۽ هار سينگار جون تيار ڪيل شيون، جن ۾ الڪوهل هجي يا اهڙو مصالحو يا شيءِ جيڪي هن داخلا جي پيراگراف (ب) ۾ ڏنل آهن.
46. ڪارپوريشن ٽئڪس.
47. لوڻ.
48. سرڪاري لاٽريون.
49. قومي حق ڏيڻ.
50. هندستان جي اندر هڪ گورنر يا چيف ڪمشنر جي صوبي مان ٻئي صوبي ۾ هجرت (لڏپلاڻ).
51. تور ۽ ماپ جا پئمانا.
52. رانچي جي يورپي چرين جي اسپتال.
53. سيني ڪورٽن جو دائره اختيار ۽ اختياري سواءِ وفاقي ڪورٽ جي ۽ ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه اهڙي معاملي جي باري ۾، جيڪا هن لسٽ ۾ آهي، ته ايتري حد تائين جيڪا هن ائڪٽ جي حصي 9 ۾ واضح ڪيل آين، فيڊرل ڪورٽ جي اپيل واري دائره اختيار کي وڌايو ويو آهي، ۽ ان تي واڌارو (وڌايل) اختيار سونپيا ويا آهن.

54. آمدني تي محصول ۽ ان ۾ زرعي آمدني شامل نه آهي.

55. اثاثن جي موڙي جي قيمت تي ٽئڪس (محصول) سواءِ فردن ۽ ڪمپنين

56. ملڪيت ۾ وراثت تي ٽئڪس، سواءِ زرعي زمين جي.

57. اسٽامپ ڊيوٽي جا اگهه، هُنڊين، چيڪن، پرونوٽن، ليڊنگ جا بل، ليٽر آف ڪريڊٽ، انشوئرنس پاليسيون، لڪيل اختياريون ۽ رسيدون.

58. ريلوي يا هوا ۾ سامان ۽ پئسينجرن جي ڪٽائي تي ڇهه ماهي ٽئڪس: ريلوي جي ڪنيل سامان ۽ ڀاڙن تي ٽئڪس.

59. ڪورٽ ۾ حاصل ٽينڊڙ ٽئڪسن کان سواءِ، ٻئي ڪنهن ٻه معاملي بابت جيڪي هن لسٽ ۾ آهن، يعني فيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لسٽ نمبر -2

## صوبائي قانون ساز لسٽ (فهرست)

1. امن عامه (پر ان ۾ هز مئجسٽيز جي ساموندي، ملٽري ۽ هوائي فوج ڪي سول اختياري جي مدد، شامل نہ ڪيو ويندو)، انصاف جو انتظام، فيڊرل (وفاقي) ڪورٽ کان سواءِ ٻين سڀني ڪورٽن جو قيام ۽ جوڙجڪ، انهن ۾ فين جو حاصل ڪرڻ، امن عامه جي سلسلي ۾ روڪيندڙ نظربندي ۽ اهڙا ماڻهو جيڪي اهڙي طرح نظربند ڪيا ويا آهن.
2. فيڊرل ڪورٽ کان سواءِ ٻين سڀني ڪورٽن جون، هن لسٽ ۾ ڏنل ڪنهن بہ معاملي جي باري ۾ اختيارين ۽ دائره اختيار- روينيو ۽ رينٽ (مسواڙ) ڪورٽن جو طريقہ ڪار.
3. پوليس جنهن ۾ ريلوي ۽ ڳوٺاڻي (ديهي) پوليس شامل آهي.
4. جيل، سڌارڪ جيل، بورسٽل ادارا ۽ انهيءَ جهڙا ٻيا ادارا- ۽ ان ۾ نظربند ماڻهو ۽ ٻين يونٽن سان، جيل ۽ ٻين ادارن جي استعمال جو بندوبست.
5. صوبي جو سرڪاري قرض.
6. صوبائي سرڪاري نوڪري ۽ صوبائي سروس ڪميشنون.
7. صوبائي پينشنون يعني تہ اُهي پينشنون جيڪي صوبي طرفان صوبي جي اُپت مان ڏنيون وڃن.
8. عمارتون، زمينون ۽ جايون جيڪي صوبي جي مقصدن لاءِ هز مئجسٽيز جون ملڪيتون آهن ۽ ان جي قبضي ۾ آهن.
9. زبردستي حاصل ڪيل زمين.
10. ڪتب خانا، عجائب گهر ۽ ٻيا ساڳيا ادارا جن ڪي صوبي طرفان مالي امداد هجي ۽ ان جي ڪنٽرول (ضابطي) هيٺ هجن.
11. صوبائي قانون ساز جون هن ائڪٽ جي هيٺ يا ڪائونسل ۾ ڪيل ڪنهن بہ حڪم موجب چونڊون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12. صوبائي وزيرن، ۽ قانون ساز اسيمبلي جي اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر يا جيڪڏهن ڪا قانون ساز ڪائونسل آهي، ته ان جي صدر ۽ نائب صدر جا پگهار، صوبائي قانون ساز جي ميمبرن جا پگهار، الائونس ۽ رعايتون- ۽ انهيءَ حد تائين جيڪي هن ائڪٽ جي حصي ٽئين ۾ اختيار موجب ڏنل آهن، اهڙن ماڻهن کي سزائون جيڪي صوبائي قانون ساز ڪميٽيءَ آڏو شاهدي ڏيڻ کان يا دستاويز پيش ڪرڻ کان انڪار ڪن.
13. مڪاني اختيارين (حڪومتون) يعني ته ميونسپل ڪارپوريشن، امپروومينٽ ٽرسٽ، ضلعي بورڊ، ڪاٿين ۾ رهندڙن وٽ اختيارين ۽ ٻيون مڪاني اختيارين جيڪي مڪاني خودڪار حڪومت يا ڳوٺاڻي (ديهي) انتظاميه وغيره جو قيام ۽ انهن جون اختياريون.
14. عوامي صحت، ۽ صفائي، اسپتالون ۽ دواخانه، جمر ۽ موت جي داخلا.
15. زيارتون، انهن زيارتن کان سواءِ جيڪي هندستان کان ٻاهر آهن.
16. مقام ۽ دفن ڪرڻ جون جايون.
17. تعليم.
18. مواصلات، يعني ته رستا، پليون، پتڻ ۽ ٻيا مواصلات جا طريقا جيڪي لسٽ نمبر -1 ۾ ڏنل آهن. لسٽ پهرين ۾ ڏنل ٺهرائڻ هيٺ ننڍڙيون ريلوايون ۽ انهن جي باري ۾، ميونسپالٽين جون ٽرامون، رسن سان ٺهيل رستا، اندروني پاڻيءَ جا رستا ۽ لسٽ ٽئين جي ٺهرائڻ مطابق، بندر، لسٽ پهرين جي ٺهرائڻ هيٺ، وڏا بندر ۽ اُهي گاڏيون جيڪي مشيني وَنجهه سان نه هلايون وڃن.
19. پاڻي يعني ته پاڻي رسائڻ، ٻنين جو ريج، ۽ واهه، پاڻيءَ جو نيڪال، ۽ ڪَنڌين (ڪپن) جي مضبوطي، پاڻي جمع ڪرڻ ۽ پاڻي مان پاور پيدا ڪرڻ.
20. زراعت، جنهن ۾ زرعي تعليم ۽ تحقيقات شامل آهي، ٻوٽن جي بيمارين جي روڪ ۽ مرضن کان بچاءُ، مال جو سڌارو ۽ جانورن ۾ بيماريءَ جي روڪ، جانورن جي بيماري لاءِ سڪيا ۽ علاج، ڍڪ ۽ چوپائي جو گهڙي وڃڻ (ٻنين ۾ پيل وغيره).
21. زمين يعني ته زمين جي مٿان حق، زمين جو پَٽو جنهن ۾ زميندار ۽ هاري جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعلقات، مسواڙ جي جمعبندي ۽ زرعي زمين جي بدل سدل (انتقال)، نيڪال ۽ ورثو، نئين بستي (ڪالونائيزيشن)، ڪورٽ آف وارڊس (نابالغ ۽ بيوه زميندارن جي زمين جي سنڀال)، انڪمبرڊ اسٽيٽ (ٽتل ڪاتو) ۽ ٻيون ملڪيتون ۽ دفينو (زمين مان مليل خزانو).

22. ٻيلا.

23. ڪاٺين ۽ تيل جي کوھن جا ضابطا، ۽ ڪاٺين جي ترقي، سواءِ انھن ضابطن جي جيڪي لسٽ نمبر -1 جي نھرائن ھيٺ (ڪاٺين جي) ترقي متعلق وفاق جي ڪنٽرول ھيٺ ھجن.

24. مڇي مارڻ (ڦاسائڻ).

25. جھنگلي پکين ۽ جھنگلي جانورن جو بچاءُ.

26. گيس ۽ گيس جا ڪم (عمارتون).

27. صوبي اندر ڏيندڙ ڏنڏو ۽ واپار، مارڪيٽون ۽ ميلا، قرض ڏيندڙ ۽ وياج خور.

28. سرايون ۽ سرايون رکندڙ.

29. مال جي پيدائش، رسائڻ ۽ ورھاست، صنعتن جو واڌارو سواءِ انھن صنعتن جي جيڪي وفاقي ڪنٽرول ۾ ھجن، ۽ جن جي ترقي لسٽ پھرين جي نھرائن مطابق وفاق جي بلي ھجي.

30. ڪاڏي جي شين ۾ ملاوت ۽ ٻيون واپاري شيون- ماپ ۽ تور.

31. نشو آڻيندڙ ٻاٽيون، نشو آڻيندڙ دوائون يعني تہ نشيدار ٻاٽين، آفيم يا ٻين نشيدار دوائن جو پيدا ڪرڻ، ٺاھڻ، قبضو، ڪٽائي، خريداري ۽ وڪرو پر اھڙي آفيم کان سواءِ جيڪو لسٽ نمبر -1 جي نھرائن مطابق ۽ لسٽ نمبر 3- جي نھرائن مطابق زھر ۽ خطرناڪ دوائن جي باري ۾ ھجي.

32. غريبن جي مدد ۽ بيروزگاري.

33. ڪارپوريشن جو ڀاڱ ۾ ضم ٿيڻ، ضابطا ۽ ڪارپوريشنن جو ختم ٿيڻ، انھن کان سواءِ جيڪي لسٽ نمبر -1 ۾ ڏيڪاريل آھن، انڪارپوريٽ نہ ٿيل واپاري، ادبي، سائنسي، مذھبي ۽ ٻيون سوسائٽيون ۽ سنگتون؛ ڪوآپريٽو سوسائٽيون.

34. خيراتون ۽ خيراتي ادارا، خيراتي ۽ مذھبي بخششون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

35. ناٽڪ (ٿيئيٽر)، ڊرامن جي اداڪاري ۽ سينمائون، جنهن ۾ سينيمائي فلمن جي نمائش جي منظوري شامل نہ آهي.
36. شرطون ۽ جوا.
37. هن لسٽ ۾ ڏنل ڪنهن بہ معاملي ۾ قانون جي خلاف ڪيل ڏوهہ.
38. هن لسٽ ۾ ڏنل ڪنهن معاملي بابت پڇا ڳاڇا ۽ انگ اکر.
39. زمين جو محصول (ڍل) جنهن ۾ ڍل جو مقدار ۽ وصولي، زمين جي رڪارڊ جو رکڻ، روينيو جي مقصدن لاءِ حقن جو رڪارڊ ۽ روينيو (ڍل) جو انتقال.
40. صوبي ۾ نئين مال جي پيدا ڪرڻ ۽ ناهڻ تي آبڪاري محصول ۽ ڀيون وزن دار ڊيوٽيون انهيءَ ساڳئي اگهہ تي ۽ ساڳي ريت ناهيل يا پيدا ڪيل مال تي، هندستان ۾ ڪنهن بہ هنڌ-
(الف) ماڻهن جي کاپي لاءِ الڪوهل مليل پاڻيٺ.
(ب) آفيم، هندستاني ڀنگ ۽ ٻيون نشي واريون دوائون، نشيدار شيون ۽ بنا نشي دوائون.
(ث) فني ۽ سينگار جو تيار ڪيل مال، جنهن ۾ الڪوهل ۽ ٻيو مادو جيڪو هن داخلا جي سب پيراگراف (ب) ۾ شامل آهي.
41. زرعي آمدني تي محصول.
42. زمينن، اڏاوتن، جاين ۽ درين تي محصول.
43. زرعي زمين ۾ وراثت تي محصول.
44. ڪاٽين جي حقن تي محصول ۽ انهن حدن اندر جيڪي وفاقي قانون ساز طرفان ڪنهن ائڪٽ موجب ڪاٽين جي واڌاري (ترقي) متعلق مڙهيل هجن.
45. سرشماري (جزيو) ٽئڪس.
46. پيشن، ڌنڌن، ڪرت ۽ ملازمت تي ٽئڪس.
47. جانورن ۽ ٻيڙين تي ٽئڪس.
48. مال جي وڪري ۽ پرچار تي ٽئڪس.
49. ڪنهن بہ مقامي ايراضيءَ ۾ استعمال خاطر مال جي داخلا، ڪم آڻڻ ۽ وڪرو.
50. عياشي تي ٽئڪس، جنهن ۾ وندر جون شيون، تفريح، شرطون ۽ جوا شامل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

51. اسٽامپ محصول جا اگهه، اهڙن دستاويزن متعلق جيڪي لسٽ -1 جي ٺهرائن مطابق اسٽامپ ڊيوٽي جي اگهن بابت واضح ڪيل هجن.

52. پاڻي مٿان (پيڙين رستي) مال ۽ پئسينجرن جي ڪٺائي ۽ اچ وڃ تي حق.

53. چُنگي.

54. هن لسٽ ۾ ڏيکاريل ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ في، پر ان ۾ ڪورٽ ۾ وصول ٿيندڙ في شامل نه هوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لسٽ نمبر -3

## ساڳي (ساڳئي وقت هلندڙ) قانون ساز لسٽ

### حصو پهريون

1. فوجداري قانون، جنهن ۾ اُهي سڀ معاملا شامل آهن، جيڪي انڊين پينل ڪوڊ ۾ انهيءَ ائڪٽ جي پاس ٿيڻ وقت شامل ڪيا ويا هئا، پر ان ۾ اُهي ڏوهه شامل نه هوندا، جيڪي لسٽ نمبر -1 ۽ لسٽ نمبر -2 ۾ ظاهر ڪيل معاملن جي باري ۾ هجن، ۽ پڻ ان ۾ هز مئجسٽيز جي سامونڊي، ملٽري (فوجي) ۽ هوائي فوج جو سول اختياري جي مدد، شامل نه رهندا.
2. فوجداري ڪارروائي، جنهن ۾ اُهي سڀ معاملا شامل آهن، جيڪي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ۾ انهيءَ ائڪٽ جي پاس ٿيڻ وقت شامل ڪيا ويا هئا، سي شامل آهن.
3. قيدين ۽ جوابدارن جي هڪ يونٽ کان ٻئي يونٽ ڏانهن بدل سدل.
4. سول (ديواني) ڪارروائي، جنهن ۾ حدن متعلق قانون ۽ اُهي سڀ معاملا شامل آهن، جيڪي سول پروسيجر ڪوڊ جي ائڪٽ پاس ٿيڻ وقت اُن ۾ شامل هئا، ڪنهن به گورنر يا چيف ڪمشنر جي صوبي ۾، انهيءَ صوبي جي دعوائن جيڪي ٽئڪس (محصولن) جي وصولي ۽ ٻيون سرڪاري واجبات، جنهن ۾ زمين جي ڍل جون بقاياڻون ۽ اهڙيون رقمون جيڪي صوبي جي ٻاهران وصول ٿيندڙ هجن.
5. شاهدي ۽ قسم، قانونن جي سڃاڻپ، سرڪاري ڪم ۽ فوجداري ڪاررواين جو رڪارڊ.
6. شادي ۽ طلاق، ابهم ۽ نابالغ گود وٺڻ.
7. وصيتون، لاوارثي ۽ وراثت سواءِ زرعي زمين جي.
8. ملڪيت جي بدل سدل سواءِ زرعي زمين جي، دستاويزن ۽ ڪاغذن جي رجسٽريشن.
9. امانتون ۽ امين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

10. معاهدا (يا مقاطعہ) جنهن ۾ پائيواري، عيوض (دلالي)، مال ڪٽاٽي جا مقاطعہ ۽ مقاطعي جا ٻيا نمونا پر انهن ۾ زرعي زمين جا مقاطعہ شامل نہ هوندا.
11. امانتي فيصلو.
12. ڪُتل (ڪوٽ) ۽ ڪنگال پڻو، ايڊمنسٽريٽر جنرل ۽ سرڪاري امين.
13. اسٽامپ ڊيوٽي، انهن ڊيوٽين يا فين کان سواءِ، جيڪي عدالتي اسٽامپ رستي وصول ڪجن، پر ان ۾ اسٽامپ ڊيوٽي جا اگهہ شامل نہ رهندا.
14. اُهي غلطيون جن جي خلاف قدم کڻي سگهجي، سواءِ انهن قانونن جي يا اهڙن معاملن جي، جيڪي لسٽ نمبر -1 ۽ لسٽ نمبر -2 ۾ ڄاڻايل آهن.
15. وفاقي ڪورٽ کان سواءِ ٻين سيني ڪورٽن جي اختياري ۽ دائره اختيار، ڪنهن بہ اهڙي معاملي بابت جيڪي هن لسٽ ۾ آهن،
16. قانوني، ميڊيڪل (طبي) ۽ ٻيا پيشا.
17. اخبارون، ڪتاب ۽ ڇپائي جون پريسون.
18. چريائي ۽ دماغي گهٽتائي، جنهن ۾ اُهي جايون شامل آهن، جن ۾ چرين يا دماغي گهٽتائي رکندڙ ماڻهن جي داخلا ۽ علاج ڪيو وڃي.
19. زهر ۽ خطرناڪ دوائون.
20. مشيني ونجهہ رستي هلندڙ گاڏيون.
21. بوائلرس (انجڻ جي گهل ديگ).
22. جانورن جي خلاف ظلم جي روڪ.
23. يورپي لوفر (رولو يورپي)، ڏوهاري قبيلا.
24. پيچا ڳاڇا ۽ انگ اکر، انهن معاملن جي باري ۾ جيڪي هن حصي جي هن لسٽ ۾ آهن.
25. هن حصي جي هن لسٽ ۾ ڪنهن بہ معاملي جي باري ۾ فيون، سواءِ انهن فين جي جيڪي ڪورٽ ۾ ورتيون وڃن ٿيون.

## حصو ٻيو

26. ڪارخانا.
27. مزورن جي ڀلائي، مزوريءَ جا شرط، پراويڊنٽ فنڊ، ڪارخانيدارن جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذميواريون، ڪم ڪندڙن جو معاوضو، صحت جي انشوئرنس، جنهن ۾ معذوري جي پينشن ۽ پوڙهپڻ جي پينشن شامل آهن.

28. بيروزگاري جي انشوئرنس (ويمو).

29. ٽريڊ يونينون ۽ صنعتي مزورن جا تڪرار.

30. وچڙندڙ بيمارين جو هڪ يونٽ کان ٻئي يونٽ ڏانهن پکڙجڻ، ماڻهن، جانورن ۽ ٻوٽن جا مرض.

31. اليڪٽرسٽي (بجلي).

32. اندروني پاڻي جي وهڪرن تي جهازراني، جهاز ٺاهڻ ۽ مشين جي وَنجهن تي هلڻ واريون ٻيڙيون، انهن پاڻي جي رستن تي هلڻ جا قاعدا، ماڻهن، پئسينجرن ۽ مال جي ڪٽائي (پاڻيءَ رستي).

33. سينما آٽوگراف فلمن جي نمائش جي منظوري.

34. وفاقي اختياري هيٺ ماڻهن جي روڪيندڙ نظربندي.

35. پيچا ڳاڇا ۽ انگ اکر، هن حصي جي هن لسٽ ۾ ڪنهن به مقصد خاطر.

36. هن حصي جي هن لسٽ ۾ ڏنل ڪنهن به معاملي جي باري ۾ فيون، پر ان ۾ اُهي فيون شامل نه هونديون، جيڪي ڪورٽ ۾ ورتيون وڃن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قراردادِ پاڪستان 1940ع

## (جيڪا 23 مارچ 1940ع تي منظور ٿي)

آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس، ڪائونسل ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ طرفان ورتل اُپائن ۽ قدمن جي منظوري ۽ مڃتا ڪي سامهون رکندي، جيئن سنڌن 27 آگسٽ، 17 ۽ 18 سيپٽمبر ۽ 22 آڪٽوبر 1939ء ۽ 3 فيبروري 1940ع ۾ آئيني مامري تي پنهنجي قراردادن ۾ اشارو ڏنو ويو هو، پرپور اندازسان انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿو، ته هندستاني حڪومت جي ائڪٽ 1935ع ۾ وفاق جي ڄاڻايل رٿا، هن ملڪ جي خاص حالتن ۾ مڪمل طور نامناسب ۽ ناقابل عمل هئڻ سميت، هندستاني مسلمانن لاءِ ناقابل قبول آهي.

گڏجاڻيءَ ۾ پنهنجي خيالن جو اهو به زوراڻتو اظهار ڪيو ويو، ته جيئن ته هزمئجسٽريٽيءَ جي حڪومت پاران وائسراءِ طرفان 18 آڪٽوبر 1939ع تي پڙهي ڪيل اعلان ۾، ٻيهر پڪ ڪرائڻ لاءِ ايستائين به پڌرو ڪيو ويو آهي، ته هندستاني حڪومت جي 1935ع واري ائڪٽ ۾ رٿيل پاليسي ۽ رٿا بابت، هندستان ۾ مختلف مفاد رکندڙ پارٽين، جماعتن ۽ برادرين جي صلاح مشوري سان اُن جو ٻيهر جائزو ورتو ويندو، تنهنڪري هندستان جا مسلمان سموري آئيني منصوبي جي ٻيهر جائزي وٺڻ تائين مطمئن نه ٿيندا، ۽ اهو ته ڪوبه ٻيهر ترميم ٿيل منصوبو اوستائين مسلمانن ڪي قبول نه هوندو، جيستائين اُن ۾ سندن منظوري ۽ راضپو شامل نه آهي.

گڏجاڻيءَ ۾ اهو نهراءِ منظور ڪيو ويو، ته آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس جو اهو متفق ۽ سوچيل ويچار آهي، ته ڪوبه آئيني منصوبو هن ملڪ جي مسلمانن لاءِ اوستائين قابل عمل يا مڃتا جوڳو نه هوندو، جيستائين اُهو هيٺ ڄاڻايل بنيادي اصولن تي جُڙيل نه آهي: يعني اهو ته جاگرافيائي طور پاڻ ۾ ڳنڍيل ايڪن (يونٽن) جي حدبندي علائقن ۾ ڪئي وڃي، جيڪي پاڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن جُڙيل ۽ ڳنڍيل هجن. جنهن سان ضرورت موجب اهڙي علائقائي جوڙجڪ پيهر ٿي سگهي، جو اهڙا علائقا جن ۾ مسلمانن تعداد جي لحاظ کان اڪثريت ۾ آهن، جيئن هندستان ۾ اتر- اولهه ۽ اوڀرندي وارا علائقا، تن کي پاڻ ۾ ملائي 'آزاد رياستون' جوڙيون وڃن، جنهن ۾ آئيني ايڪا (يونٽ) خودمختيار ۽ اقتداراعليٰ جا مالڪ هوندا.

اهو تہ مناسب، اثرائتين ۽ اختياري آئيني ذميوارين سان واضح طور، انهن يونٽن ۽ علائقن جي قانون ۾، اُتي رهندڙ اقليتن لاءِ سندن مشوري سان، سندن مذهب، ثقافت، معاشي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ گهُرجي، ۽ هندستان جي ٻين علائقن ۾، جتي مسلمان اقليت ۾ آهن، اُتي مناسب، اثرائتين ۽ اختياري آئيني ذميوارين سان واضح طور، اُنهن ۽ ٻين اقليتي برادرين جي مشوري سان، سندن مذهب، ثقافت، معاشيات، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي تحفظ کي يقيني بڻايو ويندو.

وڌيڪ اهو، تہ هي اجلاس ورڪنگ ڪميٽي کي، لاڳاپيل علائقن بابت آخري مفروضي طور جاڳايل شرطن جي انهن آخري بنيادي اصولن پٽاندڙ، اهڙن سمورن اختيارن- جهڙوڪ: بچاءُ، پرڏيهي مامرن، مواصلات، ڪسٽم ۽ ٻين مامرن، جيڪي ضروري هُجن، تن بابت آئيني منصوبو جوڙڻ جو اختيار ڏئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مسلم ليگ طرفان پيش ڪيل ڏهہ شرطَ

برطانيا ۾ جولاءِ (اونهاري) 1945ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن جي نتيجي ۾ ليبر پارٽي اقتدار ۾ آئي، جنهن جو وزيراعظم ڪليمينٽ ايٽلي ٿيو. هُن هندستان جي سياسي مسئلي کي نبيرڻ لاءِ ٽن ڪئبينيٽ وزيرن تي ٻڌل هڪڙو وفد 24 اپريل 1946ع تي هندستان موڪليو، جنهن ۾ لارڊ پيٿڪ لارنس، سر اسٽيفورڊ ڪرپس ۽ اي. وي اليگزينڊر شامل هئا.

ڪئبنيٽ مشن طرفان 8 مئي 1946ع تي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ وچ ۾ معاهدي لاءِ مجموعي طور نَوَ تجويزون سامهون آنديون ويون، جنهن جي موٽ ۾ معاهدي طور قائداعظم محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ ۾ مسلم ليگ 12 مئي 1946ع تي ڏهہ شرط پيش ڪيا، جن کي عام طور 1946ع وارو محمد علي جناح جو نظريو بہ سڏيو وڃي ٿو، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1. ڇهن مسلم صوبن (پنجاب، اُتر- اولهہ سرحدي صوبو، بلوچستان، سنڌ، بنگال ۽ آسام) کي پاڻ ۾ هڪڙي گروهہ طور گڏايو ويندو ۽ اُهي صوبا پرڏيهي مامرن، بچاءَ ۽ مواصلات ڪانسواءِ، جنهن ۾ بچاءُ ضروري آهي، سمورن موضوعن ۽ مامرن کي پاڻ مُنهن ڏيندا، يا وٽن ئي اختيار هوندو، جيڪي مامرا صوبن جي ٻن گروهن يعني مسلمان ۽ هندو صوبن جي ٻن گروهن جي آئين ٺاهيندڙ جماعت (Body) وسيلي پُورو ڪري يا سُلجهائي سگهجن ٿا.

2. مٿي ڄاڻايل ڇهن مسلم صوبن لاءِ آئين ٺاهڻ واري جماعت (Body) ڌار هوندي، جيڪا گروهہ ۽ گروهہ ۾ شامل صوبن لاءِ آئين ٺاهيندي ۽ موضوعن يا مامرن جي اهڙي فهرست بابت فيصلو ڪندي، جيڪا فهرست صوبائي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪزي (وفاقي) هوندي، ۽ جنهن ۾ صوبن کي اقتداراعليٰ (خودمختياريءَ) جا اختيارَ ڏنل هوندا.

3. آئيني جماعت جي نمائندن جي چونڊ وارو طريقو اهڙو هوندو، جنهن ۾ پاڪستاني گروهه جي هرهڪ صوبي ۾، سندن آباديءَ جي تناسب سان مختلف برادرين جي مناسب نمائندگيءَ کي يقيني بڻايو ويندو.

4. آئين ٺاهيندڙ جماعت طرفان پاڪستاني وفاقي حڪومت ۽ صوبن جا آئينَ حتمي طور جوڙڻ کانپوءِ، گروه جي هرهڪ صوبي لاءِ اها ڳالهه بلڪل کُليل هوندي، ته اُهي پنهنجي گروهه کان ڌار ٿيڻ واري اختيار هيٺ فيصلو ڪن، پر شرط اهو آهي، ته اُن صوبي جي عوام جي خواهشن واري عملَ کي، گروهه کان ٻاهر ٿيڻ يا نه ٿيڻ بابت، ريفرينڊم وسيلي يقيني بڻايو ويندو.

5. اهو گڏيل آئين ٺاهيندڙ جماعت ۾ بحث لاءِ کُليل موضوع هئڻ گهُرجي، ته يونين ۾ قانون ٺاهيندڙ ادارو هوندو يا نه. يونين کي ناڻو مهيا ڪرڻ وارو طريقو، ٻنهي آئين ٺاهيندڙ جماعتن جي گڏيل گڏجاڻيءَ ۾ فيصلي لاءِ ڇڏيو وڃي، پر ڪنهن به واقعي ۾ اهو عملَ ٽئڪس لڳائڻ جي ذريعي سان نه ٿيندو.

6. يونين ايگزيڪيوٽوَ ۽ قانون ٺاهيندڙ ادارن ۾، جيڪڏهن اهڙا ادارا آهن، ته ٻنهي صوبن جي ٻنهي گروهن وچ ۾ نمائندن جي برابري ٿيڻ گهُرجي.

7. يونين آئين ۾ ڪوبه وڏو نُقطو نه هئڻ گهُرجي، جيڪو نسلي مامري يا تعصب کي متاثر ڪري، تنهن کي گڏيل آئين ٺاهيندڙ جماعت جي منظوريءَ لاءِ اوستائين اڳتي نه آندو ويندو، جيستائين هندو صوبن جي آئين ٺاهيندڙ جماعت جي ميمبرن جي اڪثريت ۽ پاڪستاني گروهه جي آئين ٺاهيندڙ جماعت جي ميمبرن جي اڪثريت طرفان پيش ڪئي نٿي وڃي ۽ ووٽنگ نٿي ڪئي وڃي، تنهن تي سندن مفاد ۾ ڌار ڌار فيصلو ڪيو ويندو.

8. قانون ٺاهيندڙ، ايگزيڪيوٽوَ يا انتظامي ڪوبه فيصلو، يونين طرفان تڪراري نوعيت جي ڪنهن به مامري جي ڏس ۾، ٽي ڀاڱي چار جي اڪثريت کانسواءِ هٿ ۾ نه ڪنيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

9. گروهه ۽ صوبن ۾ بنيادي انساني حقن ۽ لاڳاپيل مذهب، ثقافت ۽ مختلف برادرين کي متاثر ڪندڙ بين مامرن تي آئين ٺاهي، کين يقيني بڻائي، سندن تحفظ ڪيو ويندو ۽ اُن لاءِ ضروري اُپاءَ ورتا ويندا.

10. يونين جي آئين ۾ اهو شرط شامل هوندو ته جڏهن به ڪو صوبو چاهي، ته پنهنجي آئين ٺاهيندڙ اسيمبليءَ جي اڪثريتي ووٽ وسيلي، آئين جي شرطن تي ٻيهر سوچ ويچار ڪري سگهي ٿو، ۽ ڪيس يونين مان ڪنهن به وقت، ابتدائي ڏهن ورهين ڪانپوءِ، ڌار ٿيڻ جي آزادي هوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مغربي پاڪستان ٺاهڻ جو ائڪٽ 1955ع

اِهو ائڪٽ، جنهن موجب صوبن ۽ رياستن کي ڳنڍي مغربي پاڪستان ٺاهڻ جو بندوبست ڪيل آهي ۽ ٻين مقصدن لاءِ جيڪي ان سان لاڳو هجن.

## 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(i) هن ائڪٽ کي مغربي پاڪستان جي قائم ڪرڻ جو ائڪٽ 1955 سڏي سگهجي ٿو.

(ii) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

## 2. صوبن ۽ رياستن جو مغربي پاڪستان ۾ ڳنڍجڻ

(1) گورنر جنرل، سرڪاري پڌرنامي ذريعي اعلان ڪندو ته ان تاريخ کان، جيڪا ان پڌرنامي ۾ ظاهر ڪيل آهي ۽، جنهن کي هن کان پوءِ حوالي طور "مقرر ڪيل ڏينهن" سڏيو ويندو، ته اهي علائقا جيڪي مقرر ڪيل ڏينهن تي، هيٺين جا علائقا هئا:

- پنجاب، اُتر اولهه سرحد ۽ سنڌ جي گورنرن جا صوبا،
- چيف ڪمشنر بلوچستان جو صوبو وفاق جو دارالحڪومت،
- بهاول پور، خيرپور ۽ بلوچستان جي رياستن جي يونين،
- بلوچستان، پنجاب، اُتر اولهه سرحد جا قبائلي علائقا ۽ امب، چترال، دِير، سوات (هن کان پوءِ ظاهر ڪيل علائقا سڏيا ويندا)،

سي مغربي پاڪستان جي صوبي ۾ شامل ڪيا ويندا، (ملايا ويندا).

(2) اڳ بيان ڪيل پيٽي قلم ۾ جيڪي به بيان ڪيل آهي، ان هوندي به وفاق جي دارالحڪومت جو انتظام، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ جي قلم 290 (الف) جي ٺهرائن مطابق ڪيو ويندو.

(3) هن ائڪٽ ۾ ڪابه شيءِ، بلوچستان، اُتر اولهه سرحد جي قبائلي علائقن، امب، دِير، چترال، ۽ سوات جي رياستن (جن کي هن کان پوءِ خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقا سڌيو ويندو) جي اندروني انتظام ۾ بدل سدل جو اختيار نہ ڏيندي، سواءِ هن پيٽي قلم هيٺ ۽ هيٺ ڏنل نمراءِ (حڪم) خاص ايراضين (علائقن) سان لاڳو رهندا.

(الف) مغربي پاڪستان صوبي جي انتظامي اختياري، ان جي اندر، خاص ايراضين سان لاڳو رهندي، پر وفاقي قانون ساز جو يا صوبائي قانون ساز جو ڪوبہ ائڪٽ، خاص ايراضين يا ان کي ڪنهن صوبي سان لاڳو نہ رهندو، جيستائين گورنر، گورنر جنرل جي اڳواٽ منظوريءَ سان اهڙي هدايت ڪري، ۽ ڪنهن اهڙي ڪم جي هدايت ڪرڻ وقت گورنر، اهڙو حڪم ڪري سگهي ٿو تہ انهيءَ ڪم جو ان ايراضي يا ان جي ڪنهن حصي سان لاڳو ٿيڻ لاءِ انهن حالتن ۾ بدل سدل هيٺ جيڪي هُو مناسب سمجهي، اثر انداز رهندو.

(ب) گورنر، گورنر جنرل جي منظوريءَ سان، خاص ايراضين يا ان جي ڪنهن حصي جي امن ۽ سُٺي حڪومت لاءِ ضابطا ناهي سگهندو ۽ اهڙو ڪوبہ ناهيل ضابطو، وفاقي قانون ساز يا صوبائي قانون ساز جي ڪنهن ائڪٽ يا ڪنهن پيٽي قانون کي جيڪو انهيءَ ايراضيءَ ۾ نافذ العمل آهي، رد ڪري يا ترميم ڪري سگهي ٿو.

(ٿ) گورنر جنرل، گورنر کي اهڙيون هدايتون، جيڪي هو ضروري سمجهي، خاص ايراضين جي باري ۾ ڏيئي سگهي ٿو ۽ گورنر پنهنجا ڪم هن پيٽي قلم هيٺ سرانجام ڏيڻ ۾ اهڙين هدايتن جي تعميل ڪندو. ۽

(د) گورنر جنرل، ڪنهن بہ وقت حڪم نامي ذريعي، هدايت جاري ڪري سگهي ٿو، تہ سڄي خاص ايراضي يا ان جو ڪو حصو، خاص ايراضي نہ رهندو، ۽ اهڙي حڪم ۾ اهڙا اتفاقي ۽ نتيجي طور نمراءِ (بندوبست) شامل ڪيا ويندا، جيڪي گورنر جنرل مناسب ۽ ضروري سمجهي. پر شرط آهي تہ اهڙي حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ گورنر جنرل، اهڙي طريقي موجب جيڪي هُو مناسب سمجهي، منسوب خاص ايراضي يا ايراضين جي ماڻهن کان سندن راءِ معلوم ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 3. وفاقي دارالحڪومت جا ٽئڪس، ملڪيت، ذميواريون وغيره

هن ائڪٽ جي قلم 6 ۽ 9 ۾ ڏنل ڪنهن به شيءِ جي ابتڙ هوندي به، سيني ٽئڪسن جي وصولي ۽ ٻين محصولن جي، جيڪي ڪنهن به اهڙي قانون موجب، مقرر ڪيل ڏينهن کان هڪدم اڳ وفاق جي دارالحڪومت ۾، وصول ٿينديون هيون، اُهي وفاق جي آمدني (وصولي) ۾ وصول ٿينديون رهنديون ۽ اُهي سڀ ملڪيتون ۽ اثاثہ جيڪي مقرر ڪيل ڏينهن کان هڪدم اڳ وفاقي حڪومت ۾، وفاقي جي دارالحڪومت جي ملڪيت هيون، اُهي اڳي وانگر وفاقي حڪومت ۾ ساڳين حقن، ذميوارين ۽ فرضن سان ان جي ملڪيت رهنديون.

### 4. قانونن ۾ ترميم

مقرر ڪيل ڏينهن کان ڪنهن به ائڪٽ ۾ ڪوبہ حوالو، جنهن ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935، انڊين انڊيپينڊنس ائڪٽ 1947 يا ڪو اهڙو قاعدو، ضابطو، حڪم، باءِ لا، يا ڪنهن خاص علائقي متعلق عوامي پڌرنامو شامل آهي، مغربي پاڪستان جي صوبي، يا جيئن عبارت مان ظاهر هجي، ان جي ڪنهن حصي ڏانهن، حوالو سمجهيو ويندو.

### 5. گورنر جنرل جا حڪم

(1) گورنر جنرل ڪنهن حڪم جي وسيلي، اهڙا (تهراءَ) بندوبست ڪري سگهي ٿو، جيڪي هو مناسب يا ضروري سمجهي.

(الف) مغربي پاڪستان جي صوبي جو قيام (ٺهڻ).

(ب) قانونن ڪي موافقت ۾ آڻڻ لاءِ، ڪنهن به ائڪٽ ڪي (سواءِ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935 يا انڊين انڊيپينڊنس ائڪٽ 1947) يا ڪائونسل ۾ ڪيل ڪنهن حڪم، يا ليٽرس پيٽينٽ، آرڊيننس (ضابطو) يا ڪو قاعدو، ضابطا، حڪم، باءِ لا يا سرڪاري پڌرنامو، جيڪو ڪنهن بہ مقرر ڪيل علائقي سان مقرر ڪيل ڏينهن کان اڳ لاڳو هو، رد ڪري، خارج ڪري، ڳنڍي يا ڦير گهير ڪري.

(ٿ) ڪنهن بہ شخص يا اختياري ڪي، جنهن جو حڪم نامي ۾ ذڪر آهي، مقرر ڪيل علائقي ۾ هن ائڪٽ جي تاريخ ۽ مقرر ڪيل ڏينهن جي وچ ۾، ڪنهن سرڪاري ڪم جي سرانجام ڏيڻ لاءِ اختياري ڏيڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(د) ۽ ٻين معاملن بابت جي مغربي پاڪستان جي صوبي جي قيام (وجود ۾ اچڻ) لاڳو، اتفاقي يا نتيجي طور هجن.

(2) گورنر جنرل، فقري (ب) ۽ (ث) ۽ پيٽي قلم (1) هيٺ ڪي به پنهنجا ڪم مغربي پاڪستان جي گورنر کي سونپي سگهي ٿو ۽ گورنر جي حڪم ۾ ڪوبه اهڙو واڌو، يا اتفاقي يا نتيجي طور شامل ٿي سگهي ٿو، جيڪو ان حڪم جي ٺهرائڻ ڪري ظاهر ٿئي.

پر اهو شرط آهي ته هن قلم هيٺ استعمال ٿيندڙ اختيار، مقرر ڪيل ڏينهن کان ڇهن مهينن کان وڌيڪ عرصي تائين نافذالعمل نه رهندو.

### 6. مالي ٺهراءُ

(1) اُهي سيئي ٽئڪس ۽ ٻيا محصول، جيڪي مقرر ڪيل ڏينهن کان اڳ، لاڳو (نافذالعمل) قانون مطابق ڪنهن به گورنر جي صوبي، مقرر ڪيل علائقن، بهاولپور يا خيرپور يا بلوچستان جي اسٽيٽ يونين، جي آمدني (اُپت) يا سرڪاري فنڊ ۾ وصول (جمع) ڪيا ويندا هئا، اُهي جهڙي به حالت ۾ هجن (هاڻي) مغربي پاڪستان جي صوبي جي آمدني يا سرڪاري فنڊ ۾ جمع ڪيا ويندا.

(2) اُهي سيئي ٽئڪس ۽ ٻيا محصول جيڪي مقرر ڪيل ڏينهن کان اڳ، لاڳو (هلندڙ) قانونن مطابق وفاق جي آمدني (اُپت) يا سرڪاري فنڊ ۾ ڪنهن مقرر ڪيل علائقن طرفان جمع ڪا ويندا هئا، پر جيڪڏهن مقرر ڪيل علائقا، ڪنهن گورنر جي صوبي ۾ هئا، ۽ اُهي ان صوبي جي آمدني ۽ سرڪاري فنڊ ۾ جمع ڪيا ويندا هئا، اُهي (هاڻي) مغربي پاڪستان جي صوبي جي آمدني يا سرڪاري فنڊ ۾ جمع ڪيا ويندا.

(3) وفاق جي آمدني (اُپت) مان، مغربي پاڪستان صوبي جي آمدني ۾ هي جمع ڪيا ويندا-

(الف) مقرر ڪيل ڏينهن کان پوءِ، هر هڪ مالي سال لاءِ، گورنر جنرل جي تخميني موجب ڪا رقم، جيڪا حوالي طور هن قلم جي پيٽي قلم (2) ۾ ڏنل آهي، وفاق جي مقرر ڪيل علائقن، جن سان هي پيٽي قلم لاڳو آهي، انهن ڪمن (ڪارروايُن) متعلق جيڪي مغربي پاڪستان جي صوبي ڏانهن بدلي ڪيا ويا آهن، مقرر ڪيل ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان اڳ، گڏريل سڄي مالي سال، ٽئڪسن ۽ ٻين محصولن مان ملندڙ آمدني ۽ وفاق طرفان ڪيل خرچ، جي وچ ۾ رهيل تفاوت (پاڇي) مغربي پاڪستان صوبي ڏانهن بدلي ڪيو ويندو، (ان جي حساب ۾ جمع ڪيو ويندو).

(ب) انهيءَ مالي سال لاءِ، جنهن ۾ مقرر ڪيل ڏينهن شامل آهي، جيڪو هن پيٽي قلم جي پئراگراف (الف) ۾ ڏيڻ جوڳو آهي، اهڙو مناسب حصو، جيڪو گورنر جنرل انصاف رو صحيح سمجهي.

(4) جيستائين مغربي پاڪستان جي قانون ساز اسيمبلي، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935، جي قلم 78 کان 81 هيٺ انهن کي مليل اختيار استعمال ڪري (تيستائين) مغربي پاڪستان جي گورنر کي اختيار رهندو ته اُهو پنهنجي صحيح سان اهڙو شيڊول (ضميمو) تصديق ڪندو، جنهن ۾ هي وچور ڏنو ويندو.

(الف) اهڙيون رقمون، جيڪي خرچ جي پورائي لاءِ، صوبي جي اُپت تي ذميواري آهي.

(ب) اهڙيون رقمون، جيڪي ٻئي خرچ جي پورائي لاءِ، صوبي جي اُپت مان رٿيل هجن. ۽ اهڙو ڪوبہ شيڊول انهن رقمن جي خرچ لاءِ، مناسب اختياري رهندي، جيڪي ان ۾ شامل آهن ۽ اُهو مقرر ڪيل ڏينهن کان ڇهن مهينن جي مُدت (مُدي) کان وڌيڪ جائز نہ رهندو، (نافذ العمل نہ رهندو).

## 7. هاءِ ڪورٽون

(1) ڪنهن بہ قانون موجب، جنهن ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935 شامل آهي، انهن ۾ ڏنل ڪنهن بہ شيءِ (قانون) جي ابتڙ هوندي، گورنر جنرل حڪم ذريعي مغربي پاڪستان صوبي لاءِ هڪ هاءِ ڪورٽ قائم ڪري سگهي ٿو، جيڪا لاهور هاءِ ڪورٽ، سنڌ جي چيف ڪورٽ ۽ جُڊيشنل ڪمشنر اتر اولهہ سرحد ۽ بلوچستان جي ڪورٽ ۽ ٻيون ڪورٽون، جيڪي نروار ڪيل (مقرر ڪيل) ايراضين ۾ هاءِ ڪورٽ وانگر ڪم ڪري رهيون آهن، انهن ڪورٽن جي بدران ڪم ڪندي، ۽ اهڙي طرح قائم ڪيل هاءِ ڪورٽ ۽ ان جا جج، سڄي مغربي پاڪستان تي دائره اختيار استعمال ڪندا (سواءِ خاص ايراضين) ۽ جنهن ڏينهن تي، هن پيٽي قلم هيٺ حڪم جي عمل ۾ اچڻ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ، لاهور جي هاءِ ڪورٽ ۽ ان جي ججن طرفان، استعمال ٿيندڙ اختياري يا دائره اختيار (هاڻي) مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ ۽ ان جي ججن طرفان، سڄي مغربي پاڪستان صوبي (سواءِ خاص ايراضين جي) تي استعمال ڪيا ويندا ۽ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935 جو قلم 223، جو عمل انهيءَ ريت سمجهيو ويندو.

(2) پيٽي قلم (1) هيٺ قائم ڪيل مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي تاريخ کان گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جو قلم 219 خارج ڪيو ويندو ۽ ان جي جاءِ تي هيٺ ڏنل ڳنڍيو ويندو- ان ڪري:

"219"- پاڪستان جي لاڳاپي خاطر، هن ائڪٽ جي مقصدن لاءِ، هي ڪورٽون، هاءِ ڪورٽون سمجهيون وينديون. اوڀر بنگال جي هاءِ ڪورٽ ۽ مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ.

(3) پيٽي قلم (1) هيٺ، مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي قائم ٿيڻ جي تاريخ کان اڳ هاءِ ڪورٽ لاهور، اتر اولهه سرحد صوبي (۽ بلوچستان جي) جُڊيشنل ڪمشنر جي ڪورٽ، سنڌ جي چيف ڪورٽ جا جج، مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ جا جج ٿيندا ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس، مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿيندو.

پر (شرط آهي) تہ:

(الف) ڪو شخص، جيڪو هن پيٽي قلم هيٺ، مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيندو، ان جي ملازمت جا شرط شروط، جنهن ۾ موڪل، ۽ پيشي بابت شرط شروط شامل آهن، اُهي اهڙا ئي منافع بخش (فائديمند) رهندا، جن جو هُو، جنهن هاءِ ڪورٽ مان هن پيٽي قلم هيٺ بدلي تي آيل آهي، حقدار هو، ۽ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ جو قلم 221 جو عمل انهيءَ ريت سمجهيو ويندو.

(ب) ڪو شخص، جيڪو انهيءَ حڪم جي تاريخ کان هڪدم اڳ، عارضي يا واڌو جج جي حيثيت ۾ نوڪري ڪري رهيو هو، تہ جيئن حالتون هجن، انهيءَ تاريخ تي، هُو مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ جو عارضي يا واڌو جج ٿيندو ۽ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جي قلم 222 جو عمل انهيءَ ريت سمجهيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) هن قلم جي پيٽي قلم (1) هيٺ ڪيل حڪم هيٺ، گورنر جنرل (جيئن هُو مناسب ۽ ضروري سمجهي، اهڙا نهراءِ پاس ڪندو (بندوبست ڪندو)، جنهن ۾ مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ جي جاين جو تعين ڪندو، جتي هاءِ ڪورٽ يا ڪن ججن يا انهن جون ڊويزنون ويهي سگهن (ڪم ڪار ڪري سگهن).

(5) اهڙيون سڀ رهيل ڪارروايون، جيڪي مقرر ڪيل ڏينهن کان هڪدم اڳ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾، سنڌ چيف ڪورٽ، اُتر اولهه سرحد ۽ بلوچستان جي جُڊيشنل ڪمشنر جي ڪورٽ ۾ ۽ ڪنهن اهڙي ئي ڪورٽ ۾، جيڪا ڪنهن نروار ڪيل علائقي لاءِ هاءِ ڪورٽ جيان ڪم ڪندي هئي، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ٿيل سمجهي وينديون، ۽ اهڙيءَ ريت هلائي وينديون ڄڻڪ اها ڪارروائي مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ ۾ قائم ڪيل (داخل ڪيل) هئي ۽ اهڙو ڪو به حڪم، جيڪو ڪنهن به بدلايل هاءِ ڪورٽ طرفان ذڪر ڪيل اهڙي ڪارروائيءَ ۾ سيني مقصدن لاءِ، اهڙي طرح اثر انداز رهندو، ڄڻڪ اهو حڪم مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ ڪيو آهي.

(6) گورنر جنرل جو هن قلم هيٺ حڪم ڪرڻ جي اختيار ۾، اهڙو اختيار شامل هوندو، جنهن ۾ هيٺيون بندوبست ڪيو وڃي:

(الف) مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪم جو اُڪلاءُ، جنهن ۾ اهي ڪارروايون، جيڪي هاءِ ڪورٽ ۾ بدلايل هاءِ ڪورٽن مان ان ڏانهن بدلي ڪيون ويون آهن.

(ب) مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ ڏانهن، بدلايل هاءِ ڪورٽن جي آفيسرن ۽ نوڪرين جون بدليون.

(ٿ) اُهي سڀ معاملا جيڪي نتيجي طور ۽ اتفاق طور (انهن سان) لاڳو هجن.

۽ هُو انهن مان ڪي به اهڙا اختيار جيڪي ڪيس ڏنا ويا آهن، هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي سونپي سگهي ٿو.

## 8. سرڪاري نوڪريون ۽ پبلڪ سروس ڪميشن

(1) مغربي پاڪستان جو گورنر حڪم موجب مغربي پاڪستان جي صوبي لاءِ هڪ سروس ڪميشن قائم ڪندو، جيڪا پنجاب ۽ اُتر اولهه سرحد صوبي جي گڏيل پبلڪ سروس ڪميشن، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ ٻي ڪا به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي پبلڪ سروس ڪميشن، جيڪا ڪنهن مقرر ڪيل علائقي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، جي بدران ڪم ڪندي.

(2) مغربي پاڪستان لاءِ هن قلم جي پيٽي قلم (1) هيٺ قائم ڪيل پبلڪ سروس ڪميشن ۾ پنجاب ۽ اُتر اولهه سرحد صوبي جي گڏيل پبلڪ سروس ڪميشن ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا چيئرمين ۽ ميمبر، مغربي پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر ٿي ويندا.

پر شرط آهي ته:

(الف) هن پيٽي قلم هيٺ بدلي ٿيل ڪنهن به شخص جي نوڪريءَ جو مُدو هن پيٽي قلم هيٺ نه وڌايو ويندو.

(ب) ڪوبه شخص، جيڪو هن پيٽي قلم هيٺ بدلي ڪيو ويو آهي، ان جي نوڪريءَ جا شرط ۽ شروط، انهن شرطن شروطن کان گهٽ فائديمند نه هوندا، جن موجب هُو مقرر ڪيل ڏينهن کان اڳ نوڪري ۾ رکيل هو.

(3) اُهي سڀ شخص جيڪي ڪرائون (بادشاهه) جي سروس (نوڪري) ۾ نروار (مقرر) ڪيل علائقن جي معاملن جي باري ۾ ۽ اهي سڀ ماڻهو جيڪي بهاولپور رياست يا خيرپور رياست، يا بلوچستان اسٽيٽ يونين جي حڪومتن ۾ سرڪاري سول نوڪرين ۾ هئا، مقرر ڪيل ڏينهن کان پوءِ، ڪرائون (بادشاهه) جي هيٺ، مغربي پاڪستان جي صوبي جي معاملن بابت، اهڙن شرطن شروطن تي سرڪاري نوڪريءَ ۾ سمجهيا ويندا، جهڙيءَ طرح مغربي پاڪستان جو گورنر مقرر ڪري.

پر شرط آهي ته:

(الف) پر اهي شرط ۽ شروط، انهن شرطن شروطن کان گهٽ فائديمند نه هوندا، جيڪي انهن کي 10 آگسٽ 1955 کان هڪدم اڳ ڏنل هئا.

(ب) ڪنهن به شخص کي جيڪو نروار ڪيل (مقرر ڪيل) علائقن ۾، جن شرطن تي مقرر ڪيل هو، انهن شرطن جي هوندي به، ان کي ڪنهن به عهدي يا ڪنهن به حيثيت ۾، مغربي پاڪستان جي ڪنهن به حصي ۾ نوڪري لاءِ موڪلي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 9. ملڪيت ۽ ذميوارين جي بدلي (يا بدل سدل)

(1) اُهي سڀ ملڪيتون ۽ اثاثا، جيڪي مقرر ڪيل ڏينهن کان اڳ، هرمنجسٽي (راڻي) جي ڪنهن به گورنر جي صوبي جي حڪومت ۾ جيڪا مقرر ڪيل علائقن ۾ يا ڪنهن رياست جي حاڪم ۾ انهيءَ رياست جي حڪومت جي مقصدن لاءِ، ملڪيت هئي، اُهي (هاڻي) مغربي پاڪستان جي حڪومت جي مقصدن لاءِ هر مئجسٽي (راڻي) جي ملڪيت ٿيندي ۽ اهڙي ڪنهن صوبي يا رياست جا حق، ذميوارين ۽ فرض (هن کان پوءِ) مغربي پاڪستان صوبي جا حق، ذميواريون ۽ فرض رهندا.

(2) گورنر جنرل حڪم ذريعي اعلان ڪري سگهي ٿو ته ڪابه ملڪيت يا اثاثا، جيڪي مقرر ڪيل ڏينهن کان هڪدم اڳ، ڪنهن به مقرر ڪيل علائقي جي حڪومت جي مقصدن لاءِ هر مئجسٽي (راڻي) جي ملڪيت هئا، (هاڻي) مغربي پاڪستان جي حڪومت جي مقصدن لاءِ هر مئجسٽي (راڻي) جي ملڪيت رهندا، ۽ اهڙي ڪنهن علائقي جا ڪي به حق، ذميواريون ۽ فرض، (هاڻي) مغربي پاڪستان جي صوبي جا حق، ذميواريون ۽ فرض رهندا.

(3) هن قلم جي پيئي قلم جا ٺهراءُ اهڙي ڪنهن ملڪيت يا اثاثن سان لاڳو نه رهندا، جيڪي گورنر جنرل طرفان ڪنهن رياست جي حاڪم جي خانگي ملڪيت مڃيا ويا آهن.

## 10. قانونن جو جاري رهڻ

(1) هن ائڪٽ ۾ ٻي طرح ٺهراءُ ۽ قلم هيٺ گورنر جنرل جي ڪنهن حڪم ۽ ڪنهن قابل قانون ساز جي اختياري هيٺ، تاهيل قانون يا قاعدن کان سواءِ، جيڪي به قانون مقرر ڪيل ڏينهن کان هڪدم اڳ مغربي پاڪستان ۾ نافذ العمل (هلندڙ) هئا، اهڙين ايراضين ۽ ماڻهن سان لاڳو رهندا، جن سان اُهي لاڳو هجن ها، جيڪڏهن هي ائڪٽ پاس نه ڪيو وڃي ها.

(2) هن قلم جي مقصدن لاءِ "قانون" ۾ اهڙو ڪوبه يونائيٽيڊ ڪنگڊم (برطانيا) جي پارليامينٽ طرفان پاس ڪيل ڪو ائڪٽ، هندستان يا پاڪستان ۾ قابل قانون ساز جو پاس ڪيل (منظور ڪيل) ڪو قانون ۽ ڪائونسل جو ڪوبه حڪم، ليٽرس پيٽنٽ، آرڊيننس، حڪم، ضابطو، قاعدو، باءِ لا، يا ڪنهن قابل اختياري طرفان ڪيل يا جاري ڪيل سرڪاري پڌرنامو شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) گورنمينٽ آف انڊيا جي ائڪٽ 1935ع جي ڌارائن ڪي هن ائڪٽ جي ڌارائن سان موافقت ۾ آڻڻ لاءِ، مقرر ڪيل ڏينهن کان وٺي، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ جي ڌارائن ڪي هن ائڪٽ جي پهرئين شيڊول (ضميمي) موجب ترميم آندي ويجي.

## 11. مغربي پاڪستان لاءِ عارضي قانون ساز

(1) گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع ۾ جيڪي (مذڪور) هجي، ان هوندي به جيستائين مغربي پاڪستان لاءِ صوبائي قانون ساز انهيءَ ائڪٽ موجب قائم ٿئي (ناهي ويجي)، مغربي پاڪستان لاءِ هڪ عارضي قانون ساز رهندي، جنهن ۾ گورنر مغربي پاڪستان ۽ هڪ قانون ساز، جنهن ۾ ٽي سؤ ڏهه ميمبر هوندا، جيئن هن ائڪٽ جي ٽئين شيڊول ۾ ڄاڻايل آهي، (ڏنل آهي).

پر شرط آهي ته: عارضي قانون ساز، جيستائين گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جي ڌارائن، قانون ساز اسيمبلي طرفان ڄاڻايل نئين دستور ڪي عمل ۾ آڻڻ جي مقصدن لاءِ، اڳواٽ برخواست (ختم) نه ڪئي ويجي، هن ائڪٽ جي شروع ٿيڻ واري ڏينهن کان ارڙهن مهينن جي مُدي ختم ٿيڻ تي، برخواست ٿيل (ختم) سمجهي ويندي.

(2) ڪوبه ماڻهو هن قلم هيٺ ڄاڻايل قانون ساز اسيمبلي جي اليڪشن لاءِ قابل هوندو، جيڪڏهن هو:

(الف) پاڪستان جو شهري آهي.

(ب) 25 سالن جي عمر کان گهٽ جو نه آهي.

(ٿ) مغربي پاڪستان جو رهندڙ آهي.

(د) گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جي قلم 69 موجب صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي اچڻ لاءِ نااهل قرار نه ڏنو ويو آهي.

(3) عام چونڊن ۾ هرهڪ چونڊ جي مقصدن لاءِ، مغربي پاڪستان جو گورنر هڪ رٽرننگ آفيسر مقرر ڪندو ۽ هُو هن ائڪٽ جي ڌارائن مطابق چونڊون ڪرائيندو.

پر شرط آهي ته: پهرين عارضي صوبائي قانون ساز لاءِ، پهرين جنرل (عام) چونڊن جي مقصدن لاءِ، رٽرننگ آفيسر جي مقرري گورنر جنرل ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) هن قلم هيٺ ٺهندڙ چونڊ جي لاءِ ڏينهن (تاريخ) ۽ جاءِ جو تقرر مغربي پاڪستان جو گورنر جنرل ڪندو.

پر شرط آهي ته: پهرين عارضي صوبائي قانون ساز لاءِ، پهرين عام چونڊ جي مقصدن لاءِ، چونڊ لاءِ تاريخ ۽ جاءِ جو تقرر گورنر جنرل ڪندو.

(5) عارضي صوبائي قانون ساز، قانون موجب اتفاقي خالي جاين پرڻ لاءِ بندوبست ڪندي (ٺهراءِ مرتب ڪندي).

(6) گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جا ٺهراءَ، هن ائڪٽ هيٺ قائم ڪيل عارضي صوبائي قانون ساز سان اهڙيءَ طرح لاڳو رهندا، جهڙي طرح اُهي گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جي قلم 60 هيٺ، صوبائي قانون ساز سان لاڳو آهن.

پر شرط آهي ته:

(الف) قانون ساز اسيمبليءَ جو ڍانچو اهڙو هوندو، جهڙو هن قلم هيٺ ظاهر ڪيل آهي.

(ب) هن ائڪٽ جو پنجون ۽ ڇهون شيڊول لاڳو نه رهندو.

(7) مقرر ڪيل ڏينهن تي صوبي پنجاب، اتر اولهه سرحد صوبي، سنڌ جي صوبي جون قانون ساز اسيمبليون ۽ خيرپور ۽ بهاولپور رياستن جون قانون ساز اسيمبليون ختم ٿي وينديون ۽ اهڙا شخص جيڪي اهڙين اسيمبلين جا وزير، پارليامينٽري سيڪريٽري، پرائيويٽ پارليامينٽري سيڪريٽري يا اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر هئا، انهن جو عهدو ختم ٿي ويندو.

پر شرط آهي ته: عارضي صوبائي قانون ساز جو پهريون اجلاس چونڊن جي ختم ٿيڻ کان ڇئن مهينن جي اندر ڪرايو ويندو، (يا ٿيندو).

## 12. مغربي پاڪستان جي عارضي قانون ساز جي اليڪشن بابت تڪرار

(1) جيڪڏهن ڪو اهڙو شڪ يا تڪرار پيدا ٿئي ته ڪو ماڻهو هن ائڪٽ جي قلم 11 هيٺ قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ، جائز طور چونڊجي آيو آهي يا نه، ته اهو هڪ درخواست ذريعي، گورنر مغربي پاڪستان جي آڏو اُٿاريندو ۽ جيڪڏهن:

(الف) گورنر کي اها درخواست چونڊ جي نتيجي کان ٽيهن ڏينهن اندر پهتي، جيڪا سرڪاري گزيٽ ۾ ڇپجي پڌري ٿي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) درخواست ڏيڻ وقت يا ان کان اڳي، جيڪا گورنر کي پهتي آهي، درخواست ڪندڙ (عرضدار) سغربي پاڪستان جي ڪنهن خزاني ۾ ضمانت طور، پيچا ڳاڇا لاءِ هڪ هزار روپيه، خرچ طور جمع ڪرايو آهي.

ته پوءِ گورنر هن قلم جي پيٽي قلم (2) هيٺ هڪ ٽريبونل مقرر ڪندو، جنهن کي هن کان پوءِ حوالي طور ٽريبونل سڏيو ويندو.

(2) ٽريبونل ۾ هڪ چيئرمين، جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج آهي يا رهيو هجي ۽ ٻه ٻيا شخص جيڪي پاڪستان ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج آهن يا رهيا هجن، شامل هوندا ۽ اها گورنر کي درخواست ملڻ کان ڇهن مهينن جي اندر کڙي ڪئي ويندي (مقرر ڪئي ويندي).

(3) ٽريبونل کي اُهي سڀ اختيار هوندا، جيڪي هاءِ ڪورٽ کي انهيءَ سوال جي پيچا ڳاڇا لاءِ ضروري هجن ۽ ان ۾ شاهدن کي حاضر ڪرڻ ۽ دستاويز پيش ڪرڻ جا اختيار شامل آهن ۽ اها پنهنجي ڪارروائي بابت پاڻ فيصلو ڪندي.

(4) اهڙن شڪن ۽ تڪرارن جي پيچا ڳاڇا ۽ فيصلي جي مقصدن لاءِ، گورنمينٽ آف انڊيا (صوبائي چونڊن)، ناجائز طريقن ۽ اليڪشن پٽيشن آرڊر 1936ع ۽ پنجاب قانون ساز اسيمبلي اليڪٽورل قاعدن 1950ع جي حصي 4 جا نمبراءِ ڪنهن چونڊ جي باري ۾ اهڙن شڪن ۽ تڪرارن متعلق ناجائز طريقن ۽ اليڪشن جي جائز هجڻ سان عبارت ۾ اهڙي قيرقار سان، جيڪا گهربل هجي، لاڳو رهندا.

(5) ڪنهن به سوال تي، جيڪو ٽريبونل کي موڪليو ويو آهي، ٽريبونل گورنر کي رپورٽ ڪندو ۽ گورنر نتيجي ۾ اهڙو حڪم ڪندو، جيڪي هو رپورٽ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ضروري سمجهي ۽ اهڙو حڪم آخري هوندو ۽ ان تي ڪنهن به ڪورٽ ۾ ڪو سوال نه اٿاريو ويندو.

(6) قلم 11 هيٺ ڪرايل ڪنهن به اليڪشن يا چونڊ جي جائز هجڻ بابت ڪنهن به ڪورٽ ۾ ڪوبه سوال نه اٿاريو ويندو.

## 13. قانون ساز اسيمبلي ۾ اتفاقي خالي جايون ڀرڻ

قانون ساز اسيمبلي (ڪاروائي ۽ رعايتون) ائڪٽ 1955ع جي بدران، مقرر ڪيل ڏينهن کان وٺي هيٺيان نمبراءِ وڌا ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) جڏهن ڪنهن اسيمبلي جي ميمبر جي سيٽ خالي ٿئي، ته اسيمبلي جو اسپيڪر جاءِ خالي ٿيڻ کان ستن ڏينهن اندر سرڪاري گزيٽ ۾ اهڙو نوٽيس ڏيندو ۽ مناسب طور جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد، ان کان پوءِ مشرقي بنگال جو گورنر ۽ مغربي پاڪستان جو گورنر، جيئن هجي تيئن، خالي جاءِ پرڻ لاءِ اهڙا قدم کڻندو ۽ رٽرننگ آفيسر مقرر ڪندو، جيڪو هن ائڪٽ جي شيڊول موجب، اليڪشن ڪرائيندو.“

(2) اتفاقي خالي جاءِ کي پرڻ جي مقصدن لاءِ جنهن سان قانون ساز اسيمبلي جي ڪارروائي ۽ رعايتن جي ائڪٽ 1955 جي قلم 8 جي پيٽي قلم (2) لاڳو آهي، هن ائڪٽ جي شيڊول ۾ هيٺيون ترميمون ڪيون ويندين. يعني ته:

(الف) قاعدي 2 ۾ لفظن ”اوڀر بنگال، پنجاب، اتر اولهه سرحد ۽ سنڌ“ کي خارج ڪيو ويندو.

(ب) قاعدو 3 خارج ڪيو ويندو.

(ٿ) قاعدي 4 ۾ لفظ ”يا قاعدو 3“ خارج ڪيو ويندو.

(د) قاعدي 10 ۾ لفظ ”يا چيف ڪمشنر، جيئن به اهو هجي“ خارج ڪيو ويندو.

## 14. پنجاب جي چاليهه في صد نمائندگي

هن ائڪٽ جي عمل ۾ اچڻ کان ڏهن سالن جي عرصي لاءِ، انهيءَ علائقي کي، جيڪو هن ائڪٽ جي شروع ٿيڻ کان اڳ، پنجاب جو صوبو تهيل هو، مغربي پاڪستان جي قانون ساز لاءِ، ان جي نمائندگي خاطر، چونڊجي آيل شخصن جو تعداد ان جي ڪُل ميمبرن جي تعداد جو چاليهه سيڪڙو کان مٿي نه هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانون ساز صوبائي اسيمبلين جي سيٽن (جاين) جي نقشي لاءِ، هينيون ڳنڍيو ويندو، يعني تہ:

## سيٽن جي جدول

## صوبائي قانون ساز اسيمبليون

| صوبو | ٽوٽل سيٽون | عام سيٽون | گهٽ ذات جون سيٽون | مسلم سيٽون | پاڪستان ڪرستانن جون سيٽون | ٻُڌ (مذهب) سيٽون | عورتن جون سيٽون | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | عام | مسلم | گهٽ ذات |
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| اوڀر بنگال | 309 | 30 | 36 | 228 | 1 | 2 | 1 | 9 | 2 |
| مغربي پاڪستان | 310 | 10 | - | 290 | - | - | - | 10 | - |



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## پيو شيڊول (ضميمو)

(ڏسو قلم -11)

(1) پنجاب، سنڌ، اُتر اولهه سرحد صوبي مان صوبائي قانون ساز اسيمبلي لاءِ، جيڪي ضلعن ۾ شامل هيٺين تڪن مان، چونڊجي آيل شخص هيٺ ڏنل ميمبرن جو تعداد، جيئن هنن جي سامهون ڏنل آهي، چونڊيندا.

| ضلعو | چونڊجڻ لاءِ ميمبرن جو تعداد |
|---|---|
| گجرانواله | ست |
| لاهور | ٻارهن |
| شيخوپورا | ڇهه |
| سيال ڪوٽ | ڏهه |
| ديره غازي خان | چار |
| جهنگ | ڇهه |
| لائلپور | چوڏهن |
| مونٽگمري | ٻارهن |
| ملتان | چوڏهن |
| مظفر ڳڙهه | پنج |
| ڪيمبل پور | پنج |
| گجرات | ست |
| جهلم | چار |
| ميانوالي | چار |
| راولپنڊي | ڇهه |
| شاهپور | اٺ |

پر شرط آهي تہ لاهور ضلعي مان چونڊجي آيل ٻارهن ميمبرن مان هڪ عورت هوندي ۽ هڪ غير مسلم هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) سيالڪوٽ ضلعي مان چونڊجي آيل ڏهن ميمبرن مان هڪ غير مسلم هوندو.
(3) لائلپور ضلعي مان چونڊجي آيل چوڏهن ميمبرن مان هڪ عورت هوندي ۽ هڪ غير مسلم هوندو.
(4) ملتان ضلع مان چونڊجي آيل چوڏهن ميمبرن مان هڪ عورت هوندي.
(5) راولپنڊي ضلعي مان چونڊجي آيل ڇهن ميمبرن مان هڪ عورت هوندي.
پر وڌيڪ شرط آهي ته:

(1) پنجاب قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ، عام تڪ مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏ ووٽ ڪندا، جيڪي سيالڪوٽ ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي اچن.

(2) پنجاب قانون ساز اسيمبلي لاءِ، يونيورسٽي تڪ مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏ ووٽ ڪندا، جيڪي لاهور ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي اچن.

(3) پنجاب قانون ساز اسيمبلي لاءِ، پاڪستانِ ڪرستانن ۽ ائنگلو پاڪستانين جي تڪ نمبر 1 مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا، جيڪي لاهور ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي اچن.

(4) پنجاب قانون ساز اسيمبلي لاءِ، پاڪستان ڪرستانن ۽ ائنگلو پاڪستانين جي تڪ نمبر 2 مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي لاهور ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي اچن.

(5) پنجاب قانون ساز اسيمبلي لاءِ پاڪستاني ڪرستانن ۽ ائنگلو پاڪستانين جي تڪ نمبر 3 مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي سيالڪوٽ ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي اچن.

(6) پنجاب قانون ساز اسيمبلي لاءِ، پاڪستاني ڪرستانن ۽ ائنگلو پاڪستانين جي تڪ نمبر 4 مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي لائلپور ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي اچن.

(7) پنجاب قانون ساز اسيمبلي لاءِ، لاهور کان ٻاهر، مسلمان عورتن جي تڪ (رِزروَ سيٽ) مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي لائلپور ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي اچن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ب = سنڌ

| ضلعو | چونڊجڻ لاءِ ميمبرن جو تعداد |
|---|---|
| دادو | پنج |
| حيدرآباد | يارهن |
| لاڙڪاڻو | ڇهه |
| نوابشاهه | ڇهه |
| سکر | نو |
| ٿرپارڪر | اٺ |
| ٺٽو | چار |
| اتر سنڌ سرحد | چار |
| سانگهڙ | چار |

پر شرط آهي تہ:

(1) حيدرآباد ضلعي مان چونڊجي آيل يارهن ميمبرن مان هڪ عورت هوندي ۽ هڪ غير مسلم هوندو.

(2) سکر ضلعي مان چونڊجي آيل نون ميمبرن مان هڪ عورت هوندي ۽ هڪ غير مسلم هوندو.

(3) ٿرپارڪر ضلعي مان چونڊجي آيل اٺن ميمبرن مان ٽي غير مسلم هوندا ۽ هڪ گهٽ ذات جو هوندو.

(4) سانگهڙ ضلعي مان چونڊجي آيل چئن ميمبرن مان هڪ غير مسلم هوندو.

پر وڌيڪ شرط آهي تہ:

(1) سنڌ قانون ساز اسيمبلي لاءِ، اتر سنڌ تڪ مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندو جيڪي سکر ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي ايندا.

(2) سنڌ قانون ساز اسيمبلي لاءِ، ٿرپارڪر اُتر تڪ مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي ضلعي ٿرپارڪر ۾ شامل تڪن مان چونڊجي ايندا.

(3) سنڌ قانون ساز اسيمبلي لاءِ، حيدرآباد ڏکڻ تڪ ۽ ٺٽي تڪ مان چونڊجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي ضلعي حيدرآباد ۾ شامل تڪن مان چونڊجي ايندا.

(4) سنڌ قانون ساز اسيمبلي لاءِ، سنڌ وچولي (مرڪزي) تڪ مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي ضلعي سانگهڙ ۾ شامل تڪن مان چونڊجي ايندا.

(5) سنڌ قانون ساز اسيمبلي لاءِ، اتر سنڌ مسلم عورتن جي تڪ مان چونڊجي آيل عورت، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندي جيڪي ضلعي سکر ۾ شامل تڪن مان چونڊجي ايندا.

(6) سنڌ قانون ساز اسيمبلي لاءِ، مسلم عورتن جي وچولي (مرڪزي) تڪ مان چونڊجي آيل عورت، ضلعو ٿرپارڪر ۾ شامل تڪن مان چونڊجي آيل شخصن سان گڏ ووٽ ڪندي.

## ث= اُتر اولهه سرحد صوبو

| ضلعو | چونڊجڻ لاءِ ميمبرن جو تعداد |
|---|---|
| هزاره | ڏهه |
| مردان | اٺ |
| پشاور | ٻارهن |
| ڪوهاٽ | چار |
| بنون | چار |
| ديره اسماعيل خان | چار |

پر شرط آهي ته:

(1) مردان ضلعي مان چونڊجي آيل ميمبرن مان هڪ عورت هوندي.

(2) پشاور ضلعي مان چونڊجي آيل ميمبرن مان هڪ عورت هوندي.

پر وڌيڪ شرط آهي ته:

(1) اُتر اولهه سرحد صوبي جي قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ عام غير مسلم تڪ مان چونڊجي آيل شخص انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندو جيڪي پشاور ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي ايندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) اُتر اولهه سرحد صوبي جي قانون ساز اسيمبلي لاءِ مسلم عورتن جي تڪ مان چونڊجي آيل عورت انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندي جيڪي مردان ضلعي ۾ شامل تڪن مان چونڊجي ايندا.

## 2. بهاولپور رياست جي باري ۾

اُهي شخص جيڪي رياست جي قانون ساز اسيمبلي لاءِ، انهن تڪن مان جيڪي هيٺ بيان ڪيل ضلعن ۾ شامل آهن، اُهي انهن ميمبرن کي ميمبر چونڊيندا، جيڪي انهن جي سامهون ڏنل آهن.

| ضلعو | چونڊجڻ لاءِ ميمبرن جو تعداد |
|---|---|
| بهاولپور | نو |
| بهاول نگر | ست |
| رحيم يار خان | ست |

پر شرط آهي تہ:

رياست جي قانون ساز اسيمبلي لاءِ هيٺين تڪن مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا، جيڪي ضلعي بهاولپور جي تڪن مان چونڊجي اچن:

(1) بهاولپور اوڀر تڪ نمبر 43

(2) بهاولپور اولهه تڪ نمبر 44

(3) احمد پور اوڀر تڪ نمبر 45

(4) چولستان تڪ نمبر 47

(5) عام تڪ (اقليتون) تڪ نمبر 49

(2) رياست جي قانون ساز اسيمبلي لاءِ ميران شريف تڪ نمبر 15 مان چونڊجي آيل شخص انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا جيڪي بهاول نگر ضلعي جي تڪ مان چونڊجي اچن.

(3) رياست جي قانون ساز اسيمبلي لاءِ الهه آباد تڪ نمبر 26 مان چونڊجي آيل شخص، انهن شخصن سان گڏجي ووٽ ڪندا، جيڪي رحيم يار خان ضلعي جي تڪن مان چونڊجي اچن.

پر وڌيڪ شرط آهي تہ بهاول پور ضلعي مان چونڊجي آيل ميمبرن مان هڪ عورت هوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. خيرپور رياست جي قانون ساز اسيمبلي لاءِ چونڊجي آيل ميمبر، چار ميمبر چونڊيندا.

4. اتر اولهه سرحد جي هيٺين قبائلي ايراضين جي هر هڪ "وڏن جي ڪائونسل" (جرڳي) جا ميمبر هيٺين ريت، سندن سامهون ڏيکاريل ميمبرن جو تعداد چونڊيندا.

| | |
|---|---|
| (الف) خيبر ايجنسي | ٽي |
| (ب) ڪُرم ايجنسي | ٻه |
| (ث) مالاڪنڊ تحفظاتي ايراضي | هڪ |
| (د) مالاڪنڊ جا ٻيا حصا | ٻه |
| (ع) ڏکڻ وزيرستان ايجنسي ۽ ديره اسماعيل خان قبائلي ايراضيون | ٻه |
| (ف) اتر وزيرستان ايجنسي ۽ بنون قبائلي ايراضيون | ٻه |
| (ج) مهمند | ٻه |
| (ح) هزاره ۽ مردان ضلعي سان لاڳو قبائلي ايراضيون | ڇهه |
| (خ) ڪوهاٽ ضلعي سان ملحق قبائلي ايراضيون | ٻه |

5. بلوچستان جي هيٺين قبائلي ايراضين جي هر هڪ "وڏن جي ڪائونسل" (جرڳي) جا ميمبر هن ريت، سندن سامهون ڏيکاريل ميمبرن جو تعداد چونڊيندا.

| | |
|---|---|
| (1) (الف) چاغي | هڪ |
| (ب) لورالائي | هڪ |
| (ت) ڪوئيٽا- پشين (ڪوئيٽا جي ميونسپل ۽ ڪنٽومينٽ ايراضين کان سواءِ) | ٻه |
| (د) سبي | ٻه |
| (ع) زوب | هڪ |

(2) ڪوئيٽا جي ميونسپل ڪميٽي ۽ ڪنٽومينٽ بورڊ جا غير سرڪاري ميمبر، هڪ ميمبر چونڊيندا.

6. هيٺين جي وڏن جي ڪائونسل (جرڳي) جا هر هڪ جا ميمبر، ميمبرن جو سندن سامهون ڏيکاريل تعداد چونڊيندا.

| | |
|---|---|
| (1) چترال | هڪ |
| (2) دِير | ٻه |
| (3) سوات | ڇهه |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. بلوچستان اسٽيٽ يونين جي هيٺين ايراضين جي هر هڪ وڏن جي ڪائونسل (جرڳي) جا ميمبر هن ريت، سندن سامهون ڏيکاريل ميمبرن جو تعداد چونڊيندا.

| | |
|---|---|
| (1) قلات | ٽي |
| (2) خاران | هڪ |
| (3) لس ٻيلو | هڪ |
| (4) مڪران | ٽي |

8. (1) ميونسپل ڪارپوريشن ڪراچي جا چونڊيل ڪائونسلر، ٽيرهن ميمبر چونڊيندا، جن مان هڪ غير مسلم ۽ هڪ عورت هوندي.

(2) ڪنٽومينٽ بورڊ ڪراچي، ملير ۽ منهوڙي جا چونڊيل ميمبر هڪ ميمبر چونڊيندا.

(3) جيڪڏهن ڪو شخص ميونسپل ڪارپوريشن ڪراچي يا پيراگراف (2) ۾ بيان ڪيل ڪنهن به ڪنٽومينٽ بورڊ جو ميمبر آهي، ته هو اهڙي چونڊ ۾ جيڪا پيراگراف (1) يا پيراگراف (2) ۾ ووٽ ڪري سگهندو، پر ٻنهي ۾ نه ڪري سگهندو.

9. هن شيڊول هيٺ چونڊن جي مقصدن لاءِ، اهي شخص جيڪي پنجاب، سنڌ، اُتر اولهه سرحد صوبن جي قانون ساز اسيمبلين ۽ بهاولپور ۽ خيرپور رياستن جي قانون ساز اسيمبلين چونڊجي آيل شخصن لاءِ سمجهيو ويندو ته اُهي شخص، مقرر ڪيل ڏينهن کان هڪدم اڳ، اُهي ذڪر ڪيل صوبي يا رياست جي قانون ساز اسيمبلي جا ميمبر هئا، ۽ ٻين ادارن، جن جو حوال هن شيڊول جي پيراگراف 5 جي سب پيرا (2) ۽ پيراگراف 8 ۾ ڏنل آهي، تن بابت ائين سمجهيو ويندو ته مقرر ڪيل ڏينهن کان هڪدم اڳ، اُهي انهن ادارن جا ميمبر هئا.

10. (1) هن شيڊول جي پيراگراف 1، 2، 3، 5(2) ۽ 8 هيٺ چونڊون، تنهن شيڊول ۾ بيان ڪيل قاعدن مطابق ڪيون وينديون.

(2) ٻئي پيراگراف هيٺ چونڊون، مغربي پاڪستان جي حڪومت جي بندوبست موجب ڪيون وينديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# يحيٰ خان جي جوڙجڪ
# عرف "اَڻ ڇپيل غلطي"

[ 17 ڊسمبر 1971ع تي يحيٰ خان متيون بيانَ سندس ناهيل جوڙجڪ بابت ڪڍيو، پر رات جي پيٽ ۾ اخبارن کان واپس ورتو ويو. ۽ اُن کي يحيٰ خان جي آخري اَڻ ڇپيل غلطيءَ جي عنوان سان "هيرالڊ پاڪستان" مارچ 1974ع جي پرچي ۾ پهريون پيرو ڇاپيو، ۽ اُن جو اکر به اکر ترجمو "اڳتي قدم" رسالي ۾ڇپيو هو، سو هيٺ ڏنو پيو وڃي. ]

دستور مطابق پارليامينٽري حڪومت عوامي نمائندن جي مرڪز توڙي صوبن ۾ هٿڻ گهُرجي. صدر اُن ماڻهوءَ کي وزيراعظم مقرر ڪندو، جنهن کي قومي اسيمبليءَ جي اڪثريت هوندي. پيا وزير به قومي اسيمبليءَ جا ميمبر هوندا. جيتوڻيڪ هڪ شخص، جيڪو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر نه آهي، سو به وزير ٿي سگهي ٿو، پر ڇهن مهينن کان وڌيڪ عرصي لاءِ نه رهي سگهندو. سڀ قومي اسيمبليءَ جي ڪئبينيٽ ڏانهن جوابدار رهندا. وزيراعظم رڳو هڪڙي ڳالهه سببان لهي سگهي ٿو، اهو سبب هي آهي ته هن کي قومي اسيمبليءَ جي اڪثريت جو اعتماد نه هجي.

وزيراعظم کي مدد ڪرڻ لاءِ هڪ نائب وزيراعظم هوندو، جيڪو مُلڪ جي ٻئي حصي جو هوندو، جنهن جو وزيراعظم نه هجي.

صدر کي وزيرن جي ڪائونسل جي صلاح تي، هينين حالتن کانسواءِ، عمل ڪرڻو پوندو: جتي حلف جي ڀڃڪڙي ٿيندي هجي، دفاعي تنظيم ۾ هٿچُراند هجي يا هنن جي لياقت تي اثراندازي هجي.

## رهنما اصول

مُلڪ جي پاليسيءَ جي رهنما اصولن کي ٻين لفظن ۾ وڌيڪ مضبوط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنايو ويو آهي. مُلڪ ڪي مزدورن ۽ هارين جي روزاني زندگيءَ ۾ ڪم جي شرطن تي وڏيڪ ڏيان اهڙيءَ ريت ڏيٺو آهي، جيئن سندن حالتن ۾ سُڌارو اچي.

دستور ۾ اڳين دستورن کان هڪ وڌيڪ گنجائش رکي وئي آهي، ته مُلڪ ۾ هڪ نائب صدر هئڻ گهرجي ۽ اهو ملڪ جي ٻئي حصي مان هجي، جنهن مان صدر نه هجي ۽ سندس هيڊڪوارٽر ڍاڪا هوندو. هن جو مکيه ڪم هوندو، ته هو سينيٽ جو چيئرمين هوندو ۽ هي پارليامينٽ جو هڪ نئون هائوس، هن دستور جي هڪ ڏار حيثيت هوندي، جيڪا اڳئين ۾ نه هئي، ۽ ٻيو هائوس هڪ مرڪزي حڪومت جي ضرورت آهي، جيڪا اسان جي دستور مان گهڻي وقت کان غائب رهي آهي. عام طور ٻئي هائوس جو ڪم اهو هوندو، ته هو ملڪ جي جدا جدا صوبن کي هڪجيتري نمائندگي ڏئي ۽ دستور مطابق سينيٽ ۾ هرهڪ صوبي مان ڏهه چونڊيل نمائندا هوندا.

گڏوگڏ عوام جي مکيه ۽ هنرمند ماڻهن جي نمائندگي حاصل ڪرڻ لاءِ پندرهن ماڻهو ڪنيا ويندا، جن مان ڏهه اوير پاڪستان مان ۽ پنج اولهندي پاڪستان مان هوندا. نائب صدر، سينيٽ جي چيئرمين هئڻ سميت قانون مطابق ٻيا به ڪم سرانجام ڏيندو، ۽ اهي فرضَ به پورا ڪندو رهندو، جيڪي صدر کيس سونپيندو. صدر ۽ نائب صدر کي انتخابي حلقي رستي چونڊيو ويندو، جنهن ۾ سينيٽ، قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر هوندا.

جيئن ته اوهان کي ياد هوندو، ته مون 2 آڪٽوبر تي قوم کي خطاب ڪرڻ دوران ٻُڌايو هو، ته اختيارن جي منتقلي ڪهڙي طريقي سان ٿيندي، ۽ جيو هئم ته نئون دستور 20 ڊسمبر تي ڇپجي ويندو. هندستان جي مڪاراڻي حملي سبب، جنهن ۾ هندستان کي اميد هئي، ته هُو منهنجي تجويزن کي مڪمل طرح ختم ڪري ڇڏيندو ۽ جيتوڻيڪ اسان کي ڪافي نقصان به پهتو آهي، پر تنهن هوندي به مون اختيارن جي منتقليءَ جي پروگرام کي عملي جامو پهرائڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. اُن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ مون ملڪ جي ٻنهي حصن جي مکيه جماعتن جي اڳواڻن کي اڳ ۾ ئي گهُرايو آهي، ته اُهي گڏجي حڪومت ٺاهين. قوم جي چونڊيل نمائندن جي گڏيل حڪومت هن ڏکئي وقت ۾ قوَم جي رهنمائيءَ ۾ پنهنجي جوابداري پوري ڪندي. دستور جيڪو آئون هينئر مختصر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نموني بيان ڪندس، سو جلدي چيچندو ۽ چونڊيل حڪومت لاءِ پنهنجين ذميدارين جي پوراءِ ۾ هڪ تهيل ڏانچي طور ڪم ايندو.

## ڏک جهڙي ڳالهه

اها ڏک جهڙي ڳالهه آهي مون لاءِ، ته جيڪو طريقو مون اختيار ڪيو، ته دستور قوم جي چونڊيل نمائندن جي مدد سان تيار ٿئي، سو انهن سببن ڪري ختم ٿي ويو، جن جي سيڪنهن کي خبر آهي. ان بدنصيبيءَ اختيارن جي منتقليءَ واري منهنجي ارادي کي ختم نه ڪيو آهي، ۽ اها ئي منهنجي ارادي جي قوت آهي، جنهن مونکي مجبور ڪيو آهي، ته آئون هڪدم پاڪستاني عوام کي دستور ڏيان. ساڳئي وقت مونکي اهو به خيال آهي، ته آئون زبردستيءَ دستور مڙهيان. تنهنڪري دستور ۾ اها گنجائش به رکي وئي آهي، ته پهرين نَوي ڏيهاڙن اندر ٿورڙي اڪثريت ۽ پنجويهه سيڪڙو مختلف حصن جي نمائندگيءَ سان، هڪ سولي طريقي سان، دستور ۾ قيرڦار ڪري سگهجي.

مون ملڪ جي سياسي اڳواڻن سان لڳاتار رابطو رکيو آهي، ۽ مختلف ذريعن رستي جيڪي تجويزون مليون آهن، تن کي به شامل ڪيو ويو آهي. مقصد اهو هو، ته دستور، قوم جي رهنمائي ڪري ۽ مُلڪ ۽ قوم جون ضرورتون پوريون ڪري سگهي.

## چار وڏا مقصدَ

مونکي خبر آهي، ته عوام جي اڪثريت هينيان چار وڏا جُزا ڏسڻ ٿي چاهي، جيڪي دستور ۾ موجود آهن.

(1) دستور، اسلامي جمهوري پاڪستان جي نظريي کي قائم رکي ۽ وڌيڪ ترقي ڏئي.

(2) مُلڪ کي پارليامينٽري حڪومت گھُرجي، جنهن ۾ عوام جا بنيادي حقَ محفوظ هُجن.

(3) مُلڪ جي جدا جدا صوبن کي تمام گهٽي صوبائي خودمختياري هئڻ گهرجي.

(4) دستور هڪ اهڙو مؤثر اوزار هئڻ گهرجي، جنهن جي مدد سان ملڪ جي بدلجندڙ ملڪي ۽ معاشي اُميدن جي ترجماني ٿيندي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پارليامينٽ جا فرضَ

پاڪستان جي پارليامينٽ ٻن هائوسن تي مشتمل هوندي. پر مکيه قانون سازيءَ جو ڪم قومي اسيمبليءَ جي ذمي هوندو. سينيٽ، قانون سازيءَ تي ويٽو نه ڪري سگهندي. بهرحال، قومي اسيمبليءَ جي ڪنهن منظور ٿيل بِل تي ڦيرڦار ڪرڻ لاءِ تجويزون ڏيئي سگهندي، جيڪي صدر جي معرفت قومي اسيمبليءَ ڏانهن موڪليون وينديون. اهڙيءَ طرح قانون کي آخري شڪل ڏيڻ جو ڪم قومي اسيمبليءَ جي هٿ ۾ هوندو. اختلاف جي حالت ۾ ٻئي هائوس گڏجي ويهندا، ۽ منجهس ميمبرن جي ٻه ٽياڱي تي اڪثريت تي ڪابه ڦيرڦار مَنظور ٿي سگهندي. ٻيو ته ٻئي هائوس ان وقت گڏجي ويهندا، جڏهن صدر يا نائب صدر خلاف ڪنهن سنگين واقعي بابت ڪا تحريڪ هجي.

## صوبائي اسيمبليءَ ڏانهن حوالو

جيئن ته آئون دستور جي ڦيرڦار بابت ڳالهائي چُڪو آهيان، تنهن هوندي به وري بيان ڪريان ٿو، ته تمام گهڻي صوبائي خودمختياري، جيڪا نئون دستور ڏئي پيو، ان لاءِ گنجائش رکي وئي آهي، ته صوبائي خودمختياريءَ ۾ وڏيڪ ڦيرڦار آڻڻ لاءِ قومي اسيمبليءَ جي منظور ٿيل بِل کي نه رڳو سينيٽ ڏانهن موڪليو ويندو، پر جدا جدا صوبن جي اسيمبلين ڏانهن به سندن ويچار ۽ سفارشن بابت موڪليو ويندو.

صوبن جي ويچارڻ بعد سندن سفارشون سينيٽ ڏانهن موڪليون وينديون. سينيٽ وري ڦيرڦار لاءِ پنهنجا رايا موڪليندي ۽ صدر جي معرفت قومي اسيمبليءَ ڏانهن وري موڪليون وينديون. اختلاف جي حالت ۾ ٻنهي ايوانن جو گڏيل اجلاس ٿيندو، ته جيئن مسئلي کي سُلجهائي سگهجي.

صوبائي خودمختياريءَ جي وڌيڪ حفاظت لاءِ صدر کي اهو اختيارَ رهندو، ته جيڪڏهن سندس خيال ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ڪيل اعتراض پورو نه ڪيو ويو آهي، ته صدر اهڙيءَ ڦيرڦار کي روڪي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صوبائي حڪومتون

جيڪا خودمختياري صوبن کي ڏني وئي آهي، تنهن جي بيانَ کان اڳ، آئون صوبائي حڪومت جون خاص ڳالهيون ٻُڌائيندس. هرهڪ صوبي جي اسيمبليءَ اڳ ۾ئي چونڊجي چُڪي آهي. دستور مطابق صوبي جي گورنر کي وزيرن جي هڪڙي ڪائونسل هوندي ۽ گورنر، وزيرن جي ڪائونسل جي صلاح تي عمل ڪندو. صوبائي اسيمبليءَ جي اڪثريتي پارٽيءَ جي اڳواڻ کي دعوت ڏني ويندي، تہ هو وزارت ٺاهي. ۽ هو وڏي وزير طور ڪم ڪندو، جيستائين صوبائي اسيمبليءَ جي اڪثريت جو مٿس اعتماد آهي.

واضح گنجائش دستور ۾ رکي وئي آهي، تہ مرڪز ۽ صوبي جا لاڳاپا ڪهڙا هوندا ۽ ان مطابق ڪيترائي ڪم مرڪز کان صوبي ڏانهن منتقل ڪيا ويندا، جهڙوڪ پوسٽ آفيس، اسٽاڪ ايڪسچينج، مارڪيٽ ۽ انشوئرنس جن تي سچ پچ مرڪز جو اختيارَ ضروري آهي، پر تنهن هوندي بہ اوپرندي پاڪستان جو خيال رکندي، دستور ۾ اها بہ گنجائش آهي، تہ صوبي جي درخواست تي انهن تي بہ مکيہ اختيارَ صوبن کي سونپيا ويندا. مرڪزي قانون سازيءَ جي اختيار جو دائرو رڳو اُن تي محدود رهندو، جيڪو دستور ۾ خاص طور ڄاڻايل آهي. 1962ع واري دستور مطابق ڪن خاص حالتن ۾ صوبي لاءِ قانون سازيءَ جو جيڪو اختيار مرڪزي قانون سازيءَ کي ڏنو ويو هو، سو بہ ختم ڪيو ويو آهي. هينئر مرڪزي قانون ساز اسيمبليءَ تڏهن اهڙو ڪم هٿ ۾ کڻندي، جڏهن ڪو صوبو يا صوبا ڪيس درخواست ڪندا. مالي ڪاتي ۾ ٽئڪسن وغيره جا پڪا اختيار بہ صوبن ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن. باقي خاص حالتن بابت جهڙوڪ: پرڏيهي واپار، پرڏيهي امداد، صوبن لاءِ امداد، صوبن وچ ۾ واپار وغيره بابت آئون ڪنهن قدر پوءِ ڳالهائيندس.

## خودمختيار ادارا

1970ع واري اولهندي پاڪستان کي ختم ڪرڻ واري حُڪم مطابق، ملڪ جي اولهندي حصي ۾ ڇهہ خودمختيار ادارا قائم ڪيا ويندا، جن کي هلائڻ جو اختيار ڇئن صوبن پاران صدر کي رهندو. اُن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال اندر انهن مان ٽن ڪارپوريشنن کي ختم ڪري، سندن فرضَ چئن صوبن ڏانهن منتقل ڪيا وڃن. اُهي خودمختيار ادارا آهن: زرعي ترقياتي ڪارپوريشن، ننڍن ڪارخانن جي ڪارپوريشن ۽ گڏيل سيمينٽ ڪمپني. اولهندي حصي جي گڏيل مفاد خاطر چئن صوبن جي ريلوي، واپڊا ۽ اولهندي پاڪستان جي ڪارخانن جي ترقياتي ڪارپوريشن لاءِ هيءُ حُڪمنامو ڪم ايندو، جنهن جو دائرو محدود هوندو.

## ٻاهريون حملو

دستور مطابق، مرڪز کي ٻاهرئين حملي ۽ اندروني ڏڦيڙ کان صوبن کي بچائڻ جي جوابداري، مرڪز جي هوندي، ۽ اُن خاطر جيڪو عمل ڪرڻو پوندو، سو دستور مطابق هوندو. هن جوابداريءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ خاص قدم کڻڻ جي گنجائش رکڻ ڏاڍي ضروري سمجهي وئي آهي. هڪ ته جڏهن مرڪزي حڪومت کي پڪ هجي، ته صوبائي حڪومت دستور مطابق نٿي هلي سگهي، تڏهن مرڪزي حڪومت صوبي جي گورنر کي چوي، ته هو صوبائي حڪومت جا سڀ اختيار پاڻ سنڀالي. پر اهڙيءَ حالت هڪ سال کان وڌيڪ قائم نه ڪري سگهبي. ٻيو ته مرڪزي حڪومت کي صوبائي حڪومت مٿان اختيار تڏهن ٿيندو، جڏهن صوبي جي مالي حالت غير اطمينان بخش هوندي. اوهان کي خبر آهي، ته اهڙيون گنجائشون گهٽن ئي دستور ۾ هونديون آهن.

## صوبائي خودمختياري

عوام ۾ اِن سوال تي سخت بيچيني آهي، ته مرڪز ۽ صوبن جا لاڳاپا ڪهڙا هئڻ گهُرجن ۽ صوبائي خودمختياري ڪيتري قدر هئڻ گهُرجي. ملڪ جي عزت، وقار ۽ اتفاق کي خاص خيال ۾ آڻيندي دستور، صوبائي خودمختياريءَ جي ايتري اجازت ڏئي ٿو، جيتري وڌ ۾ وڌ ممڪن هجي.

اُن جي نتيجي ۾ رڳو بيحد خاص ڳالهيون مرڪز کي ڏنيون ويون آهن ۽ باقي سڀ صوبن کي.

مالي خودمختياري هڪڙو ضروري جُزو آهي، صوبائي خودمختياريءَ جو. صوبن کي پنهنجي مالي وسيلن تي پورو پورو اختيار هئڻ گهُرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وقت روينيو جيڪو گھڻي قدر مرڪز جي هٿ ۾ آهي، ۽ صوبي کي ان تي تمام ٿورو اختيار آهي، تنهن سرشتي کي نئين دستور مطابق ڦيرايو ويو آهي. حد ٽيپيل خيال رکندڙن جو چوڻ آهي، ته مرڪز کي ٽئڪس مڙهڻ جو ڪو اختيار نه هُجي. اها ڳالهه ظاهر آهي، ته نه قبول ٿيڻ جوڳي آهي، ڇوته جيڪڏهن مالي خودمختياري صوبن لاءِ انتهائي ضروري آهي، ته اها مرڪز لاءِ پڻ بيحد ضروري آهي، ته جيئن مرڪز دستور مطابق پنهنجون جوابداريون پوريون ڪري سگهي.

## ٽئڪسَ

هن وقت ٽئڪسن جا جيڪي ذريعا صوبن کي آهن، انهن سان گڏ هيٺيان وڌيڪ ذريعا صوبن کي منتقل ڪيا ويندا:

(1) سيلز ٽئڪس (وڪري وارو)؛
(2) سب ايڪسائيز ڊيوٽيون؛
(3) جائداد وغيره جا ٽئڪسَ؛ ۽
(4) سو ڪڙين وارا ٽئڪسَ.

مٿي ڄاڻايل ٽئڪسن سميت، هيٺيان ٽي ٽئڪسَ مرڪز گڏ ڪندو، پر اها رقم صوبن ڏانهن منتقل ڪئي ويندي:

(1) ايڪسپورٽ ڊيوٽي؛
(2) ايڪسائيز ڊيوٽي تهيل جاءِ تي؛
(3) قدرتي گئس ۽ تيل وارو ٽئڪسَ.

ٻين لفظن ۾ مرڪز رڳو هيٺيا ٽئڪسَ پاڻ وٽ رکندو:

(1) آمدني، ڪارپوريشن ۽ دولت تي ٽئڪس؛
(2) ايڪسائيز ڊيوٽي رڳو هنن ٻن شين يعني پيٽرل ۽ پيٽرول جي مصنوعات؛
(3) ايڪسپورٽ ڊيوٽيءَ ڪانسواءِ باقي ڪسٽمر ڊيوٽي.

## خاص مالي منظوري

انهن وڏن مکيہ ٽئڪسن جي ذريعي، جيڪي صوبن ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن، ڪانسواءِ دستور مطابق مرڪز ڪان گهٽ ترقي ڪندڙ علائقن کي خاص رقمون ڏنيون وينديون. اهي رقمون هر سال ستر ڪروڙ رپين کان گهٽ نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونديون، جنهن مان ڪسٽم ڊيوٽيءَ جي ڪُل گڏيل رقم مان جيڪي اوڀرندي پاڪستان ۾ گڏ ٿي هوندي يا ان کان به متي (جيڪا به وڌيڪ بيهي)، سَٺ ڪروڙ رپيا، اُڀرندي پاڪستان کي سونپيا ويندا. هرهڪ صوبي سرحد ۽ بلوچستان کي به پنجن ڪروڙن رپين کان گهٽ نه ڏنا ويندا.

حڪومت، اوڀرندي پاڪستان کي خاص رقم سندس صوبي کي ترقي وٺائڻ لاءِ ڏيندي. اندازي مطابق اٽڪل هڪ سؤ ٽيهه ڪروڙ رپيا اُڀرندي پاڪستان مان، هر سال مرڪزي ٽئڪسن ذريعي گڏ ٿيندا. دستور ۾ گنجائش رکي وئي آهي، جنهن مطابق هڪ سؤ ٽيهه ڪروڙ رپين مان جيڪي اوڀرندي پاڪستان مان مليا هوندا، هڪ سؤ ڪروڙ رپيا اوڀرندي پاڪستان کي ڏنا ويندا. ان جو مطلب اهو ٿيو، ته رڳو ٽيهه ڪروڙ رپيا اوڀرندي پاڪستان جا مرڪز کي ملندا، يا ڪٽي ايئن چئجي، ته هاڻوڪي مرڪز جي خرچ جو رڳو پنج سيڪڙو. ان مان ظاهر آهي، ته هي دستور، اوڀرندي پاڪستان کي ڪافي مالي امداد ڏيندو.

هينئر دستور ۾ باقاعدي هر صوبي لاءِ مقرر ڪيل رقم ڏيکاري وئي آهي، تنهنڪري ڪميشن جي مقرر ڪرڻ، ته جيئن اها مختلف وقتن تي جائزو وٺي، جي ضرورت نه پوندي.

گڏوگڏ دستور ۾ اها به گنجائش رکي وئي آهي، ته صوبا قرض به ڪٽي سگهن ٿا. تنهنڪري هر وقت مرڪز کي قرض ڏيڻ لاءِ رقم وڌائڻي پوندي. اوڀرندي پاڪستان کي ايترو به اختيار ڏنو ويو آهي، ته هو پلي رقم کي وڌائي چوونجاهه سيڪڙو تائين پهچائي.

## پرڏيهي امدادَ

پرڏيهي امداد جي صورت ۾، جيڪا ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ جو هڪ حصو آهي، ظاهر آهي، ته اها سڄي ملڪ لاءِ امداد آهي. وري به اوڀرندي پاڪستان کي هر سال ۾ مليل پرڏيهي امداد جو چوونجاهه سيڪڙو ڏيڻ جي خاطري ڏني وئي آهي. انهن رقمن مان صوبن کي آزادي هوندي، ته هو ڪهڙن به خاص پروگرامن لاءِ خرچ ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڏيهي ملڪن جي ناڻي جي متاسنا هتان جي ناڻي جي سخت مددگار آهي، تنهنڪري اها مرڪز جي ذميداري هوندي. تنهن هوندي بہ اوڀرندي ۽ اولهندي حصن ۾ جيتري پرڏيهي رقم ڳڏ ٿي هوندي، سا رقم اهي خاص ۽ ڳڏيل مفادَ کي سامهون رکي واپرائي سگهندا.

صوبائي حڪومتون، ڏيساور جي واپار جو پروگرام جوڙي سگهنديون ۽ پرڏيهي ناڻو، جيڪو صوبن ماڻيو آهي ۽ ٻيا ضروري شرط سامهون رکي، پرڏيهي مال گهُرائڻ جي پاليسي بہ جوڙي سگهندا. اولهندي پاڪستان کي پنهنجن صوبن کي سامهون رکي بندوبست ڪرڻو پوندو. بهرحال، جيئن تہ ڏيساور سان واپار هڪ پرڏيهي پاليسيءَ جو اَٽُٽ حصو آهي، تنهنڪري صوبن لاءِ بہ پاليسيءَ جو ڍانچو مرڪز کي ٺاهڻو پوندو، جنهن مطابق صوبا ڏيساور جو واپار ڪندا.

اهڙيءَ طرح جهڙوڪ سِٽيءَ جو واپار اوڀرندي پاڪستان ڏانهن ۽ عام شين جو واپار اولهندي پاڪستان کي سونپڻ جا انتظام ڪيا ويندا. اوڀرندي پاڪستان جا واپاري نمائندا، پرڏيهي ملڪن ۾ مرڪز جي منظوريءَ سان مقرر ڪيا ويندا.

## صوبن وچ ۾ واپارَ

هڪڙو بورڊ جوڙيو ويندو، جيڪو صوبن وچ ۾ واپار جا قاعدا ۽ ضابطا جوڙيندو. اُن بورڊ ۾ سيني صوبن جا نمائندا شامل هوندا، جن مان اڌ ميمبر اوڀرندي پاڪستان جا هوندا. صوبن جي درخواست تي اهو بورڊ ان مسئلي کي سُلجهائيندو، جيڪو مسئلو صوبن طرفان اڳتي آندو ويندو. اهڙيءَ طرح صوبن کي اطمينان رهندو، تہ صوبن وچ ۾ واپار سُٺو ۽ فائدي ۾ هلي پيو.

جيتوڻيڪ ملڪي سِڪو مرڪز جي ماتحت رهندو، ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ان جي سنڀال ڪندي، تنهن هوندي بہ ٻين بئنڪن جي قومي تحويل ۾ وٺڻ سان بہ "رِزروَ" بئنڪون جوڙيون وينديون، جن مان هڪ اولهندي ۽ ٻي اوڀرندي پاڪستان ۾ هوندي. صوبائي حڪومتن کي انهن رِزروَ بئنڪن ۾ پوري پوري نمائندگي ملندي. اهي رِزروَ بئنڪون پنهنجن حدن ۾ واپاري بئنڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان هونديون ۽ پاڪستان جي اسٽيٽ بئنڪ جي مقرر ڪيل قانونن ۽ طريقن هيٺ اُهي پنهنجون پاليسيون جوڙينديون.

رٿابنديءَ جي حالت ۾ صوبن کي اجازت هوندي، ته اُهي ملڪي ۽ پرڏيهي ذريعن کي سامهون رکي، پنهنجون ترقياتي رٿائون جوڙين. اهڙين رٿائن کي، جيڪي صوبا جوڙيندا، مرڪز اُنهن کي آخري شڪل ڏيندو. اهڙيءَ طرح صوبن لاءِ جوڙيل مرڪزي ترقياتي ڪم ڪندڙ پارٽي ۽ قومي اقتصادي ڪائونسل کي ختم ڪيو ويندو. تنهنڪري صوبائي حڪومتن کي پورو پورو اختيار هوندو، ته ترقياتي رٿائون پنهنجي مرضيءَ موجب ٺاهين.

## چونڊن جو طريقو

جيتري قدر چونڊ جي طريقيڪار جو تعلق آهي، ته آئون چوان ٿو، ته سڀ اسيمبليون اُهي هونديون، جيڪي بالغ راءِ ڏيندڙن جي بنياد تي چونڊجي اينديون. قانوني ڍانچي ۽ دستور مطابق اهو سرشتو هلندو رهندو. انهن اسيمبلين سان هڪ ماڻهو هڪ ووٽ وارو طريقو لاڳو رهندو. بهرحال، سينيٽ جي چونڊ، صوبائي اسيمبليون منتقليءَ واري ووٽ ذريعي ڪنديون. اهڙيءَ طرح وڏيڪ نمائندگي پارٽيءَ واري ووٽ کان وٺي سگهبي.

## اسلامي ادارا

آئون ٻڌائڻ گهُران ٿو، ته دستور ۾ گنجائش رکي وئي آهي، جنهن مطابق صوبائي يا تعصبي بنيادن تي سياسي جماعتن کي ٻِندي سگهبو. آئون هي سُڌارو بهتر پارليامينٽري طريقي لاءِ ضروري سمجهان ٿو، ۽ اهو سُڌارو قومي مفاد ۾ آهي، جيڪو ايندڙ چونڊن ۾ به ڪم ايندو رهندو.

اڳين دستور هيٺ جيڪي اسلامي ادارا جوڙيل آهن، سي برقرار رهندا ۽ گڏوگڏ جيڪڏهن صوبائي حڪومت درخواست ڪندي، ته اسلامي ريسرچ اداري جون شاخون به صوبن ۾ جوڙيون وينديون. پاليسيءَ مطابق اسلامي معاملن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو آهي.

پيڇاڙيءَ ۾ ٻڌائڻ گهُران ٿو، ته پوري ملڪ ۾ به گاديءَ جا هنڌ هوندا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو اسلام آباد ۽ ٻيو ڍاڪا. ۽ اها وضاحت ختم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ چاٽايل هو، ته ڍاڪا جي ٻئي نمبر گاديءَ جي حيثيت هوندي. هينئر هرهڪ گاديءَ کي ترقي وٺرائڻ تي زور ڏنو ويو آهي، ته جيئن ٻنهي هنڌن تي مرڪزي حڪومت جا ڪم سولائيءَ سان ٿي سگهن. مڪيه پارليامينٽ جي جاءِ ڍاڪا هوندي.

اُهي مکيه ڳالهيون نئين دستور جون آهن ۽ ان جون ڇپرايل ڪاپيون 20 ڊسمبر تي دستياب ٿينديون. قومي مفاد کي سامهون رکي مون حددرجي جي صوبائي خودمختياري ڏني آهي. مون عوام جي خواهش کي حددرجي جو وزن ڏنو آهي، ۽ اُن کان وڌيڪ ممڪن ئي نه آهي.

صوبائي خودمختياري ضروري آهي ۽ اها ڏني وئي آهي، پر ظاهر آهي ته ان حد کان وڌيڪ واريءَ حالت ۾ ملڪ جي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيڻ جي نشاني آهي. آئون محسوس ڪريان ٿو، ته هي دستور صوبائي خودمختياريءَ لاءِ هڪڙو جرئتمند دستور آهي. اهو گهٽو ڪري ڪنهن ٻئي دستور کان ان معاملي ۾ گهٽو اڳتي آهي. پر جيئن ته اسان جا مسئلا هڪجهڙا آهن، تنهنڪري اسان جي ملڪ کي جيڪي مسئلا درپيش آهن، تن لاءِ اسين گڏجي جرئتمنداڻو حل ڳوليون.

مونکي اُميد آهي ۽ آئون دعاگو آهيان، ته هي دستور اسان جي پاڻ ۾ بي اعتمادي ۽ اَڻ ٻڻت کي ختم ڪري، اسان ۾ هن وقت جيڪي صلاحيتون ۽ قوتون ڳجهيون آهن، تن کي نئين جذبي سان وڌيڪ طاقتور ۽ اُجاگر بنائي.

پاڪستان پائنده باد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 1973ع جو آئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو دستور

(12 اپريل، 1973ع)

## مهاڳ

جيئن تہ سڄي دنيا تي طاقتور الله جي حڪومت آهي ۽ پاڪستان جي ماڻهن کي سندس طرفان مقرر ڪيل حدن اندر، جا هڪ مقدس امانت آهي، اختيار (اقتدار) استعمال ڪرڻو آهي؛

۽ جيئن تہ پاڪستان جي ماڻهن جو ارادو آهي تہ اُهي انتظام (جوڙجڪ) قائم ڪن- جنهن ۾ رياست (حڪومت) يا سرڪار، ماڻهن جي چونڊيل عيوضين جي معرفت پنهنجي طاقت ۽ اختياري استعمال ڪري؛

جنهن ۾ دينِ اسلام طرفان واضح ڪيل جمهوريت جي اصولن، آزادي، مُساوات (هڪجهڙائي)، رواداري ۽ سماجي انصاف تي پوري طرح عمل ڪيو وڃي؛

جنهن ۾ مسلمانن کي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي دائري کي اسلام جي تعليم ۽ گهُرجن مطابق، جيڪي قرآن پاڪ ۽ سُنّت موجب ڄاڻايل آهن، آڻجي؛

جنهن ۾ اقليتن لاءِ جوڳو بندوبست ڪيو وڃي تہ اُهي پنهنجي مذهبن جي پيروي ۽ انهن تي عمل ڪن ۽ پنهنجي ثقافت کي ترقي وٺائين؛

جنهن ۾ اُهي علائقا جيڪي هن وقت پاڪستان ۾ شامل آهن يا جن پاڪستان سان الحاق ڪيو آهي ۽ ٻيا اهڙا علائقا، جيڪي هن کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ شامل ٿين يا الحاق ڪن، سيئي گڏجي وفاق ناهين ۽ ان ۾ يونٽ (Unit) پنهنجي مقرر ڪيل حدن، سندن اختيارين تي پيل ضابطن (پابندين/ روڪ) موجب، خودمختيار رهندا؛

جنهن ۾ (ماڻهن جي) بنيادي حقن، درجي جي برابري، قانون اڳيان موقعو، سماجي، سياسي، اقتصادي انصاف، ڳالهائڻ جي آزادي، تقرير (بيان)، اعتقاد، مذهب، عبادت، گڏجاڻي، قانون ۽ انساني اخلاق جي حدن اندر ضمانت هجي؛

جنهن ۾ اقليتن، پٺتي پيل ۽ مظلوم طبقن جي جائز مفادن (فائدن) جي حفاظت لاءِ جوڳو بندوبست ڪيل هجي؛

جنهن ۾ عدليه جي خودمختياري جي حفاظت ڪئي وڃي؛

جنهن ۾ وفاق جي علاقائي سالميت، ان جي آزادي ۽ ان جي سيني حقن، زمين، سمنڊ ۽ هوا تي بادشاهي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي.

انهيءَ لاءِ ته جيئن پاڪستان جا ماڻهو خوشحال ٿين ۽ دنيا جي قومن ۾ پنهنجو جائز ۽ عزتدار درجو حاصل ڪن ۽ عالمي امن، ترقي ۽ انسان ذات جي ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ پورو پورو حصو وٺي سگهن؛

هاڻي انهيءَ ڪري، اسين پاڪستان جا ماڻهو، خدا ۽ ماڻهن جي آڏو پنهنجي ذميواري کان واقف ٿي، پاڪستان لاءِ ماڻهن طرفان ڪيل قربانين کان آگاهه ٿي، پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي اعلان مطابق ته پاڪستان اسلامي اصولن ۽ سماجي انصاف تي مبني جمهوري حڪومت هوندي؛

ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف ماڻهن جي ڪيل بي لوث جدوجهد سان حاصل ڪيل جمهوريت جي بقا خاطر؛

قومي ۽ سياسي ايڪي ۽ سالميت جي حفاظت واري ارادي جي انهيءَ جذبي سان نئين نظام جي معرفت، مُساوات تي مبني سماج قائم ڪرڻ لاءِ؛

هن پٽاندڙ قومي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي (چونڊيل) عيوضين معرفت هي دستور ناهي، اختيار ڪري، پاڻ کي ڏيون ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو پهريون

## ديباچو (تمهيد)

### 1. جمهوريت ۽ اُن جا علائقا

(1) پاڪستان هڪ وفاقي جمهوريت هوندو ۽ ان جو نالو اسلامي جمهوريه پاڪستان هوندو ۽ هن کان پوءِ ان کي پاڪستان سڏيو ويندو.

(2) پاڪستان ۾ هي علائقا شامل رهندا:

(الف) بلوچستان، اُتر اولهه سرحد، پنجاب ۽ سنڌ جا صوبا؛

(ب) اسلام آباد جو علائقو، جيڪو هن کان پوءِ وفاقي دارالحڪومت سڏبو؛

(ث) وفاق پاران انتظام هيٺ آيل قبائلي علائقا؛

(د) اهڙيون رياستون ۽ علائقا، جيڪي الحاق يا ٻي طرح پاڪستان ۾ شامل هجن يا ٿين.

(3) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) نين قانونن سان رياستن يا ايراضين کي اهڙن شرطن ۽ حالتن موجب، جنهن کي صحيح سمجهي، وفاق ۾ شامل ڪري.

### 2. اسلام، پاڪستان ۾ سرڪاري مذهب رهندو

(الف) قرارداد مقاصد پڪي اقرارنامي جو حصو رهندو. قرارداد مقاصد ۾ ڏنل اصولن ۽ نهرائن کي جيڪي هن سان گڏ ڏنا ويا آهن، دستور جو پڪو ۽ پختو حصو بنايو ويو آهي ۽ اهو ان تي انهيءَ موجب اثر انداز رهندو.

### 3. استحصال جو خاتمو

حڪومت (سرڪار) هر نموني جي استحصال جي خاتمي جي ضمانت ڏيندي ۽ درجي به درجي هر هڪ (ماڻهو) لاءِ سندس صلاحيت موجب ۽ هر هڪ کي سندس ڪم موجب، بنيادي اصول جي پورائي ڪندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 4. فردن جي حقن کي قانون مطابق نبيريو ويندو، وغيره

(1) قانون جي حفاظت حاصل ڪرڻ ۽ قانون موجب هلت ڪرڻ، هر هڪ شهري جو اڻ ڏار ٿيل حق آهي پوءِ اهو ڪٿي به هجي، ۽ پڻ هر هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو (ٿوري وقت لاءِ) پاڪستان جي اندر هجي.

(2) خاص طرح:

(الف) ڪوبہ اهڙو قدم، جيڪو ماڻهوءَ جي زندگي، آزادي، بدن، ساک يا ملڪيت لاءِ هاڃيڪار هجي، نہ کنيو ويندو، پر قانون مطابق:

(ب) ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي انهيءَ (ڪم) کان نہ روڪيو ويندو ۽ نہ ڪا رنڊڪ وڌي ويندي، جيڪو قانون موجب منع ڪيل نہ آهي، ۽

(ٿ) ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان اهڙو (ڪم) زبردستي نہ ڪرايو ويندو، جيڪو قانون موجب، هُو ڪرڻ لاءِ پٻڌل نہ آهي.

## 5. ملڪ سان وفاداري، دستور ۽ قانون جي تابعداري

(1) ملڪ سان وفاداري هرهڪ شهريءَ جو بنيادي فرض آهي.

(2) دستور ۽ قانون جي تابعداري هر هڪ شهريءَ جو، پوءِ اهو ڪٿي بہ هجي، فرض آهي ۽ پڻ هرهڪ اهڙي ماڻهوءَ جو، جو پاڪستان جي اندر هجي.

## 6. وڏي (سنگين) غداري

(1) ڪوبہ شخص زبردستي يا طاقت جي ڏيکاءُ سان يا غير دستوري طريقن سان، دستور کي منسوخ ڪندو يا منسوخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، يا ان کي ڪيرائڻ يا برباد (ناس) ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، تہ اهو وڏي غداري جو ڏوهاري ٿيندو.

(2) ڪوبہ شخص فقري (1) ۾ ذڪر ڪيل ڪمن ۾ واهر (مدد) ڪندو يا هٿي ڏيندو تہ اهو پڻ وڏي غداري جي ڏوهہ جو مرتڪب ٿيندو.

(3) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون موجب، وڏي غداريءَ جي ڏوهارين جي سزا لاءِ، قانون مرتب ڪندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو ٻيو

## بنيادي حق ۽ پاليسي (راڄ نيتي) جا اصول

### 7. رياست (حڪومت) جو مطلب

هن حصي ۾ جيستائين عبارت (مضمون) جو مطلب ٻي طرح هجي، رياست (حڪومت) جي معنيٰ آهي، وفاقي حڪومت، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ)، صوبائي حڪومت، صوبائي اسيمبلي ۽ پاڪستان ۾ اهڙيون مقامي يا ٻيون اختياريون، جيڪي قانون موجب، ڪنهن به ڍل يا محصول مڙهڻ جو اختيار رکنديون هجن.

## باب پهريون - بنيادي حق

### 8. بنيادي حقن جي ابتڙ قانون رد رهندا

(1) اهڙو ڪوبہ قانون يا رسم يا رواج، جنهن کي قانوني حيثيت حاصل هجي، اهو جيڪڏهن هن باب ۾ نافذ ڪيل حقن سان موافقت نٿو رکي تہ اهو انهيءَ اختلاف جي حد تائين رد رهندو.

(2) حڪومت (رياست) ڪوبہ اهڙو قانون نہ ٺاهيندي، جيڪو نافذ ڪيل حقن کي ختم ڪري، يا ان ۾ گهٽتائي آڻي، ۽ ڪوبہ اهڙو نهيل قانون، جيڪو هن فقري (Clause) جي ابتڙ آهي، اهو بہ اوتري انحرافي (اختلاف) جي حد تائين، رد رهندو.

(3) هن قلم ۾ ڏنل نهراءَ (هيٺين سان) لاڳو نہ رهندا:

(الف) اهڙو قانون، جيڪو مسلح افواج جي فردن يا پوليس جي فردن بابت آهي يا اهڙن ٻين لشڪرن بابت آهي، جن کي عوامي امن برقرار رکڻ جو ڪم سونپيل آهي، جنهن ۾ اُهي پنهنجا فرض چڱي طرح ادا ڪن يا پاڻ ۾ انتظام برقرار رکي سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ڪي به اهڙا:

(i) قانون جيڪي پهرئين شيڊول (ضميمي) ۾ مذڪور آهن ۽ شروع ٿيندڙ ڏينهن کان اڳ عمل ۾ هئا يا ساڳئي ضميمي ۾ ڏيڪاريل ڪنهن به قانون هيٺ ترميم ٿيل هجن (درست ڪيل هجن).

(ii) ٻيا قانون جيڪي پهرئين شيڊول (ضميمي) جي پهرئين ڀاڱي (حصي) ۾ مذڪور آهن.

ڪوبه اهڙو قانون يا ان جو ڪوبه فقرو انهيءَ سبب جي ڪري رد نه رهندو ته اهو قانون يا فقرو، هن باب ۾ ڏنل ڪنهن فقري جي ابتڙ آهي يا خلاف آهي.

(4) فقري (3) جي (ب) پئراگراف ۾ جيڪي به ڏنل آهي، ان هوندي به شروع واري ڏينهن کان ٻن سالن اندر، مناسب قانون سازي رستي (پهرئين ضميمي جي ٻئي حصي) ۾ ذڪر ڪيل قانونن کي هن باب ۾ عائد ڪيل حقن سان موافقت ۾ آندو ويندو.

پر مناسب قانون ساز (اسيمبلي) قرارداد وسيلي، ٻن سالن جي (مقرر ڪيل) مُدي کي ڇهن مهينن جي وڌيڪ مدي تائين وڌائي سگهي ٿي.

سمجهاڻي: ڪنهن به قانون لاءِ جيڪڏهن مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) مناسب قانون ساز آهي، ته پوءِ اهڙي قرارداد، قومي اسيمبليءَ جي قرارداد هوندي.

(5) هن باب ۾ ڏنل حقن کي دستور ۾ بيان ڪيل فقرن کان سواءِ معطل/ رد نٿو ڪري سگهجي.

## 9. شخصي حفاظت (سلامتي)

ڪنهن به شخص کان سندس حياتي (زندگي) يا آزادي کسي نٿي سگهجي، پر قانون موجب.

## 10. گرفتاري ۽ نظربنديءَ جو بچاءُ

(1) ڪوبه شخص، جيڪو گرفتار ڪيو ويو آهي، حفاظت ۾ نظربند نٿو رکي سگهجي، جيستائين ڪيس جيترو جلد ٿي سگهي، اهو ٻڌايو نه وڃي ته ڪيس ڪهڙن سببن جي ڪري گرفتار ڪيو ويو آهي، ۽ نه وري ڪيس انهيءَ حق کان محروم رکي سگهجي ٿو ته هُو پنهنجي مرضيءَ موجب بچاءُ لاءِ وڪيل سان صلاح مشورو ڪري سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) هرڪو اهو شخص، جنهن کي گرفتار ڪري نظربند ڪيو ويو آهي، ان کي گرفتار ڪرڻ کان 24 ڪلاڪن جي اندر مئجسٽريٽ جي آڏو پيش ڪرڻو آهي ۽ ان ۾ اهو وقت شامل رهندو جيڪو گرفتاريءَ جي جاءِ کان وٺي ويجهي ۾ ويجهي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ تائين، سفر لاءِ لازمي سمجهيو وڃي ۽ ڪنهن به اهڙي شخص کي مئجسٽريٽ جي اختياري کان سواءِ ذڪر ڪيل مُدي کان وڌيڪ نظربند نٿو رکي سگهجي.

(3) پر پهرئين ۽ ٻئي فقري ۾ بيان ڪيل اهڙي شخص سان، اهو (قانون) لاڳو نه رهندو، جيڪو ڪنهن روڪيندڙ (Preventive) قانون هيٺ گرفتار ڪري نظربند ڪيو ويو آهي.

(4) ڪوبه قانون روڪيندڙ نظربندي لاءِ نه ٺاهيو ويندو، پر اهڙن ماڻهن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ، جيڪي پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي وحدت (ايڪي) يا ان جي سالميت يا پاڪستان جي پرڏيهي معاملن يا امن عامه، سيڌي سامان جي رسائي، خدمتن (نوڪرشاهي) جو برقرار رهڻ، جي خلاف ڪنهن به نموني ڪو هرج (نقصان) رسائيندڙ ڪم ڪندا، پر ڪوبه اهڙو قانون ڪنهن به شخص کي ٽن مهينن کان وڌيڪ نظربند رکڻ جو اختيار نه رکندو، جيستائين ڪه معقول رويو (نظرثاني) بورڊ انهيءَ مُدي اندر تهمتي کي شخصي طور ٻُڌڻ جو موقعو نه ڏي. ۽ سندس معاملي تي نظرثاني ڪري رپورٽ نه ڪري ته سندس راءِ ۾ اهڙي نظربنديءَ جو ڪافي جواز آهي ۽ جيڪڏهن نظربنديءَ جو مُدو انهيءَ (ٽن مهينن) مُدي کان پوءِ وڌيو ويو آهي ته جيستائين معقول رِويو (نظرثاني) بورڊ، سندس معاملي تي نظرثاني ڪري، هر هڪ ٽن مهينن جي مُدي اندر رپورٽ ڪري ته، سندن راءِ موجب هُن جي نظربنديءَ جو ڪافي (سبب) ڪارڻ موجود آهي.

سمجهاڻي 1 : هن قلم ۾ معقول رِويو (نظرثاني) بورڊ جو مطلب آهي:

(1) انهيءَ شخص لاءِ جيڪو ڪنهن وفاقي قانون هيٺ نظربند ڪيو ويو آهي، اهڙو بورڊ جيڪو پاڪستان جي چيف جسٽس (مکيه جج) طرفان مقرر ڪيل هجي، جنهن ۾ هڪ چيئرمين (مير مجلس) ۽ ٻه ٻيا شخص هجن ۽ انهن مان هر هڪ سپريم ڪورٽ (عدالت عظميٰ) يا هاءِ ڪورٽ (عدالت عاليه) جو جج هجي يا جج ٿِي رهيو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ان شخص لاءِ جيڪو ڪنهن صوبائي قانون موجب نظربند ڪيو ويو آهي، اهڙو بورڊ جيڪو متعلقہ (لاڳو) هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان مقرر ڪيل هجي، جنهن ۾ هڪ چيئرمين ۽ ٻہ ٻيا شخص هجن جن مان هر هڪ هاءِ ڪورٽ جو جج هجي يا جج ٿي رهيو هجي.

سمجهاڻي 2: رِويو (نظرثاني) بورڊ جو رايو (فيصلو) ميمبرن جي گهڻائي (اڪثريت) جي راءِ سان شرطن تي ظاهر ڪيو ويندو.

(5) جڏهن ڪوبہ شخص ڪنهن اهڙي روڪيندڙ قانوني فقرن مطابق نظربند ڪيو وڃي تہ اها اختياري جيڪا اهڙو (نظربندي) حڪم جاري ڪري انهيءَ نظربندي جي (15 ڏينهن اندر) اُن شخص کي انهن سببن کان واقف ڪندو، جن جي ڪري حڪم نامو جاري ڪيو ويو آهي ۽ پڻ ڪيس جيترو جلد ٿي سگهي (اوترو) موقعو فراهم ڪندو تہ هُو انهيءَ حڪم نامي جي خلاف عرضداشت (گذارش) ڪري سگهي.

پر حڪم جاري ڪندڙ اختياري انهن حقيقتن کي ظاهر ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي، جن کي ظاهر ڪرڻ، انهيءَ اختيار جي راءِ ۾ عوامي فائدي (Public Interest) جي خلاف آهي.

(6) حڪم جاري ڪندڙ اختياري، معقول رِويو (نظرثاني) بورڊ کي ڪيس (معاملي) بابت، اهي سڀ دستاويز (ڪاغذ) رسائيندي، جيستائين ڪِ متعلقہ حڪومت جي سيڪريٽري طرفان صحيح ڪيل اهڙو سرٽيفڪيٽ (سَند) پيش نہ ڪيو وڃي، جنهن ۾ اهو ڏيکاريل هجي تہ دستاويزَ پهچائڻ عوام جي مفاد خلاف آهي.

(7) ڪوبہ شخص جنهن کي قانون هيٺ جاري ڪيل حڪم نامي هيٺ نظربند ڪيو ويو آهي، ان کي پهرين نظربندي جي (پهرين) ڏينهن کان 24 مهينن جي اندر 8 مهينن جي ٽوٽل عرصي کان وڌيڪ نظربند نہ رکيو آهي، جيڪڏهن سندس هلت عوامي امن لاءِ هاڃيڪار آهي، ٻي صورت ۾ اُن جو مُدو 12 مهينن تائين هوندو.

پر هي فقرو اهڙي ڪنهن ماڻهوءَ (شخص) سان لاڳو نہ رهندو، جيڪو (ملڪ) دشمن طرفان ٻيهاريل آهي يا ان جي هدايت تي عمل يا ڪم ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو آهي يا هُو پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي بچاءَ، وحدت ۽ سالميت جي خلاف هاڃيڪار هلت هلي رهيو آهي، يا (اهڙو) ڪم ڪري رهيو آهي يا اهڙي ڪم جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جيڪو (ڪنهن) وفاقي قانون موجب قوم (ملڪ) دشمن آهي يا اهڙي سنگت (انجمن) جو ميمبر (فرد) آهي، جنهن جو مول مقصد (پاڪستان جي) قوميت خلاف آهي يا هُو اهڙين ڪارروائين ۾ رُڌل آهي.

(8) معقول رِويو (نظرثاني) بورڊ، نظربند ٿيل ماڻهوءَ جي نظربنديءَ جي جاءِ جو تعين ڪندي ۽ سندس ڪٽنب جي (ڪاڌ خوراڪ لاءِ) مناسب ڀتو مقرر ڪندي.

(9) هن فقري ۾ ڏنل (قانون) اهڙي شخص سان لاڳو نه رهندو، جيڪو في الحال (في الوقت) ڌاريو دشمن آهي.

## 11. غلامي (ٻانهپ) زبردستي پورهيو وغيره منع آهي.

(1) غلامي جو ڪو وجود ڪونهي ۽ منع ٿيل آهي. ڪوبه قانون، ڪنهن به ريت ان جي اجازت يا ان جي ڪنهن به صورت (شڪل) کي، پاڪستان ۾ رائج ڪرڻ جي سهوليت مهيا نه ٿو ڪري سگهي.

(2) زبردستي پورهئي جا سڀئي نمونا ۽ ماڻهن جو واپار (برده فروشي) منع آهي.

(3) 14 سالن کان گهٽ عمر واري ڪنهن به ٻار کي ڪنهن به ڪارخاني ۾ يا کاڻ ۾ يا ٻئي (ڪنهن) جوکي واري ڪم (ڌنڌي) تي نٿو ٻيهاري سگهجي.

(4) هي قلم (انهيءَ) لازمي سروس (نوڪري) تي اثر انداز نه رهندو، جيڪو:

(الف) اهڙو ماڻهو ڪنهن قانون هيٺ ڪيل ڏوهه لاءِ سزا ڪاٽي رهيو آهي.

(ب) يا اها (نوڪري) ڪنهن قانون موجب عوامي فائدي لاءِ آهي.

پر شرط آهي ته ڪابه لازمي سروس (نوڪري) نه سنگدل (ظالماڻي) نموني جي هوندي ۽ نه وري اها انساني عظمت جي خلاف هوندي.

## 12. گذريل سزا جي خلاف بچاءُ (حفاظت)

(1) ڪوبه قانون ڪنهن به شخص کي سزا ڏيڻ جي اختياري نه ڏيندو:

(الف) جيڪو ڪم يا غفلت ان وقت جڏهن اهو ڪم ڪيو ويو هو يا غفلت ڪئي ويئي هئي، قانون موجب سزا (ڏيڻ) جي لائق نه هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ڪو ڏوهه جنهن جو ڏنڊ (ڇٽي) انهيءَ ڏنڊ (سزا ياڇٽي) کان مختلف آهي يا گهٽ آهي، جيڪو قانون موجب ان ڏوهه لاءِ، ڏوهه ڪرڻ وقت مقرر ڪيل هو.

(2) فقري 1 يا قلم 270 ۾ بيان ڪيل (قانون) 23 مارچ 1956ع کان وٺي ڪنهن به وقت پاڪستان ۾ نافذ ڪيل دستور کي منسوخ ڪرڻ يا بدلائڻ (بگاڙڻ) لاءِ قانون سازي جي ڪنهن به ڪم سان لاڳو آهي (جيڪو) هڪ ڏوهه آهي.

## 13. ٻٽي (ٻيڻي) سزا ۽ پاڻ تي الزام هڻڻ خلاف بچاءُ (حفاظت)

ڪنهن به ماڻهوءَ کي:

(الف) ساڳئي ڏوهه لاءِ هڪ کان وڌيڪ ڀيرو مقدمو نه هلايو ويندو ۽ نه وري ساڳئي ڏوهه لاءِ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا سزا ڏيئي سگهجي ٿي.

(ب) جيڪو ڪنهن ڏوهه جو ملزم (جوابدار) آهي، کي مجبور نه ڪيو ويندو ته هو پنهنجي خلاف شاهد ٿئي (شاهدي ڏي).

## 14. ماڻهوءَ جي عظمت لازوال وغيره

(1) ماڻهوءَ جي عظمت ۽ قانون موجب سندس گهر جي خلوت، هٿ چُراند کان پاڪ رهندي.

(2) ڪنهن به ماڻهوءَ کان شاهدي ڇڪي وٺڻ (حاصل ڪرڻ) لاءِ ڪيس اذيت (ايذاءُ يا عذاب) هيٺ نه آندو ويندو.

## 15. چرپر جي آزادي وغيره

هر هڪ شهريءَ کي اهو حق رهندو ته هُو پاڪستان ۾ ڪنهن هنڌ رهي ۽ عوامي مفاد لاءِ قانون طرفان نافذ ڪيل پابندي مطابق ڪٿي به وڃي سگهي، گهمي سگهي ۽ ان (پاڪستان) جي ڪنهن به حصي ۾ رهائش پذير ۽ آباد ٿي سگهي ٿو.

## 16. گڏجاڻيءَ جي آزادي

هر هڪ شهريءَ کي اهو حق رهندو ته هُو عوامي (امن) فائدي لاءِ قانون موجب نافذ ڪيل پابندين هيٺ بنا اسلح (هٿيار) گڏجاڻي ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 17. سنگت (منڊلي يا انجمن) جي آزادي

(1) هر هڪ شهريءَ کي اهو حق رهندو ته پاڪستان جي بادشاهي (حاڪميت) يا سالميت يا عوامي امن يا اخلاق، جي فائدي لاءِ، قانون موجب نافذ ڪيل مناسب پابندين، موجب سنگت (انجمن) يا يونين (جماعت) جوڙي (يا ناهي).

(2) هر هڪ شهريءَ کي جيڪو پاڪستان جي نوڪري ۾ نه آهي (سرڪاري نوڪري) اهو حق رهندو ته هو پاڪستان جي بادشاهي ۽ سالميت جي فائدي لاءِ قانون موجب نافذ ڪيل پابندين موجب، سياسي جماعت ناهي يا ان جو ميمبر (فرد) ٿئي ۽ انهيءَ قانون ۾ اهو به (بندوبست) ڏنل هجي ته وفاقي حڪومت اهو اعلان (ظاهر) ڪري ته سياسي جماعت جا وجود ۾ اچي چڪي آهي ۽ اها پاڪستان جي بادشاهي (حاڪميت) يا سالميت جي خلاف سرگرم آهي (رُڌل آهي) ته انهيءَ اعلان (ظاهر ڪرڻ) جي 15 ڏينهن اندر ان معاملي کي سپريم ڪورٽ آڏو رجوع ڪندي ۽ انهيءَ حوالي تي ان جو فيصلو آخري هوندو.

(3) هرهڪ سياسي جماعت قانون موجب، پنهنجي فنڊ (موڙي، چندي) وغيره جي مُنڍ جو حساب رکندي (ڏيندي).

## 18. واپار، ڌنڌي يا پيشي جي آزادي

هر هڪ شهريءَ کي، انهن لياقتن موجب، جيڪي ڪنهن به اهڙي قانون طرفان مقرر ڪيل هجن، اُهو حق رهندو ته ڪوبه قانوني پيشو يا ڌنڌو اختيار ڪن يا ڪنهن به قانوني پيشي يا ڌنڌي کي هلائين.

پر هن آرٽيڪل ۾ ڏنل (قانون) هيٺين لاءِ روڪ نه پيدا ڪندو يا اثرانداز نه ٿيندو.

(الف) اهڙو قانوني انتظام، جيڪو ان ڌنڌي يا پيشي لاءِ ليسن (پروانو) سسٽم (سرشتي) هيٺ آهي.

(ب) اهڙو قانوني انتظام، جيڪو ان ڌنڌي، واپار يا صنعت لاءِ مفت رقابت جي مفاد ۾ هجي.

(ث) اهڙو واپار، ڌنڌو، حرفت (صنعت) يا خدمت جيڪا وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت يا اهڙي ڪنهن حڪومت جي ضابطي هيٺ آيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارپوريشن (سَنديافته جماعت) ٻين ماڻهن سان ڀائيواري ۾ يا اڪيلي سر هلائيندڙ هجي.

## 19. تقرير جي آزادي وغيره

هرهڪ شهريءَ کي تقرير ۽ بيان جي آزادي رهندي ۽ اسلام جي عزت (واڪاڻ)، پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي وحدت، سلامتي يا بچاءُ، پرڏيهي ملڪن سان دوستي جي ناتن، امن عامه، فضيلت يا اخلاق، يا ڪورٽ جي بي ادبي يا اهڙي ڪنهن ڏوهه (ڪرڻ) يا اُڪسائڻ (هُشي ڏيڻ) متعلق قانون موجب عائد ڪيل پابندين هيٺ، پريس (ڇاپي) جي آزادي (پڻ)رهندي.

## 20. مذهب جي ادائگي ۽ مذهبي ادارن جي بندوبست (ڪرڻ) جي آزادي

قانون، امن عامه (عوامي امن) ۽ اخلاق جي دائري هيٺ:

(الف) هرهڪ شهريءَ کي اهو حق رهندو ته هُو پنهنجي مذهب جي دعويٰ ۽ عمل ڪري ۽ ان جي تبليغ ڪري، ۽

(ب) هرهڪ ديني (مذهبي) جماعت ۽ ان جي هر هڪ فرقي کي اُهو حق رهندو ته هُو پنهنجا مذهبي ادارا قائم ڪري، انهن کي هلائي ۽ انهن جو انتظام ڪري.

## 21. ڪنهن به خاص مذهب جي خلاف محصول مڙهڻ جو بچاءُ

ڪنهن به ماڻهوءَ کان، خاص محصول زبردستي نه ورتو ويندو، جنهن جي وصولي سندس ذاتي مذهب کان سواءِ، ڪنهن ٻئي مذهب جي پرچار ۽ سنڀال تي خرچ ڪئي وڃي.

## 22. مذهبي نقطه نگاهه کان تعليمي ادارن بابت بچاءُ (نگهباني)

(1) ڪنهن به ماڻهوءَ کي، جيڪو ڪنهن تعليمي اداري ۾ حاضر رهي ٿو (زير تعليم آهي)، ان کي اها مذهبي تعليم نه ڏني ويندي ۽ نه وري ان کي ڪنهن مذهبي رسم يا مذهبي عبادت (پوڄا) ۾ حاضر رهڻو پوندو، جيڪڏهن اها تعليم، رسم يا عبادت، سندس پنهنجي مذهب کان سواءِ ٻئي مذهب جي هوندي.

(2) ڪنهن به مذهبي اداري بابت ڪنهن به محصول جي معافي يا رعايت ڏيڻ بابت، ڪنهن به فرقي (يا نيات) جي خلاف امتياز (فرق) نه ورتايو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) قانون جي (حدن) اندر:

(الف) ڪنهن به مذهبي نيات، يا فرقي کي، سندن پنهنجي (خرچ تي) قائم ڪيل تعليمي اداري ۾ پنهنجي فرقي جي شاگردن کي سندن مذهب مطابق تعليم ڏيڻ کان نه روڪيو ويندو.

(ب) ڪنهن به شهري کي سرڪاري خرچ تي هلندڙ ڪنهن به تعليمي اداري ۾، نسل، مذهب، ذات يا ڄم جي جاءِ (جنم ڀومي) جي سبب ڪري، داخلا (ڏيڻ) کان انڪار نه ڪيو ويندو.

(4) هن آرٽيڪل ۾ ڏنل (قانون) ڪنهن به سرڪاري اختياري کي ڪنهن به سماجي يا تعليمي طور پٺتي پيل شهرين جي طبقي لاءِ، سندن ترقي لاءِ جوڳو بندوبست ڪرڻ کان نه روڪيندي.

## 23. ملڪيت لاءِ بندوبست

هرهڪ شهريءَ کي، دستور هيٺ پاڪستان جي ڪنهن به حصي ۾ قانون مطابق مفاد عامه (عوامي فائدي) جي مدِنظر عائد ڪيل پابندين موجب، ملڪيت حاصل ڪرڻ (پاڻ وٽ)، رکڻ، نيڪال ڪرڻ جو حق رهندو.

## 24. ملڪيت جي حقن جي حفاظت

(1) ڪنهن به ماڻهوءَ کي قانون جي پوئواري کان سواءِ سندس ملڪيت کان محروم نه ڪيو ويندو (يا ڪانئس ملڪيت نه کسي ويندي).

(2) ڪابه ملڪيت سرڪاري مطلب (ڪم) لاءِ قانون جي اختياري سان، جنهن ۾ ان لاءِ معاوضي جو بندوبست هجي يا جيڪو ان لاءِ معاوضي جي رقم مقرر ڪري، يا اهڙا اصول يا طريقا ٺاهي (مقرر ڪري) جنهن ۾ معاوضي جي رقم مقرر ڪئي وڃي ۽ ڏني وڃي، زبردستي حاصل نه ڪئي ويندي ۽ نه وري ان جو زبردستي قبضو ورتو ويندو.

(3) هن آرٽيڪل ۾ ڏنل (بيان ڪيل) هيٺين جي جائز هجڻ تي اثرانداز نه رهندو.

(الف) اهڙو قانون جنهن جي اجازت سان، زندگي، ملڪيت، يا صحت عامه جي خطري کي روڪڻ لاءِ ڪابه ملڪيت لازمي طور (زبردستي) حاصل ڪئي وڃي، يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) اهڙو قانون جنهن جي اجازت سان، ڪابه اهڙي ملڪيت حاصل ڪئي وڃي، جيڪا ڪنهن ماڻهو غلط طريقن سان يا خلافِ قانون حاصل ڪئي هجي يا ان جي قبضي ۾ آئي هجي.

(ث) اهڙو قانون جنهن موجب ڪنهن اهڙي ملڪيت جو حاصل ڪرڻ، انتظام هلائڻ، نيڪال ڪرڻ، جا دشمن جي ملڪيت آهي، يا جنهن کي دشمن جي ملڪيت سمجهيو وڃي يا جيڪا متروڪ (Evacuee) پراپرٽي هجي (يا ڪنهن قانون موجب متروڪه پراپرٽي نه رهي هجي)، يا

(د) اهڙو قانون جنهن موجب حڪومت، مقرر ڪيل مُدي لاءِ، عوامي مفاد يا ان جي مناسب انتظام لاءِ اُن جي مالڪ جي فائدي لاءِ، ڪنهن ملڪيت کي ڪٽي (يا قبضي هيٺ آڻي) يا ان جي انتظام هلائڻ جو بندوبست ڪري، يا

(ع) اهڙو قانون جنهن موجب ڪنهن به قسم جي ملڪيت، هيٺين مطلبن (ڪمن) لاءِ حاصل ڪئي وڃي:

(1) سيني شهرين يا شهرين جي مخصوص طبقي کي تعليم ۽ طبي امداد (ڏيڻ لاءِ)؛ يا

(2) سيني شهرين يا شهرين جي مخصوص طبقي کي عوامي سهوليت ۽ پيون اهڙيون خدمتون (جهڙوڪ) رستا، پاڻي، ناليون (گندي پاڻيءَ جون)، گئس يا بجلي جي فراهمي.

(3) اهڙن ماڻهن جي سنڀال لاءِ جيڪي بيروزگاري، بيماري، ڪمزوري يا پوڙهپڻ (پيري) سبب پنهنجي سنڀال نٿا ڪري سگهن.

(ف) ڪوبه هلندڙ قانون يا ڪوبه اهڙو قانون جيڪو آرٽيڪل 253 جي پيروي ۾ ٺاهيو وڃي.

(4) هن آرٽيڪل ۾ بيان ڪيل ڪنهن به اهڙي قانون هيٺ مقرر ڪيل معاوضي (رقم) جو موزون هجڻ يا ٻي طرح (نه هجڻ) جو سوال (دعوي) ڪنهن به ڪورٽ ۾ نٿو ڪٽي سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 25. شهرين جي برابري

(1) سڀ شهري قانون جي آڏو برابر آهن ۽ سڀني کي قانون طرفان هڪ جهڙي حفاظت رهندي.

(2) فقط جنس جي بنياد تي ڪنهن سان به امتياز (فرق) نه رکيو ويندو.

(3) هن آرٽيڪل ۾ بيان ڪيل (قانون) حڪومت طرفان ڪنهن اهڙي خاص بندوبست (قانون) کي روڪ نه ڪندو (يا اثرانداز نه رهندو) جيڪو عورتن ۽ ٻارن جي حفاظت لاءِ ڪيو وڃي.

### 26. عام (پبلڪ) جاين تي بنا فرق جي پهچ (رسڻ)

(1) عام وندر يا گهُمڻ جي جاين بابت جيڪي مذهبي مقصدن لاءِ رکيل نه هجن، ڪنهن به شهري کي نسل، مذهب، جنس، ڄم يا رهائش جي جاءِ سبب، اُتي وڃڻ يا گهُمڻ لاءِ فرق (امتياز) نه رکيو ويندو.

(2) فقري (1) ۾ ڏنل (قانون)حڪومت کي خاص تهرائن وضع ڪرڻ لاءِ روڪ نه ڪندو، جيڪو زالن يا ٻارن لاءِ ٺاهيو وڃي.

### 27. نوڪرين (تقررين) ۾ امتياز خلاف بچاءُ

(1) ڪنهن به شهري کي جيڪو، ٻي طرح (هونئن) پاڪستان جي ڪنهن به نوڪري (تقرري) لاءِ لياقت رکندڙ هجي، ته ان کي نسل، مذهب، ذات، جنس، ڄم ۽ رهائش جي هنڌ، جي ڪري، انهيءَ نوڪري ڏيڻ ۾ امتياز نه رکيو ويندو (نوڪري ڏيڻ کان انڪار نه ڪيو ويندو).

پر شروع واري ڏينهن کان ويهن سالن جي عرصي اندر، ڪنهن طبقي يا ايراضي جي ماڻهن کي پاڪستان جي نوڪرين ۾ مناسب نمائندگي ڏيڻ لاءِ، آساميون (عهدا، نوڪريون) بچائي رکيون وينديون.

پر وري (وڌيڪ) انهن نوڪرين جي مفاد ۾، مخصوص عهدا ۽ نوڪريون، ٻنهي جنسن جي فردن لاءِ، بچائي رکيون وينديون، جيڪڏهن انهن عهدن يا نوڪرين جي فرضن ۽ ڪمن جي بجاآوري ٻي (زناني) جنسن جي فردن کان مناسب طريقي سان، سرانجام نٿي ٿي سگهي.

(2) فقري (1) ۾ بيان ڪيل (قانون) ڪنهن به صوبائي حڪومت کي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوبي جي ڪنهن مقامي يا ٻي اختياري کي، انهيءَ حڪومت يا اختياري هيٺ ڪنهن به عهدي يا نوڪري لاءِ، اهڙا شرط مقرر ڪرڻ کان نه روڪيندي، ته هُو انهيءَ مقرري (نوڪري) يا عهدي ۾ اچڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن کان انهيءَ صوبي ۾ رهندڙ هجي.

## 28. ٻولي، رسم الخط، صورتخطي، ثقافت جي ضمانت

آرٽيڪل 251 (جي پابندين) هيٺ شهرين جو ڪوبه حصو، جنهن کي مختلف ٻولي، رسم الخط (صورتخطي) يا ثقافت هجي، تن کي محفوظ ڪرڻ، ترقي وٺائڻ ۽ انهيءَ مقصد لاءِ قانون موجب ادارا قائم ڪرڻ جو حق رهندو.

# باب ٻيو- پاليسي جا اصول

## 29. پاليسي (راڄ نيتي) جا اصول

(1) هن باب ۾ ڏنل اصولن کي راڄ نيتي (پاليسي) جا اصول سڏيو ويندو ۽ حڪومت جي هر هڪ انتظاميا(Organ) ۽ اختياري جي ۽ پڻ هر هڪ شخص جي، جيڪو انتظاميا ۾ اختياري پاران ڪم ڪري (سرانجام ڏئي) رهيو آهي، ذميواري رهندي، ته هُو پنهنجي ڪارگذاري، انهن اصولن مطابق سرانجام ڏي، جيڪي انهيءَ انتظاميا يا اختياري متعلق هجن.

(2) ڪنهن به پاليسي جي خاص (مقرر ڪيل) اصول جي ادائگيءَ جو ميسر وسيلن تي دارومدار هوندو، پر اصولن جي ادائگي وسيلن جي تابع هوندي.

(3) هر هڪ سال لاءِ، وفاقي معاملن بابت صدر ۽ صوبن جي معاملن بابت گورنر (والي)، پاليسي جي اصولن جي ادائگي بابت رپورٽ تيار ڪرائي، نئشنل (قومي) اسيمبلي ۾ جيئن هجي صوبائي اسمبلي آڏو پيش ڪندو، ۽ قومي اسيمبلي ۾ جيئن هجي صوبائي اسيمبلي جي ڪارروائي جي قاعدن (Rules) ۾ اهڙا نهراءُ شامل ڪيا ويندا ته اهڙي رپورٽ تي نئشنل (قومي) اسيمبلي ۾ جيئن هجي، صوبائي اسيمبلي ۾ بحث ڪيو وڃي.

## 30. پاليسي (راڄ نيتي) جي اصولن بابت ذمبواري

(1) حڪومت جي ڪنهن به انتظاميا يا اختياري يا ڪو شخص جيڪو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظاميا يا اختياري پاران ڪم سرانجام ڏيئي رهيو آهي، اُن بابت اهو فيصلو ته پرنسپل آف پاليسي (پاليسي جي اصولن) مطابق آهي، حڪومت جي انهيءَ انتظاميا، اختياري يا متعلقه شخص (ماڻهو) جي ذميواري آهي.

(2) ڪنهن به (ڪنيل) قدم يا قانون جو انهيءَ سبب ڪري ته اهو پاليسي (راڄ نيتي) جي اصولن مطابق نه آهي، پڇا نه ٿي سگهندي ۽ نه وري حڪومت يا حڪومت جي ڪنهن انتظاميا يا اختياري خلاف انهيءَ سبب ڪري قدم کنيو ويندو.

## 31. زندگيءَ جو اسلامي طريقو

(1) پاڪستان جي مسلمانن لاءِ اهڙا قدم کنيا ويندا، جن موجب اُهي انفرادي ۽ اجتماعي طور، پنهنجي زندگي، اسلام جي مکيه اصولن ۽ بنيادي عقيدن مطابق، ترتيب ڏيڻ ۾ آڻين ۽ اهڙيون سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون وينديون جنهن موجب اهي زندگيءَ جو مطلب قرآن شريف ۽ سنت مطابق سمجهي سگهن.

(2) حڪومت جي اها ڪوشش هوندي ته اها پاڪستان جي مسلمانن لاءِ:

(الف) قرآن پاڪ ۽ اسلاميات جي تعليم لازمي ڪري ۽ عربي ٻوليءَ جي پڙهائي لاءِ سهوليت پيدا ڪري ۽ قرآن جي صحيح ۽ صاف ڇپائي ۽ پڌرائي جي ضمانت ڏي.

(ب) اسلام جي اخلاقي قدرن جي يگانيت (ايڪتا) ۽ ادائگي کي زور وٺائي (واڌارو آڻي).

(ث) زڪواة (عُشر) اوقاف ۽ مسجدن کي برقرار رکڻ جو معقول انتظام ڪري.

## 32. مقامي خودمختيار ادارن جي ترقي

حڪومت متعلقه ايراضيءَ مان چونڊيل نمائندن جي مقامي خودمختيار ادارن جي همت افزائي ڪندي ۽ اهڙن ادارن ۾ هارين، ڪمين ۽ عورتن کي خاص نمائندگي ڏني ويندي.

## 33. تنگ نظري ۽ ٻين ساڳين تعصبن جو خاتمو

حڪومت، شهرين ۾ تنگ نظري، نسلي، قبائلي، فرقيوارانه ۽ صوبائي تعصب جو خاتمو آڻيندي (همت افزائي نه ڪندي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 34. قومي زندگيءَ ۾ عورتن جو ڀرپور حصو (شرڪت)

اهڙا قدم کنيا ويندا ته جيئن عورتن کي قومي زندگيءَ جي سيني دائرن ۾، ڀرپور حصي وٺڻ جي ضمانت هجي.

### 35. ڪٽنب (خاندان) جي حفاظت وغيره

حڪومت، شادي، ڪٽنب، ماءُ ۽ ٻار جي حفاظت ڪندي.

### 36. اقليتن جي حفاظت

حڪومت، اقليتن جي جائز حقن، واسطن ۽ انهن جي وفاقي ۽ صوبائي نوڪرين ۾ واجبي نمائندگي جي حفاظت ڪندي.

### 37. سماجي انصاف کي ترقي وٺرائڻ ۽ سماجي برائين جي پاڙ پٽڻ

حڪومت:

(الف) خاص خبرداري سان، پُٺتي پيل طبقن يا ايراضين جي تعليمي ۽ اقتصادي ناتن کي ترقي وٺرائيندي.

(ب) جهالت (ناخواندگي) کي ختم ڪندي ۽ ثانوي تعليم کي گهٽ ۾ گهٽ عرصي (مُدي) اندر مفت ۽ لازمي ڪرڻ جو بندوبست ڪندي.

(ث) هنري (ڪاريگري) ۽ پيشه ورانه تعليم کي عام ڪندي ۽ لياقت جي بنياد تي اعليٰ تعليم کي سڀ ڪنهن جي پهچ اندر ميسر ڪندي.

(د) گهٽ خرچ سان جلد انصاف مهيا ڪندي.

(ع) اهڙو بندوبست ڪندي، جنهن موجب ڪم ڪرڻ (مزوري) جون انصاف تي ٻڌل دردمندانه حالتون پيدا ڪيون وڃن، عورتن ۽ ٻارن کي سندن عمر يا جنس سان موافقت نه رکندڙ ڌنڌي ۾ نه لڳايو وڃي ۽ نوڪري جي حالت ۾ عورتن کي ويم وقت فائدو ڏياريو وڃي (خرچ وغيره).

(ف) مختلف ايراضين جي ماڻهن کي تعليم، سکيا، پوک (کيتي)، ڪارخانن وغيره کي ترقي وٺرائڻ يا ٻين طريقن سان اهل بنائڻ ته جيئن اُهي پاڪستان جي (سرڪاري) نوڪري سوڌو، قومي ڇرپر جي سيني شڪلين (ڪمن) ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ج) بدڪاري، جُوا، نقصانڪار دوائن (جو استعمال)، فحش ادب، لکتون ۽ اشتهارن جي ڇپائي، پڙهائي، ڦهلاءُ، نمائش کي روڪيندي.

(ح) ڀي طرح دوا لاءِ استعمال ٿيندڙ ۽ غير مسلمانن جي مذهبي مقصدن لاءِ ڪم اچڻ کان سواءِ، نشيدار شراب جو واهپو روڪيو ويندو.

(خ) حڪومت جي انتظاميا کي de-centralize ڪرڻ ته جيئن ان جي ڏنڏي (ڪمن) ۾ عوام جي سولائي ۽ گهُرجن جي پورائي لاءِ ترت نيڪال جي سهوليت ٿئي.

## 38. ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي خوشحاليءَ جو واڌارو

حڪومت:

(الف) سيني ماڻهن کي جنس، ذات، مذهب يا نسل جي ويڇي (رکڻ) کان سواءِ خوشحالي جي ضمانت ڏيندي، انهن جي روزگار (زندگي) جي درجي (ڪمائي) ۾ واڌارو آڻيندي، ملڪيت کي هڪ هنڌ (ٿورن ماڻهن وٽ) جمع ٿيڻ نه ڏيندي (روڪيندي)، پيدائش ۽ ورهاست جي وسيلن کي ٿورن ماڻهن جي هٿ ۾ رهڻ نه ڏيندي ته جيئن ٻين جي حقن (واسطن) جو نقصان نه ٿئي ۽ مالڪ ۽ نوڪر، مالڪ مڪان ۽ ڪرائيدار (مسواڙي) جي وچ ۾ بنا رياءَ جي حقن جي برابري آڻيندي.

(ب) ملڪ جي موجود وسيلن مطابق سيني شهرين لاءِ ڪم جون سهوليتون، مناسب زندگاني، واجبي آرام ۽ فرصت پيدا ڪندي.

(ث) اُهي سڀ شخص، جيڪي پاڪستان جي سروس (نوڪري) ۾ يا ٻي طرح آهن، لازمي سماجي ويمي رستي يا ٻين طريقن سان سماجي تحفظ مهيا ڪري ڏيندي.

(د) اهڙن شهرين کي جنس، ذات، مذهب يا نسل جي ويڇي رکڻ کان سواءِ، جيڪي مستقل يا عارضي طور ڪمزوري، بيماري يا بيروزگاري سبب گذران نه ٿا ڪري سگهن (يا پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ ڪمائي نٿا سگهن)، بنيادي ضرورتون جهڙوڪ کاڌو، ڪپڙو، گهر، تعليم، طبي امداد مهيا ڪري ڏيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ع) فردن جي وچ ۾، جن ۾ اهي به شامل آهن، جيڪي پاڪستان جي نوڪرين جي مختلف طبقن ۾ آهن، آمدني ۽ ڪمائي جو تفاوت گهٽائيندي.

(ف) جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو وياج کي ختم ڪندي.

## 39. ماڻهن جو مسلح افواج ۾ حصو وٺڻ

حڪومت پاڪستان جي سڀني حصن جي ماڻهن کي مسلح افواج ۾ حصي وٺڻ جو بندوبست ڪندي (يا موقعا فراهم ڪندي).

## 40. مسلم دنيا سان ناتن کي مضبوط ڪرڻ ۽ عالمي امن ۾ اضافو

حڪومت مسلم ملڪن جي وچ ۾ اسلامي اتحاد تي مبني برادرانه رشتن (ناتن) کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي، ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جي ماڻهن جي ساڳين (هڪجهڙن) مفادن کي هٿي ڏيندي، عالمي امن ۽ تحفظ کي وڌائيندي، سڀني قومن جي وچ ۾ نيڪ نيتي ۽ دوستانه تعلقات کي فروغ ڏيندي (زور وٺرائيندي) ۽ بين الاقوامي تڪرارن کي پرامن طريقن سان نبيرڻ جي همت افزائي ڪندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو ٽيون

## پاڪستان جو وفاق

### باب پهريون - صدر (پريزيڊنٽ)

**41.** صدر

(1) پاڪستان جو هڪ صدر هوندو (ٿيندو)، جيڪو حڪومت جو سربراهه هوندو ۽ جمهوريت (لوڪ راڄ) جي وحدت (ايڪي) جي نمائندگي ڪندو.

(2) ڪوبه ماڻهو صدر جي چونڊ جي لياقت نه رکندو، جيستائين ڪه هو گهٽ ۾ گهٽ 45 سالن جي عمر جو نه هجي ۽ قومي اسيمبلي لاءِ ميمبر ٿي چونڊجي اچڻ جي قابل نه هجي.

(3) صدر جي چونڊ انهيءَ مُدي ختم ٿيڻ کان پوءِ ٿيندي، جيڪو فقري (7) ۾ ڏنل آهي ۽ ان کي ٻئي شيڊول (ضميمي) ۾ ڏنل فقرن موجب اليڪٽورل ڪاليج جي ميمبرن وسيلي چونڊيو ويندو، جن ۾:

(الف) ٻنهي ايوانن (گهرن) جا ميمبر ۽،

(ب) صوبائي اسيمبلين جا ميمبر هوندا.

(4) صدر جي چونڊ عهدي تي ويٺل (حاضر) صدر جي مُدي جي پوري ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ سٺ ڏينهن کان اڳ ۽ ٽيهن ڏينهن کان پوءِ عمل ۾ ايندي.

پر جيڪڏهن (صدر جي) چونڊ ذڪر ڪيل عرصي اندر نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته قومي اسيمبلي برخواست (ختم) آهي ته پوءِ اسيمبلي لاءِ عام چونڊ جي ٽيهن ڏينهن اندر ڪئي ويندي.

(5) صدر جي خالي عهدي کي ڀرڻ لاءِ، چونڊ، جاءِ خالي ٿيڻ جي واقعي کان ٽيهن ڏينهن جي اندر ڪرڻي آهي.

پر جيڪڏهن چونڊ ذڪر ڪيل عرصي اندر نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته قومي اسيمبلي (برخواست) ختم آهي ته پوءِ اسيمبلي لاءِ عام چونڊ جي ٽيهن ڏينهن اندر ڪئي ويندي.

(6) صدر جي چونڊ جي درستي (جائز هجڻ) بابت نه سوال اُٿاريو ويندو ۽ نه وري ڪنهن ڪورٽ يا ٻي اختياري آڏو زير ويچار آندو ويندو.

(7) هن آرٽيڪل (قلم) يا آرٽيڪل 43 ۾ يا دستور جي پيٽي آرٽيڪل يا ڪنهن ٻئي قانون ۾ ڏنل عبارت هوندي به جنرل ضياءُالحق انهيءَ ريفرنڊم (عام راءِ) جي نتيجي ۾ جيڪو 19 ڊسمبر 1984ع تي ڪرايو ويو هو، مجلس شوريٰ جي ايوانن جي چونڊن کان پوءِ گهرايل مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي گڏيل اجلاس جي پهرين گڏجاڻي جي ڏينهن کان پنجن سالن تائين عهدي تي رهندو ۽ آرٽيڪل 44 ۾ دستور ۾ ڏنل ٻيا ٺهراءُ انهيءَ موجب (ان سان) لاڳو رهندا.

## 42. صدر جو قسم (حلف)

عهدي تي چڙهڻ (ويهڻ) کان اڳ صدر، ٽئين ضميمي (شيڊول) ۾ ظاهر ڪيل طريقي سان، پاڪستان جي چيف جسٽس اڳيان حلف کڻندو.

## 43. پريزيڊنٽ (صدر) جي عهدي جا شَرط

(1) صدر، پاڪستان جي نوڪرين ۾ ڪو به اهڙو عهدو نه وٺندو يا اهڙو مرتبو (عهدو) نه ماڻيندو، جنهن ۾ ان عهدي جي خدمتن جي صلي (بدلي) ۾ اجوري وٺڻ جو حق هجي.

(2) صدر، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا صوبائي اسيمبلي جي چونڊ ۾ ميمبر (جي حيثيت ۾) لاءِ اميدوار نه ٿيندو ۽ جيڪڏهن مجلس شوريٰ يا صوبائي اسيمبلي جو ميمبر، صدر چونڊجي وڃي ته پوءِ مجلس شوريٰ يا پارليامينٽ جيئن به هجي صوبائي اسيمبليءَ ۾ سندس سيٽ (جاءِ) عهدي تي چڙهڻ واري ڏينهن تي خالي رهندي.

## 44. صدر جي عهدي جو مُدو

(1) دستور جي تابع (پابندي هيٺ) صدر پنهنجي عهدي تي چڙهڻ واري ڏينهن کان پنجن سالن جي مُدي تائين پنهنجي عهدي تي رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سندس مُدي جي ختم ٿيڻ (خاتمي) هوندي به صدر جي عهدي تي رهندو، جيستائين سندس جاءِ نشين سندس عهدي تي چڙهي (يا عهدو سنڀالي).

(2) دستور جي تابع (پابندي هيٺ) ڪو شخص، جيڪو صدر جي عهدي تي آهي، صدر جي عهدي لاءِ ٻيهر چونڊجي اچڻ جي لائق آهي، پر ڪوبه شخص ٻن لاڳيتي مُدن کان وڌيڪ، صدر جي عهدي تي نه رهي سگهندو.

(3) صدر، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ڏانهن پنهنجي هٿ هيٺ لکت ۾، پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي سگهي ٿو.

## 45. معافي ڏيڻ وغيره ۾ صدر جا اختيارات

صدر کي اهو اختيار رهندو ته هُو ڪنهن به ڪورٽ، ٽربيونل يا ٻي اختياري طرفان ڏنل سزا معاف ڪري، مهمل ڪري، مهلت ڏي، گهٽائي، معطل ڪري يا ڦيرائي (بدلائي).

## 46. پريزيڊنٽ (صدر) متعلق وزيراعظم جا فرض

وزيراعظم جي ڊيوٽي رهندي ته هُو:

(الف) صدر کي، ڪيبينيٽ جي انهن سيني فيصلن، جيڪي وفاق جي انتظامي معاملن بابت هجن ۽ قانون سازي جي رٿن کان آگاهه ڪندو (يا لهه وچڙ ۾ ايندو).

(ب) وفاق جي انتظامي معاملن ۽ قانون سازي متعلق رٿن بابت اهڙي ڪابه خبر (ڄاڻ) رسائيندو، جنهن لاءِ صدر گهُر ڪندو هجي، ۽

(ٿ) صدر جي گهُر ڪرڻ تي اهڙو ڪوبه معاملو جنهن تي وزيراعظم يا ڪنهن وزير فيصلو ڏنو آهي، پر ان تي ڪيبينيٽ غور نه ڪيو آهي، ان کي ڪيبينيٽ آڏو ويچار (غور) لاءِ پيش ڪندو.

## 47. پريزيڊنٽ کي هٽائڻ (باز پرس ڪرڻ)

(1) دستور ۾ جيڪي ڏنل آهي، ان هوندي به هن آرٽيڪل جي فقرن موجب، صدر کي سندس عهدي تان بدني يا دماغي لاچاري (گهٽتائي) يا ان کي دستور جي انحرافي جي ڏوهه ۾ يا اڻ وٽندڙ غير واجبي هلت سبب، سندس عهدي تان هٽائي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ٻنهي ايوانن جي ٽوٽل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ اڌ (ميمبر) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر يا جيئن هجي، چيئرمين کي لکت ۾ سندن ارادي جو نوٽيس ڏيندا ته اُهي (صدر کي) هٽائڻ يا باز پرس ڪرڻ لاءِ قرارداد جو ارادو رکن ٿا ۽ اُن نوٽيس ۾ سندس لاچارين يا سندن خلاف (باز پرس ڪرڻ لاءِ) الزام آهي، ان جو تفصيل ڏنو ويندو.

(3) فقري (2) هيٺ جيڪڏهن نوٽيس چيئرمين کي مليو ته هُو ان کي اسپيڪر ڏانهن موڪلي ڏيندو.

(4) اسپيڪر فقري (2) يا فقري (3) هيٺ نوٽيس ملڻ شرط ٽن ڏينهن اندر، ان نوٽيس جي ڪاپي (نقل) صدر کي ڏياري موڪليندو.

(5) نوٽيس ملڻ کان گهٽ ۾ گهٽ ستن ڏينهن کان پوءِ ۽ وڌ ۾ وڌ 14 ڏينهن اندر ٻنهي ايوانن جو گڏيل اجلاس طلب ڪندو.

(6) گڏيل اجلاس انهيءَ سبب يا الزام بابت جنهن تي نوٽيس ڪڍيل آهي، جانچ (تفتيش) ڪندو يا (جانچ) نوٽيس ڪرائيندو.

(7) صدر کي اهو حق رهندو ته گڏيل اجلاس جي آڏو پڻ جاچ مهل پاڻ حاضر رهي يا عيوضي موڪلي.

(8) جانچ جي نتيجي تي جيڪڏهن ڪا آهي، ويچار ڪرڻ کان پوءِ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي گڏيل اجلاس، جنهن ۾ ٽوٽل ميمبرشپ جي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي ميمبرن جي ووٽن ذريعي قرارداد پاس ڪئي ويندي، جنهن ۾ اعلان ڪيو ويندو (فيصلو ڪيو ويندو) ته صدر لاچاري سبب، يا دستور جي انحرافي سبب يا اڻ وڻندڙ غير واجبي هلت جو ڏوهاري آهي، ته پوءِ ان قرارداد جي پاس ٿيڻ کان پوءِ هُو ان عهدي تي ختم ٿيل سمجهيو ويندو (يا نه رهندو).

## 48. صدر جو صلاح (مشوره) تي عمل وغيره

(1) پنهنجي عهدي جي ڪارگذاري هلائڻ لاءِ صدر، ڪئبينيٽ يا وزيراعظم جي صلاح (مشورو) تي عمل ڪندو.

پر صدر، اها گهُر ڪري سگهي ٿو ته ڪئبينيٽ يا وزيراعظم جيئن هجي، پنهنجي ڏنل صلاح تي سرسري نموني يا ٻي طرح وري غور ڪن ۽ صدر انهيءَ پيهر غور ڪيل صلاح (مشوره) تي عمل (ڪم) ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) فقري (1) ۾ ڏنل (قاعدي) هوندي بہ صدر، انهن معاملن ۾ جنهن ۾ ڪيس دستور موجب اختيار مليل آهي، پنهنجي مرضي موجب عمل ڪري (ڪاروائي ڪري) سگهي ٿو [۽ صدر جيڪي بہ پنهنجي مرضي موجب ڪري، ان تي ڪنهن بہ سبب، ڪوبہ سوال نہ اُٿاريو ويندو.]

(3) 8 ترميمي ائڪٽ 1985 (18 آف 85) موجب خارج ڪيو ويو.

(4) انهيءَ سوال کي تہ صدر کي ڪئبينيٽ، وزيراعظم، ڪنهن وزير، يا وزير مملڪت الائي ڪهڙي صلاح ڏني، تنهن کي ڪنهن بہ ڪورٽ، ٽربيونل يا ٻي اختياري آڏو پڇا ڳاڇا نہ ٿيندي.

(5) جڏهن بہ صدر قومي اسيمبلي ڪالعدم (برخواست يا ختم) ڪري تہ هُو پنهنجي مرضي موجب (ويچار موجب):

(الف) ڪالعدم ڪرڻ واري ڏينهن کان نوي ڏينهن جي اندر اسيمبلي لاءِ عام چونڊن ڪرائڻ لاءِ، ڪا (هڪ) تاريخ مقرر ڪندو، ۽

(ب) ڪم هلائڻ (نگران) ڪئبينيٽ مقرر ڪندو.

(6) ڪنهن بہ وقت پنهنجي مرضي تي يا وزيراعظم جي صلاح سان جيڪڏهن صدر سمجهي ٿو تہ اهو صحيح آهي تہ قومي اهميت جي ڪنهن معاملي تي ريفرنڊم (عام راءِ) ڪرائي وڃي تہ صدر انهيءَ معاملي کي هڪ سوال ذريعي، جنهن جو "ها" يا "نہ" ۾ جواب هوندو، ريفرنڊم (عام راءِ) ڪرائي سگهي ٿو.

(7) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ريفرنڊم (عام راءِ) ڪرائڻ ۽ ريفرنڊم جي نتيجي کي ترتيب ڏيڻ ۽ ڳڻ ڪرڻ لاءِ طريقہ ڪار ٺاهيندي.

## 49. چيئرمين يا اسپيڪر جو پريزيڊنٽ (صدر) تي ڪم ڪرڻ يا صدر جا فرائض سرانجام ڏيڻ

(1) جيڪڏهن صدر جو عهدو، موت، استعيفيٰ يا موقوفي سبب خالي ٿئي ٿو تہ چيئرمين يا جيڪڏهن هُو صدر جي عهدي جا ڪم نٿو ڪري سگهي، قومي اسيمبلي جو اسپيڪر، جيستائين آرٽيڪل 41 جي فقري (3) موجب صدر چونڊجي نہ اچي، صدر جا فرائض سرانجام ڏيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) جيڪڏهن صدر، پاڪستان مان غير حاضر رهڻ سبب يا ٻئي (ڪنهن سبب (ڪري) سندس ڪم (فرائض) سرانجام نٿو ڏيئي سگهي ته (پوءِ) چيئرمين يا اهو به جيڪڏهن غير حاضر آهي يا صدر جي عهدي جا ڪم سرانجام نٿو ڏئي ته پوءِ، جيستائين صدر، پاڪستان ۾ واپس اچي ۽ جيئن هجي، پنهنجو ڪم سنڀالي، قومي اسيمبلي جو اسپيڪر، صدر جا ڪم سرانجام ڏيندو.

## باب ٻيو - مجلس شوريٰ (پارليامينٽ)

## مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو نهڻ، ميعاد ۽ گڏجاڻيون (ميٽنگون)

### 50. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ)

پاڪستان جي هڪ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) هوندي، جنهن ۾ صدر ۽ ٻه ايوان هوندا، جن کي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ سڏيو ويندو.

### 51. قومي اسيمبلي

(1) قومي اسيمبلي ۾، قانون موجب، سڌي ۽ آزاد ووٽ رستي چونڊيل ٻه سؤ ست مسلمان ميمبر هوندا.

(2) ڪوبه ماڻهو ووٽ ڏيڻ جي لائق هوندو، جيڪڏهن:

(الف) هُو پاڪستان جو شهري آهي؛

(ب) هُو ايڪيهه سالن جي ڄمار کان گهٽ نه آهي؛

(ٿ) سندس نالو چونڊن جي يادداشت (لسٽ) ۾ ڏنل آهي؛

(د) ڪيس ڪنهن اختياري رکندڙ ڪورٽ چريو (اڻ سالم دماغ وارو) ظاهر نه ڪيو هجي.

(2- الف) فقري(1) ۾ بيان ڪيل جاين (سيٽن يا ڪرسين) کان سواءِ ڏهه واڌو جايون هونديون، جن کي انهن ماڻهن لاءِ مخصوص رکيو ويندو، جيڪي آرٽيڪل 106 جي فقري (3) ۾ بيان ڪيل آهن.

ڪرستان .... 4

هندو ۽ اُهي شخص جيڪي گهٽ ذاتين سان وابسته آهن ..... 4



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِک، ٻُڌ ۽ پارسي جاتيون ۽ ٻيا غير مسلم ..... 1

قادياني جماعت يا لاهوري جماعت (جيکي پاڻ ... .. 1

کي احمدي سڏين ٿا) تنهن جا ماڻهو

(3) قومي اسيمبلي جون سيٽون هر هڪ صوبي، وفاقي انتظام هيٺ قبائلي ايراضين ۽ وفاقي دارالحکومت ۾ سرڪاري طور پڌرو ڪيل گذريل آدمشماري ۾ ڏنل آباديءَ جي بنياد تي مقرر ڪيون وينديون (ورڇ ڪئي ويندي).

(4) قومي اسيمبلي لاءِ ٽين عام چوندن واري ڏينهن کان، ڏهن سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ، جيڪي به دير ۾ واقع ٿئي، فقري (1) ۾ ڏنل نشستن (سيٽن) جي تعداد ۾ ويهه وڌيڪ نشستون عورتن لاءِ مخصوص ڪيون وينديون ۽ اُهي صوبن کي دستور ۽ قانون موجب ورڇي ڏنيون وينديون.

(4- الف) فقري (2- الف) ۾ بيان ڪيل نشستن (سيٽن) کي پُر ڪرڻ لاءِ ميمبرن کي فقري (1) جي نشستن کي پرڻ لاءِ ميمبرن سان هڪڙي ئي وقت، قانون موجب جداگانه (ڏار ڏار) سڌي ۽ آزاد ووٽ رستي چونڊيو ويندو.

(5) قومي اسيمبلي جي عام چوندن کان پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي اوترو، زالن لاءِ مخصوص ٿيل نشستون (سيٽون) جيڪي صوبي کي ڏنيون ويون آهن، انهن لاءِ ميمبرن جي چوندِ، سندن حصي مطابق، قانون موجب، انهيءَ صوبي جي اسيمبلي لاءِ چونڊجي آيل ميمبرن جي اڪيلي انتقال جوڳي ووٽ ذريعي ٿيندي.

(6) هن آرٽيڪل ۾ جيڪي به ڏنل آهي، ان هوندي به صدر حڪم رستي جيئن هو صحيح سمجهي وفاقي انتظام هيٺ آيل قبائلي علائقن کي ڏنل، قومي اسيمبلي ۾ نشستن کي پُر ڪرڻ لاءِ، اهڙي طريقه ڪار جو بندوبست ڪري.

## 52. قومي اسيمبلي جو مُدو

قومي اسيمبلي، جيڪڏهن اُها جلد ختم نه ٿئي، ته سندس اجلاس واري پهرئين ڏينهن کان پنجن سالن جي عرصي تائين (قائم) رهندي ۽ انهيءَ عرصي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ اها برخواست (ختم) ٿيل سمجهڻ گهُرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 53. قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر

(1) عام چونڊن کان پوءِ، قومي اسيمبلي پنهنجي پهرين گڏجاڻي (ميٽنگ) ۾ بين ڪمن کي ڇڏي، پنهنجي ميمبرن منجهان هڪ اسپيڪر جي چونڊ ڪندي ۽ جڏهن به اسپيڪر يا نائب اسپيڪر جو عهدو (يا جاءِ) خالي ٿئي ته اسيمبلي ڪنهن ٻئي ميمبر کي اسپيڪر يا جيئن (مسئلو) هجي نائب اسپيڪر جي چونڊ ڪندي.

(2) پنهنجي عهدي تي چڙهڻ کان اڳ اهڙو ميمبر جيڪو اسپيڪر يا نائب اسپيڪر چونڊجي ويو آهي، قومي اسيمبلي جي اڳيان، ٽئين ضميمي (شيڊول) ۾ ڏيکاريل نموني جو حلف کڻندو.

(3) جڏهن به اسپيڪر جو عهدو خالي آهي يا اسپيڪر غير حاضر آهي يا ڪنهن سبب ڪري پنهنجا ڪم سرانجام نٿو ڏيئي سگهي (ته پوءِ) نائب اسپيڪر، اسپيڪر ٿي ڪم ڪندو ۽ جيڪڏهن ان وقت نائب اسپيڪر غيرحاضر آهي ۽ڪنهن سبب ڪري اسپيڪر جو ڪم سرانجام نٿو ڏئي سگهي ته پوءِ اهڙو ڪو به ميمبر جيڪو اسيمبلي جي ڪارروائي جي قاعدن مطابق ٺاهيو ويو آهي (يا مقرر ڪيو وڃي) اسيمبلي جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(4) جڏهن به اسپيڪر يا نائب اسپيڪر جي خلاف ڪا قرارداد ڪيس سندن عهدي تان برطرف ڪرڻ لاءِ زير بحث آهي ته ان وقت هُو اسيمبلي جي گڏجاڻي جي صدارت نه ڪندو.

(5) اسپيڪر، صدر کي پنهنجي هٿ هيٺ لکت سان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي سگهي ٿو.

(6) نائب اسپيڪر، اسپيڪر کي پنهنجي هٿ هيٺ لکت سان، پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي سگهي ٿو.

(7) اسپيڪر يا نائب اسپيڪر جو عهدو تڏهن خالي ٿيندو، جڏهن:

(الف) هُو پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏي؛

(ب) هُو اسيمبلي جو ميمبر نه رهي، يا؛

(ث) اسيمبلي جي ڪنهن قرارداد رستي جنهن جو گهٽ ۾ گهٽ ستن ڏينهن جو نوٽيس ڏنل آهي ۽ جيڪو اسيمبلي جي ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن سان پاس ڪيل آهي، ڪيس برطرف ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(8) جڏهن قومي اسيمبلي برخواست (ختم) ٿي آهي ته اسپيڪر سندس عهدي تي (قائم) رهندو جيستائين ڀي ايندڙ اسيمبلي طرفان ڪو شخص ان جاءِ ڪي پُر ڪرڻ لاءِ نه چونڊيو ويو آهي ۽ پنهنجي عهدي تي نه چڙهيو آهي.

## 54. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو سڏائڻ ۽ مهمل ڪرڻ

(1) صدر وقت بوقت ڪنهن به ايوان يا ٻنهي ايوانن يا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو گڏيل اجلاس ڪنهن به مقرر وقت يا جاءِ تي، جيڪو سندس خيال موجب صحيح آهي، سڏائي سگهي ٿو ۽ پڻ مهمل ڪري سگهي ٿو.

(2) قومي اسيمبلي جا سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي اجلاس ٿيندا ۽ اسيمبلي جي پهرئين اجلاس جي پوئين گڏجاڻي ۽ ايندڙ اجلاس جي پهرين گڏجاڻي جي مقرر ڪيل تاريخ جي وچ ۾ هڪ سؤ ويهن ڏينهن (ٽن مهينن) جو وقفو هوندو (وِٿي هوندي).

پر شرط آهي ته قومي اسيمبلي هر هڪ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪم ڪندڙ هڪ سؤ ٽيهه ڏينهن اجلاس ۾ رهندي.

سمجهاڻي: هن فقري ۾ ڏنل ڪم ڪندڙ ڏينهن ۾ اهڙو ڏينهن، جنهن ۾ گڏيل اجلاس ۽ ٻن ڏينهن تائين اهو عرصو جنهن ۾ قومي اسيمبلي مهمل آهي، شمار ڪيو ويندو.

(3) قومي اسيمبلي جي ٽوٽل ميمبرن جي چوٿائي (چوٿون حصو) جي صحيح ڪيل عرضداشت تي ۽ ان عرضداشت جي ملڻ کان 14 ڏينهن اندر، اسپيڪر، قومي اسيمبلي جو اجلاس ڪنهن به اهڙي وقت ۽ جاءِ تي طلب ڪندو، جيئن هُو صحيح سمجهي، ۽ جڏهن اسپيڪر اجلاس طلب ڪيو آهي ته اُهو پاڻ ئي ان ڪي مهمل ڪري سگهي ٿو.

## 55. اسيمبلي ۾ ووٽ ڪرڻ ۽ ڪورم

(1) دستور جي تابع، قومي اسيمبلي جا سڀئي فيصلا ميمبرن جي گهڻائي (اڪثريت) ۽ ووٽنگ سان ٿيندا. پر صدارت ڪندڙ ميمبر ووٽ نه ڪندو، جيستائين ڪَ ووٽ هڪ جيترا نه هجن.

(2) قومي اسيمبلي جي ڪنهن به اجلاس ۾ جيڪڏهن صدارت ڪندڙ شخص جو ڌيان ڇڪايو وڃي ته ٽوٽل ميمبرن جو چوٿون حصو (چوٿائي) حاضر نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته پوءِ هُو اسيمبلي مهمل ڪندو يا اجلاس معطل ڪندو، جيستائين ڪَ هڪ ياڳي چار اهڙا ميمبر حاضر نه ٿين.

## 56. صدر جو خطاب

(1) صدر ڪنهن به هڪ ايوان يا ٻنهي ايوانن جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ مقصد لاءِ هُو ميمبرن جي حاضري طلب ڪري سگهي ٿو.

(2) صدر ڪنهن به هڪ ايوان کي ڪنهن بل بابت جيڪو مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ زير غور آهي يا ٻي طرح نياپو موڪلي سگهي ٿو ۽ اهو ايوان جنهن ڏانهن نياپو موڪليو ويو آهي، جيترو سهوليت سان جلد ٿي سگهي، انهيءَ مسئلي تي جيڪو ان مراسلي ۾ گهُربل آهي، غور هيٺ آڻيندو.

(3) قومي اسيمبلي جي هر هڪ عام چونڊ کان پوءِ، هر هڪ سال جي پهرئين اجلاس جي شروع ۾، صدر ٻنهي ايوانن جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندو ۽ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي (اجلاس) سڏائڻ جي سببن کان واقف ڪندو.

(4) صدر جي خطاب ۾ ڏنل معاملن تي غور ڪرڻ لاءِ، قاعدن ۾ ايوان جي ڪارروائي هلائڻ جي طريقه ڪار جو انتظام ۽ وقت جي مقرر ڪرڻ بابت، بندوبست ڪيو ويندو (ٺهراءُ شامل ڪيا ويندا).

## 57. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ ڳالهائڻ جو حق

وزيراعظم، وفاقي وزير، مملڪتي وزير ۽ اٽارني جنرل کي ڳالهائڻ جو حق رهندو ۽ ٻي طرح ڪنهن به ايوان جي ڪارروائيءَ ۾ يا گڏيل اجلاس ۾، يا ان جي ڪنهن به ڪميٽي (جماعت)، جنهن ۾ سندس نالو ميمبر طور ڏنل آهي، حصو وٺندو، پر هن قلم موجب ووٽ ڏيئي نه سگهندو.

## 58. قومي اسيمبليءَ جو ختم ٿيڻ (برخواست ٿيڻ)

(1) صدر، جيڪڏهن وزيراعظم کيس اهڙي صلاح ڏي، قومي اسيمبلي جيڪڏهن اڳواٽ برخواست نه ٿي وڃي، برخواست ڪري ڇڏيندو ۽ اها وزيراعظم جي ڏنل صلاح کان 48 ڪلاڪن کان پوءِ برخواست سمجهي ويندي.

سمجهاڻي: هن قلم ۾ وزيراعظم ڏانهن حوالي ۾ وزيراعظم ڏانهن اهو حوالو شامل نه سمجهيو ويندو، جنهن جي خلاف قومي اسيمبلي ۾ عدم اعتماد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قرارداد لاءِ ووٽ (وٺڻ) جو نوٽيس ڏنل هجي، پر ان تي اڃا ووٽ نه ٿيو آهي يا جنهن جي خلاف اهڙي ڪا قرارداد پاس ڪئي وئي آهي، يا جيڪو استعيفيٰ ڏيڻ کان پوءِ به پنهنجي عهدي تي آهي، يا قومي اسيمبلي جي برخواست ٿيڻ کان پوءِ (ڪم ڪري رهيو آهي).

(2) آرٽيڪل 48 جي فقري (2) ۾ بيان ڪيل (قانون) هوندي به صدر، قومي اسيمبليءَ کي پنهنجي خيال موجب برخواست ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن سندس راءِ آهي ته:

(الف) وزيراعظم خلاف عدم اعتماد جو ووٽ پاس ٿي چڪو آهي ۽ قومي اسيمبلي جي انهيءَ مقصد لاءِ سڏايل اجلاس ۾ ثابت ٿيو آهي ته قومي اسيمبليءَ جي ٻئي ڪنهن به ميمبر کي دستور ۾ ڏنل فقرن مطابق قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل نه آهي؛

(ب) اهڙي حالت پيدا ٿي آهي جنهن موجب، وفاق جي حڪومت دستور جي فقرن مطابق نه ٿي هلائي سگهجي ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪرڻ ضروري آهي.

## 59. سينيٽ

(1) سينيٽ ۾ 87 ميمبر هوندا، جنهن ۾:

(الف) چوڏهن (ميمبر)، هر هڪ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيندا؛

(ب) اٺ، قومي اسيمبلي ۾ وفاق پاران انتظام هيٺ قبائلي علائقن جا ميمبر چونڊيندا؛

(ٿ) ٽي، وفاقي دارالحڪومت مان اهڙي طريقي سان چونڊيا ويندا، جيئن صدر حڪم ڪري يا هدايت ڪري؛

(د) پنج، هر هڪ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر، عالمن، هنرمندن ۽ پيشيورن جي نمائندگيءَ لاءِ چونڊيندا.

(2) هرهڪ صوبي لاءِ مقرر ڪيل جاين (سيٽن) کي ڀرڻ لاءِ اليڪشن (چونڊ) هڪ جيتري نمائندگي جي سرشتي تي اڪيلي انتقال جوڳي ووٽ ذريعي ڪئي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) سينيٽ کي برخواست نه ڪري سگهبو، سندن ميمبرن جو مُدو، جيڪي رٽائر ڪندا، ڇهه سال هوندو.

(الف) فقري (1) جي جملي (الف) ۾ ڏنل ميمبرن مان ست پهرين ٽن سالن جي گذرڻ کان پوءِ رٽائر ڪندا ۽ ست ان کان پوءِ ايندڙ ٽن سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ رٽائر ڪندا؛

(ب) ساڳئي فقري جي جملي (ب) ۾ ڏنل ميمبرن مان چار پهرين ٽن سالن جي گذرڻ کان پوءِ رٽائر ڪندا ۽ چار ان کان پوءِ ايندڙ ٽن سالن جي گذرڻ کان پوءِ رٽائر ڪندا؛

(ٺ) پيرا (ٺ) ۾ بيان ڪيل ميمبرن مان هڪ پهرين ٽن سالن جي گذرڻ کان پوءِ رٽائر ڪندو ۽ ٻه ان کان پوءِ ايندڙ ٽن سالن گذرڻ بعد رٽائر ڪندا؛

(د) جملي (د) ۾ ڏنل ميمبرن مان ٻه پهرين ٽن سالن جي گذرڻ کان پوءِ رٽائر ڪندا ۽ ٽي ان کان پوءِ ايندڙ ٽن سالن گذرڻ کان پوءِ رٽائر ڪندا.

پر شرط آهي ته اهو شخص جنهن کي اتفاقي خالي جاءِ پرڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي، ان جي عهدي جو مُدو اوترو هوندو جيترو ان ميمبرن جو رهيل هوندو، جنهن جي جاءِ هُن پري آهي.

## 60. چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين

(1) سينيٽ جي وجود ۾ اچڻ (نهڻ) کان پوءِ، پيو ڪم ڪار ڇڏي، اهل سندس پهرئين اجلاس ۾، پنهنجي ميمبرن مان هڪ کي چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين چونڊيندي ۽ پوءِ جڏهن به (اڪثر) چيئرمين يا ڊپٽي چيئرمين جو عهدو خالي ٿيندو ته سينيٽ ٻئي ڪنهن ميمبر کي چيئرمين يا ڊپٽي چيئرمين چونڊيندي

(2) چيئرمين يا ڊپٽي چيئرمين جي عهدي جو مُدو، جنهن ڏينهن کان هُو عهدي تي چڙهندو، ٽي سال رهندو.

## 61. سينيٽ جي باري ۾ ٻيا نهراءُ (فقرا)

آرٽيڪل 53 جي فقري (2) کان (7) ۽ آرٽيڪل 54 جي فقري (2) کان (3) ۽ آرٽيڪل 55 ۾ ڏنل فقرا (نهراءُ) سينيٽ سان اهڙي طرح لاڳو رهندا، جهڙي طرح قومي اسيمبليءَ سان لاڳو آهن ۽ اُهي سينيٽ (جي عمل) تي اهڙي طرح اثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انداز رهندا، جهڙي طرح قومي اسيمبليءَ سان لاڳو رهندا ۽ جيڪي حوالا قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر متعلق (ڏنل) آهن، اُهي چيئرمين سينيٽ جي چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين لاءِ ڏنا ويا آهن، ۽ آرٽيڪل 54 جي فقري (2) جي ڏنل شرط ۾ ڏنل اکر "هڪ سؤ ٽيهن" کي بدلائي، ان جي جاءِ تي "نوي ڏينهن" لکيا ويا آهن.

## مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبرن بابت ٺهراءُ

## 62. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبرن جون لياقتون

ڪوبه شخص مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبر ٿيڻ يا چونڊجڻ جو اهل نه هوندو جيستائين:

(الف) هُو پاڪستان جو شهري نه آهي؛

(ب) قومي اسيمبلي جي حالت ۾ 25 سالن کان گهٽ ڄمار جو نه آهي ۽ سندس نالو، مسلم سيٽ (جاءِ) يا جيئن هجي غير مسلم سيٽ (جاءِ) لاءِ ان اسيمبلي جي ووٽرن جي لسٽ ۾ ووٽر جي حيثيت ۾ درج ڪيل نه آهي.

(ث) سينيٽ جي حالت ۾ 30 سالن کان گهٽ ڄمار جو نه آهي ۽ سندس نالو صوبي جي ڪنهن به ايراضي يا جيئن هجي، وفاقي دارالحڪومت يا وفاق پاران انتظام هيٺ آيل قبائلي علائقن، جتان هو ميمبر ٿيڻ گهُري (چاهي) ٿو، جي ووٽرن جي لسٽ ۾ ووٽر جي حيثيت ۾ درج نه آهي؛

(د) هُو سٺي ڪردار جو آهي ۽ اسلام جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪرڻ ڪري، ماڻهن ۾ ڄاتل سڃاتل نه آهي؛

(ع) هن کي اسلام جي تعليم جو پورو پنو علم (ڄاڻ) آهي ۽ اسلام جي لازمي مقرر ڪيل فرضن جي بجاوري ڪري ٿو ۽ پڻ ڪبيره (وڏن) گناهن کان پرهيز ڪري ٿو (پري ڀڄندڙ آهي)؛

(ف) هُو عقلمند، سچار ۽ بدڪار نه آهي ۽ ايماندار ۽ امين آهي؛

(ڳ) ڪيس ڪنهن ڏوهه ۾ سزا مليل نه آهي، جو بداخلاقي تي مبني هجي يا ڪوڙي شاهدي ڏيڻ سبب هجي؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ح) پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، هن ملڪ جي وحدت (سالميت) جي خلاف ڪم نه ڪيو هجي يا اهڙو ڪم ڪيو هجي، جيڪو پاڪستان جي نظريه خلاف هجي:

پر شرط آهي ته جملي (د) ۽ (ع) ۾ بيان ڪيل ناقابليتون اهڙي شخص سان لاڳو نه رهنديون، جيڪو غير مسلم آهي، پر اهڙي ماڻهو لاءِ اخلاقي نيڪنامي (ناموس) جو هجڻ ضروري آهي؛ ۽

(م) اهڙيون ٻيون لياقتون جيڪي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪنهن ائڪٽ (قانون) موجب مقرر ڪيل هجن.

## 63. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبري لاءِ نااهل هجڻ

ڪوبه شخص مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبر ٿيڻ يا چونڊجڻ لاءِ اهل نه رهندو، جيڪڏهن:

(الف) هُو چريو (مخبوط الحواس) آهي ۽ ان کي قابل عدالت اهڙو قرار ڏنو آهي؛ يا

(ب) هُن جو ڏيوالو نڪتل آهي يا جنهن جي پورائي نه ٿي آهي؛ يا

(ث) هُو پاڪستان جو شهري نه آهي يا هُن ڪنهن ڌارئين ملڪ ۾ شهريت حاصل ڪئي آهي؛ يا

(د) هو پاڪستان جي نوڪري (سروس) ۾ ڪنهن فائدي واري عهدي تي آهي يا اهڙي عهدي تي جنهن تي رهڻ ڪري، قانون موجب ڪيس نااهل قرار نٿو ڏنو وڃي؛

(ع) هُو قانون موجب ٺاهيل ڪنهن اداري يا حڪومت جي ضابطي هيٺ اهڙي اداري جي نوڪري ۾ آهي، جنهن تي حڪومت طرفان ڪجهه ضابطو آهي يا حڪومت جو مفاد آهي؛ يا

(ف) پاڪستان جو شهري هوندي به پاڪستان سٽيزن شپ ائڪٽ 1951 (ائڪٽ آف II 1951) موجب ڪجهه وقت لاءِ آزاد جمون ۽ ڪشمير جي ڪنهن قانون موجب، آزاد جمون ۽ ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جي ميمبر چونڊجڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو آهي؛ يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(گ) هُو اهڙي راءِ جو پرچار ڪري رهيو آهي يا اهڙي هلت هلي رهيو آهي، جيڪو پاڪستان جي نظريه يا پاڪستان جي حاڪميت يا وحدت يا سالميت يا امن عامه کي برقرار رکڻ يا پاڪستان جي عدالت (انصاف) جي سالميت ۽ آزادي خلاف آهي يا عدالت يا پاڪستان جي مسلح افواج کي بدنام ڪرڻ يا ان تي ٺٺولي جي مترادف آهي؛

(ح) هُو، ڪنهن اهڙي ڏوهه جو سزا ڪاٽل آهي، جيڪو چيف اليڪشن ڪمشنر جي راءِ ۾ اخلاق جي ڪمينپائي (گهٽتائي) تي مبني آهي ۽ ڪيس ۾ ٻن سالن ڪان گهٽ جي سزا مليل هجي، جيستائين کَ سندس جيل مان آزاد ٿيڻ کي پنج سال نہ گذريا هجن؛

(خ) هُو، پاڪستان جي نوڪري (سروس) مان خراب چال (غير واجبي هلت) سبب ڊسمس ٿيل آهي ۽ ان جي موقوف ٿيڻ کي پنج سال گذري ويا هجن؛

(ج) هُو پاڪستان جي نوڪريءَ مان خراب چال (غير واجبي هلت) سبب لاٿو ويو آهي يا زبردستي رٽائر ڪيو ويو آهي ۽ ان جي لهڻ يا رٽائر ٿيڻ کي ٽي سال نہ گذريا هجن؛

(ڪ) هُو پاڪستان جي يا ڪنهن قانون موجب ٺهرايل اداري ۾ يا اهڙي اداري ۾، جنهن تي حڪومت جو ضابطو آهي يا جنهن ۾ حڪومت جي ضابطي جو حصو يا مفاد آهي، نوڪريءَ ۾ هو ۽ هُن جي نوڪري ختم ٿيڻ يا ڇڏڻ کي ٻن سالن جو عرصو نہ گذريو هجي

(ل) هُو ڪنهن بہ عارضي طور هلندڙ قانون موجب، رشوت يا غير قانوني ڪمن جو ڏوهاري (ٿيو) آهي تہ جيستائين ان حڪم جي ڏينهن کان جنهن تي اهو عمل ۾ آيو، پنجن سالن جو عرصو نہ گذريو آهي؛

(م) هُو پوليٽيڪل (سياسي) پارٽين جي ائڪٽ 1962 (1962 جو 3 ائڪٽ) موجب سزا يافتہ آهي ۽ انهيءَ سزا جي تاريخ کان وٺي 5 سالن جو عرصو نہ گذريو آهي.

(ن) هُو پاڻ، يا سندس حساب ۾ سندس فائدي لاءِ ڪنهن ٻئي شخص يا جماعت يا اڻ ورهايل هندو خاندان جي فرد جي حيثيت ۾، ڪيس ڪنهن اهڙي ٺيڪي (مقاطعي) ۾ جو ڪنهن ڪوآپريٽو سوسائٽي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت جي وچ ۾ آهي، جنهن ۾ ان ٺيڪي جي پورائي لاءِ سامان پهچائڻو آهي يا گورنمينٽ پاران ڪا خدمت سرانجام ڏيڻي آهي، ڪو حصو يا مفاد آهي:

پر شرط آهي ته هن جملي ۾ بيان ڪيل نااهلي هنن سان لاڳو نه رهندي:

(i) انهيءَ ٺيڪي (مقاطعي) ۾ ڪيس حصو يا مفاد، ميراث ۾ آيو آهي يا ورثي ۾ يا وصي (وارث) يا ڪاروبار هلائيندڙ جي حيثيت ۾ مليو آهي:

(ii) جتي هُن ڪمپني ائڪٽ 1984 (1984 جو 47) هيٺ ڪنهن عوامي ڪمپني جي حيثيت ۾ يا ان جي پاران ٺيڪو ڪنيو آهي، جنهن ۾ هُو حصيدار آهي، پر ڪمپني جي ماتحت، ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ مفاد واري عهدي تي نه آهي: يا

(iii) هُو اڻ ورهايل هندو فئملي (خاندان) جو ڀاتي آهي، ۽ ٺيڪو، انهيءَ خاندان جي ٻئي ڀاتي، ڪنهن ٻئي ڌنڌي هلائڻ وقت ڪنيو آهي، جنهن ۾ سندس ڪوبه حصو يا مفاد نه آهي.

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ "سامان" ۾ زرعي پيدائش يا سندس پوکيل جنس يا اهڙو سامان (مال) جيڪو حڪومت جي ڪنهن حڪمنامي مطابق يا ڪنهن ٻئي هلندڙ قانون موجب (سامان) رسائڻ سندس فرائض ۾ شامل آهي.

(و) پاڪستان جي سروس (نوڪري) ۾ هنن عهدن کان سواءِ ڪنهن به مفاد واري عهدي تي آهي:

(i) اهڙو عهدو جيڪو سچو وقت عهدو نه آهي، جنهن جو معاوضو پگهار يا في ۾ ڏنو وڃي:

(ii) لمبردار جو عهدو پوءِ اهو انهيءَ نالي سان يا ڪنهن ٻئي لقب سان سڏيو وڃي:

(iii) قومي رضاڪار:

(iv) ڪوبه عهدو جنهن جو عهديدار، انهيءَ عهدي جي ڪري، ڪنهن به قانون موجب دستوري طور يا فوج گڏ ڪرڻ خاطر، ڪنهن به وقت فوجي سکيا يا فوجي خدمت لاءِ سڏي سگهجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(پ) هو ڪنهن به هلندڙ قانون جي اثر هيٺ، في الحال مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا صوبائي اسيمبلي لاءِ ميمبر ٿي چونڊجي يا مقرر ٿي اچڻ لاءِ نااهل آهي.

(2) جيڪڏهن ڪو اهڙو سوال اُٿي (پيدا ٿئي) ته مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ڪوبه ميمبر، ميمبري لاءِ نااهل ٿيو آهي ته اسپيڪر يا جيئن هجي چيئرمين انهيءَ سوال کي چيف اليڪشن ڪمشنر ڏانهن رجوع ڪندو ۽ جيڪڏهن چيف اليڪشن ڪمشنر انهيءَ راءِ جو آهي ته اهو ميمبر نااهل ٿيو آهي ته پوءِ هُو ميمبر نه رهندو ۽ سندس سيٽ (جاءِ) خالي رهندي.

## 64. سيٽن جو خالي ٿيڻ

(1) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ڪوبه ميمبر، اسپيڪر يا جيئن هجي، چيئرمين ڏانهن، سندس هٿ هيٺ لکت سان استعيفيٰ ڏيئي سگهي ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان سندس سيٽ خالي ٿي ويندي.

(2) ڪوبه ايوان، ڪنهن به ميمبر جي سيٽ خالي قرار ڏيئي سگهي ٿو، جيڪڏهن هُو ايوان جي اجازت کان سواءِ لاڳيتو اجلاس ۾ چاليهن ڏينهن تائين غير حاضر رهندو.

## 65. ميمبر جو حلف

ڪوبه ماڻهو (شخص) چونڊجڻ کان پوءِ نه ايوان ۾ ويهندو نه ووٽ ڪندو، جيستائين ڪَهن ايوان اڳيان انهيءَ قسم جو حلف نه کنيو آهي، جيڪو ٽئين ضميمي (شيڊول) ۾ ڏنو ويو آهي.

## 66. ميمبرن جا خاص حق وغيره

(1) دستور ۽ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪارروائي جي طريقي ماتحت، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ تقرير جي آزادي رهندي ۽ ڪنهن به ميمبر جي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ ڪي به چوڻ يا ووٽ ڏيڻ جي باري ۾ سندس خلاف ڪنهن به ڪورٽ ۾ ڪوبه قدم نه کنيو ويندو، ۽ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي اختياري هيٺ ڪابه رپورٽ، پيپر، ووٽ يا ڪارروائي جي ڇپائي يا پڌرائي لاءِ، ڪوبه ماڻهو ذميوار يا جواب ده (ڏوهاري جي حيثيت ۾) نه رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ٻين حالتن ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي طاقت (اختياري)، حفاظت (آزادي)، ۽ خاص حق ۽ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبرن جي حفاظت ۽ خاص حق، اهي رهندا جيڪي وقت بوقت قانون موجب ٻڌرا ڪيا ويندا ۽ جيستائين اهي ٻڌرا ڪيا وڃن، اهڙا رهندا، جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ پاڪستان جي قومي اسيمبلي ۽ ڪميٽين ۽ ان جي ميمبرن طرفان ماڻيا تي ويا.

(3) ڪنهن به ايوان طرفان انهن ماڻهن لاءِ قانون ۾ سزا (ڏنڊ) جو بندوبست ڪيو وڃي، جيڪي چيئرمين طرفان طلب ڪرڻ تي ايوان جي ڪميٽي آڏو شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ کان انڪار ڪن.

پر (شرط آهي) ته اهڙو ڪو به قانون:

(الف) ڪنهن ڪورٽ کي اهو اختيار ڏي ته اها اهڙي ماڻهوءَ کي، جيڪو شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ کان انڪار ڪري، سزا ڏي؛

(ب) انهيءَ آرڊر (حڪم) جي اثرانداز هوندي به اهڙن معاملن جي ظاهر نه ڪرڻ جي حفاظت ڪندي جيڪي صدر جي طرفان مخفي قرار ڏنا وڃن.

(4) هن قلم ۾ ڏنل فقرا اهڙن ماڻهن سان لاڳو رهندا، جن کي ميمبرن وانگر ڳالهائڻ جو حق آهي يا ٻي طرح مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪارروائي ۾ حصو وٺڻ جو حق آهي.

## عام ڪارروائي

### 67. ڪارروائي جا قاعدا

(1) دستور جي ماتحت، ايوان اهڙا قاعدا ناهڻ جو اختيار رکي ٿو، جنهن موجب ڪارروائي جي ضابطي ۽ ڏنڌي (ڪم ڪار) هلائڻ ۽ اهو به اختيار رکندو ته سندن ميمبرن مان ڪا به جاءِ خالي ٿي وڃي ته ان هوندي ڪم چالو رکي سگهي ۽ ايوان ۾ ڪير ڪا به ڪارروائي، انهيءَ سبب ڪري، ناجائز قرار نه ڏني ويندي، ته ڪي ماڻهو جيڪي ان ۾ ويهڻ، ووٽ ڏيڻ، يا ٻي طرح حصي وٺڻ جي لائق نه هئا، ان هوندي به انهن ان ۾ حصو ورتو.

(2) جيستائين جملي (1) هيٺ قاعدا ناهيا وڃن تيستائين (ڪنهن به) ايوان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪارروائي ۾ ڏنڊي هلائڻ جو ڪم، ڪارروائي جي اهڙن ضابطن موجب ڪيو ويندو، جيڪي صدر طرفان مقرر ڪيل (ناهيل) هجن.

## 68. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ بحث تي پابندي

ڪنهن به سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جي جج جي پنهنجي فرض جي ادائگيءَ ۾ سندس هلت بابت، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ ڪوبه بحث نه ڪيو ويندو.

## 69. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪارروائي تي ڪورٽ طرفان پڇا ڳاڇا نه ٿيندي

(1) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪنهن به ڪارروائيءَ جي جائز هجڻ بابت انهيءَ سبب ڪري ته ان جو طريقو بي قاعدي هو (ڪنهن به ڪورٽ) ۾ سوال نه اٿاريو ويندو (ڪورٽ طرفان پڇاڳاڇا نه ٿيندي).

(2) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ڪوبه آفيسر يا ميمبر، جنهن کي دستور موجب مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪارروائي کي ضابطي ۾ آڻڻ ۽ ڏنڊي هلائڻ يا امن برقرار رکڻ جو اختيار ڏنل آهي ته اهو انهيءَ اختيار کي استعمال ڪرڻ ڪري، ڪنهن به ڪورٽ جي دائره اختيار ۾ نه رهندو، (ڪابه ڪورٽ ان بابت پڇا ڳاڇا نٿي ڪري سگهي).

(3) هن آرٽيڪل (قلم) ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ساڳي معنيٰ رهندي، جيڪا آرٽيڪل 66 ۾ ڏنل آهي.

### قانون سازيءَ جو طريقو

## 70. بلن جو پيش ڪرڻ ۽ پاس ڪرڻ

(1) وفاقي قانون ساز فهرست (لسٽ) يا گڏيل قانون ساز فهرست متعلق ڪنهن به معاملي جي قانوني مسودي (بل) جي ابتدا (پنهي مان) ڪنهن به ايوان ۾ ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو انهيءَ ايوان پاس ڪيو آهي جتان ان جي ابتدا ٿي ته پوءِ اهو ٻئي ايوان ۾ موڪليو ويندو ۽ ٻئي ايوان جيڪڏهن اهو بل بنا ترميم جي پاس ڪيو ته پوءِ اهو صدر جي آڏو منظوري (پاس ڪرڻ) لاءِ پيش ڪيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) جيڪڏهن ڪوبہ بل پيرا (جملي) (1) هيٺ ايوان کي موڪليو ويو ۽ اهو رد ٿيو يا ان جي پهچ کان نوي ڏينهن اندر پاس (بحال) نہ ڪيو ويو يا ترميم سان پاس ڪيو ويو تہ پوءِ جنهن ايوان مان ان جي ابتدا ٿي، تنهن جي درخواست تي ان تي گڏيل اجلاس ۾ غور ڪيو ويندو.

(3) جيڪڏهن پيرا (جملي) (2) هيٺ درخواست آهي تہ پوءِ صدر گڏيل اجلاس سڏائيندو، جيڪڏهن بل (قانون جو مسودو) گڏيل اجلاس ۾ ترميم سان يا بنا ترميم جي ٻنهي ايوانن جي ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن سان پاس ڪيو تہ پوءِ اهو صدر جي آڏو منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(4) هن آرٽيڪل (قلم) ۾ ۽ دستور جي ايندڙ فقرن ۾ وفاقي قانون ساز فهرست (شريڪ) هڪ جهڙي قانون ساز فهرست جي چوٿين ضميمي ۾ مطلب فرداً فرداً وفاقي قانون ساز فهرست (شريڪ) هڪجهڙي قانون ساز فهرست هوندي.

71. ختم ڪيو ويو.

## 72. گڏيل اجلاس جو طريقہ ڪار

(1) صدر، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ چيئرمين جي مشوري سان، گڏيل اجلاس جي طريقي ڪار ۽ ٻنهي ايوانن جي وچ ۾ واهپي بابت قاعدا ٺاهي سگهي ٿو.

(2) گڏيل اجلاس ۾ قومي اسيمبلي جو اسپيڪر يا سندس غير حاضري ۾ ڪوبہ شخص جيئن ڪہ جملي (1) ۾ قاعدن موجب ٺهرايل هجي، صدارت ڪندو.

(3) جملي (1) ۾ ٺاهيل قاعدا گڏيل اجلاس آڏو پيش ڪيا ويندا، جن ۾ گڏيل اجلاس ۾ وڌيڪ ڳنڍڻ يا ترميم ڪرڻ يا ان جي بدران ٻيا رکڻ جو ڪم ٿي سگهي ٿو.

(4) دستور جي تحت گڏيل اجلاس ۾ ڪيل فيصلا، حاضر ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن ۽ ووٽنگ رستي ڪيا ويندا.

## 73. ناڻي (پيسن) بابت بلن جو طريقو

(1) آرٽيڪل 70 ۾ جيڪي ڏنل آهي ان جي هوندي بہ ناڻي واري قانوني مسودي جي ابتدا قومي اسيمبلي ۾ ٿيندي ۽ جڏهن اسيمبلي ان کي پاس ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پوءِ ان کي سينيٽ ڏانهن موڪلڻ بدران، صدر جي منظوريءَ لاءِ صدر جي آڏو پيش ڪيو ويندو.

(2) هن باب جي مقصدن لاءِ ڪوبہ بل يا ترميم کي پيسن (ناڻي) جو بل سمجهيو ويندو، جيڪڏهن ان ۾ اهڙا فقرا شامل هجن جيڪي هيٺين مان سيني يا ڪنهن بہ هڪ معاملي بابت هجن، جيئن تہ:

(الف) ڪنهن محصول (ٽيڪس) جو مڙهڻ، ختم ڪرڻ، معاف ڪرڻ، ڦيرڦار ڪرڻ يا ان جو انتظام (جوڙڻ):

(ب) ناڻي جو قرض کڻڻ يا وفاقي حڪومت طرفان ڪا ضمانت ڏيڻ، يا انهيءَ حڪومت جي مالي مجبوري بابت قانون ۾ ترميم:

(ٿ) وفاقي گڏيل فنڊ (موڙي) جي حفاظت ۽ انهيءَ فنڊ ۾ رقمن جي ادائگي ۽ ان جي رقمن جو نيڪال:

(د) وفاقي مالياتي فنڊ (موڙي) تي طلب (چارج) مڙهڻ يا ان تان اهڙي ڪا طلب (چارج) ختم ڪرڻ يا (ان ۾) ڦيرڦار آڻڻ:

(ع) وفاق جي سرڪاري ليکي ۾ پيسن (ناڻي) جو جمع ٿيڻ ۽ انهن پيسن (ناڻي) جي حفاظت ۽ ادائگي:

(ن) وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ليکي (حساب) جي چڪاس: ۽

(گ) ڪوبہ اهڙو معاملو (مضمون) جيڪو هن پيراگراف ۾ بيان ڪيل معاملن سان واسطو رکندڙ هجي.

(3) ڪوبہ اهڙو بل رڳو (محض) انهيءَ سبب ڪري ناڻي جو بل تصور نہ ڪيو ويندو، جيڪڏهن ان ۾ هن ريت بندوبست ٿيل آهي:

(الف) ڪنهن ڏنڊ جو مڙهڻ يا ان ۾ ڦيرڦار آڻڻ يا ڪا بي ناڻي واري سزا (يا چٽي) يا ليسن في جي گهُرج يا ان جو پيارڻ (ادا ڪرڻ) يا ڪا في يا ڪنهن ڏنل سروس (خدمت) جو معاوضو:

(ب) ڪنهن بہ مقامي اختياري يا مقامي مقصدن جي اداري جي ڪنهن محصول کي مڙهڻ، ختم ڪرڻ، معاف ڪرڻ، ڦيرڦار آڻڻ يا انتظام ڪرڻ.

(4) جيڪڏهن ڪوبہ اهڙو سوال پيدا ٿئي تہ ڪو بل ناڻي جو بل آهي يا نہ، تہ ان لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جو فيصلو آخري هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) هر هڪ ناڻي جي بل تي جيڪو صدر کي (سندس) منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو، ان تي قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر جي هٿ هيٺ سرٽيفڪيٽ (سَند) هوندو ته اهو ناڻي جو بل آهي ۽ اهو سرٽيفڪيٽ سيني مقصدن لاءِ قطعي هوندو ۽ ان تي ڪنهن به قسم جو سوال نه اٿاريو ويندو.

## 74. مالي اپائن لاءِ وفاقي حڪومت جي منظوري

ڪوبه ناڻي جو بل يا ڪو بل يا ترميم جيڪڏهن ان کي قاعدو ناهي هلايو وڃي، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ وفاقي حڪومت جي اجازت کان سواءِ نه آندو ويندو، جيڪڏهن وفاقي گڏيل فنڊ يا سرڪاري حساب تي خرچ جو بار ٿئي يا اهو پاڪستان جي سڪي يا چالو (رائج الوقت) سڪي تي يا اسٽيٽ بينڪ جي دستور يا ڪارگذاري تي اثرانداز ٿئي.

## 75. بلن تي صدر جي منظوري

(1) جيڪڏهن ڪوبه بل صدر جي آڏو سندس منظوري خاطر پيش ڪيو وڃي ته صدر، ڏهن ڏينهن جي اندر:

(الف) بل تي منظوري ڏيندو (پاس ڪندو)؛

(ب) ناڻي جي بل کان سواءِ اهڙو بل مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي انهي نياپي ۽ عرضداشت سان واپس ڪري ته انهيءَ بل تي يا ان جي ڪنهن خاص ورجايل ٺهراءَ تي نئين سر غور ڪيو وڃي يا اهڙي ترميم تي غور ڪيو وڃي، جيڪا انهيءَ نياپي ۾ ظاهر ڪيل آهي.

(2) جڏهن صدر بل کي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ڏانهن واپس ڪيو ته پوءِ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ان تي گڏيل اجلاس ۾ نئين سر غور ڪندي ته جيڪڏهن اهو ترميم سان يا بنا ترميم جي ٻنهي ايوانن ۾ حاضر ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن سان پاس ٿيو ته پوءِ دستور جي مقصدن لاءِ اهو ٻنهي ايوانن طرفان پاس ٿيل تصور ڪيو ويندو ۽ پوءِ صدر کي پيش ڪيو ويندو ۽ صدر ان کان پنهنجي رضامندي (منظوري) نه روڪي سگهندو (پاس ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندو).

(3) جڏهن صدر ڪنهن بل تي پنهنجي منظوري ڏني ته پوءِ اهو قانون ٿي ويندو ۽ ان کي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ائڪٽ (قانون) سڏيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ڪوبہ ائڪٽ ۽ اهڙي ائڪٽ جو ڪوبہ ٺهراءُ انهيءَ سبب ڪري تہ دستور موجب ڪا سفارش يا اڳواٽ منظوري يا اجازت نہ ڏني ويئي هئي، باطل (ناجائز) رهندو جيڪڏهن انهيءَ ائڪٽ تي دستور موجب منظوري ڏني ويئي آهي.

## 76. مهمل ٽيڻ سبب بل خارج نہ رهندو وغيره

(1) ڪنهن بہ ايوان ۾ زير غور بل ايوان جي مهمل ٽيڻ سبب خارج نہ ٿيندو.

(2) سينيٽ ۾ زيرغور بل جيڪو قومي اسيمبلي پاس نہ ڪيو آهي، قومي اسيمبليءَ جي ختم ٽيڻ جي ڪري خارج نہ ٿيندو.

(3) قومي اسيمبليءَ ۾ زير غور بل يا قومي اسيمبليءَ طرفان پاس ڪيل بل جيڪڏهن سينيٽ ۾ زير غور آهي تہ پوءِ اهو قومي اسيمبليءَ جي ختم ٽيڻ تي خارج ٿي ويندو.

## 77. فقط قانون موجب ٽئڪس (محصول) مڙهيو ويندو

مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي (پاس ڪيل ڪنهن) ائڪٽ هيٺ (تحت) يا ان جي اختياري ڪان سواءِ، وفاق پاران ڪوبہ ٽئڪس (محصول) نہ مڙهيو ويندو.

## مالي طريقي ڪار

## 78. وفاقي گڏيل موڙي (ناڻو، فنڊ) ۽ قومي حساب (ڪتاب)

(1) وفاقي حڪومت جي آمدني (وصولي)، انهيءَ حڪومت طرفان ڪنيل سڀ قرض ۽ اهي سڀ رقمون جيڪي قرض جي واپسي طور مليل آهن (اُهي) سڀ گڏيل ناڻي (فنڊ) جو حصو رهندا، جنهن کي وفاقي گڏيل فنڊ (موڙي) سڏيو ويندو.

(2) ٻيون سڀ رقمون:

(الف) جيڪي وفاقي حڪومت يا ان جي طرفان وصول ڪيل آهن:

(ب) جيڪي سپريم ڪورٽ يا وفاق جي اختياري سان قائم ڪيل ڪنهن ٻي ڪورٽ طرفان وصول ڪيل آهن، يا ان وٽ جمع ٿيل آهن:

وفاق جي قومي حساب ۾ جمع ڪرايا ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 79. وفاقي گڏيل موڙي (ناڻو) ۽ قومي حساب (ناڻي) جي حفاظت

وفاقي گڏيل فنڊ (موڙي) ان فنڊ ۾ جمع ٿيل رقمون يا ان مان خرچ ڪيل رقمون ۽ ٻين رقمن جي حفاظت، جيڪي وفاقي حڪومت يا ان جي پاران وفاق جي سرڪاري خرچ (ناڻي) ۾ جمع آهن يا خرچ ڪيل آهن ۽ انهن سان لاڳو يا ميل جول رکندڙ اهي سڀ معاملا (ڳالهيون) تن جي حفاظت جو انتظام، جيستائين ان ڏس ۾ صدر طرفان ناهيل رولن (قاعدن) جو بندوبست ڪيو وڃي، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ موجب ڪيو ويندو.

## 80. ساليانو بجيٽ تفصيل

(1) وفاقي حڪومت، هر هڪ مالي سال لاءِ، قومي اسيمبلي آڏو انهيءَ سال لاءِ، وفاقي حڪومت جي آمدني ۽ خرچ جي تخميني جو تفصيل پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪندي، جنهن کي هن باب ۾ ساليانو بجيٽ تفصيل سڏيو ويو آهي (چيو ويو آهي).

(2) ساليانو بجيٽ تفصيل ۾ جدا جدا ڏيکاريو ويندو:

(الف) اهي رقمون جيڪي دستور مطابق وفاقي گڏيل فنڊ (ناڻي) مان خرچ لاءِ گهربل آهن: ۽

(ب) اُهي رقمون جيڪي ٻئي خرچ لاءِ وفاقي گڏيل فنڊ مان رٿيل آهن:

روينيو حساب تي ڪيل خرچ کي ٻئي خرچ کان الڳ ڏيکاريو ويندو.

## 81. وفاقي گڏيل موڙي (ناڻي) مان واجب الادا خرچ

(الف) صدر کي ملندڙ لوازمو (اُجورو) ۽ سندس عهدي جو ٻيو خرچ: ۽

(i) سپريم ڪورٽ جي ججن:

(ii) چيف اليڪشن ڪمشنر:

(iii) چيئرمين ۽ نائب چيئرمين:

(iv) قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ نائب اسپيڪر:

(v) آڊيٽر جنرل- کي ملندڙ لوازمو (اُجورو) پگهار وغيره.

(ب) انتظامي خرچ، جنهن ۾ سپريم ڪورٽ، آڊيٽر جنرل جو کاتو، چيف اليڪشن ڪمشنر جي آفيس، ۽ اليڪشن ڪميشن آفيس ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينيٽ ۽ نيشنل (قومي) اسيمبلي جي سيڪريٽريٽ جي آفيسرن ۽ نوڪرن کي ملندڙ اجورو شامل آهي؛

(ث) وفاقي حڪومت جا وياج سميت ڪنيل قرض، ۽ ان ۾ ڪرنڌڙ ناڻي جا لوازما، يا موڙيءَ جو گهٽجڻ ۽ ٻيو خرچ جيڪو قرض ڪڍڻ يا خدمت سرانجام ڏيڻ ۽ حڪومت جي ضمانت تي ڪنيل قرض (اوڌر) جي گهٽتائي شامل آهن؛

(د) اهڙيون رقمون جيڪي ڪنهن عدالت (ڪورٽ) يا ٽريبونل طرفان پاڪستان (حڪومت) جي خلاف ڪنهن ڏنل فيصلي (فتويٰ) يا ڊڪري (حڪم نامي) جي ادائگيءَ لاءِ گهربل هجن؛

(ع) ڪي ٻيون رقمون دستور جي اعلان (حڪم) يا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪنهن ائڪٽ موجب واجب الادا هجن (ڪم آنديون وڃن).

## 82. ساليانى بجيٽ تفصيل متعلق طريقو (ڪارروائي)

(1) ساليانو بجيٽ تفصيل جو اوترو حصو جيڪو وفاقي گڏيل ناڻي تي خرچ جي باري ۾ آهي، ان تي بحث ڪري سگهجي ٿو، پر ان تي قومي اسيمبليءَ ۾ ووٽ وٺڻ لاءِ نه موڪليو ويندو.

(2) ساليانو بجيٽ تفصيل جو اوترو حصو جيڪو ٻئي خرچ بابت آهي، ان کي منظوريءَ لاءِ طلب جي شڪل ۾ قومي اسيمبليءَ کي موڪليو ويندو ۽ قومي اسيمبليءَ کي اختيار رهندو ته ڪنهن به طلب منظوري ڏي يا منظوري ڏيڻ کان انڪار ڪري يا ڪنهن طلب ۾ ڏنل رقم (انداز) کي گهٽائي منظوري ڏي.

پر شرط آهي ته شروع واري ڏينهن کان ڏهن سالن جي عرصي لاءِ يا قومي اسيمبليءَ جي ٻي عام چونڊ، جيڪا به دير سان واقع ٿئي، اها طلب بنا رقم جي گهٽائڻ سان جيڪا ان ۾ مذڪور آهي، منظور سمجهي ويندي، جيستائين اسيمبلي جي ڪُل ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن سان ان کي نامنظور ڪيو ويو آهي يا ان کي مذڪور رقم جي گهٽائڻ سان منظور ڪيو ويو آهي.

(3) ڪنهن به گرانٽ لاءِ، وفاقي حڪومت جي سفارش کان سواءِ، گهُر (طلب) نه ڪئي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 83. اختياري ڏنل خرچ جي ضميمي (شيڊول) جو مستند هجڻ

(1) وزيراعظم پنهنجي صحيح سان هڪ مستند شيڊول (ضميمو) تاهيندو، جنهن ۾ (هي) مذڪور هوندو:

(الف) ڪيل گرانٽون يا اهي جيڪي قومي اسيمبليءَ جي قلم 82 هيٺ ڪيل سمجهيون وڃن؛

(ب) وفاقي گڏيل ناڻي مان خرچ جي پورائي لاءِ گهربل مختلف رقمون، پر اُهي ڪنهن به حالت ۾ انهيءَ رقم کان وڌيڪ نه هونديون، جن جو تفصيل اڳ ۾ قومي اسيمبليءَ اڳيان رکيل آهي.

(2) اهڙو مستند ضميمو قومي اسيمبلي اڳيان رکيو ويندو، پر ان تي ڪنهن به قسم جو بحث يا ووٽ نه ڪيو ويندو.

(3) دستور هيٺ وفاقي گڏيل ناڻي مان ڪوبه خرچ اختياري يافته (جائز) نه سمجهيو ويندو جيستائين ان جو مستند شيڊول ۾ ذڪر ڪيل نه آهي ۽ اهو شيڊول جملي (2) هيٺ قومي اسيمبلي آڏو رکيو ويندو.

## 84. وڌيڪ ۽ فاضل (فالتو) گرانٽون

جيڪڏهن ڪنهن مالي سال لاءِ ڏٺو ويو آهي:

(الف) ته اها رقم جيڪا ڪنهن خاص سروس (خدمت) لاءِ هلندڙ مالي سال ۾ خرچ ڪرڻي آهي، اڻپوري آهي يا ڪنهن نئين سروس (خدمت) تي خرچ ڪرڻ لاءِ ضرورت پيئي آهي، ۽ اها سالياني بجيٽ تفصيل ۾ شامل نه ڪيل آهي؛

(ب) ته ڪابه رقم ڪنهن سروس (خدمت) لاءِ، انهيءَ رقم کان وڌيڪ خرچ ڪئي ويئي آهي، جيڪا انهيءَ سال هلندي انهيءَ سروس (خدمت) لاءِ منظور ٿيل هئي؛

وفاقي حڪومت کي وس رهندو ته اها وفاقي گڏيل فنڊ مان خرچ جو اختيار ڏي، پوءِ اهو خرچ دستور طرفان وفاقي گڏيل فنڊ (ناڻي) جي بلي هجي يا نه هجي ۽ قومي اسيمبلي اڳيان وڌيڪ بجيٽ تفصيل پيش ڪندي يا جهڙيون حالتون هجن، حد کان وڌيڪ بجيٽ تفصيل جنهن ۾ انهيءَ خرچ جي رقم ظاهر ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي، ۽ آرٽيڪل 80 کان 83 جا فقرا انهن تفصيلن سان، ساليانيءَ بجيٽ تفصيل وانگر لاڳو رهندا.

## 85. ليکي حساب تي ووٽ

مالي معاملن جي باري ۾ هن کان اڳ ڏنل فقرن جي هوندي به قومي اسيمبليءَ کي اختيار هوندو ته تخميني طور ڪنهن به مالي سال جي حصي لاءِ جيڪو ڇهن مهينن کان وڌيڪ نه هجي، ڪنهن به خرچ جو ائڊوانس (اڳوات) منظور ڪري، پوءِ پل ته ان گرانٽ لاءِ آرٽيڪل 82 موجب طريقه ڪار مڪمل ٿيندو رهي ۽ خرچ بابت آرٽيڪل 83 جي فقرن مطابق، منظور ڪيل خرچ جو شيڊول (ضميمو) مستند ٿئي (يا مستند ڪيو وڃي).

## 86. اسيمبليءَ جي ٽُٽڻ (ختم ٿيڻ) تي خرچ جي منظوري جو اختيار

مالي معاملن جي باري ۾ هن کان اڳ ڏنل فقرن (تهرائن) جي هوندي به، ڪنهن به وقت، جڏهن قومي اسيمبلي ختم ٿيل آهي، وفاقي حڪومت، وفاقي گڏيل فنڊ مان، تخميمي طور ڪنهن به مالي سال جي حصي لاءِ جيڪو ڇهن مهينن کان وڌيڪ نه هجي، ڪنهن به خرچ جو ائڊوانس (اڳوات) منظور ڪري، پوءِ پل ته انهيءَ گرانٽ لاءِ آرٽيڪل 82 موجب طريقه ڪار مڪمل ٿئي ۽ خرچ بابت آرٽيڪل 83 جي فقرن مطابق منظور ڪيل خرچ جو شيڊول مستند ٿئي.

## 87. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي سيڪريٽريٽ

(1) هر هڪ ايوان کي الڳ سيڪريٽريٽ هوندو:

پر هن فقري ۾ ڏنل (حڪم) ٻنهي ايوانن لاءِ هڪ جهڙا عهدا (آساميون) پيدا ڪرڻ، مانع (روڪيندڙ) نه سمجهيو ويندو.

(2) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون رستي، ڪنهن به ايوان جي سيڪريٽريل عملي (اسٽاف) جي ڀرتي ۽ ملازمت (نوڪري) جا شرط ضابطي هيٺ آڻي سگهي ٿي.

(3) جيستائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) فقري (2) موجب بندوبست ڪري (قانون ٺاهي) تيستائين اسپيڪر يا جيئن حالتون هجن، چيئرمين، صدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي منظوري سان، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي نيشنل اسيمبلي ۽ سينيٽ جي سيڪريٽريل اسٽاف (عملي) تي مقرر ڪيل آهن، ڀرتي، ملازمت ۽ نوڪريءَ جي شرطن بابت، انتظام لاءِ قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.

## 88. مالياتي ڪميٽي

(1) قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جو خرچ، اختيار ڏنل حدبندين اندر، قومي اسيمبلي يا جيئن حالتون هجن (صورتحال هجي) سينيٽ، مالياتي ڪميٽي جي صلاح سان ڪنٽرول ڪندي (وس ۾ رکندي).

(2) مالياتي ڪميٽي ۾ اسپيڪر يا جيئن هجي، چيئرمين، وزير مال ۽ اهڙا ٻيا ميمبر، شامل هوندا جن کي قومي اسيمبليٰ يا جيئن هجي، سينيٽ انهيءَ ڏس ۾ چونڊيو هجي.

(3) مالياتي ڪميٽي پنهنجي ڪارروائي (طريقہ ڪار) جي ضابطي لاءِ قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.

## آرڊيننس

## 89. آرڊيننس نافذ ڪرڻ جو صدر کي اختيار

(1) قومي اسيمبلي جيڪڏهن اجلاس ۾ آهي، ان کان سواءِ صدر جيڪڏهن مطمئن آهي تہ اهڙيون حالتون موجود آهن جن جي ڪري هڪدم قدم کڻڻ ضروري آهي، تہ پوءِ هو حالتن پٽاندڙ آرڊيننس ٺاهي ۽ نافذ ڪري سگهي ٿو.

(2) هن آرٽيڪل هيٺ نافذ ڪيل ڪوبہ آرڊيننس اها ئي طاقت ۽ اثر رکندو جيڪو مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ کي آهي ۽ ساڳين پابندين جي تابع هوندو، جيڪي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي قانون سازي جي اختيار تي عائد ٿيل آهن- پر هرڪو اهڙو آرڊيننس:

(الف) پيش ڪيو ويندو:

(i) قومي اسيمبلي جي آڏو، جيڪڏهن ان ۾ آرٽيڪل 83 جي جملي (2) ۾ بيان ڪيل اهي سڀ يا ڪي معاملا شامل (هجن) ۽ اهو پنهنجي نفاذ کان چئن مهينن جي ختم ٿيڻ تي يا جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبلي انهيءَ مُدي جي پوري ٿيڻ کان اڳ ان کي نامنظور ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري ته پوءِ اهو ٺهراءُ جي پاس ٿيڻ تي منسوخ ٿي ويندو.

(ii) ٻنهي ايوانن جي آڏو جيڪڏهن ان ۾ اهڙا فقرا شامل نه هجن، جيڪي سب پيراگراف (i) ۾ بيان ڪيل معاملن بابت آهن، ته پوءِ اُهو پنهنجي نفاذ کان چئن مهينن جي پوري ٿيڻ تي يا انهن مان ڪنهن به هڪ ايوان طرفان انهي مُدي جي پوري ٿيڻ کان اڳ ان کي نامنظور ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري ته پوءِ اُهو ٺهراءُ پاس ٿيڻ تي منسوخ ٿي ويندو.

(ب) صدر جي طرفان ڪنهن به وقت واپس ورتو وڃي.

(3) فقري (2) ۾ ڏنل بندوبست کي نقصان رسائڻ کان سواءِ، قومي اسيمبلي آڏو پيش ڪيل آرڊيننس کي قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيل (آندل) بل تصور ڪيو ويندو.

## باب ٽيون- وفاقي حڪومت

### 90. وفاق جي ڪاروباري اختيار جو استعمال

(1) وفاق جو ڪاروباري اختيار صدر کي هوندو ۽ هُو ان کي سڌي طرح (پاڻ) يا پنهنجي زيردست آفيسرن جي معرفت، دستور موجب، استعمال ڪندو.

(2) فقري (1) ۾ شامل هوندي به:

(الف) ڪوبه اهڙو ڪم (ڪارگذاري) صدر کي منتقل ڪيل نه سمجهيو ويندو جيڪو ڪنهن به هلندڙ قانون موجب ڪنهن صوبي جي حڪومت يا ٻي اختياري کي سونپيل (ڏنل) هجي؛

(ب) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي ڪجهه ڪمن (ڪارگذاري) کي، صدر کان سواءِ، ٻين اختيارين کي قانون موجب سونپي ڏيڻ کان روڪي نه سگهندي.

### 91. ڪئبينيٽ

(1) صدر کي سندس ڪاروبار جي استعمال ۾ مدد ۽ صلاح لاءِ، وزيرن جي ڪابينا هوندي، جنهن جو مُک (سرواڻ) وزيراعظم هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) صدر پنهنجي (شعور) ويچار موجب قومي اسيمبلي جي ميمبرن مان وزيراعظم مقرر ڪندو، جنهن ڪي سندس راءِ ۾ اسيمبلي جي ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل ڪرڻ جو امڪان آهي.

(2- الف) فقري (2) ۾ جيڪي ڏنل آهي، ان جي هوندي به 20 مارچ 1990ع کان پوءِ صدر، قومي اسيمبلي جي اهڙي ميمبر کي وزيراعظم ٿيڻ جي دعوت ڏيندو، جنهن کي قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل آهي، جيئن (جهڙي طرح) دستوري نهرائن موجب انهيءَ مقصد لاءِ اسيمبلي جي سڏايل اجلاس مان واضح آهي.

(3) فقري (2) هيٺ مقرر ڪيل يا جيئن هجي فقري (2- الف) سڏايل شخص عهدي تي چڙهڻ کان اڳ صدر جي آڏو ضميمي 3 ۾ ڏنل عبارت ۾ حلف کڻندو ۽ ان کان سٺ ڏينهن جي عرصي اندر قومي اسيمبلي کان اعتماد جو ووٽ حاصل ڪندو.

(4) ڪابينا پنهنجي وزيرن سان اجتماعي طور قومي اسيمبلي جي آڏو جوابده (ذميوار) رهندي.

(5) وزيراعظم صدر جي مرضي سان پنهنجي عهدي تي (فائز) رهندو، پر صدر هن فقري هيٺ، پنهنجيون اختياريون استعمال نه ڪندو، جيستائين که هن کي اطمينان ٿيو آهي ته وزيراعظم کي قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل نه آهي. اهڙي حالت ۾ هو قومي اسيمبلي جو اجلاس سڏائيندو ۽ وزيراعظم کان گهُر ڪندو ته هو اسيمبلي کان اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري.

(6) وزيراعظم، صدر ڏانهن پنهنجي هٿ هيٺ لکت (هٿ اکر) سان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(7) ڪو به وزير جيڪو لڳاتار ڇهن مهينن جي عرصي تائين قومي اسيمبلي جو ميمبر نه رهيو آهي، ذڪر ڪيل مُدي جي پوري ٿيڻ تي وزير نه رهندو ۽ ذڪر ڪيل اسيمبلي جي ختم ٿيڻ کان اڳ وري بيهر وزير مقرر نه ٿيندو جيستائين انهيءَ اسيمبلي لاءِ ميمبر چونڊجي نه اچي.

پر هن فقري ۾ ڏنل (بيان ڪيل) عبارت ڪنهن به اهڙي وزير سان لاڳو نه رهندي جيڪو سينيٽ جو ميمبر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(8) هن آرٽيڪل ۾ ڏنل (عبارت) جو اهو مطلب نہ هوندو تہ وزيراعظم يا ڪو ٻيو وزير يا وزير مملڪت ڪنهن اهڙي مُدت هلندي، جڏهن قومي اسيمبلي ختم ٿي چڪي آهي، پنهنجي عهدي تي قائم رهڻ کان نااهل قرار ڏنو وڃي، ۽ نہ وري ان ڪري ڪنهن بہ عرصي هلندي ڪنهن شخص کي وزيراعظم يا ٻئي وزير يا وزير مملڪت مقرر ڪرڻ جي ممانعت هوندي.

## 92. وفاقي وزير ۽ وزير مملڪت

(1) آرٽيڪل 91 جي فقري (7) ۽ (8) هيٺ، صدر، وزيراعظم جي صلاح (مشوري) سان مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبرن مان وفاقي وزير ۽ وزير مملڪت مقرر ڪندو.

پر شرط آهي تہ انهن وفاقي وزيرن ۽ مملڪتي وزيرن جو تعداد، جيڪي سينيٽ جا ميمبر آهن، ڪنهن بہ وقت وفاقي وزيرن جي تعداد جي چوٿين حصي کان وڌيڪ نہ هوندو.

(2) عهدي تي چڙهڻ کان اڳ وفاقي وزير ۽ وزير مملڪت، ٽئين شيڊول (ضميمي) ۾ ڏنل عبارت موجب صدر جي آڏو حلف (قسم) کڻندا.

(3) ڪوبہ وفاقي وزير يا وزير مملڪت صدر ڏانهن پنهنجي هٿ هيٺ لکت سان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو يا صدر، وزيراعظم جي صلاح (مشوري) تي ڪيس عهدي تان برطرف (لاهي) ڪري سگهندو.

## 93. صلاحڪار (مُشير)

(1) صدر، وزيراعظم جي ڏنل مشوري (صلاح) تي، اهڙن شرطن شروطن تي جيڪي هُو متعين ڪري، وڌ ۾ وڌ پنج صلاحڪار (مُشير) مقرر ڪري سگهندو.

(2) آرٽيڪل 57 ۾ ڏنل نہراءِ صلاحڪار سان بہ لاڳو رهندا.

## 94. وزيراعظم جو عهدي تي قائم رهڻ

صدر، وزيراعظم کي عهدي تي برقرار (قائم) رهڻ لاءِ چئي سگهي ٿو، جيستائين سندس جاءِ نشين وزيراعظم جي عهدي تي نہ اچي چڙهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 95. وزيراعظم جي خلاف عدم اعتماد جو ووٽ

(1) وزيراعظم جي خلاف عدم اعتماد جي ووٽ جي قرارداد جنهن کي قومي اسيمبلي جي ڪُل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ويهه سيڪڙو تجويز ڪيو هجي، قومي اسيمبلي طرفان منظور ڪري سگهجي ٿو.

(2) فقري (1) ۾ ڏيکاريل قرارداد تي ان ڏينهن کان جنهن تي اها قرارداد قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪئي ويئي آهي، ٽن ڏينهن جي عرصي پوري ٿيڻ کان اڳ ۽ ستن ڏينهن جي مُدت کان پوءِ، ووٽ نه ورتا ويندا.

(3) فقري (2) ۾ ڏيکاريل قرارداد کي، ان وقت اسيمبلي ۾ پيش نه ڪيو ويندو جڏهن قومي اسيمبلي ساليانِي بجيٽ جي تفصيل ۾ پيش ڪيل رقمن جي طلب تي غور ڪري رهي آهي.

(4) جيڪڏهن فقري (2) ۾ ڏيکاريل قرارداد کي قومي اسيمبلي جي ڪُل ميمبرن جي اڪثريت پاس (منظور) ڪيو آهي ته پوءِ وزيراعظم پنهنجي عهدي تي نه رهندو.

## 97. وفاق جي انتظامي اختيار جي حد

دستور هيٺ، وفاق جو انتظامي اختيار انهن سيني معاملن سان لاڳو رهندو جيڪي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي قانون ٺاهڻ جو اختيار آهي، جنهن ۾ پاڪستان ۾ يا ان کان ٻاهر جي علائقن ۾ حقن جو استعمال، اختياري (عملداري جون) حدون شامل آهن.

پر شرط آهي ته بيان ڪيل اختيار، جيڪڏهن اهو دستور يا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪنهن ٻئي ٺاهيل قانون ۾ واضح ڪيل آهي، ڪنهن اهڙي معاملي ۾ صوبي سان لاڳو نه رهندو، جنهن ۾ صوبائي اسيمبلي کي پڻ قانون ٺاهڻ جي طاقت (اختيار) آهي.

## 98. عهديدارن (زيردست اختياري وارن) کي ڪارگذاري سونپڻ

وفاقي حڪومت جي سفارش تي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون موجب وفاقي حڪومت جي آفيسرن يا عهديدارن (اختياري وارن) کي ڪارگذاريون سونپي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 99. وفاقي حڪومت جي ڪارگذاري (ڪارروائي ڪرڻ)

(1) وفاقي حڪومت جي سيني انتظامي ڪارروائين بابت چيو ويندو ته اُهي صدر جي نالي سان ڪيو ويون آهن.

(2) صدر قاعدن مطابق اهڙي طريقي کي ظاهر ڪندو، جنهن ۾ اهي حڪمناما يا ٻيا ٺهيل دستاويز ۽ جيڪي سندس نالي ۾ جاري ڪيا ويا آهن، تصديق ڪيا ويندا ۽ اهڙي ڪنهن آرڊر (حڪم نامي) يا دستاويز جي سچائي (درستي) تي ڪنهن به ڪورٽ (عدالت) ۾ انهيءَ سبب ڪري سوال نه اُٿاريو ويندو ته اهو صدر ڪونه ڪيو آهي يا جاري نه ڪيو آهي.

(3) صدر، وفاقي حڪومت جي ڪمن جي ورڇ ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ پڻ قاعدا ٺاهيندو.

## 100. پاڪستان لاءِ اٽارني جنرل

(1) صدر، ڪنهن اهڙي شخص کي جو عدالت عِظميٰ (سپريم ڪورٽ) جي جج جي مقرر ٿيڻ جو اهل هجي، اٽارني جنرل مقرر ڪندو.

(2) اٽارني جنرل صدر جي خوشي (مرضي) حاصل رهڻ تائين پنهنجي عهدي تي رهندو.

(3) اٽارني جنرل جو فرض رهندو ته هو وفاقي حڪومت کي اهڙن قانوني معاملن تي مشورو (صلاح) ڏي ۽ قانوني نوعيت جا ٻيا فرض سرانجام ڏي، جيڪي وفاقي حڪومت طرفان سندس حوالي ڪيا وڃن يا سونپيا وڃن ۽ پنهنجي فرضن جي سرانجامي ۾ هُن کي پاڪستان جي سيني ڪورٽن ۽ ٽربيونلن (عدالتن) ۾ حاضري جو حق رهندو.

(4) اٽارني جنرل، صدر جي نالي پنهنجي هٿ هيٺ (صحيح سان) پنهنجي عهدي جي استعيفيٰ ڏيئي سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو چوٿون

## صوبا

## باب پهريون - گورنر

### 101. گورنر جو مقرر ٿيڻ

(1) هرهڪ صوبي لاءِ هڪ گورنر (والي) هوندو، جنهن کي صدر، وزيراعظم جي مشوري(صلاح) سان مقرر ڪندو.

(2) ڪنهن به شخص کي گورنر مقرر نہ ڪيو ويندو جيستائين هُو قومي اسيمبلي جي ميمبر چونڊجي اچڻ جو اهل نہ هجي ۽ سندس عمر 35 سالن کان گهٽ نہ هجي.

(3) گورنر، صدر جي خوشي (مرضي) حاصل هئڻ تائين پنهنجي عهدي تي رهندو ۽ اهڙي پگهار، الائونس ۽ رعايتن جو حقدار رهندو، جيڪي صدر مقرر ڪري.

(4) گورنر، صدر ڏانهن (موڪليل) پنهنجي هٿ هيٺ لکت سان استعيفيٰ ڏيئي سگهي ٿو.

(5) صدر جيئن هو موزون سمجهي، اتفاقي حالت ۾، جنهن بابت هن حصي ۾ بندوبست نہ ڪيل آهي، گورنر جي ڪمن جي ڪارگذاري بابت ٺهراءُ جوڙيندو (بندوبست ڪندو).

### 102. عهدي جو حلف

گورنر، عهدي تي چڙهڻ (فائز) کان اڳ، هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي آڏو، انهيءَ فارم (نموني) جو حلف کڻندو، جيڪو ٽئين شيڊول ۾ بيان ڪيل آهي.

### 103. گورنر جي عهدي جا شرط

(1) گورنر پاڪستان جي نوڪري ۾ ڪوبہ فائدي وارو عهدو يا ٻي اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت قبول نہ ڪندو، جنهن ۾ ان نوڪري جي بدلي ۾ معاوضي جو حق حاصل هجي.

(2) گورنر، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ميمبر جي حيثيت ۾ چونڊڻ ۾ اميدوار نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن ميمبر کي گورنر مقرر ڪيو ويو آهي تہ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جيئن بہ هجي، صوبائي اسيمبلي ۾ سندس جاءِ، انهيءَ ڏينهن خالي ٿيندي، جڏهن هو پنهنجي عهدي تي چڙهندو.

## 104. قائم مقام (عارضي) گورنر

جڏهن بہ گورنر پاڪستان مان غير حاضر آهي يا ڪنهن سبب ڪري پنهنجي عهدي جي ڪارگذاري ڪان قاصر آهي تہ پوءِ اهڙو ٻيو شخص جنهن کي صدر حڪم ڪري، گورنر تي ڪم ڪندو.

## 105. گورنر مشوري (صلاح) تي عمل ڪندو

(1) دستور جي هيٺ، پنهنجي ڪمن جي سرانجامي ۾ گورنر، ڪابينا يا وزيراعليٰ جي صلاح مطابق عمل ڪندو.

پر شرط آهي تہ گورنر جو ڪابينا يا جيئن صورتحال هجي، وزيراعليٰ کي انهيءَ مشوري تي، عام طور يا ٻي حالت ۾، ٻيهر غور ڪرڻ جو حڪم ڏيئي سگهي ٿو ۽ گورنر ذڪر ڪيل مشوري تي ٻيهر غور ڪرڻ ڪان پوءِ ان موجب عمل ڪندو.

(2) اهو سوال تہ ڇا ڪا بہ، ۽ جيڪڏهن آهي تہ ڪهڙي صلاح (مشورو) وزيراعليٰ يا ڪابينا گورنر کي ڏني، تنهن تي عدالت، ٽربيونل (خاص عدالت) يا ٻي اختياري طرفان پڇا ڳاڇا نہ ڪئي ويندي.

(3) جيڪڏهن گورنر، صوبائي اسيمبلي کي ٽوڙي ڇڏي (ختم ڪري) تہ هُو پنهنجي مرضي سان پر صدر جي اڳواٽ ورتل اجازت سان، ڪم چلائو يا نگران ڪابينا مقرر ڪندو.

(4) هن آرٽيڪل ۾ صدر کي ڏنل اختياريون، پنهنجي مرضي موجب استعمال ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) آرٽيڪل 48 جو فقرو (2) گورنر تي اهڙي طرح اثر انداز رهندو، جهڙوڪ صدر ڏانهن ڪيل حوالو گورنر ڏانهن حوالو ڪيو ويو آهي.

## باب پيو- صوبائي اسيمبليون

### 106. صوبائي اسيمبلين جي جوڙجڪ (ٺهڻ)

(1) هرهڪ صوبي لاءِ هڪ صوبائي اسيمبلي هوندي، جا قانون موجب سڌي ۽ آزاد ووٽ جي رستي چونڊيل ميمبرن جي هيٺ ڏيکاريل تعداد تي مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| بلوچستان | ........ 40 |
| اُتر اولهه سرحدي صوبو | ........ 80 |
| پنجاب | ........ 240 |
| سنڌ | ........ 100 |

(2) هرڪو شخص ووٽ ڏيڻ جو حقدار رهندو (جيڪو):

(الف) پاڪستان جو شهري هجي؛

(ب) هو ايڪيهين سالن کان گهٽ عمر جو نه هجي؛

(ث) سندس نالو صوبي جي ڪنهن به علائقي جي انتخابي فهرست ۾ داخل هجي؛ ۽

(د) ڪنهن فاضل عدالت طرفان چريو نه قرار ڏنو ويو هجي.

(3) ان کان سواءِ بلوچستان، پنجاب، اُتر اولهه سرحدي صوبو ۽ سنڌ صوبن ۾ فقري (1) ۾ ظاهر (ذڪر) ڪيل نشستن (سيٽن) ۾ انهن اسيمبلين ۾ هيٺين طور ڏيکاريل غير مسلمانن لاءِ واڌو سيٽون هونديون:

| صوبو | عيسائي | هندوءِ گهٽ ذات جا ماڻهو | سک، ٻُڌ ۽ پارسي فرقو ۽ ٻيا غير مسلم | قادياني گروپ يا لاهوري گروپ سان لاڳو شخص (جي پاڻ کي احمدي سڏين ٿا) |
|---|---|---|---|---|
| بلوچستان | 1 | 1 | 1 | - |
| اُتر اولهه سرحدي صوبو | 1 | - | 1 | 1 |
| پنجاب | 5 | 1 | 1 | 1 |
| سنڌ | 2 | 5 | 1 | 1 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهائي: جتي ڪنهن صوبي جي ڪنهن اقليت لاءِ ان جي گهٽ تعداد هئڻ ڪري ڪا سيٽ (نشست) مخصوص نه ڪئي ويئي آهي، ته پوءِ انهيءَ صوبي ۾ سيني غير مسلمانن لاءِ مخصوص ڪيل گڏيل نشست، اها اقليت ۾ شامل سمجهي ويندي.

(4) شروع واري ڏينهن کان ڏهن سالن جي عرصي جي پوري ٿيڻ کان اڳ يا ڪنهن صوبي جي اسيمبلي لاءِ ٽين عام چونڊ جي ٿيڻ تائين، جيڪو به پوءِ عمل ۾ اچي (واقع ٿئي) انهيءَ اسيمبلي ۾ فقري (1) ۾ ڏنل ميمبرن جي تعداد جو پنج في صد، واڌو سيٽون عورتن لاءِ مخصوص ڪيون وينديون.

(5) فقري (3) ۾ بيان ڪيل نشستن ڪي پرڻ ۽ فقري (1) ۾ ڏيکاريل نشستن کي پرڻ لاءِ، ميمبر ساڳئي وقت، ڌار ڌار چونڊ جي بنياد تي سڌي ۽ آزاد ووٽ ذريعي چونڊيا ويندا.

(6) صوبائي اسيمبلين لاءِ عام چونڊن کان پوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي انهيءَ اسيمبلي ۾ عورتن لاءِ مخصوص سيٽن کي پرڻ لاءِ، قانون مطابق ميمبر، مناسب (انداز سارو) نمائندگي جي سرشتي جي بنياد تي، اڪيلي قابلِ انتقال ووٽ ذريعي انهيءَ اسيمبلي جي ميمبرن جي انتخابي اداري جي طرفان چونڊيا ويندا.

## 107. صوبائي اسيمبلي جو مُدو (ميعاد)

ڪابه صوبائي اسيمبلي جيڪڏهن (وقت کان) اڳ ۾ ختم نه ڪئي وڃي ته پوءِ اها پنهنجي پهرئين اجلاس واري ڏينهن کان پنجن سالن تائين قائم (برقرار) رهندي، ۽ پنهنجي ميعاد جي پوري ٿيڻ تي ختم ٿي ويندي.

## 108. اسپيڪر ۽ نائب اسپيڪر

عام چونڊن کان پوءِ، صوبائي اسيمبلي پنهنجي پهرئين اجلاس ۾، ٻين سيني ڪمن کي ڇڏي، پنهنجي ميمبرن مان، هڪ اسپيڪر ۽ هڪ ڊپٽي (نائب) اسپيڪر جي چونڊ ڪندي ۽ جڏهن به اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جو عهدو خالي ٿئي ته اها اسيمبلي ڪنهن ٻئي ميمبر کي اسپيڪر يا جيئن صورتحال هجي، ڊپٽي (نائب) اسپيڪر چونڊيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 109. صوبائي اسيمبلي جو اجلاس گهُرائڻ ۽ برخواست ڪرڻ

گورنر وقت بوقت:

(الف) صوبائي اسيمبلي جو اجلاس اهڙي وقت ۽ جاءِ تي طلب ڪري سگهندو، جنهن کي هُو مناسب سمجهي؛ ۽

(ب) صوبائي اسيمبلي جو اجلاس برخواست ڪري سگهندو.

## 110. گورنر جو صوبائي اسيمبلي کي خطاب ڪرڻ جو حق (اختيار)

گورنر، صوبائي اسيمبلي کي خطاب ڪري سگهندو ۽ انهيءَ مقصد لاءِ ميمبرن کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڪندو.

## 111. صوبائي اسيمبلي ۾ ڳالهائڻ (تقرير) جو حق

ائڊووڪيٽ جنرل کي صوبائي اسيمبلي يا ان جي ڪنهن ڪميٽي ۾، جنهن ۾ کيس نامزد (ٺاقيو) ڪيو ويو آهي، ڳالهائڻ (تقرير) ۽ ٻي حالت ۾ ان جي ڪارروائي ۾ حصي وٺڻ جو حق رهندو، پر هن آرٽيڪل جي لحاظ کان ووٽ نه ڪري سگهندو.

## 112. صوبائي اسيمبلي کي ختم ڪرڻ

(1) گورنر کي، جيڪڏهن وزيراعليٰ اهڙو مشورو ڏي، صوبائي اسيمبلي ختم ڪري ڇڏيندو (ٽوڙي ڇڏيندو)، ۽ جيڪڏهن اڳواٽ ختم نه ٿي آهي ته پوءِ وزيراعليٰ جي ڏنل مشوري جي اٺيتاليهن ڪلاڪن کان پوءِ ٽٽل (ختم) ٿيل سمجهي ويندي.

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ وزيراعليٰ جي حوالي سان ائين نه سمجهيو ويندو ته ان ۾ ڪنهن اهڙي وزيراعليٰ جو حوالو شامل آهي، جنهن جي خلاف صوبائي اسيمبلي ۾ عدم اعتماد جي ووٽ جي ڪنهن قرارداد جو نوٽيس ڏنو ويو آهي، پر ان تي ووٽ نه ورتا ويا هجن يا جنهن جي خلاف عدم اعتماد جي ووٽ جي ڪا قرارداد منظور ٿي ويئي هجي يا جيڪو آرٽيڪل 134 جي فقري (2) موجب عهدي تي قائم آهي يا ڪو صوبائي وزير، جيڪو آرٽيڪل 135 جي فقري (1) يا فقري (3) هيٺ وزيراعليٰ جا ڪم سرانجام ڏيئي رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) گورنر پنهنجي خيال (مرضي) موجب، صدر جي اڳواٽ منظوري سان صوبائي اسيمبلي ٽوڙي سگهي ٿو، جيڪڏهن سندس راءِ آهي ته:

(الف) وزيراعليٰ جي خلاف عدم اعتماد جو ووٽ پاس ٿيڻ کان پوءِ، صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن به ميمبر، دستور جي نهرائن موجب، صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل هئڻ جو امڪان نه آهي، جيئن ڪِ انهيءَ مقصد لاءِ صوبائي اسيمبلي جي سڏايل اجلاس مان ظاهر ٿيو آهي؛

(ب) اهڙي صورتحال پيدا ٿي ويئي آهي جنهن هيٺ صوبي جي حڪومت دستور جي نهرائن موجب نٿي هلائي سگهجي ۽ چونڊ ڪندڙن کي اپيل ڪرڻ ضروري آهي.

## 113. صوبائي اسيمبلي ميمبر جي اهليت ۽ نااهليت

آرٽيڪل 62 ۽ 63 ۾ بيان ڪيل قومي اسيمبلي جي ميمبري لاءِ اهليت ۽ نااهليت (جو قانون) صوبائي اسيمبلي جي ميمبري سان اهڙي طرح لاڳو رهندو جهڙوڪ قومي اسيمبليءَ لاءِ ڏنل حوالو صوبائي اسيمبلي لاءِ حوالو هو.

## 114. صوبائي اسيمبلي ۾ بحث تي پابندي

صوبائي اسيمبلي ۾ ڪنهن به هاءِ ڪورٽ يا سپريم ڪورٽ جي جج ڪي پنهنجي فرض جي ادائگيءَ ۾ سندس هلت بابت بحث نه ڪيو ويندو.

## 115. مالي اپائن لاءِ صوبائي حڪومت کان اجازت (منظوري)

(1) ڪو به مالي بل يا اهڙو بل يا ترميم جيڪڏهن پاس ٿئي ۽ ڪارروائي ۾ آندو وڃي ته اهو صوبائي حڪومت جي گڏيل مالياتي فنڊ (ناڻي) مان خرچ جو بار پوندو يا صوبي جي سرڪاري حساب مان ان لاءِ (رقم يا ناڻو) ڪڍيو ويندو ته (اهڙي حالت ۾) اهو صوبائي حڪومت جي اجازت کان سواءِ صوبائي اسيمبلي ۾ نه آندو ويندو ۽ نه ان تي تحرڪ ورتو ويندو.

(2) هن آرٽيڪل جي مقصد لاءِ، ڪو بل يا ترميم تڏهن مالي بل سمجهيو ويندو جيڪڏهن ان ۾ اهڙا نهراءُ شامل آهن جيڪي هيٺين ڏنل معاملن مان ڪنهن به هڪ يا سيني جي باري ۾ هجن، نالي طور:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) ڪنهن بہ محصول جو نافذ ڪرڻ، منسوخ (ختم) ڪرڻ، معاف ڪرڻ، يا گهٽ وڌ ڪرڻ، يا انتظام ۾ آڻڻ؛

(ب) صوبائي حڪومت طرفان ناڻي جو قرض ڪڍڻ، يا ڪا ضمانت ڏيڻ، يا حڪومت جي مالي ذميوارين بابت قانون ۾ ترميم؛

(ث) صوبائي گڏيل فنڊ (ناڻي) جي حفاظت، ان ۾ رقمن جو ادا ٿيڻ يا ان مان رقمن جو نيڪال (ڪڍڻ)؛

(د) صوبائي گڏيل فنڊ تي واجبات مڙهڻ يا اهڙي ڪنهن واجبات جو ختم ڪرڻ يا ان ۾ ترميم آڻڻ؛

(ع) صوبي جي سرڪاري حساب ۾ رقمن جي وصولي (آمدني) ۽ اهڙن رقمن جي حفاظت ۽ نيڪال؛

(ف) اڳئين پئراگراف (جملي) ۾ ظاهر ڪيل معاملن ۾ ڪنهن سان لاڳو معاملو.

(3) ڪوبہ بل رڳو انهيءَ سبب ڪري ناڻي جو بل تصور نہ ڪيو ويندو جيڪڏهن ان ۾ هن ريت بندوبست ٿيل هجي:

(الف) ڪنهن ڏنڊ جو مڙهڻ يا ان ۾ ڦيرڦار آڻڻ يا ڪا بي ناڻي واري سزا يا چٽي يا ليسن في جي گهُرج يا ان جو ادا ڪرڻ يا ڪافي يا ڪنهن ڏنل سروس (خدمت) جو معاوضو؛

(ب) ڪنهن بہ مقامي اختياري يا مقامي مقصدن جي اداري جي ڪنهن محصول کي مڙهڻ، ختم ڪرڻ، معاف ڪرڻ، ڦيرڦار آڻڻ يا انتظام ڪرڻ.

(4) جيڪڏهن ڪوبہ اهڙو سوال پيدا ٿئي تہ ڪوبہ ناڻي جو بل آهي يا نہ، تہ ان لاءِ صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر جو فيصلو آخري (قطعي) هوندو.

(5) هرهڪ ناڻي جي بل تي جيڪو گورنر کي (سندس منظوري لاءِ) پيش ڪيو ويندو ان تي صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر جي هٿ هيٺ سرٽيفڪيٽ (سَند) هوندو تہ اهو ناڻي جو بل آهي ۽ اهو سرٽيفڪيٽ سيني مقصدن لاءِ قطعي هوندو ۽ ان تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو سوال نہ اُٿاريو ويندو.

## 116. بلن تي گورنر جي منظوري

(1) جيڪڏهن ڪو بل صوبائي اسيمبلي پاس (منظور) ڪيو آهي تہ پوءِ ان کي گورنر کي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) جڏهن ڪوبه گورنر کي منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو وڃي ته گورنر ڏينهن اندر:

(الف) بل جي منظوري ڏيندو؛ يا

(ب) ڪنهن اهڙي بل جي صورت ۾ جيڪو مالي بل نه آهي، بل کي انهيءَ نياپي ۾ عرض سان صوبائي اسيمبلي کي واپس ڪندو ته بل تي يا ان جي ڪنهن خاص ورجايل نهراءَ تي وري (نئين سر) غور ڪيو وڃي يا اهڙي ترميم تي غور ڪيو وڃي، جيڪا انهيءَ نياپي ۾ ظاهر ڪيل آهي.

(3) جڏهن گورنر بل کي صوبائي اسيمبلي ۾ واپس ڪيو ته پوءِ صوبائي اسيمبلي ان تي وري غور ڪندي ۽ جيڪڏهن اهو وري صوبائي اسيمبلي ۾ ترميم سان يا بنا ترميم جي صوبائي اسيمبلي جي حاضر ميمبرن جي اڪثريت سان ووٽن رستي منظور ڪيو ويو ته پوءِ اهو گورنر کي پيش ڪيو ويندو ۽ گورنر ان کان پنهنجي منظوري نه روڪي سگهندو (ڪيس منظور ڪرڻو آهي).

(4) جڏهن گورنر بل تي پنهنجي منظوري ڏني ته پوءِ اهو قانون ٿي ويندو ۽ ان کي صوبائي اسيمبلي جو ائڪٽ سڏيو ويندو.

(5) ڪوبه صوبائي اسيمبلي ائڪٽ ۽ ڪنهن به ائڪٽ جو ڪوبه نهراءُ، انهيءَ سبب ڪري ته دستور موجب ڪا سفارش، اڳواٽ منظوري، يا گهربل اجازت نه ڏني ويئي آهي (رد يا) باطل نه رهندو، جيڪڏهن انهيءَ ائڪٽ کي دستور موجب منظوري ڏني ويئي آهي.

## 117. مهمل ٽيڻ سبب بل خارج نه رهندو

(1) صوبائي اسيمبلي ۾ زير غور بل، اسيمبلي جي مهمل ٽيڻ سبب خارج نه ٿيندو.

(2) صوبائي اسيمبلي ۾ زير غور بل، اسيمبلي جي ختم ٿيڻ تي خارج ٿي ويندو.

# مالي (مالياتي طريقه ڪار)

## 118. صوبائي گڏيل ناڻو ۽ سرڪاري حساب

(1) صوبائي حڪومت جي وصولي، انهيءَ حڪومت طرفان کنيل سڀ قرض، ۽ اهي سڀ رقمون جيڪي قرض جي واپسي طور مليل آهن، اهي سڀ گڏيل ناڻي جو حصو رهنديون، جنهن کي صوبائي گڏيل ناڻو سڏيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ٻيون سڀ رقمون:

(الف) جيڪي صوبائي حڪومت يا ان جي طرفان وصول ڪيل آهن؛

(ب) جيڪي هاءِ ڪورٽ يا صوبي جي اختياري هيٺ قائم ڪيل ٻي ڪورٽ طرفان وصول ڪيل آهن يا ان وٽ جمع ٿيل آهن؛

صوبي جي سرڪاري حساب ۾ جمع ڪرايا ويندا.

## 119. صوبائي گڏيل ناڻي ۽ سرڪاري حساب جي حفاظت وغيره

صوبائي گڏيل فنڊ، ان فنڊ ۾ جمع ڪيل يا خرچ ڪيل رقمون ۽ ٻين رقمن جي حفاظت، جيڪي صوبائي حڪومت يا ان جي پاران صوبي جي سرڪاري خرچ ۾ جمع آهن يا خرچ ڪيل آهن ۽ انهن سان لاڳو يا ميل جول رکندڙ اُهي سڀ معاملا، تن جي حفاظت جو انتظام جيستائين ان ڏس ۾ گورنر طرفان ناهيل رولن (قاعدن) جو بندوبست ڪيو وڃي، صوبائي اسيمبلي جي ائڪٽ موجب ڪيو ويندو.

## 120. ساليانو بجيٽ تفصيل

(1) صوبائي حڪومت هر مالي سال لاءِ، صوبائي اسيمبلي آڏو انهيءَ سال لاءِ، صوبائي حڪومت جي آمدني ۽ خرچ جي تخميني جو تفصيل پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪندي، جنهن کي هن باب ۾ ساليانو بجيٽ تفصيل سڏيو ويو آهي.

(2) ساليانو بجيٽ تفصيل ۾ جدا جدا ڏيکاريو ويندو:

(الف) اُهي رقمون جيڪي دستور مطابق صوبائي گڏيل ناڻي (فنڊ) مان خرچ لاءِ گهربل آهن؛

(ب) اُهي رقمون جيڪي ٻئي خرچ لاءِ صوبائي گڏيل فنڊن مان رٿيل آهن؛

روينيو حساب تي ڪيل خرچ کي ٻئي خرچ کان الڳ ڏيکاريو ويندو.

## 121. صوبائي گڏيل فنڊ (ناڻي) مان واجب الادا خرچ

(الف) گورنر کي ملندڙ لوازمو (اُجورو) ۽ سندس عهدي جو ٻيو خرچ- ۽

(i) هاءِ ڪورٽ جي ججن: ۽

(ii) صوبائي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ۽ نائب اسپيڪر کي ملندڙ لوازمو؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) انتظامي خرچ، جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ ۽ صوبائي اسيمبليءَ سيڪريٽريٽ جي آفيسرن ۽ نوڪرن کي ملندڙ لوازما شامل آهن.

(ث) صوبائي حڪومت جا وياج سميت ڪنيل قرض، ان ۾ ڪرندڙ ناڻي جا لوازما يا موڙيءَ جو گهٽجڻ ۽ پيو خرچ جيڪو قرض ڪڍڻ يا خدمت سرانجام ڏيڻ ۽ حڪومت جي ضمانت تي ڪنيل قرض (اوڌر) جي گهٽتائي شامل آهن.

(د) اهڙيون رقمون جيڪي ڪنهن ڪورٽ (عدالت) يا ٽربيونل (خاص عدالت) طرفان صوبائي حڪومت خلاف ڏنل فيصلي يا ڊڪري جي ادائگيءَ لاءِ گهربل هجن.

(ع) ڪي ٻيون رقمون جيڪي دستور يا صوبائي اسيمبليءَ جي ائڪٽ موجب واجب الادا هجن (ڪم آنديون وڃن).

## 122. ساليانى بجيٽ تفصيل متعلق طريقه ڪار

(1) سالیانو بجيٽ تفصيل جو اوترو حصو، جيڪو صوبائي گڏيل فنڊ (ناڻي) تي خرچ جي باري ۾ آهي، ان تي بحث ڪري سگهجي ٿو، پر ان تي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ووٽ وٺڻ لاءِ نه موڪليو ويندو.

(2) ساليانى بجيٽ تفصيل جو اوترو حصو، جيڪو ٻئي خرچ بابت آهي، ان کي منظوريءَ لاءِ طلب جي شڪل ۾ صوبائي اسيمبليءَ ڏانهن موڪليو ويندو ۽ صوبائي اسيمبليءَ کي اختيار رهندو ته ڪنهن به طلب تي منظوري ڏي يا منظور ڪرڻ کان انڪار ڪري يا ڪنهن طلب ۾ ڏنل رقم (انداز) کي گهٽائي منظوري ڏي.

پر شرط آهي ته شروع واري ڏينهن کان ڏهن سالن جي عرصي لاءِ يا صوبائي اسيمبليءَ (لاءِ) جي ٻي عام چونڊ، جيڪا به دير سان واقع ٿئي، اها طلب، بنا رقم جي گهٽائڻ سان جيڪا ان ۾ مذڪور آهي، منظور سمجهي ويندي، جيستائين اسيمبلي جي ڪُل ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن سان ان کي نامنظور ڪيو ويو آهي، يا ان کي مذڪور رقم جي گهٽائڻ سان منظور ڪيو ويو آهي.

(3) ڪنهن به گرانٽ لاءِ صوبائي حڪومت جي سفارش کان سواءِ طلب (گهُر) نه ڪئي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 123. اختياري ڏنل خرچ جي ضميمي (شيڊول) جو مستند هجڻ

(1) وزيراعليٰ پنهنجي صحيح سان هڪ مستند شيڊول (ضميمو) ٺاهيندو جنهن ۾ (هي) مذڪور هوندو:

(الف) ڪيل منظوريون (گرانٽون) يا اهي جيڪي صوبائي اسيمبليءَ جون قلم 122 هيٺ ڪيل سمجهيون وڃن:

(ب) صوبائي گڏيل ناڻي مان خرچ جي پورائي لاءِ گهربل مختلف رقمون، پر اُهي ڪنهن به حالت ۾ انهيءَ رقم کان وڌيڪ نه هونديون، جن جو تفصيل اڳيئي صوبائي اسيمبلي اڳيان رکيل آهي.

(2) اهڙو مستند ضميمو صوبائي اسيمبلي اڳيان رکيو ويندو، پر ان تي ڪنهن به قسم جو بحث يا ووٽ نه ڪيو ويندو.

(3) دستور تحت صوبائي گڏيل ناڻي مان ڪوبه خرچ اختياري يافته (جائز) نه سمجهيو ويندو جيستائين ان جو مستند شيڊول ۾ ذڪر ڪيل نه آهي ۽ اهو شيڊول فقري (2) هيٺ صوبائي اسيمبلي اڳيان رکيو ويندو.

## 124. وڌيڪ ۽ فالتو گرانٽون (منظوريون)

جيڪڏهن ڪنهن مالي سال لاءِ ڏٺو ويو آهي:

(الف) ته اها رقم جيڪا ڪنهن خاص سروس (خدمت) لاءِ هلندڙ مالي سال لاءِ خرچ ڪرڻي آهي، اڻپوري آهي يا ڪنهن نئين سروس (خدمت) تي خرچ لاءِ ضرورت پيئي آهي، اها ساليانی بجيٽ تفصيل ۾ شامل نه ڪيل آهي.

(ب) ته ڪابه رقم ڪنهن سروس (خدمت) لاءِ انهيءَ رقم کان وڌيڪ خرچ ڪئي ويئي آهي، جيڪا انهيءَ سال هلندي انهي سروس لاءِ منظور ڪيل آهي.

صوبائي حڪومت کي وس رهندو ته اها صوبائي گڏيل فنڊ (ناڻي) ان خرچ جو اختيار ڏي، پوءِ اهو خرچ دستور طرفان صوبائي گڏيل فنڊ (ناڻي) جو بل هجي يا نه هجي ۽ صوبائي اسيمبلي اڳيان وڌيڪ بجيٽ تفصيل پيش ڪندي يا جهڙيون حالتون هجن حد کان وڌيڪ بجيٽ تفصيل جنهن ۾ انهيءَ خرچ جي رقم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر ڪئي ويندي ۽ آرٽيڪل 120 کان 123 جا فقرا انهن تفصيلن سان، سالياني بجيٽ تفصيل وانگر لاڳو رهندا.

## 125. ليکي (حساب) تي ووٽ

مالي معاملن جي باري ۾ هن کان اڳ ڏنل نمرائن (فقرن) جي هوندي به صوبائي اسيمبليءَ کي اختيار رهندو ته تخميني طور ڪنهن به مالي سال جي حصي لاءِ جيڪو ٽن مهينن کان وڌيڪ نه هجي، ڪنهن به خرچ جو ائڊوانس (پيشگي) منظور ڪري، پوءِ پل ته ان گرانٽ لاءِ آرٽيڪل 122 موجب طريقي ڪار مڪمل ٿيندو رهي ۽ خرچ بابت آرٽيڪل 123 جي نمرائن (فقرن) مطابق منظور ڪيل خرچ جو شيڊول (ضميمو) مستند ٿئي.

## 126. اسيمبلي ٽٽڻ تي خرچ جي منظوري جو اختيار

مالي معاملن جي باري ۾ هن کان اڳ ڏنل فقرن (نمرائن) جي هوندي به ڪنهن به وقت جڏهن صوبائي اسيمبلي ختم ٿيل آهي، صوبائي حڪومت، صوبائي گڏيل فنڊن مان، تخميني طور ڪنهن به مالي سال جي حصي لاءِ جيڪو ٽن مهينن کان وڌيڪ نه هجي، ڪنهن به خرچ جو ائڊوانس (پيشگي) منظور ڪري، پوءِ پل ته انهيءَ گرانٽ لاءِ آرٽيڪل 122 موجب طريقه ڪار مڪمل ٿئي ۽ خرچ بابت آرٽيڪل 83 جي فقرن (نمرائن) مطابق، منظور ڪيل خرچ جو شيڊول مستند ٿئي.

## 127. قومي اسيمبليءَ سان لاڳو نمراءُ وغيره صوبائي اسيمبليءَ سان لاڳو رهندا

دستور جي تابع آرٽيڪل 53 جي فقري (2) کان (8)، آرٽيڪل 54 جي فقري (2) ۽ (3)، آرٽيڪل 55، آرٽيڪل 63 کان 67، آرٽيڪل 69، آرٽيڪل 87 ۽ آرٽيڪل 88 جا نمراءُ ڪنهن به صوبائي اسيمبلي يا ان جي ڪنهن ڪميٽي يا ان جي ميمبرن يا صوبائي حڪومت سان لاڳو رهندا. پر هن ريت:

(الف) انهن نمرائن (فقرن) ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ڪنهن ايوان، يا قومي اسيمبلي ڏانهن ڪوبه حوالو، صوبائي اسيمبلي ڏانهن ڏنل حوالو پڙهيو ويندو؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) انهن نهرائن ۾، صدر ڏانهن ڏنل ڪوبہ حوالو، گورنر ڏانهن ڏنل حوالو پڙهيو ويندو؛

(ث) انهن نهرائڻ ۾ وفاقي حڪومت ڏانهن ڏنل ڪوبہ حوالو، صوبائي حڪومت ڏانهن ڏنل حوالو پڙهيو ويندو؛

(د) انهن نهرائن ۾، وزيراعظم ڏانهن ڏنل ڪوبہ حوالو، وزيراعليٰ ڏانهن ڏنل حوالو پڙهيو ويندو؛

(ع) انهن نهرائن ۾، وفاقي وزير ڏانهن ڏنل ڪوبہ حوالو، صوبائي وزير ڏانهن ڏنل حوالو پڙهيو ويندو؛

(ف) انهن نهرائن ۾، قومي اسيمبليءَ ڏانهن ڏنل ڪوبہ حوالو، صوبائي اسيمبلي ڏانهن ڏنل حوالو پڙهيو ويندو؛

(گ) آرٽيڪل 54 جي فقري (2) ۾ ڏنل شرط اهڙي طرح اثر انداز رهندا، ڇڪ ان ۾ ڏنل لفظ "هڪ سؤ ٽيهہ" جي بدران "ستر" بدلايو ويو آهي.

## آرڊيننس (حڪم ناما)

### 128. گورنر کي آرڊيننس جاري ڪرڻ جو اختيار

(1) صوبائي اسيمبلي جيڪڏهن اجلاس ۾ آهي، ان کان سواءِ گورنر جيڪڏهن مطمئن آهي تہ اهڙيون حالتون موجود آهن، جن جي ڪري هڪدم قدم کڻڻ ضروري (ٿي پيو) آهي تہ پوءِ هُو حالتن پٽاندڙ آرڊيننس ناهي ۽ نافذ ڪري سگهي ٿو.

(2) هن آرٽيڪل هيٺ نافذ ڪيل ڪوبہ آرڊيننس اها ئي طاقت ۽ اثر رکندو جيڪو صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن ائڪٽ کي آهي ۽ اهو ساڳين پابندين جي تابع هوندو، جيڪي صوبائي اسيمبليءَ جي قانون سازي جي اختيار تي عائد ٿيل آهن، پر هرڪو اهڙو آرڊيننس (حڪم نامو):

(الف) صوبائي اسيمبلي آڏو پيش ڪيو ويندو ۽ اهو پنهنجي نفاذ کان ٽن مهينن جي پوري ٿيڻ تي يا جيڪڏهن صوبائي اسيمبلي انهيءَ مُدي جي پوري ٿيڻ کان اڳ ان جي نامنظور ٿيڻ جو نهراءُ پاس ڪري تہ پوءِ اهو نهراءُ جي پاس ٿيڻ تي منسوخ ٿي ويندو؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) گورنر جي طرفان اهو ڪنهن به وقت واپس ورتي سگهجي ٿو؛

(3) فقري (2) ۾ ڏنل نهرائن تي اثر انداز ٿيڻ کان سواءِ، صوبائي اسيمبلي آڏو پيش ڪيل ڪنهن به آرڊيننس کي اسيمبلي ۾ پيش ڪيل بل تصور ڪيو ويندو.

## باب ٽيون - صوبائي حڪومتون

### 129. صوبي ۾ انتظامي اختيار جو استعمال

صوبي جو انتظامي اختيار گورنر وٽ رهندو ۽ پنهنجي زيردست آفيسرن (عملدارن) جي معرفت هُو دستور جي مطابق، ان کي سڌي طرح استعمال ڪندو.

### 130. ڪابينا (ڪئبينيٽ)

(1) گورنر کي سندس ڪم ڪار، مدد ۽ صلاح (مشوري) ڏيڻ لاءِ وزيرن جي هڪ ڪابينا هوندي، جنهن جو سربراهه وزيراعليٰ هوندو.

(2) گورنر پنهنجي ويچار موجب صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن مان وزيراعليٰ مقرر ڪندو، جنهن کي سندس راءِ ۾ ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل ڪرڻ جو امڪان آهي.

(2- الف) فقري (2) هيٺ ڏنل (عبارت) هوندي به 20 مارچ 1988ع کان پوءِ گورنر ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي اهڙي ميمبر کي وزيراعليٰ ٿيڻ جي دعوت ڏيندو، جنهن کي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل آهي، جيئن ڪِ (جهڙي طرح) دستور جي نهرائن موجب انهيءَ مقصد لاءِ اسيمبليءَ جي سڏايل اجلاس مان واضح آهي.

پر هن (فقري) ۾ بيان ڪيل عبارت انهيءَ وزيراعليٰ سان لاڳو نه رهندي، جيڪو دستور جي نهرائن موجب 20 مارچ 1988ع تي پنهنجي عهدي تي هو.

(3) فقري (2) هيٺ مقرر ڪيل يا جيئن هجي فقري 2 الف ۾ سڏايل شخص عهدي تي چڙهڻ کان اڳ گورنر جي آڏو ضميمي 3 ۾ ڏنل عبارت وارو حلف کڻندو ۽ ان کان سٺ ڏينهن جي اندر صوبائي اسيمبليءَ کان اعتماد جو ووٽ حاصل ڪندو.

(4) ڪابينا پنهنجي وزيرن سان اجتماعي (گڏيل) طور صوبائي اسيمبلي جي آڏو جوابده رهندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) وزيراعليٰ، گورنر جي مرضي سان پنهنجي عهدي تي (فائز) رهندو، پر گورنر هن فقري هيٺ پهنجون اختياريون استعمال نہ ڪندو، جيستائين ڪہ هن کي اطمينان ٿيو آهي تہ وزيراعليٰ کي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جي اڪثريت جو اعتماد حاصل نہ آهي. اهڙي حالت ۾ هو صوبائي اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائيندو ۽ وزيراعليٰ کان گهُرج ڪندو تہ هو اسيمبليءَ کان اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري.

(6) وزيراعليٰ، گورنر ڏانهن پنهنجي هٿ هيٺ لکت سان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي سگهي ٿو.

(7) ڪوبہ وزير جيڪو ڇهن مهينن تائين لڳاتار صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر نہ رهيو آهي، ذڪر ڪيل مُدي جي پوري ٿيڻ تي وزير نہ رهندو ۽ ذڪر ڪيل اسيمبليءَ جي ختم ٿيڻ کان اڳ وري ٻيهر وزير مقرر نہ ٿيندو، جيستائين ان لاءِ ميمبر چونڊجي نہ اچي.

(8) هن آرٽيڪل ۾ ڏنل عبارت ۾ اهو مطلب نہ هوندو تہ وزيراعليٰ يا ٻيو وزير ڪنهن اهڙي مُدي جي هلندي، جڏهن صوبائي اسيمبلي ختم ٿي چڪي آهي، پنهنجي عهدي تي قائم رهڻ کان نااهل قرار ڏنو ويندو ۽ نہ وري ان عرصي هلندي ڪنهن شخص کي وزيراعليٰ يا ٻئي وزير مقرر ڪرڻ جي ممانعت هوندي

## 131. گورنر متعلق وزيراعليٰ جا فرض

اها وزيراعليٰ جي ڊيوٽي (فرض) رهندي تہ هُو:

(الف) گورنر کي ڪابينا جي، صوبي جي انتظامي معاملن بابت ڪيل سڀني فيصلن ۽ قانون سازيءَ جي رٿن کان واقف ڪندو؛

(ب) صوبي جي انتظامي معاملن ۽ قانون سازي متعلق رٿن بابت اهڙي ڄاڻ رسائيندو جنهن لاءِ گورنر گهُر ڪئي هجي؛

(ٿ) گورنر جي گهُر (طلب) ڪرڻ تي اهڙو ڪوبہ معاملو جنهن تي وزيراعليٰ يا ڪنهن وزير فيصلو ڏنو آهي، پر ان تي ڪابينا غور نہ ڪيو آهي، ان کي ڪابينا آڏو ويچار (غور) لاءِ پيش ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 132. صوبائي وزير

(1) آرٽيڪل 130 جي فقري (7) هيٺ گورنر، وزيراعليٰ جي صلاح سان صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن مان صوبائي وزير مقرر ڪندو.

(2) عهدي تي چڙهڻ کان اڳ صوبائي وزير ٽئين شيڊول ۾ ڏنل عبارت موجب گورنر جي آڏو حلف کڻندو.

(3) ڪوبہ صوبائي وزير پنهنجي هٿ هيٺ لکت سان پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيئي سگهي ٿو يا گورنر، وزيراعليٰ جي صلاح سان ڪيس سندس عهدي تان لاهي سگهندو.

## 133. وزيراعليٰ جي عهدي تي قائم رهڻ

گورنر، وزيراعليٰ کي عهدي تي برقرار (قائم) رهڻ لاءِ چئي سگهي ٿو جيستائين سندس جاءِ نشين وزيراعليٰ عهدي تي نہ اچي چڙهي.

## 134. ختم ڪيو ويو.

## 135. ختم ڪيو ويو.

## 136. وزيراعليٰ جي خلاف عدم اعتماد جو ووٽ

(1) وزيراعليٰ جي خلاف عدم اعتماد جي ووٽ جي قرارداد جنهن کي صوبائي اسيمبلي جي ڪُل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ويهہ في صد تجويز ڪيو هجي، صوبائي اسيمبلي طرفان منظور ڪري سگهجي ٿو.

(2) فقري (1) ۾ ڏيکاريل قرارداد تي ان ڏينهن کان جنهن تي اها قرارداد صوبائي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪئي وئي آهي، ٽن ڏينهن جي عرصي پوري ٿيڻ کان اڳ ۽ ستن ڏينهن جي مُدت کان پوءِ، ووٽ نہ ورتا ويندا.

(3) جيڪڏهن فقري (2) ۾ ڏيکاريل قرارداد صوبائي اسيمبلي جي ڪُل ميمبرن جي اڪثريت پاس (منظور) ڪيو تہ پوءِ وزيراعليٰ پنهنجي عهدي تي نہ رهندو.

## 137. صوبي جي انتظامي اختيار جي حد

دستور جي هيٺ (تابع) صوبي جا انتظامي اختيار انهن معاملن سان لاڳو رهندا، جنهن هيٺ صوبائي اسيمبليءَ کي قانون ٺاهڻ جو اختيار آهي.

پر شرط آهي تہ ڪنهن بہ معاملي ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۽ ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوبي جي صوبائي اسيمبليءَ کي قانون ٺاهڻ جو اختيار آهي، ته پوءِ دستور موجب يا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ٺاهيل قانون موجب، صوبي جو انتظامي اختيار، وفاقي حڪومت جي انتظامي اختيار يا سندس اختيارين جي ماتحت ۾ محدود رهندو.

## 138. عهديدارن (زيردست اختياري وارن) کي ڪارگذاري سونپڻ

صوبائي حڪومت جي سفارش تي صوبائي اسيمبلي قانون موجب صوبائي حڪومت جي آفيسرن يا عهديدارن (اختياري وارن) کي ڪارگذاريون سونپي ڏي.

## 139. صوبائي حڪومت جي ڪارگذاري

(1) صوبائي حڪومت جون سڀ انتظامي ڪارروايون بابت چيو ويندو ته اهي گورنر جي نالي سان ڪيون ويون آهن.

(2) گورنر قاعدن مطابق اهڙن طريقن کي ظاهر ڪندو، جنهن ۾ اهي حڪم ناما يا ٻيا ٺاهيل دستاويز ۾ جيڪي سندس نالي ۾ جاري ڪيا ويا آهن، تصديق ڪيا ويندا ۽ اهڙي ڪنهن آرڊر (حڪم نامي) يا دستاويز جي سچائي (درستي) تي ڪنهن به ڪورٽ (عدالت) ۾ انهيءَ سبب ڪري سوال نه اُٿاريو ويندو ته اهو گورنر ڪونه ڪيو آهي ۽ نه وري جاري ڪيو ويو آهي.

(3) گورنر صوبائي حڪومت جي ڪمن جي ورڇ ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ پڻ قاعدا ٺاهيندو.

## 140. صوبي لاءِ ائڊووڪيٽ جنرل

(1) هرهڪ صوبي جو گورنر، ڪنهن اهڙي شخص کي جيڪو هاءِ ڪورٽ (عدالت عاليه) جي جج مقرر ٿيڻ جو اهل هجي، ائڊووڪيٽ جنرل مقرر ڪندو.

(2) ائڊووڪيٽ جنرل جو اهو فرض رهندو ته هُو صوبائي حڪومت کي اهڙن قانوني معاملن ۾ مشورو ڏي ۽ قانوني نوعيت جا ٻيا فرض سرانجام ڏي، جيڪي صوبائي حڪومت طرفان سندس حوالي ڪيا وڃن (سونپيا وڃن).

(3) ائڊووڪيٽ جنرل، گورنر جي خوشي ماٽڻ تائين پنهنجي عهدي تي رهندو.

(4) ائڊووڪيٽ جنرل، گورنر جي نالي پنهنجي هٿ هيٺ (لکت سان) پنهنجي عهدي جي استعيفا ڏيئي سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو پنجون

## وفاق ۽ صوبن وچ ۾ لاڳاپا

### باب پهريون: قانون سازيءَ وارن اختيارن جي ورچ

### 141. وفاقي ۽ صوبائي قانونن جي حد (وسعت)

دستور هيٺ، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي لاءِ قانون (جنهن ۾ ملڪ جي ٻاهر قابلِ عمل قانون شامل آهن) ٺاهي سگهي ٿي ۽ صوبائي اسيمبلي، انهيءَ صوبي لاءِ يا ان جي ڪنهن حصي لاءِ قانون ٺاهي سگهي ٿي.

### 142. وفاق ۽ صوبائي قانونن جا مضمون

دستور هيٺ:

(الف) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي وفاقي قانون ساز فهرست ۾ شامل ڪنهن به معاملي جي باري ۾ قانون ٺاهڻ جو ڪُل اختيار رهندو؛

(ب) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۽ صوبائي اسيمبلي پڻ گڏيل قانون ساز فهرست ۾ شامل ڪنهن به معاملي بابت قانون ٺاهڻ جو اختيار رهندو؛

(ٿ) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي نه پر صوبائي اسيمبلي کي اختيار رهندو ته اها ڪنهن به اهڙي معاملي جي باري ۾ جيڪو نه ته وفاقي قانون ساز فهرست ۾ شامل آهي ۽ نه گڏيل قانون ساز فهرست ۾ شامل آهي، قانون ٺاهڻ جو اختيار رهندو؛

(د) اُهي معامَلا جيڪي ٻنهي مان ڪنهن به فهرست ۾ نه آهن، پر اهي وفاق جي اهڙين ايراضين بابت آهن، جيڪي صوبي جي اندر نه آهن، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي قانون ٺاهڻ جو ڪُل اختيار رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 143. وفاقي ۽ صوبائي قانونن جي وچ ۾ اٽوٽت (تضاد)

جيڪڏهن ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن ائڪٽ جو ڪو ٺهراءُ، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪنهن اهڙي ائڪٽ جي ڪنهن ٺهراءُ جي وچ ۾ تضاد آهي، جنهن کي ناهڻ جو مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي اختيار آهي يا ڪنهن به هلندڙ قانون جي ڪنهن به اهڙي معاملي بابت ٺهراءُ جيڪو گڏيل قانون ساز فهرست ۾ شامل آهي ته پوءِ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ائڪٽ، صوبائي اسيمبلي جي ائڪٽ کان اڳ يا پوءِ پاس ڪيو ويو هجي يا جيئن هجي، ته هلندڙ قانون جاري (غالب) رهندو ۽ صوبائي اسيمبلي جو ائڪٽ اوتري حد تائين، جيترو ان ۾ تضاد آهي، رد رهندو.

## 144. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي ٻن يا وڌيڪ صوبن جي رضامندي سان قانون سازي جو اختيار

جيڪڏهن ٻه يا وڌيڪ صوبائي اسيمبليون قرارداد منظور ڪن ته مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ڪنهن به اهڙي معاملي ۾، جيڪو چوٿين شيڊول (ضميمي) ۾ ڏنل ٻنهي فهرستن ۾ شامل نه آهي، قانون موجب انتظام ڪري، ته پوءِ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) لاءِ جائز ٿيندو ته ذڪر ڪيل معاملي جي انتظام خاطر ڪو ائڪٽ منظور ڪري، پر اهڙي طرح منظور ڪيل ڪنهن ائڪٽ ۾، انهيءَ صوبي بابت جنهن سان اهو لاڳو رهندو، ان صوبي جي اسيمبلي جي ڪنهن ائڪٽ ذريعي ان ۾ ترميم آڻي سگهي ٿي يا رد ڪري سگهي ٿي.

## باب ٻيو- وفاق ۽ صوبي جي وچ ۾ انتظامي تعلقات

## 145. گورنر کي صدر طرفان ڪن ڪمن جي بجاآوري لاءِ حڪم نامي جاري ڪرڻ جو اختيار

(1) صدر، ڪنهن به صوبي جي گورنر کي حڪم ڏيئي سگهي ٿو ته هُو سندس ايجنٽ (عيوضي يا نائب) جي حيثيت ۾ عام طور يا ڪنهن خاص معاملي ۾، وفاق جي اهڙن علائقن بابت جيڪي ڪنهن صوبي ۾ شامل نه آهن، اهڙن ڪمن سرانجام ڏيڻ لاءِ حڪم ڪري سگهي ٿو، جيڪي ان حڪم نامي ۾ ذڪر ڪيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) فقري (1) ۾ ڏنل گورنر طرفان ڪيل ڪارگذاري سان آرٽيڪل 105 جا ٺهراءُ لاڳو نه رهندا.

## 146. ڪن حالتن ۾ صوبن کي اختيار سونپڻ جو وفاق کي اختيار

(1) دستور ۾ جيڪي به ڏنل آهي، ان هوندي به ڪنهن صوبي جي حڪومت جي مرضي سان ڪنهن به اهڙي معاملي جي باري ۾، جيڪو وفاق جي انتظامي اختيار جي دائري ۾ اچي ٿو، شرط تي يا بنا ڪنهن شرط تي، انهيءَ حڪومت کي يا ان جي آفيسرن (عهديدارن) کي ڪاروبار هلائڻ جو ڪم سونپي سگهي ٿي.

(2) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ڪوبه ائڪٽ، ان هوندي به ته ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾ جنهن بابت ڪنهن صوبائي اسيمبلي کي قانون سازي جو اختيار نه آهي، ڪنهن صوبي يا ان جي آفيسرن (عهديدارن) کي اختيار سونپي يا انهن صوبن تي يا ان جي آفيسرن (عهديدارن) يا اختيارين تي فرض عائد ڪري.

(3) جڏهن هن آرٽيڪل موجب، ڪنهن صوبي يا ان جي آفيسرن يا اختيارين تي اختياري ۽ فرض عائد ڪيا ويا آهن ته ذڪر ڪيل اختيارن جي استعمال يا ذڪر ڪيل فرضن جي سرانجامي جي سلسلي ۾ صوبي جي طرفان وڌيڪ انتظامي فالتو خرچ لاءِ وفاق جي طرفان صوبي کي اهڙي رقم ادا ڪئي ويندي، جيڪا پاڻ ۾ طئي ٿئي يا طئي نه ٿيڻ جي صورت ۾، اهڙي رقم جيڪا چيف جسٽس پاڪستان طرفان مقرر ڪيل ثالث طرفان طئي ڪئي وڃي.

## 147. وفاق کي صوبن طرفان ڪم جي سرانجامي سونپڻ جو اختيار

دستور ۾ ڏنل (مذڪور) هوندي به، ڪنهن صوبي جي حڪومت، وفاقي حڪومت جي مرضيءَ سان ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾، جيڪو صوبي جي انتظامي اختيار جي حدن ۾ اچي ٿو، ڪمن جي سرانجامي، شرطن سا يا بنا شرط جي وفاقي حڪومت يا ان جي آفيسرن (عهديدارن) کي سونپي سگهي ٿي.

## 148. صوبن ۽ وفاق جي ذميواري

(1) هر هڪ صوبي جو انتظامي اختيار اهڙي طرح استعمال ڪيو ويندو جنهن ۾ وفاقي قانونن جي تعميل جي ضمانت ملي، جيڪي ان صوبي سان لاڳو آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) هن باب جي ڪنهن به شق جي اثر انداز ٿيڻ کان سواءِ، ڪنهن صوبي جي وفاق جي انتظامي اختيار جي استعمال ڪرڻ ۾ ان صوبي جي مفادن جو لحاظ رکيو ويندو.

(3) وفاق جو اهو فرض رهندو ته اهو هر هڪ صوبي کي ٻاهرين اڳرائي يا اندروني بدامني کان بچائي ۽ انهيءَ کي يقيني بنائي ته جيئن هر هڪ صوبي جي حڪومت دستور جي شقن مطابق هلائي وڃي.

## 149. ڪن حالتن ۾ صوبن کي هدايت

(1) هر هڪ صوبي جو انتظامي اختيار اهڙي طرح استعمال ڪيو ويندو، جيڪو وفاق جي انتظامي اختيارن سان نه ٽڪرائي ۽ نه ان کي نقصان رسائي ۽ وفاق جو انتظامي اختيار ڪنهن صوبي کي اهڙي هدايت ڏيئي سگهندو جيڪا انهيءَ مقصد لاءِ وفاقي حڪومت کي ضروري ڏسڻ ۾ اچي.

(2) وفاق جو انتظامي اختيار ڪنهن صوبي کي، انهيءَ صوبي ۾ ڪنهن اهڙي وفاقي قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ هدايت ڏيئي سگهي ٿو، جنهن جو تعلق گڏيل قانون سازي جي فهرست ۾ شامل ڪنهن معاملي سان آهي ۽ جنهن ۾ اهڙي هدايت ڏيڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي.

(3) وفاق جو انتظامي اختيار جو دائرو اهڙين هدايتن تي پڻ آهي جيڪي صوبي جي مواصلات جي ذريعن جي تعمير ۽ ان جي مرمت متعلق ڏنيون وڃن، جيڪي ان هدايتن ۾ قومي يا دفاعي اهميت جا ظاهر ڪيا ويا آهن.

(4) وفاق جي انتظامي اختيار جو دائرو ڪنهن صوبي جي اهڙي طريقي بابت پڻ رهندو، جنهن ۾ ان جي انتظامي اختيار کي پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي امن يا سڪون يا اقتصادي زندگيءَ جي لاءِ ڪنهن سنگين خطري کي روڪڻ لاءِ استعمال ڪرڻو آهي.

## 150. سرڪاري ڪمن جو جائز ۽ اعتبار جوڳو هجڻ

سرڪاري ڪمن ۽ رڪارڊ (دفتر) ۾ هر هڪ صوبي جي عدالتي ڪارروائين کي سڄي پاڪستان ۾ جائز ۽ اعتبار جوڳو سمجهيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 151. صوبن جي وچ ۾ تجارت (واپار)

(1) فقري (2) ۾ ڏنل (پابندي) هيٺ تجارت، واپار ۽ ميل ميلاپ آزاد رهندو.

(2) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون جي معرفت، هڪ صوبي ۽ ٻئي جي وچ ۾ يا پاڪستان اندر ڪنهن به حصي ۾ تجارت، واپار يا ميل ميلاپ جي آزاديءَ تي اهڙيون پابنديون عائد ڪري، جيڪي عوام جي فائدي خاطر گهربل هجن.

(3) ڪنهن به صوبائي اسيمبلي يا صوبي جي حڪومت کي اهو اختيار نه هوندو ته:

(الف) ڪو اهڙو قانون ناهي يا ڪا اهڙي انتظامي ڪارروائي ڪري، جنهن ۾ انهيءَ صوبي ۾ ڪنهن مال جي جنس يا نموني جي داخل ٿيڻ يا ان جي اتان روانگي کي روڪي يا بندش وجهي.

(ب) ڪو اهڙو محصول عائد ڪري، جيڪو انهيءَ صوبي ۾ تيار ڪيل يا پيدا ڪيل مال (شيون) يا اهڙيون ئي شيون جيڪي ان جون پنهنجون تيار ڪيل يا پيدا ڪيل نه هجن، ٻنهي جي وچ ۾ ۽ پهرين ذڪر ڪيل شين جي حق ۾ امتياز (فرق) پيدا ڪري، يا جيڪي انهيءَ صوبي جي ٻاهر تيار ڪيل يا پيدا ٿيل شين جي معاملي، پاڪستان جي ڪنهن به هڪ علائقي ۾ تيار ڪيل يا پيدا ڪيل شين ۽ ڪنهن ٻئي علائقي، اهڙيون ئي تيار ڪيل يا پيدا ڪيل شين جي وچ ۾ امتياز (فرق) پيدا ڪري.

(4) ڪنهن صوبائي اسيمبلي جو ڪو به اهڙو ائڪٽ جيڪو عوام جي صحت (تندرستي)، عوام جي امن يا اخلاق جي مفاد ۾ يا جانورن ۽ ٻوٽن کي بيماريءَ کان بچائڻ يا ان صوبي ۾ ڪنهن ضروري شيءِ جي شديد قلت (گهٽتائي) کي روڪڻ يا گهٽ ڪرڻ جي مقصد لاءِ ڪا مناسب پابندي لڳائي ته ناجائز نه ٿيندو، جيڪڏهن اهو صدر جي رضامندي (منظوري) سان ناهيو ويو آهي.

## 152. وفاق جي مقصدن لاءِ زمين حاصل ڪرڻ

جيڪڏهن وفاق ڪنهن اهڙي ايراضيءَ کي جا ڪنهن صوبي ۾ واقع آهي، ڪنهن اهڙي مقصد لاءِ جو ڪنهن اهڙي معاملي سان لاڳو آهي، جنهن جي باري ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي قانون ناهڻ جو اختيار آهي، حاصل ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري خيال ڪري ته هو انهيءَ صوبي کي حڪم ڏيئي سگهندو ته اها، انهيءَ ايراضيءَ کي وفاق جي پاران ۽ ان جي خرچ تي حاصل ڪري يا جيڪڏهن ايراضي صوبي جي (ملڪيت) آهي ته هُو ان کي وفاق جي نالي اهڙن شرطن تي منتقل ڪري جيڪي طئي ٿين يا طئي نه ٿيڻ جي صورت ۾ چيف جسٽس پاڪستان جي مقرر ڪيل ٽياڪڙ جي طرفان طئي ڪيا وڃن.

## باب ٽيون - خاص نهراءُ (حڪم)

### 153. گڏيل مفاد جي ڪائونسل

(1) گڏيل مفاد جي هڪ ڪائونسل (مجلس) هوندي، جنهن کي هن باب ۾ ڪائونسل چيو ويو آهي، ان کي صدر مقرر ڪندو.

(2) ڪائونسل جا ميمبر هيٺين ريت هوندا:

(الف) صوبن جا وڏا وزير؛

(ب) انهن جيترو ميمبرن جو تعداد، جيڪي وزيراعظم وقت بوقت نامزد ڪندو.

(3) وزيراعظم جيڪڏهن هُن ڪائونسل جو ميمبر آهي ته ڪائونسل جو چيئرمين ٿيندو، پر جيڪڏهن ڪنهن وقت هو ميمبر نه آهي ته صدر ڪنهن وفاقي وزير، جيڪو ڪائونسل جو ميمبر آهي، ان جو چيئرمين نامزد ڪري سگهندو.

(4) ڪائونسل، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي سامهون ذميوار رهندي.

### 154. ڪم ۽ ڪارگذاري جو طريقه ڪار

(1) ڪائونسل، وفاقي قانون سازيءَ جي فهرست جي حصي ٻئي ۾ درج ڪيل معاملن جي باري ۾ ۽ گڏيل قانون سازيءَ جي فهرست ۾ داخلا 34 (بجلي) جي معاملي جي باري ۾، جنهن حد تائين ان جو تعلق وفاق جي معاملن سان هجي پاليسيون (حڪمت عمليون) وضع ڪندو ۽ انتظام ڪندو ۽ لاڳو ادارن تي نظرداري ۽ ڪنٽرول (ضابطو) رکندو.

(2) ڪائونسل جي فيصلن کي اڪثريت جي راءِ مطابق ظاهر ڪيو ويندو.

(3) جيستائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ان باري ۾ قانون جي ذريعي نهراءُ پاس ڪري تيستائين ڪائونسل طريقه ڪار لاءِ پنهنجا قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) پنهنجي گڏيل اجلاس ۾ وقت بوقت قرارداد جي ذريعي وفاقي حڪومت جي معرفت، ڪائونسل کي عام طور يا ڪنهن خاص معاملي ۾ اهڙي ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ جيڪا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) انصاف تي مبني ۽ مناسب خيال ڪري، هدايتون جاري ڪري سگهندي ۽ ڪائونسل اهڙين هدايتن جي پابند هوندي.

(5) جيڪڏهن وفاقي حڪومت يا ڪا صوبائي حڪومت، ڪائونسل جي ڪنهن فيصلي سان راضي نه آهي ته اها انهيءَ معاملي کي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي گڏيل اجلاس ۾ موڪلي سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو انهيءَ باري ۾ آخري هوندو.

## 155. پاڻي رسائڻ ۾ مداخلت ۽ شڪايتون

(1) جيڪڏهن ڪنهن صوبي، وفاقي دارالحڪومت يا وفاق جي زير انتظام قبائلي علائقن يا ان جي رهندڙن مان ڪنهن جي، ڪنهن قدرتي پاڻي رسائڻ (آبپاشي) جي منڍ مان پاڻي حاصل ڪرڻ جي مفادن تي (هيٺين ڳالهين جي ڪري) نقصان ده اثر پيو آهي، يا پوڻ جو امڪان آهي:

(الف) ڪوبه انتظامي عمل (ڪم) يا قانون سازيءَ جو عمل جيڪو پاس ڪيو ويو آهي يا ان جي منظور ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيل آهي؛ يا

(ب) ذڪر ڪيل سرچشمي مان پاڻيءَ جي استعمال ۽ ورڇ يا ڪنٽرول (ضابطي) جي سلسلي ۾ ڪنهن اختياري طرفان پنهنجي اختيارن جي استعمال ۾ ڪوتاهي ٿي آهي ته وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت، ڪائونسل کي لکت ۾ شڪايت ڪندي.

(2) اهڙي شڪايت ملڻ تي ڪائونسل معاملي تي غور ڪرڻ بعد، يا ته پنهنجو فيصلو ڏيندي يا صدر کي درخواست ڪندي ته هُو آبپاشي، انجنيئري، انتظاميا، ماليات يا قانون جي خاص علم ۽ تجربي وارن، جن کي هو موزون سمجهي، فردن تي مشتمل هڪ ڪميٽي مقرر ڪري (جنهن کي) هن کان پوءِ حوالي طور ڪميشن سڏيو ويندو.

(3) جيستائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) انهيءَ باري ۾ قانون جي ذريعي نهراءِ (پاس ڪري)، پاڪستان جي تحقيقاتي ڪميشن 1956، جا نهراءِ جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع واري ڏينهن کان حڪومت جي اڳ نافذ ٿيل آهن، ڪائونسل يا ڪميشن سان اهڙي طرح لاڳو رهندا جڏهن اها ڪائونسل يا ڪميشن انهيءَ ائڪٽ هيٺ مقرر ڪيل ڪائونسل يا ڪميشن هئي، جنهن تي قلم 5 جا سيئي ٺهراءَ لاڳو هئا ۽ جنهن کي قلم 10 الف هيٺ سيئي اختيار سونپيل هئا.

(4) ڪميشن جي رپورٽ يا واڌو رپورٽ تي جيڪڏهن ڪا آهي ته غور ڪرڻ کان پوءِ ڪائونسل ڪميشن جي موڪليل سيني معاملن تي پنهنجو فيصلو قلمبند ڪندي.

(5) ان جي خلاف، ڪنهن قانون جي هوندي به، پر آرٽيڪل 154 جي فقري (5) جي ٺهرائن هيٺ، وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جو فرض رهندو ته انهيءَ تڪراري مسئلي تي ڪائونسل جي ڏنل فيصلي کي، ان جي شرطن ۽ مقصدن مطابق ايمانداري سان عمل ڪن (عمل ۾ آڻين).

(6) ڪنهن به اهڙي معاملي جي باري ۾ جيڪو ڪائونسل ۾ بحث هيٺ آهي، يا رهيو هجي، يا ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾ جيڪو هن آرٽيڪل هيٺ ڪائونسل جي سامهون شڪايت جو مناسب موضوع (معمول) في الواقع هجي يا رهيو هجي يا ٿي سگهي ٿو يا ٿيڻ گهرجي، ڪنهن به ڌر جي طرفان ڪنهن عدالت جي سامهون ڪا به ڪارروائي نه ڪئي ويندي.

## 156. قومي اقتصادي ڪائونسل

(1) صدر، هڪ قومي اقتصادي ڪائونسل ٺاهيندو، جنهن ۾ وزيراعظم سان گڏ جيڪو تعين ڪري ان جو چيئرمين رهندو، ٻيا اهڙا ميمبر شامل هوندا، جيڪي صدر مقرر ڪندو.

پر شرط آهي ته صدر هر هڪ صوبي مان هڪ ميمبر ان صوبي جي سفارش تي نامزد ڪندو.

(2) قومي اقتصادي ڪائونسل ملڪ جي مجموعي اقتصادي حالت جو جائزو وٺندي ۽ وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي مشوري ڏيڻ لاءِ، مالياتي، تجارتي، معاشرتي ۽ اقتصادي پاليسين جي باري ۾، منصوبا وضع ڪندي (جوڙيندي) ۽ اهڙن منصوبن وضع ڪرڻ وقت هوءَ پاليسي جي ان اصولن کان رهنمائي حاصل ڪندي، جيڪي حصي ٻئي جي باب 2 ۾ درج آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 157. بجلي

(1) وفاقي حڪومت ڪنهن صوبي ۾ بجلي پيدا ڪرڻ جي مقصد سان برقابي (پاڻيءَ مان بجلي) يا حرارتي بجلي (گرميءَ مان مثلاً سُئي گيس)، برقي تنصيبات يا گرڊ اسٽيشن تعمير ڪري سگهندي، يا ڪرائي سگهندي ۽ صوبن جي وچ ۾ ڳانڍاپي لاءِ تارون وڇائي سگهندي يا ٻين کان وڇارائي سگهندي.

(2) ڪنهن صوبي جي حڪومت:

(الف) جنهن حد تائين، ان صوبي کي قومي گرڊن مان بجلي ڏني ويئي هجي، اها طلب ڪري سگهي ٿي ته صوبي جي اندر بجلي پهچائڻ ۽ ان جي ورڇ لاءِ مُتي طور، بجلي فراهم ڪئي وڃي؛

(ب) صوبي جي اندر بجلي کپائڻ تي محصول لڳائي سگهندي؛

(ث) صوبي جي اندر استعمال جي غرض سان بجلي گهر (پاور هائوس) ۽ گرڊ اسٽيشن تعمير ڪري سگهندي ۽ بجلي رسائڻ لاءِ ڳانڍاپي واري تار وڇائي سگهندي؛

(د) صوبي جي اندر بجلي جي ورڇ لاءِ اگهوتري (نرخنامو) مقرر ڪندي.

## 158. قدرتي گيس ۾ گهُرجن (ضرورتن) جي اوليت

جنهن صوبي ۾ قدرتي گيس جو ڪو ذخيرو واقع آهي ته انهيءَ ذخيري مان گهُرجن (ضرورتن) جي پورائي لاءِ انهن پابندين ۽ ذميوارين جي تابع (نظر ۾ رکندي) جيڪي شروع واري ڏينهن کان نافذ آهن، ان کي پاڪستان جي ٻين حصن تي اوليت حاصل هوندي.

## 159. ريڊيو ۽ ٽيليويزن نشريات

(1) وفاقي حڪومت ڪنهن صوبائي حڪومت کي ريڊئي ۽ ٽيليويزن نشريات جي باري ۾ ڪارگذاري سونپڻ کان بنا سبب انڪار نه ڪندي، جيڪي ان حڪومت لاءِ انهيءَ غرض ڪري ضروري هجن ته اها:

(الف) صوبي ۾ ٽرانسميٽر تعمير ڪري استعمال ڪري؛ ۽

(ب) صوبي ۾ ٽرانسميٽرن جي تعمير ۽ استعمال ۽ موصولي (جهليندڙ) اوزارن جي استعمال جي باري ۾ فيون عائد ڪري ۽ انهن جو انتظام ڪري سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر شرط اهو آهي تہ هن فقري ۾ بيان ڪيل (عبارت) مان اهو مطلب نہ ڪڍيو ويندو تہ اها وفاقي حڪومت کي پابند ڪندي تہ انهن ٽرانسميٽرن جي استعمال تي، جيڪي وفاقي حڪومت يا وفاقي حڪومت جي طرفان اختياري مليل فردن (شخصن) کي تعمير ڪيل يا ڪنٽرول ۾ ڏنل آهي يا اختياري ڏنل فردن کان موصولي اوزارن جي استعمال جو اختيار ڪنهن صوبائي حڪومت کي سونپي ڏي.

(2) ڪي اهڙيون ڪارگذاريون جيڪي صوبائي حڪومت کي سونپيل هجن، اهڙن شرطن هيٺ سرانجام ڏنيون وينديون، جيڪي وفاقي حڪومت عائد (مقرر) ڪري جنهن ۾ دستور ۾ شامل ڪنهن حڪم (ٺهراءُ) جي هوندي بہ ماليات جي باري ۾ شرطَ شامل آهن، پر وفاقي حڪومت لاءِ اهڙيون شرطون عائد ڪرڻ جائز نہ هونديون جيڪي ريڊئي يا ٽيليويزن تي صوبائي حڪومت طرفان يا ان جي حڪم سان نشر ڪيل مواد جو انتظام ڪيل هجي.

(3) ريڊئي ۽ ٽيليويزن جي نشريات جي باري ۾ ڪوبہ وفاقي قانون اهڙو هوندو جنهن ۾ هن آرٽيڪل جي اڳ بيان ڪيل ٺهرائن کي نافذ ڪرڻ جي ضمانت ملي سگهي.

(4) جيڪڏهن ڪو سوال اُٿي تہ ڪنهن صوبائي حڪومت تي عائد ڪيل ڪي بہ شرط جائز (قانون موجب) طور عائد ڪيل آهن، يا وفاقي حڪومت طرفان ڪي ڪم يا ڪارگذاريون، سونپڻ کان غير واجبي انڪار ڪيو ويو آهي، اهڙي سوال جو فيصلو، چيف جسٽس پاڪستان طرفان مقرر ڪيل امين (ٽياڪڙ) ڪندو.

(5) هن آرٽيڪل ۾ بيان ڪيل ڪنهن بہ ڳالھ مان اهو مطلب نہ ڪڍيو ويندو تہ دستور هيٺ پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي ۾ امن ۽ سڪون لاءِ ڪنهن سنگين خطري کي روڪڻ لاءِ، وفاقي حڪومت تي اختيارين تي ڪا پابندي عائد ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو ڇهون

## ماليات، ملڪيت - مقاطعو(معاهدا) ۽ دعوائون

## باب پهريون - ماليات

### وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ محصول (اُپت) جي تقسيم

### 160. قومي مالياتي ڪميشن

(1) شروع واري ڏينهن کان ڇهن مهينن جي اندر ۽ ان کان پوءِ اهڙن وقفن (مهلت يا وِٿي) جيڪي پنجن سالن کان وڌيڪ نہ هجن، صدر هڪ قومي مالياتي ڪميشن ٺاهيندو (تشڪيل ڏيندو) جيڪا وفاقي حڪومت جي ماليات جي وزير، صوبائي حڪومتن جي مالياتي وزيرن يا اهڙن ٻين فردن (شخصن) تي ٻڌل هوندي، جن کي صدر، صوبن جي گورنرن جي مشوري (صلاح) کان پوءِ مقرر ڪري سگهندو.

(2) قومي مالياتي ڪميشن جو اهو فرض هوندو تہ اها صدر کي هنن لاءِ سفارشون موڪلي:

(الف) فقري (3) ۾ ذڪر ڪيل ٽئڪسن مان حاصل ڪيل صافي آمدني جي وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ورڇ؛

(ب) وفاقي حڪومت طرفان صوبائي حڪومتن کي امدادي رقمَ ڏيڻ؛

(ٿ) وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي طرفان قرض وٺڻ جي انهن اختيارين جو استعمال، جيڪي انهن کي دستور موجب مليل آهن؛

(د) ماليات جي باري ۾ ڪوبہ ٻيو معاملو، جيڪو صدر ڪميشن کي موڪليو هجي.

(3) فقري (2) جي پيرا (الف) ۾ بيان ڪيل ٽئڪسَ (محصول) هيٺيان آهن، جي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڏنل اختياري سان ورتا وڃن ٿا، يعني:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(i) اُپت (ڪمائي) تي ٽئڪس (انڪم ٽئڪس) جنهن ۾ ڪارپوريشن ٽئڪس شامل آهي، پر وفاق گڏيل فنڊ ۾ ادا ڪيل پگهار (معاوضي) واري آمدني تي ٽئڪسَ شامل نه آهن؛
(ii) درآمد يا برآمد، پيدا ڪيل، تاهيل يا واپرايل مال جي وڪري يا خريد تي ٽئڪس (محصول)؛
(iii) ڪپهہ جي برآمد تي محصول ۽ ٻيا اهڙا برآمدي محصول جيڪي صدر نروار يا مقرر (ظاهر) ڪري؛
(iv) آبڪاري تي اهڙا محصول جن کي صدر ظاهر (مقرر) ڪري؛
(v) ٻيا اهڙا محصول جيڪي صدر ظاهر (مقرر) ڪري.

(4) قومي مالياتي ڪميشن جي سفارشن ملڻ کان پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، صدر حڪم جي ذريعي فقري (2) جي پٽرا (الف) هيٺ ڪميشن جي سفارش مطابق فقري (3) ۾ ذڪر ڪيل محصولن جي اصل آمدني جي انهيءَ حصي کي ظاهر ڪندو، جيڪو هر هڪ صوبي لاءِ مخصوص ڪيو ويندو ۽ اهو حصو واسطيدار صوبي کي ادا ڪيو ويندو ۽ آرٽيڪل 78 جي نهراءِ هوندي به اهو وفاقي گڏيل فنڊ جو حصو نہ رهندو.

(5) قومي مالياتي ڪميشن جون سفارشون ۽ ان سان گڏ ڪنيل قدمن جي باري ۾ هڪ وضاحتي ياداشت ٻنهي ايوانن ۽ صوبائي اسيمبلين جي اڳيان پيش ڪيون وينديون.

(6) فقري (4) جي هيٺ ڪنهن به حڪم ڏيڻ کان اڳ ڪنهن به وقت صدر حڪم جي ذريعي، وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ محصولن جي ورهاست جي باري ۾ قانون ۾ ڪا اهڙي ترميم يا ڦيرگهير ڪري سگهندو، جنهن کي هو ضروري يا واجبي سمجهي.

(7) صدر، حڪم جي ذريعي مدد لاءِ ضرورتمند صوبن کي، محصولن جي لاءِ امدادي رقمَ ڏيئي سگهي ٿو، ۽ اهڙي امدادي رقمَ وفاقي گڏيل فنڊن مان ادا ڪئي ويندي.

## 161. قدرتي گئس ۽ برقابي پاور (بجلي)

(1) آرٽيڪل 78 جي نهرائن هوندي بہ قدرتي گيس (جي سرچشمي) تي عائد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل ۽ وفاقي حڪومت طرفان وصول ڪيل وفاقي آبڪاريءَ جو محصول ۽ وفاقي حڪومت طرفان وصول ڪيل رائلٽي (راڄ ڏنڊ) جي اصل آمدني، وفاقي گڏيل فنڊ جو حصو نه ٿيندي، ۽ اها انهيءَ صوبي کي، جنهن ۾ قدرتي گيس جو سرچشمو واقع آهي، ادا ڪئي ويندي.

(2) وفاقي حڪومت يا ڪنهن اهڙي اداري جي طرفان جيڪو وفاقي حڪومت قائم ڪيو آهي يا ان جي زيرانتظام هجي، ڪنهن برقابي بجلي گهر مان بجلي جي بڏل مقدار ۾ پيداوار مان ڪمايل اصل منافعو (صافي فائدو) انهيءَ صوبي کي ڏنو ويندو، جنهن ۾ اهو برقابي بجلي گهر واقع آهي.

سمجهاڻي: هن فقري جي مقصدن لاءِ "صافي فائدي" جو حساب ڪنهن برقابي بجلي گهر جي "بس- بار" مان بڏل قوت رسائڻ مان حاصل ڪيل محصول مان، بجلي گهر هلائڻ جي خرچن کي گڏيل مفادن جي ڪائونسل جي مقرر ڪيل اڳهه موجب ڪٽيو ويندو، جن ۾ اهي رقمون جيڪي ٽئڪس (محصول)، وياج يا سيڙايل رقم جي واپسي، بيڪار ٿي ويل استعمال ۾ نه آيل (بجلي يا رقم)، مٿيان خرچ، ۽ حفاظتن جي گنجائش لاءِ واجب الادا رقمون شامل هونديون.

## 162. صوبن جي دلچسپي وارن محصولن جي بلن جي صدر کان اڳواٽ منظوري

ڪوبه اهڙو بل يا ترميم، جنهن سان ڪو اهڙو محصول (ٽئڪس) يا ڊيوٽي عائد ڪئي وڃي يا بدلائي وڃي يا جنهن جي حاصل آمدني، پوري طرح يا ان جو حصو ڪنهن صوبي کي ڏنو وڃي ٿو يا جنهن مان زرعي آمدني جي اصطلاح جو اهو مفهوم بدلجي وڃي، جيڪو محصول آمدني جي باري ۾ وضع ڪيل نهرائن جي مقصدن لاءِ مقرر ڪيل آهي، يا جيڪو انهن اصولن تي اثرانداز ٿئي ٿو، جن تي هن باب ۾ مٿي بيان ڪيل نهرائن مان ڪنهن به هيٺ رقمون صوبن ۾ ورهايون وڃن يا ورهائي سگهجن، صدر جي اڳواٽ منظوري کان سواءِ، نه قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ نه ئي ان تي تحرڪ ورتو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 163. پيشن (ڌنڌن) جي باري ۾ صوبائي ٽئڪسَ (محصول)

ڪابہ صوبائي اسيمبلي، ائڪٽ جي معرفت اهڙا ٽئڪسَ (محصول) جيڪي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ موجب وقت بوقت مقرر ڪيل حدن اندر، انهن شخصن تي عائد ڪري سگهندي، جيڪي سيئي ڪاروبار، ڪسب، يا روزگار ۾ مصروف هجن ۽ اسيمبلي جو اهڙو ڪوبہ ائڪٽ آمدني تي محصول عائد ڪندڙ تصور نہ ڪيو ويندو.

### متفرق مالي نهراءُ

## 164. گڏيل فندن مان گرانٽون

وفاق يا ڪو صوبو، ڪنهن غرض لاءِ گرانٽون ڏيئي سگهندو انهيءَ لحاظ کان سواءِ تہ ان جو مقصد اهو نہ آهي جنهن جي باري ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا جيئن هجي صوبائي اسيمبلي قانون وضع ڪري سگهي.

## 165. ڪن سرڪاري ملڪيتن جو محصول کان آزاد هجڻ

(1) وفاقي حڪومت تي، ان جي ملڪيت يا آمدني بابت، ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ائڪٽ هيٺ ڪوبہ محصول نہ وڌو ويندو ۽ فقري (2) هيٺ، ڪنهن صوبائي حڪومت تي، ان جي ملڪيت يا آمدني بابت، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ يا ڪنهن ٻئي صوبي جي صوبائي اسيمبلي جي ائڪٽ هيٺ ڪو محصول نہ وڌو ويندو.

(2) جيڪڏهن ڪنهن صوبي جي حڪومت ڪنهن نموني جي تجارت يا ڪاروبار، پنهنجي صوبي جي ٻاهر ڪندڙ هجي يا ان جي طرفان ڪندڙ هجي، تہ ان حڪومت تي ڪنهن اهڙي ملڪيت بابت، جيڪا ان تجارت يا ڪاروبار ۾ استعمال ڪئي وڃي يا انهيءَ تجارت يا ڪاروبار مان حاصل ڪيل آمدني جي بابت مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ هيٺ يا جنهن صوبي ۾ تجارت يا ڪاروبار ڪيو وڃي، ان صوبي جي صوبائي اسيمبلي جي ائڪٽ هيٺ محصول وڌو ويندو.

(3) هن آرٽيڪل ۾ ڏنل (عبارت) ڪن خدمتن سرانجام ڏيڻ لاءِ فيون عائد ڪرڻ کان نہ روڪيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## A.165 . مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي ڪن ڪارپوريشنن جي آمدني (اُپت) تي ٽئڪس (محصول) مڙهڻ جو اختيار

(1) شڪ کي دور ڪرڻ لاءِ، اهو هن پٽاندڙ اعلان ڪيو وڃي ٿو تہ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي ڪنهن وفاقي قانون يا ڪنهن صوبائي قانون يا ڪنهن حاضر قانون جي ذريعي يا ان جي هيٺ جوڙيل ڪنهن ڪارپوريشن، ڪمپني يا ٻئي تاهيل اداري يا وفاقي حڪومت يا ڪنهن صوبائي حڪومت جي، سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح زير ملڪيت يا نظرداري هيٺ ڪنهن، ڪارپوريشن، ڪمپني يا ٻئي تاهيل اداري جي آمدني تي، ذڪر ڪيل آمدني جي آخري منزل مقصود کان قطع نظر، محصول عائد ڪرڻ يا وصول ڪرڻ لاءِ، قانون وضع ڪرڻ جو اختيار آهي ۽ سدائين لاءِ اهڙو اختيار جو هجڻ تصور ڪيو ويندو.

(2) ڪنهن اختياري يا شخص جي طرفان نافذ ڪيل سيئي حڪم (احڪام)، ڪيل ڪارروايون، ۽ ڪيل ڪم جيڪي حڪم دستور (ترميم) 1985 جي نفاذ جي شروع کان اڳ فقري (1) ۾ ذڪر ڪيل ڪنهن قانون موجب حاصل ڪيل اختيارين جي استعمال ۾ يا متي ذڪر ڪيل اختيارين جي استعمال يا گهربل استعمال ۾ڪنهن اختياري جي طرف کان حڪم ڪيل ڪن حڪمن جي تعميل ۾، صادر ڪيل هجن، يا ڪيا ويا هجن يا ڪيون ويون هجن، ڪنهن ڪورٽ، ٽريبونل (خاص عدالت) جنهن ۾ عدالت عاليہ (هاءِ ڪورٽ)، عدالت عظميٰ (سپريم ڪورٽ) شامل آهن، انهن جي فيصلي هوندي بہ سدائين لاءِ جائز طور صادر ڪيل، يا ڪيا ويا هجن، سدائين لاءِ جائز طور صادر ڪيل، ڪيون ويون هجن يا ڪيا ويا هجن، تصور ڪيا ويندا ۽ انهن تي ڪنهن بہ عدالت ۾، جنهن ۾ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ شامل آهي، ڪنهن بہ سبب جي ڪري ڪوبہ سوال نہ اُٿاريو ويندو.

(3) ڪنهن عدالت يا ٽريبونل، جنهن ۾ عدالت عظميٰ ۽ عدالت عاليہ شامل آهي، تن جو هر هڪ فيصلو يا حڪم، جيڪو فقري (1) يا فقري (2) جي ٺهرائن جي خلاف هجي، رد (باطل) ۽ بنا ڪنهن اثر جي رهندو ۽ سدائين لاءِ رد (باطل) ۽ بنا ڪنهن اثر جي تصہ ر ڪيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب پيو - اوڌر (قرض وٺڻ) جي آڊٽ (چڪاس)

### 166. فاقي حڪومت جو اوڌر (قرض) وٺڻ

وفاق جو انتظامي اختيار، وفاقي گڏيل فنڊ جي ضمانت تي، اهڙين حدن اندر، جيڪڏهن ڪي آهن ته، جيڪي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ ذريعي وقت به وقت مقرر ڪيون وڃن، قرض وٺڻ تي ۽ اهڙي طرح مقرر ڪيل حدن اندر، جيڪڏهن ڪي آهن، ضمانتون ڏيڻ تي، وسعت رکندو.

### 167. صوبائي حڪومت جو قرض وٺڻ

(1) هن آرٽيڪل ۾ ڏنل نهرائن جي تابع (هيٺ) ڪنهن صوبي جو انتظامي اختيار صوبائي گڏيل فنڊ جي ضمانت تي، اهڙين حدن اندر، جيڪڏهن ڪي آهن، جيڪي صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن ائڪٽ جي ذريعي وقت بوقت مقرر ڪيون وڃن، قرض وٺڻ تي به اهڙي طرح مقرر ڪيل حدن اندر، جيڪڏهن ڪي آهن، ضمانتون ڏيڻ تي، وسعت رکندو.

(2) وفاقي حڪومت، اهڙن شرطن هيٺ، جيڪڏهن ڪي آهن ته، جن کي اها عائد ڪرڻ مناسب سمجهي، ڪنهن صوبي کي قرض ڏيئي سگهندي يا جيستائين آرٽيڪل 166 هيٺ مقرر ڪيل حدن کان وڌي نه وڃي، انهن قرضن جي باري ۾ جيڪي ڪو صوبو حاصل ڪري، ضمانتون ڏيئي سگهندي، ۽ اُهي رقمون جيڪي ڪنهن صوبي کي قرض ڏيڻ لاءِ گهُربل هجن، وفاقي گڏيل فنڊ مان واجب الادا هونديون (رهنديون).

(3) ڪو به صوبو، وفاقي حڪومت جي ناراضپي کان سواءِ، ڪو به قرض حاصل نه ڪري سگهندو، جيڪڏهن ان جي ذمي انهيءَ قرض جو جيڪو وفاقي حڪومت طرفان ان صوبي کي ڏنو ويو آهي، ڪو حصو اجا تائين باقي رهيل هجي يا جنهن بابت وفاقي حڪومت جي طرفان ضمانت ڏنل هجي ۽ انهيءَ فقري هيٺ اجازت اهڙن شرطن هيٺ جيڪڏهن ڪي آهن ته، جن کي عائد ڪرڻ وفاقي حڪومت مناسب سمجهي، (اجازت) ڏيئي سگهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آڊٽ ۽ اڪائونٽ

### 168. چڪاس ۽ حساب (آڊٽ ۽ اڪائونٽ)

(1) پاڪستان جو هڪ آڊيٽر جنرل هوندو، جنهن کي صدر مقرر ڪندو.

(2) عهدو سنڀالڻ کان اڳ، آڊيٽر جنرل، پاڪستان جي چيف جسٽس جي آڏو اُن عبارت ۾ حلف کڻندو جيڪو ضميمي 3 ۾ درج ڪيل آهي.

(3) آڊيٽر جنرل جي ملازمت جا شرطَ، جن ۾ سندس عهدي جو مُدو (ميعاد) شامل آهي، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ ذريعي متعين ڪيون وينديون ۽ جيستائين اُهي متعين نه هجن، صدر جي حڪم نامي ذريعي متعين هونديون.

(4) ڪوبه شخص، جيڪو آڊيٽر جنرل جي عهدي تي فائز رهي چڪو هجي، پنهنجي عهدي ڇڏڻ کان پوءِ، ٻن سالن گذرڻ کان اڳ، پاڪستان جي ملازمت ۾ وڌيڪ نوڪري لاءِ اهل نه رهندو.

(5) آڊيٽر جنرل کي سندس عهدي تان سپريم ڪورٽ جي ڪنهن جج سان لاڳو ساڳئي طريقي ۽ ساڳين سببن کان سواءِ برطرف نه ڪيو ويندو.

(6) ڪنهن به وقت جڏهن آڊيٽر جنرل جو عهدو خالي ٿئي يا آڊيٽر جنرل موجود نه هجي يا ڪنهن سبب ڪري پنهنجي عهدي جي ڪارگذاري ڪرڻ جي قابل نه آهي ته پوءِ ڪو اهڙو ٻيو شخص، جنهن کي صدر حڪم ڪري، آڊيٽر جنرل جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو ۽ انهيءَ عهدي جي ڪارگذاري سرانجام ڏيندو.

### 169. آڊيٽر جنرل جا ڪم ۽ اختياريون

آڊيٽر جنرل-

(الف) وفاقي ۽ صوبن جا حساب: ۽

(ب) وفاق يا ڪنهن صوبي جي قائم ڪيل اداري يا اختياري جي حسابن جي سلسلي ۾ اهڙيون ڪارگذاريون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو، جيڪي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ جي ذريعي يا ان جي هيٺ متعين ڪيا وڃن ۽ جيستائين انهن جو تعين نه ٿئي، صدر جي حڪم نامي ذريعي متعين هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 170. حسابن جي باري ۾ هدايتن ڏيڻ ۾ آڊيٽر جنرل کي اختيار

وفاق ۽ صوبن جا حساب اهڙي فارم (شڪل يا نمونو) ۽ اهڙن اصولن ۽ طريقن موجب رکيا ويندا، جيڪي آڊيٽر جنرل، صدر جي منظوري سان مقرر ڪري.

## 171. آڊيٽر جنرل جون رپورٽون

وفاق جي حساب بابت آڊيٽر جنرل جون رپورٽون صدر کي پيش ڪيون وينديون ۽ هو انهن کي قومي اسيمبلي آڏو پيش ڪرائيندو ۽ ڪنهن صوبي جي حسابن بابت آڊيٽر جنرل جون رپورٽون، صوبي جي گورنر کي پيش ڪيون وينديون ۽ هو انهن کي صوبائي اسيمبلي آڏو پيش ڪرائيندو.

# باب ٽيون - ملڪيت، ٺيڪا، ذميواريون ۽ دعوائون

## 172. لاوارث ملڪيت (جائداد)

(1) اهڙي ڪابہ ملڪيت (جائداد) جنهن جو ڪو حقدار مالڪ نہ هجي، جيڪڏهن اها صوبي ۾ آهي، انهيءَ صوبي جي ۽ ٻي هر هڪ صورت ۾ وفاقي حڪومت جي ملڪيت رهندي.

(2) سڀ زمينون، معدنيات ۽ ٻيون قيمتي شيون، جيڪي براعظم جي ڪناري واري حصي ۾ مهاساگر هيٺان، پاڪستان جي علائقائي سامونڊي حدن اندر آهن، وفاقي حڪومت جي ملڪيت رهنديون.

## 173. ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ معاهدا وغيره ڪرڻ جو اختيار

(1) وفاق ۽ ڪنهن صوبائي حڪومت جو انتظامي اختيار، لاڳاپو رکندڙ مناسب قانون سازي جي ڪنهن ائڪٽ هيٺ، وفاقي حڪومت جيئن هجي، صوبائي حڪومت جي ملڪيت مان ڪنهن ملڪيت کي عطا ڪرڻ (ڏيڻ)، وڪڻڻ، دستاويز جي ذريعي نيڪال ڪرڻ يا گروي رکڻ ۽ ان جي طرفان ملڪيت کي خريد ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ ۽ معاهدو ڪرڻ تائين وسيع هوندو (وسعت رکندو).

(2) وفاق يا ڪنهن صوبي جي مقصدن لاءِ حاصل ڪيل سڄي (سڀ) ملڪيت، وفاقي حڪومت يا جيئن هجي، انهيءَ صوبائي حڪومت جي ملڪيت هوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) وفاق يا ڪنهن صوبي جي انتظامي اختيار استعمال ڪندي (اڳي) ڪيل سيني معاهدن ۾ اهو ظاهر ڪيو ويندو تہ صدر يا جيئن هجي، صوبي جي گورنر جي نالي ڪيا ويا آهن ۽ ذڪر ڪيل اختيار استعمال ڪندي، ڪيل سيني معاهدن ۽ مڪمل ڪيل ملڪيت جي دستاويزن تي، صدر يا گورنر جي طرفان اهڙا ماڻهو صحيحون ڪندا ۽ اهڙي طريقي سان ڪيا ويندا، جن جي هدايت ڪري يا اجازت (اختيار) ڏي.

(4) وفاق يا جيئن بہ هجي ڪنهن صوبي کي انتظامي اختيار استعمال ڪندي، ڪيل ڪنهن معاهدي يا ملڪيت جي مڪمل ڪيل ڪنهن دستاويز جي باري ۾ نہ صدر ۽ نہ ڪنهن صوبي جو گورنر ذاتي طور ذميوار رهندو ۽ نہ ڪو اهڙو شخص جيڪو انهن مان ڪنهن جي طرفان اهڙو ڪو معاهدو ڪري ٿو يا ملڪيت جي ڪنهن دستاويز کي مڪمل ڪري ٿو، انهيءَ سلسلي ۾ ذاتي طور ذميوار رهندو.

(5) وفاقي حڪومت يا ڪنهن صوبائي حڪومت جي طرفان زمين جي بدلي (انتقال) قانون جي ذريعي ضابطي ۾ آندي ويندي.

## 174. دعوائون ۽ ڪارروايون

وفاق جي طرفان ۽ ان جي خلاف، پاڪستان جي نالي سان دعويٰ داخل ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪنهن صوبي جي طرفان ۽ ان جي خلاف ان صوبي جي نالي دعويٰ داخل ڪري سگهجي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حصو ستون

## عدالتي نظام (عدليہ)

### باب پهريون- ڪورٽون (عدالتون)

### 175. عدالتن جو قيام ۽ دائره اختيار (اختياري حد)

(1) پاڪستان ۾ هڪ سپريم ڪورٽ (عدالت عظميٰ) ۽ هرهڪ صوبي لاءِ هڪ هاءِ ڪورٽ (عدالت عاليہ) ۽ ٻيون اهڙيون ڪورٽون هونديون، جيڪي قانون جي ذريعي قائم ڪيون وينديون.

(2) ڪنهن بہ ڪورٽ کي اختيار جي حد نہ هوندي، سواءِ ان جي تہ اها دستور موجب يا ڪنهن قانون موجب يا ان هيٺ، ان کي سونپيل آهي يا سونپي وڃي.

(3) عدالتي نظام کي عدليہ کي شروع ٿيندڙ ڏينهن کان، 14 سالن جي اندر ڏاڪي وار (بتدريج) ترقي ڏيندي، انتظاميا کان جدا ڪيو ويندو.

### باب ٻيو- پاڪستان جي سُپريم ڪورٽ

### 176. سپريم ڪورٽ جي تشڪيل (جوڙجڪ)

سپريم ڪورٽ ۾ هڪ چيف جسٽس، جنهن کي پاڪستان جو چيف جسٽس سڏيو ويندو ۽ ايترن ٻين ججن جو تعداد شامل هوندو جيڪي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ موجب متعين (مقرر) ڪيا وڃن ۽ جيستائين ائين مقرر ٿئي، صدر مقرر ڪندو.

### 177. سپريم ڪورٽ جي ججن جي مقرري (تقرر)

(1) پاڪستان جي چيف جسٽس جو تقرر صدر ڪندو ۽ ٻين ججن مان هر هڪ جو تقرر صدر، چيف جسٽس جي صلاح مشوري کان پوءِ ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ڪو بہ شخص سپريم ڪورٽ جو جج مقرر نہ ڪيو ويندو جيستائين اهو پاڪستان جو شهري نہ هجي ۽-

(الف) گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن تائين يا مختلف (جدا جدا) وقتن تي انهيءَ مُدي تائين جيڪو گڏيل طور پنجن سالن کان گهٽ نہ هجي، ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو (جنهن ۾ اهڙي هاءِ ڪورٽ شامل آهي، جيڪا شروع واري ڏينهن کان اڳ ڪنهن بہ وقت پاڪستان ۾ موجود هئي)، جج نہ رهيو هجي؛ يا

(ب) گهٽ ۾ گهٽ 15 سالن تائين مختلف وقتن ۾ ايتري مُدي تائين، جيڪو مجموعي طور پندرهن سالن کان گهٽ نہ هجي، ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو (جنهن ۾ اهڙي هاءِ ڪورٽ بہ شامل آهي، جيڪا شروع واري ڏينهن کان اڳ ڪجهہ وقت پاڪستان ۾ موجود هئي)، ائڊووڪيٽ نہ رهيو هجي.

## 178. عهدي جو حلف

عهدي سنڀالڻ کان اڳ چيف جسٽس پاڪستان، صدر جي آڏو (سامهون) ۽ سپريم ڪورٽ جو ڪو ٻيو جج، چيف جسٽس جي سامهون، انهيءَ عبرت ۾ حلف کڻندو، جيڪو ضميمي ٽئين ۾ درج ڪيل آهي.

## 179. رٽائر ڪرڻ جي ڄمار

سپريم ڪورٽ جو جج پنهنجي عهدي تي تيستائين قائم رهندو جيستائين هن جي عمر 65 سالن جي ٿئي، سواءِ ان جي، تہ هُو ان کان اڳ استعيفا ڏي يا دستور موجب برطرف ڪيو وڃي.

## 180. قائم مقام چيف جسٽس

ڪنهن بہ وقت جڏهن-

(الف) چيف جسٽس جو عهدو خالي آهي؛ يا

(ب) چيف جسٽس موجود نہ آهي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري پنهنجي عهدي جا ڪم (فرائض) سرانجام نہ ڪري سگهي؛

تہ صدر، سپريم ڪورٽ جي ٻين ججن مان سينئر جج کي قائم مقام چيف جسٽس پاڪستان مقرر ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 181. قائم مقام جج

ڪنهن به وقت جڏهن-

(الف) سپريم ڪورٽ جي ڪنهن جج جو عهدو خالي آهي؛ يا

(ب) سپريم ڪورٽ جو ڪو جج موجود نه آهي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري پنهنجي عهدي جا ڪم (فرائض) سرانجام نه ٿو ڪري سگهي؛

ته صدر آرٽيڪل 177 جي فقري (1) هيٺ مقرر ڪيل طريقي سان، ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي جج کي، جيڪو سپريم ڪورٽ جي جج مقرر ٿيڻ جو اهل هجي، عارضي طور سپريم ڪورٽ جو جج مقرر ڪندو.

سمجهاڻي: (1) هن فقري ۾ هاءِ ڪورٽ جي جج ۾ اهڙو شخص شامل آهي، جنهن هاءِ ڪورٽ جو جج ٿي رٽائر ڪيو آهي.)

(2) هن آرٽيڪل ۾ هيٺ ڪيل تقرر ان وقت تائين برقرار رهندو جيستائين صدر ان کي منسوخ نه ڪري.

## 182. وقتي طور ججن جو تقرر

جيڪڏهن ڪنهن وت سپريم ڪورٽ جي ججن جو ڪورم پوري نه هئڻ ڪري ان ڪورٽ جو اجلاس ۾ رهڻ يا جاري رکڻ ممڪن نه آهي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري اهو ضروري آهي ته سپريم ڪورٽ جي ججن جي تعداد ۾ ٿوري وقت لاءِ اضافو ڪيو وڃي، ته پاڪستان جو چيف جسٽس لکت ۾-

(الف) صدر جي منظوري سان، ڪنهن اهڙي شخص کي، جيڪو ان ڪورٽ (عدال) ۾ جج جي عهدي تي فائز رهيو هجي ۽ هُن جي ذڪر ڪيل عهدي ڇڏڻ کان پوءِ ٽن سالن جو عرصو نه گذريو هجي، عرض ڪري سگهندو؛ يا

(ب) صدر جي منظوري سان ۽ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي رضامندي سان، ان عدالت ۾ ڪنهن اهڙي جج کي، جيڪو سپريم ڪورٽ جي جج مقرر ٿيڻ جو اهل هجي، حڪم ڏيندو؛

ته هُو سپريم ڪورٽ جي اجلاسن ۾، اوتري وقت لاءِ جيڪو ضروري هجي، وقتي (ائڊهاڪ) طور جج جي حيثيت ۾ شرڪت ڪري، ۽ اهڙي طرح اجلاس ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريڪ هوندي ائڊهاڪ جج ڪي اهي ساڳيو اختيار ۽ دائره ڪار رهندو، جيڪو سپريم ڪورٽ جي جج کي آهي.

## 183. سپريم ڪورٽ جي سيٽ (ويهڻ جي جاءِ)

(1) فقري (3) جي تابع، سپريم ڪورٽ جو صدر مقام اسلام آباد ۾ هوندو.

(2) سپريم ڪورٽ جو اجلاس وقت بوقت اهڙن ٻين جاين تي ٿي سگهندو، جيڪي چيف جسٽس، صدر جي منظوريءَ سان مقرر ڪري.

(3) جيستائين سپريم ڪورٽ جي ويهڻ جو اسلام آباد ۾ بندوبست نه ڪيو وڃي، تيستائين ان عدالت جو صدر مقام اهڙي جاءِ تي هوندو جيڪو صدر مقرر ڪري.

## 184. سپريم ڪورٽ جو ابتدائي دائره اختيار

(1) سپريم ڪورٽ کي ڪن به ٻن يا وڌيڪ حڪومتن جي وچ ۾ تڪرار ۾ ٻي هرهڪ ڪورٽ کي خارج ڪندي ابتدائي دائره اختيار رهندو.

سمجهاڻي: هن فقري ۾ گورنمينٽ معنيٰ آهي وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتون.

(2) فقري (1) ۾ سونپيل دائره اختيار جي استعمال ۾ سپريم ڪورٽ فقط ڊڪلريٽري (استقراري) فيصلا ظاهر ڪندي.

(3) آرٽيڪل 199 جي نهرائن تي اثر انداز هئڻ کان سواءِ، سپريم ڪورٽ جيڪڏهن اها سمجهي ته حصي ٻئي جي باب پهرئين جي ذريعي ڏنل بنيادي حقن مان ڪنهن حق جي تضاد جي سلسلي ۾ عوامي اهميت جو ڪو سوال درپيش آهي، ذڪر ڪيل آرٽيڪل ۾ بيان ڪيل نوعيت جو ڪوبه حڪم صادر ڪرڻ جو اختيار هوندو.

## 185. سپريم ڪورٽ جو اپيل ۾ دائره اختيار

(1) هن آرٽيڪل جي تابع، سپريم ڪورٽ کي هاءِ ڪورٽ جي ڏنل فيصلن، ڊڪرين، آخري حڪمن يا سزائن جي خلاف دائر ڪيل اپيلن ٻڌڻ ۽ انهن تي فيصلو صادر ڪرڻ جو دائره اختيار هوندو.

(2) ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي صادر ڪيل فيصلي، ڊڪري، آخري حڪم يا سزا جي خلاف اپيل سُپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪري سگهبي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ اپيل ۾ ڪنهن جوابدار کي آزاد ٿيڻ جي حڪم کي بدلايو آهي، ۽ ان کي موت جي سزا يا ڪاري پاڻي جي سزا يا جنم ٽيپ ڏني آهي يا نظرثاني جي درخواست تي سزا کي وڌائي ذڪر ڪيل ڪنهن سزا ۾ بدلايو آهي؛ يا

(ب) جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ ڪنهن اهڙي ڪورٽ (عدالت) جي، جيڪا ان جي هيٺ آهي، ڪنهن مقدمي کي پنهنجي اڳيان هلائڻ لاءِ بدلي ڪيو آهي ۽ اهڙي ڪيس ٻُڌڻ تي جوابدار کي مجرم (ڏوهاري) قرار ڏنو هجي، ۽ مٿي ذڪر ڪيل ڪا سزا ڏني هجي؛ يا

(ث) جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ ڪنهن شخص تي هاءِ ڪورٽ جي بي ادبي سبب ڪا سزا مڙهي هجي؛ يا

(د) جيڪڏهن تڪراري معاملي جي رقم يا ماليت، پهرين (ابتدائي) عدالت ۾ پنجاهه هزار روپين کان گهٽ نه هئي، ۽ تڪراري اپيل ۾ به پنجاهه هزار رپين کان يا اهڙي ٻي رقم کان جنهن کي ان سلسلي ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ ذريعي ظاهر ڪئي وڃي، گهٽ نه آهي ۽ جنهن فيصلي، ڊڪري يا آخري حڪم جي خلاف اپيل ڪيل هجي، ان ۾ ان زيردست عدالت جي فيصلي، ڊڪري يا آخري حڪم کي بدلايو ويو هجي يا منسوخ ڪيو ويو هجي؛ يا

(ع) جيڪڏهن فيصلي، ڊڪري يا آخري حڪم ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح، ايتري رقم يا ماليت جي ملڪيت جي باري ۾ ڪو حق يا ڪو اهڙو سوال ڇڪايل شامل هجي، ۽ ان فيصلي، ڊڪري يا آخري حڪم ۾ جنهن جي خلاف اپيل ڪيل هجي، زيردست عدالت جو فيصلو، ڊڪري يا آخري حڪم بدلايو ويو هجي يا منسوخ ڪيو ويو هجي؛ يا

(ف) جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ انهيءَ جي تصديق ڪري ته مقدمي ۾ دستور جي سمجهائي (تعبير) جي باري ۾ ڪو اهم قانوني مسئلو درپيش آهي.

(3) ڪنهن اهڙي مقدمي ۾ جنهن تي فقرو (3) لاڳو نه ٿيندو هجي، ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن فيصلي، ڊڪري، حڪم يا سزا خلاف ڪابه اپيل فقط انهيءَ وقت داخل ڪئي ويندي، جڏهن سپريم ڪورٽ اپيل داخل ڪرڻ جي اجازت عطا ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 186. مشاورتي (صلاحڪار) دائره اختيار

(1) جيڪڏهن ڪنهن وقت، صدر مناسب خيال ڪري ته ڪنهن قانوني مسئلي بابت جنهن کي هُو عوامي اهميت جو حامل سمجهي ٿو، سپريم ڪورٽ جي راءِ حاصل ڪئي وڃي ته هُو ان مسئلي کي سپريم ڪورٽ جي غور لاءِ موڪلي سگهي ٿو.

(2) سپريم ڪورٽ اهڙي سوال (مسئلي) تي جيڪو ڪيس حوالي ڪيو ويو آهي، غور ڪندي ۽ ان (مسئلي) سوال تي پنهنجي راءِ صدر کي رپورٽ ڪندي.

## A.186. ڪيسن کي بدلي ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جو اختيار

سپريم ڪورٽ جيڪڏهن اها انصاف جي مفاد ۾ ايئن قرين مصلحت خيال ڪري، ڪنهن مقدمي، اپيل ۽ ٻي ڪارروائي کي، جيڪا ڪنهن هاءِ ڪورٽ اڳيان زير غور آهي، ڪنهن ٻي هاءِ ڪورٽ کي بدلي ڪري سگهي ٿي.

## 187. سپريم ڪورٽ جي حڪم نامن جو جاري ٿيڻ ۽ تعميل

(1) آرٽيڪل 175 جي فقري (2) جي تابع سپريم ڪورٽ کي اختيار رهندو ته اها اهڙيون هدايتون، حڪم ناما يا ڊڪريون جاري ڪري، جيڪي ڪنهن اهڙي مقدمي يا معاملي ۾ جيڪو ان جي سامهون زير سماعت آهي، مڪمل انصاف ڪرڻ لاءِ ضروري هجن، انهن ۾ ڪوبه اهڙو حڪم شامل آهي، جيڪو ڪنهن شخص کي حاضر ڪرڻ يا ڪنهن دستاويز کي ڳولهي لهڻ يا پيش ڪرڻ جي لاءِ صادر ڪيو وڃي.

(2) اهڙي ڪابه هدايت، حڪم يا ڊڪري سڄي پاڪستان ۾ قابل عمل هوندي ۽ جڏهن ان جي تعميل ڪنهن صوبي ۾ يا ڪنهن اهڙي علائقي يا ايراضي ۾ ڪرڻي آهي، جيڪا ڪنهن صوبي جو حصو نه هجي، پر انهيءَ صوبي جي هاءِ ڪورٽ جي دائره اختيار ۾ شامل هجي ته ان جي اهڙي طرح تعميل ڪئي ويندي، ڄڻڪ ان کي انهيءَ صوبي جي هاءِ ڪورٽ جاري ڪيو هجي.

(3) جيڪڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ته سپريم ڪورٽ جي هدايت، حڪم يا ڊڪري ڪهڙي هاءِ ڪورٽ نافذ ڪندي ته ان سوال جي باري ۾ سپريم ڪورٽ جو فيصلو قطعي هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 188. سپريم ڪورٽ طرفان فيصلن ۽ حڪم نامن تي نظرثاني ڪرڻ

مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪنهن ائڪٽ جي تحرائن ۽ سپريم ڪورٽ جي وضع ڪيل ڪِن قاعدن (موجب) جي هيٺ سپريم ڪورٽ کي پنهنجي ڏنل فيصلي يا ڪنهن حڪم نامي کي نظرثاني جو اختيار رهندو.

## 189. سپريم ڪورٽ جا فيصلا ٻين ڪورٽن کي ٻڌل رکندا

سپريم ڪورٽ جو ڪو فيصلو جنهن حد تائين، جو ان ۾ ڪنهن قانوني مسئلي جو فيصلو ڪيل هجي يا اهو ڪنهن قانوني اصول تي مبني هجي، يا ان جي وضاحت ڪندڙ هجي، پاڪستان جي سڀني عدالتن لاءِ واجب التعميل رهندو.

## 190. سپريم ڪورٽ جي مدد ۾ عمل

سڀ پاڪستان جون سڀئي انتظامي ۽ عدالتي اختياريون، سپريم ڪورٽ جي مدد ۾ ڪم ڪنديون.

## 191. طريقہ ڪار جا قاعدا

دستور ۽ قانون جي تابع، سپريم ڪورٽ، عدالت جي هلڻ ۽ طريقہ ڪار بابت قاعدا ٺاهيندي.

## باب ٽيون- هاءِ ڪورٽون

## 192. هاءِ ڪورٽ جو قيام (ٺهڻ)

(1) هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ چيف جسٽس ۽ ٻين ايترن ججن جو تعداد شامل هوندو، جيڪي قانون موجب متعين ڪيا وڃن يا جيستائين ائين متعين ٿئي اوترا، جيڪي صدر مقرر ڪري.

(2) سنڌ- بلوچستان هاءِ ڪورٽ، بلوچستان ۽ سنڌ جي صوبن لاءِ گڏيل (ساڳي) هاءِ ڪورٽ جيان ڪم ڪرڻ بند ڪندي.

(3) صدر حڪم جي ذريعي بلوچستان ۽ سنڌ جي صوبن مان هر هڪ لاءِ هڪ هاءِ ڪورٽ قائم ڪندو ۽ حڪم ۾ هاءِ ڪورٽن لاءِ مڪيہ ويهڻ جون جايون، گڏيل هاءِ ڪورٽ مان ججن جون بدليون، گڏيل هاءِ ڪورٽ مان رهيل ڪيسن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بدلي ۾ عام طور گڏيل هاءِ ڪورٽن جي ڪم بند ڪرڻ ۽ پڻ هاءِ ڪورٽن جي قيام ۽ انهيءَ ڏس ۾ گڏيل يا ٽيندڙ معاملا وضع ڪري سگهندو، جيڪي هو مناسب سمجهي.

(4) هاءِ ڪورٽ جو دائره اختيار، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ ذريعي پاڪستان جي ڪنهن اهڙي ايراضي تي وسعت رکي سگهندو، جيڪو انهيءَ صوبي جو حصو نه آهي.

## 193. هاءِ ڪورٽ جي ججن جو تقرر

(1) هاءِ ڪورٽ جي جج جو تقرر، صدر هيٺين سان صلاح مشوري ڪان پوءِ ڪندو:

(الف) پاڪستان جو چيف جسٽس؛

(ب) لاڳاپو رکندڙ صوبي جو گورنر؛

(ث) انهيءَ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان، جيڪڏهن اهو تقرر چيف جسٽس جو آهي.

(2) ڪوبه شخص هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر نه ڪيو ويندو، جيستائين هو پاڪستان جو شهري نه هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ چاليهن سالن جي عمر جو نه هجي؛ ۽

(الف) گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن تائين، جدا جدا وقتن ۾ ايتري وقت (مُدي) تائين گڏيل طور ڏهن سالن ڪان گهٽ نه هجي، ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو ائڊووڪيٽ نه رهيو هجي (جنهن ۾ اها هاءِ ڪورٽ شامل آهي، جيڪا شروع واري ڏينهن کان پاڪستان ۾ موجود هئي (شامل آهي)؛ يا

(ب) هُو ڪنهن اهڙي سول ملازمت جو، جيڪا هن پيرا جي مقصدن لاءِ قانون موجب مقرر ڪيل هجي، ميمبر آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن تائين ان جو ميمبر نه رهيو هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جي عرصي لاءِ پاڪستان جي ڊسٽرڪٽ جج جي نوڪري ڪئي هجي يا انهيءَ حيثيت ۾ خدمتون سرانجام نه ڏيئي چڪو هجي؛

(ث) گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن جي مُدي تائين پاڪستان ۾ ڪنهن عدالتي عهدي تي فائز نه رهيو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهاڻي: عرصو شمار ڪرڻ ۾ جنهن ۾ ڪو شخص هاءِ ڪورٽ جو ائڊووڪيٽ رهيو هجي يا عدالتي عهدي تي فائز رهيو هجي، اُهو عرصو شامل ڪيو ويندو، جنهن ۾ هُو ائڊووڪيٽ رهڻ ڪان پوءِ عدالتي عهدي تي فائز رهيو هجي يا جيئن حالتون هجن، اُهو عرصو جنهن ۾ هُو عدالتي عهدي تي فائز رهڻ ڪان پوءِ ائڊووڪيٽ رهيو هجي.

(3) هن آرٽيڪل ۾ ڊسٽرڪٽ جج جي معنيٰ آهي ابتدائي دائره اختيار وارو سول ڪورٽ جو مکيه جج.

## 194. عهدي جو حلف

پنهنجي عهدي سنڀالڻ ڪان اڳ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس، گورنر جي سامهون ۽ عدالت جو ٻيو ڪو جج چيف جسٽس جي سامهون انهيءَ عبارت ۾ حلف کڻندو، جيڪو ضميمي ٽئين ۾ درج ڪيل آهي.

## 195. رٽائر ڪرڻ جي ڄمار

هاءِ ڪورٽ جو جج پنهنجي عهدي تي تيستائين قائم رهندو جيستائين هن جي عمر 63 سالن جي ٿئي، سواءِ ان جي ته هُو ان ڪان اڳ استعيفا ڏئي يا دستور موجب برطرف ڪيو وڃي.

## 196. قائم مقام چيف جسٽس

ڪنهن به وقت جڏهن-

(الف) چيف جسٽس جو عهدو خالي آهي؛ يا

(ب) چيف جسٽس موجود نه آهي، يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري پنهنجي عهدي جا ڪم سرانجام نٿو ڪري سگهي؛

ته صدر، چيف جسٽس جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ انهيءَ هاءِ ڪورٽ جي ٻين ججن مان ڪنهن هڪ کي مقرر ڪندو يا سپريم ڪورٽ جي ججن مان ڪنهن هڪ کي درخواست ڪندو.

## 197. وڌيڪ جج

ڪنهن به وقت جڏهن -

(الف) هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جو عهدو خالي آهي؛ يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج موجود نه آهي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري پنهنجي عهدي جا ڪم سرانجام نٿو ڪري سگهي؛ يا

(ٿ) ڪنهن سبب ڪري هاءِ ڪورٽ جي ججن جو تعداد وڌائڻ ضروري آهي ته صدر آرٽيڪل 193 جي فقري (1) ۾ مقرر ڪيل طريقي سان ڪنهن اهڙي شخص کي، جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيڻ جو اهل هجي، انهيءَ عدالت جو وڌيڪ جج ايتري مُدي لاءِ مقرر ڪري سگهندو، جيڪو صدر متعين ڪري، پر اهو انهي مُدي کان جيڪڏهن ڪو آهي، وڌي نه وڃي، جيڪو قانون موجب مقرر ڪيل هجي.

## 198. هاءِ ڪورٽ جي ويهڻ جي جاءِ (صدرِ مقام)

(1) شروع واري ڏينهن کان اڳ موجود، هاءِ ڪورٽ جو صدرِ مقام ان جاءِ تي رهندو، جتي ان جو صدر مقام ان ڏينهن کان اڳ موجود هو.

(2) هر هڪ هاءِ ڪورٽ، جج ۽ ڊويزنل ڪورٽون، انهن جي مکيه (ويهڻ جي) جاءِ ۽ ان جي بينچن جي جاين (سيٽن) تي اجلاس ڪندا ۽ پنهنجي علائقائي دائره اختيار جي اندر ڪنهن جاءِ تي ۽ اهڙن ججن تي مشتمل سرڪٽ ڪورٽون هلائيندا، جهڙي طرح چيف جسٽس نامزد ڪري.

(3) پنجاب هاءِ ڪورٽ جي هڪ هڪ بينچ بهاولپور، ملتان ۽ راولپنڊي ۾ هوندي. هاءِ ڪورٽ سنڌ جي هڪ بينچ سکر ۾ هوندي. هاءِ ڪورٽ پشاور جي هڪ هڪ بينچ ايبٽ آباد ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ هوندي ۽ هاءِ ڪورٽ بلوچستان جي هڪ بينچ سبي ۾ هوندي.

(4) هاءِ ڪورٽن مان هر هڪ اهڙين جاين تي بينچون قائم ڪري سگهندي جنهن کي گورنر ڪابينا جي راءِ سان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري سان مقرر ڪري.

(5) فقري (3) يا فقري (4) هيٺ قائم ڪيل ڪنهن به بينچ ۾ اهڙا جج شامل رهندا، جيڪي چيف جسٽس وقت بوقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جي عرصي لاءِ نامزد ڪندو.

(6) گورنر، هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري سان هيٺين معاملن جي انتظام ڪرڻ لاءِ (نبيرڻ لاءِ) قاعدا ٺاهيندو، جهڙوڪ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) اهڙا علائقا مقرر ڪندو، جنهن جي متعلق هاءِ ڪورٽ جي هرهڪ بينچ کي حاصل دائره اختيار رهندو؛ ۽

(ب) سيئني اتفاقي، وڏيڪ (ڳنڍيل) نتيجي طور معاملن لاءِ بااختيار رهنديون.

## 199. هاءِ ڪورٽ جو دائره اختيار

(1) دستور جي تابع، جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ کي اطمينان آهي ته قانون ۾ ڪنهن ٻئي مناسب تدارڪ (اُپاءُ) جو انتظام (بندوبست) نه آهي ته:

(الف) ڪنهن ستايل (آزاريل) ڌر جي درخواست تي حڪم سان:

(i) هدايت جاري ڪندي ته ڪوبه ماڻهو جيڪو ڪورٽ جي علائقائي دائره اختيار ۾ وفاق، ڪنهن صوبي يا ڪنهن مقامي اختياري پاران سڌن معاملن بلي ڪي ڪم سرانجام ڏيئي رهيو آهي، ته هُو ان ڪم ڪرڻ کان باز اچي، جنهن جي ڪرڻ جي ان کي قانون اجازت نٿو ڏئي يا ڪو اهڙو ڪم ڪري، جيڪو قانون موجب ڪرڻ لاءِ هُو ٻڌل آهي.

(ii) اُهو اعلان (حڪم نامو) جاري ڪري سگهي ٿي ته ان ڪورٽ جي علائقائي دائره اختيار ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ طرفان وفاق، ڪنهن صوبي يا مقامي اختياري پاران، سندن معاملي ۾ سرانجام ڏنل ڪوبه ڪم، قانوني اختياري کان سواءِ ڪيو ويو آهي ۽ اها ڪوبه قانوني اثر نه پئي رکي. يا

(ب) ڪنهن به شخص جي درخواست تي اهو حڪم ڪري:

(i) ته ڪوبه ماڻهو، ڪورٽ جي علائقائي دائره اختيار ۾ نظربند آهي، ان کي ان ڪورٽ جي آڏو آندو وڃي ته جيئن اها ذاتي طور اطمينان ڪري ته ان کي قانوني اختيار کان سواءِ يا ڪنهن غير قانوني طريقي سان حراست ۾ ته نه رکيو ويو آهي.

(ii) ڪنهن به شخص کي، جيڪو ڪورٽ جي علائقائي دائره اختيار ۾ ڪنهن سرڪاري عهدي تي فائز آهي يا عهدي تي فائز سمجهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ٿو، حڪم ڪري ته هُو ظاهر ڪري ته هو ڪهڙي قانوني اختيار هيٺ ان عهدي تي فائز هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو.

(ٿ) ڪنهن به ستايل شخص جي درخواست تي، انهيءَ عدالت جي دائره اختيار ۾ ڪنهن علائقي يا ان علائقي جي باري ۾، ڪنهن اختيار استعمال ڪندڙ ڪنهن شخص يا اختياري يا ان ۾ ڪا حڪومت به شامل هجي، آرڊر (حڪم) سان اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪي اها حصي ٻئي جي باب پهرئين ۾ تفويض ڪيل (سونپيل) بنيادي حقن مان ڪنهن حق جي نفاذ لاءِ موزون هجن.

(2) دستور جي تابع حصي ٻئي جي باب پهرئين ۾ ڏنل بنيادي حقن مان ڪنهن جي نفاذ لاءِ ڪنهن هاءِ ڪورٽ کي رجوع ڪرڻ جو حق محدود نه ڪيو ويندو.

(3) فقري (1) هيٺ ڪيل درخواست تي اهڙو حڪم نه ڪيو ويندو جيڪو ڪنهن شخص طرفان يا ان جي باري ۾ جيڪو پاڪستان جي مسلح افواج جو ميمبر آهي يا جيڪو في الحال ذڪر ڪيل افواج مان ڪنهن سان به لاڳو ڪنهن قانون جي تابع هجي، ان جي ملازمت جي شرطن بنسبت، ان جي ملازمت مان پيدا ٿيڻ واري ڪنهن معاملي بنسبت، يا افواجِ پاڪستان جي هڪ ميمبر جي حيثيت ۾ يا ذڪر ڪيل قانون جي تابع ڪنهن شخص جي حيثيت ۾ هُن جي باري ۾ ڪيل ڪنهن ڪاروائي بنسبت پيش ڪيل هجي.

(4) جڏهن -

(الف) ڪا درخواست ڪنهن هاءِ ڪورٽ کي فقري (1) جي پيرا (الف) هيٺ ڪنهن حڪم صادر ڪرڻ لاءِ پيش ڪئي وڃي؛ ۽

(ب) ڪنهن عارضي حڪم جي جاري ڪرڻ ڪري سرڪاري ڪم جي سرانجام ڪرڻ ۾ يا مداخلت يا نقصان جي طور تي اثر انداز ٿئي يا ٻي صورت ۾ عوامي مفاد (يا سرڪاري ملڪيت) لاءِ نقصان ڏيندڙ يا سرڪاري محصولن، جمعبندي يا وصوليءَ لاءِ رڪاوٽ هجي.

ته پوءِ ڪورٽ عارضي حڪم جاري نه ڪندي جيستائين قانون موجب مقرر ڪيل آفيسر کي درخواست ۾ نوٽيس نه ڏنو ويو هجي ۽ ان کي يا انهيءَ سلسلي ۾ ان جي طرفان اختيار ڏنل ڪنهن ٻئي شخص کي ٻُڌڻ جو موقعو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فراهم نہ ڪيو وڃي ۽ عدالت اهڙن سببن ڪري جيڪي لکت ۾ رڪارڊ ڪيا وڃن، مطمئن نہ ٿي وڃي تہ عارضي حڪم:

(i) متي ذڪر ڪيل جيان اثر انداز نہ ٿيندو يا

(ii) ڪنهن اهڙي حڪم يا ڪارروائي کي معطل ڪرڻ جو اثر رکندو، جيڪو رڪارڊ جي ڏسڻ سان بنا اختيار آهي.

(4- الف) ڪنهن هاءِ ڪورٽ طرفان ان کي پيش ڪيل ڪنهن اهڙي درخواست تي، جيڪا ڪنهن اختياري يا شخص طرفان جاري ڪيل ڪنهن حڪم، ڪيل ڪنهن ڪارروائي يا ڪيل ڪنهن ڪم جي جواز يا قانوني اثر تي اعتراض ڪرڻ لاءِ هجي، جيڪو ضميمي پهرئين جي حصي پهرئين ۾ بيان ڪيل ڪنهن قانون هيٺ جاري ڪيل هجي، ڪئي ويئي هجي يا ڪيو ويو هجي يا جنهن جو جاري ٿيڻ، ڪرڻ يا ڪرڻو ضرور ٿئي ٿو يا جيڪو (سرڪاري ملڪيت يا سرڪاري محصولن) جي جمعبندي يا وصولي جي متعلق يا ان جي باري ۾ هجي، صادر ڪيل ڪوبہ نہ عارضي حڪم، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ جنهن ڏينهن اهو جاري ڪيو وڃي (ڇهن مهينن جي مُدي گذرڻ کان پوءِ اثر انداز نہ رهندو، جيستائين عدالت جي طرفان ان کان اڳ مقدمي جو قطعي فيصلو نہ ڪيو وڃي يا عارضي حڪم واپس نہ ورتو وڃي.

(4- ب) هرهڪ مقدمو (ڪيس) جنهن ۾ فقري (1) هيٺ درخواست تي، هاءِ ڪورٽ ڪو عارضي حڪم جاري (صادر) ڪيو آهي، هاءِ ڪورٽ طرفان ان تاريخ کان ڇهن مهينن جي اندر جڏهن اهو جاري (صادر) ڪيو وڃي، لياقت (ميرٽ) مطابق نيڪال ڪيو ويندو جيستائين هاءِ ڪورٽ اهڙن ڪافي سببن جي ڪري، جيڪي لکيا وڃن، ائين نہ ڪري سگهي.

(5) هن آرٽيڪل ۾ جيستائين عبارت (مضمون) ٻي طرح گهُربل هجي، جنهن ۾ ڪو شخص، سياسي يا مڪاني ادارو، ڪا وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت يا ان جي اختياري ۽ ڪنٽرول هيٺ ڪابہ عدالت، يا ٽربيونل شامل آهي، سواءِ سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ يا اهڙي ٽربيونل جي، جيڪا قانون هيٺ مسلح افواج جي باري ۾ قائم ڪيل آهي. ۽

سمجهاڻي: مقرر ڪيل قانوني آفيسر جي معنئ آهي -



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) ڪنهن اهڙي درخواست جي سلسلي ۾ وفاقي حڪومت جي يا ان جي ڪنٽرول (ضابطي) هيٺ ڪنهن اختياري تي اثر انداز ٿيندڙ اٿارٽي جنرل؛ ۽

(ب) ڪنهن ٻي صورت ۾ ان صوبي جو ائڊووڪيٽ جنرل مراد آهي، جنهن ۾ درخواست ڏنل هجي.

## 200. هاءِ ڪورٽ جي ججن جون بدليون

(1) صدر ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج کي، هڪ هاءِ ڪورٽ مان ٻيءَ ڪنهن هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪري سگهي ٿو، پر ڪنهن به جج کي سندس مرضيءَ سان ۽ صدر جي طرفان چيف جسٽس پاڪستان ۽ ٻنهي هاءِ ڪورٽن جي چيف جسٽسن جي مشوري کان پوءِ بدلي ڪري سگهبو.

پر شرط آهي ته ذڪر ڪيل رضامندي يا هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽسن جي مشوري جي ضرورت نه ٿيندي، جيڪڏهن اهڙي بدلي هڪ ئي وقت تي ٻن سالن جي عرصي کان وڌيڪ نه هجي.

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ جج ۾ چيف جسٽس شامل نه آهي، پر ڪو اهڙو جج شامل آهي، جيڪو في الوقت ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، سواءِ سپريم ڪورٽ جي انهيءَ جج جي، جيڪو آرٽيڪل 196 جي پئراگراف (ب) هيٺ ڪيل درخواست جي تعميل ۾ ذڪر ڪيل حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

(2) جڏهن ڪنهن جج کي اهڙي نموني بدلي ڪيو وڃي يا ان جو جج جي عهدي کان ڪنهن ٻئي عهدي تي هاءِ ڪورٽ جي مکيه جاءِ (صدرِ مقام) کان سواءِ ڪنهن ٻي جاءِ تي مقرر ڪيو وڃي ته هو انهيءَ مُدي هلندي، جنهن لاءِ هُو هن هاءِ ڪورٽ جي جج طور خدمت سرانجام ڏيئي رهيو آهي، جتي هُن جي بدليءَ ڪئي ويئي آهي يا ذڪر ڪيل ٻئي عهدي تي فائز آهي، پگهار سان گڏ انهن الائونسن ۽ رعايتن جو مستحق رهندو، جيڪي صدر، حڪم جي ذريعي مقرر ڪري.

(3) جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪنهن سبب ڪري، عارضي طور ڪنهن هاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪورٽ جي ججن جو تعداد وڌائڻ ضروري آهي ته ذڪر ڪيل هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ڪنهن ٻي هاءِ ڪورٽ جي جج کي، ڪنهن ايتري مُدت لاءِ، جيڪا ضروري هجي، اڳ ذڪر ڪيل هاءِ ڪورٽ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم ڏيئي سگهي ٿو ۽ جڏهن انهيءَ هاءِ ڪورٽ جي اجلاس ۾ انهيءَ طريقي سان شريڪ ٿيندو ته اُن جج کي ذڪر ڪيل هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جهڙوئي اختيار ۽ دائره اختيار رهندو.

پر شرط آهي ته ڪنهن جج کي هن نموني حڪم نه ڏنو ويندو پر سندس راضپي سان (رضامندي) ۽ صدر جي منظوري سان ۽ چيف جسٽس پاڪستان ۽ انهيءَ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري ڪان پوءِ، جنهن جو هُو جج هجي.

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ هاءِ ڪورٽ ۾، ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ڪابه بينچ شامل آهي.

(4) ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو ڪوبه جج، جيڪو فقري (1) هيٺ ڪنهن ٻي هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي قبول نه ڪري ته پوءِ هُو پنهنجي عهدي تان رٽائر ٿيل سمجهيو ويندو ۽ اهڙي رٽائرمينٽ تي اهڙي پينشن وصول ڪرڻ جو حقدار رهندو، جيڪا جج جي حيثيت ۾ سندس ملازمت جي مُدت ۽ پاڪستان جي گڏيل (مجموعي) ملازمت جي جيڪڏهن ڪا آهي ته، بنياد تي شمار ڪيل هجي.

## 201. هاءِ ڪورٽ جو فيصلو هيٺين (زيردست) عدالتن کي ٻڌل رکندو

آرٽيڪل 189 هيٺ، ڪنهن عدالت عاليه (هاءِ ڪورٽ) جو ڪوبه فيصلو، جنهن حد تائين جيستائين اهو ڪنهن قانوني سوال جو فيصلو ڪري ٿو يا ڪنهن قانوني اصول تي مبني آهي، يا ان جي وضاحت ڪري ٿو، انهن سڀني عدالتن کي (تعميل لاءِ) ٻڌل رکندو، جيڪي اُن جي زيردست هجن.

## 202. طريقه ڪار جا قاعدا

دستور ۽ قانون جي تابع، ڪابه هاءِ ڪورٽ پنهنجي يا پنهنجي ڪنهن زيردست عدالت لاءِ هلڻ جي معمول ۽ طريقه ڪار کي منظم ڪرڻ لاءِ قاعدا ٺاهي سگهندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 203. زيردست عدالتن جي هاءِ ڪورٽ طرفان نگراني

هرهڪ هاءِ ڪورٽ پنهنجي سيني زيردست عدالتن جي نگراني ۽ ضابطو رکندي.

## باب ٽيون (الف) - وفاقي شريعت ڪورٽ (عدالت)

## A.203. باب ۾ ڏنل نهراءُ دستور حڪم جي ٻين نهرائن تي غالب رهندا

دستور ۾ شامل ڪنهن به نهراءُ باوجود هن باب ۾ ڏنل نهراءُ اثر انداز رهندا.

## B.203. سمجهاڻي

هن باب ۾ جيستائين ڪا شيءِ، مضمون يا عبارت جي ابتڙ نه هجي:

(الف) چيف جسٽس جي معنيٰ آهي ڪورٽ جو چيف جسٽس؛

(ب) عدالت (ڪورٽ) جي معنيٰ آهي وفاقي شريعت ڪورٽ (عدالت)؛

(ب) (i) جج جو مطلب آهي عدالت جو جج؛

(ث) قانون ۾ ڪا رسم يا رواج شامل آهي، جيڪو قانون جو اثر رکي ٿو، پر ان ۾ دستور، مسلمانن جو شخصي قانون، ڪنهن ڪورٽ يا ٽربيونل جي طريقه ڪار بابت قانون يا هن بابت جي نفاذ کان ڏهن سالن جي مُدي گذرڻ تائين، ڪو مالياتي (مالي) قانون، محصول يا فيون، عائد ڪرڻ ۽ جمع ڪرڻ، يا بينڪاري يا انشوئرنس (ويمه) جي عمل يا طريقي جي باري ۾ ڪو قانون شامل نه آهي: ۽

## C.203. وفاقي شريعت ڪورٽ (عدالت)

(1) هن باب جي مقصدن لاءِ هڪ عدالت ٺاهي ويندي، جنهن کي وفاقي شريعت ڪورٽ (عدالت) سڏيو ويندو.

(2) ڪورٽ، چيف جسٽس سميت، وڌ ۾ وڌ اٺن ججن تي مشتمل هوندي، جن کي صدر مقرر ڪندو.

(3) چيف جسٽس اهڙو شخص هوندو، جيڪو سپريم ڪورٽ جو جج آهي يا رهي چڪو آهي يا ٽيڻ جو اهل هجي يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو مستقل (پڪو) جج رهي چڪو آهي.

(3 الف) ججن ۾ وڌ ۾ وڌ چار جج اهڙا هوندا، جن مان هر هڪ ڪنهن هاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪورٽ جو جج هجي يا رهي چڪو هجي يا (جج) ٿيڻ جو اهل هجي ۽ وڌ ۾ وڌ ٽي عالم هوندا جيڪي اسلامي قانون کان پوري طرح واقف هجن (ماهر هجن).

(4) چيف جسٽس ۽ ٻيو جج، ٽن سالن جي مُدت کان وڌيڪ عرصي لاءِ عهدي تي قائم نہ رهندو، پر ڪيس وڌيڪ مُدي لاءِ اهڙن شرطن تي مقرر ڪري سگهجي ٿو، جيڪي صدر مقرر ڪري.

پر شرط آهي تہ هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ سندس اجازت (مرضي) کان سواءِ مقرر نہ ڪيو ويندو، ۽ (سواءِ ان جي تہ جيڪڏهن جج پاڻ چيف جسٽس آهي) صدر، هاءِ ڪورٽ چيف جسٽس جي مشوري کان پوءِ ڪيو ويندو.

(4 الف) چيف جسٽس جيڪڏهن سپريم ڪورٽ جو جج نہ آهي ۽ ڪو جج جيڪو ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو جج نہ آهي، صدر جي نالي پنهنجي هٿ اکر ذريعي، پنهنجي عهدي جي استعيفا ڏيئي سگهي ٿو.

(4، ب) صدر ڪنهن بہ وقت لکيل حڪم سان:

(الف) ڪنهن جج جي تقرر وارن شرطن ۾ ڦير گهير ڪري سگهي ٿو؛

(ب) ڪنهن جج کي ڪو ٻيو عهدو سونپي سگهي ٿو؛

(ٿ) ڪنهن جج کي اهڙا ڪي ڪم سرانجام ڏيڻ جو حڪم ڏيئي سگهي ٿو، جيڪي هُو موزون سمجهي؛

۽ اهڙا ٻيا حڪم ناما جاري ڪري سگهي ٿو، جيڪي هُو مناسب سمجهي.

سمجهاڻي: هن فقري ۽ فقري (4 ب) ۾ جج ۾ چيف جسٽس شامل آهي.

(4 ٿ) جڏهن هو ڪي اهڙا ڪم سرانجام ڏيئي رهيو آهي، جن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ فقري (4 ب) هيٺ حڪم ڏنل هجي يا ذڪر ڪيل فقري هيٺ هُن کي سونپيل ڪنهن ٻئي عهدي تي فائز هجي تہ اهو جج پگهار، الائونس ۽ رعايتن جو مستحق رهندو، جيڪي ان عدالت جي چيف جسٽس يا جيئن هجي، ڪورٽ جي جج کي ملندڙ هجن.

(5) ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج، جيڪو هڪ جج مقرر ٿيڻ قبول نہ ڪري تہ سمجهيو ويندو تہ هن پنهنجي عهدي تان رٽائر ڪيو آهي ۽ رٽائرمينٽ تي اهڙي پينشن جو حقدار ٿيندو، جيڪي جج جي حيثيت ۾ ملازمت جي مُدي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ ملازمت (نوڪري) ۾ نوڪري جي ٽوٽل عرصي، جيڪڏهن ڪا آهي ته، بنياد تي شمار ڪيل هجي.

(6) عدالت جو صدرِ مقام اسلام آباد ۾ هوندو، پر عدالت، وقت بوقت پاڪستان ۾ اهڙن ٻين جاين تي اجلاس ڪري سگهندي، جيڪي چيف جسٽس، صدر جي منظوري سان مقرر ڪري.

(7) عهدو سنڀالڻ کان اڳ چيف جسٽس ۽ ڪو جج، صدر يا ان جي طرفان نامزد ڪيل ڪنهن شخص آڏو انهيءَ عبارت ۾ حلف کڻندو، جيڪو ضميمي ٽئين ۾ درج ڪيل آهي.

(8) ڪنهن به وقت جڏهن چيف جسٽس يا ڪو جج غير حاضر هجي يا پنهنجي عهدي جو ڪم سرانجام ڏيئي نٿو سگهي ته صدر، ڪنهن اهڙي ٻئي شخص کي، جيڪو ان لاءِ اهل هجي، چيف جسٽس يا جيئن هجي، جج مقرر ڪندو.

(9) ڪو چيف جسٽس جيڪو سپريم ڪورٽ جو جج نه آهي، انهيءَ پگهار، الائونس ۽ رعايتن جو مستحق هوندو، جيڪي سپريم ڪورٽ جي ڪنهن جج کي ملندڙ آهن ۽ ڪو جج جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج نه هجي، انهيءَ پگهار، الائونس ۽ رعايتن جو مستحق هوندو، جيڪي ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي جج کي ملندڙ آهن.

CC.203. علماءَ ۽ علماءَ ميمبرن جو پينل: خارج ڪيو ويو.

## D.203. ڪورٽ جو دائره اختيار، ڪم ۽ اختياريون

(1) عدالت يا ته خود پنهنجي رٽ (تحرڪ) تي يا پاڪستان جي ڪنهن شهري يا وفاقي حڪومت يا ڪنهن صوبائي حڪومت جي درخواست تي انهيءَ سوال جو جائزو وٺي سگهندي ۽ فيصلو ڪري سگهندي ته ڪو قانون يا قانون جو ٿهراءُ اسلام جي (تاڪيد ڪيل) حڪمن جي خلاف آهي يا نه، جيڪي قرآن پاڪ ۽ رسول پاڪ ﷺ جي سُنة ۾ ذڪر ڪيل آهن، جن کي هن کان پوءِ حوالي طور اسلام جا تاڪيدي حڪم نالا سڏيو ويندو.

(الف) جڏهن عدالت فقري (1) هيٺ ڪنهن قانون يا قانون جي ڪنهن ٿهراءُ جي جاچ پڙتال (جائزو) وٺڻ شروع ڪري ۽ ان کي اهڙو قانون يا قانوني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺهراءُ اسلامي حڪمن جي ابتڙ ڏسڻ ۾ اچي تہ عدالت اهڙي قانون جي صورت ۾ جيڪو وفاقي قانون سازي جي فهرست يا گڏيل قانون سازي جي فهرست ۾ شامل معاملي جي باري ۾ آهي، وفاقي حڪومت کي يا ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾، جيڪو انهن فهرستن ۾ ڪنهن بہ هڪ ۾ اهو، شامل نہ هجي، صوبائي حڪومت کي هڪ نوٽيس ڏيڻ جو حڪم ڏيندي، جنهن ۾ انهن خاص ٺهرائن جو ذڪر ڪندي، جيڪي ان کي انهيءَ طور ابتڙ معلوم ٿين ۽ ذڪر ڪيل حڪومت کي پنهنجي راءِ (نقطہ نظر) عدالت سامهون پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيندي.

(2) جيڪڏهن عدالت فيصلو ڪري تہ ڪو قانون يا قانون جو ڪو ٺهراءُ اسلامي حڪمن جي ابتڙ (منافي) آهي تہ اها پنهنجي فيصلي ۾ هن ريت ظاهر ڪندي:

(الف) ان جي ذڪر ڪيل راءِ قائم ڪرڻ جا سبب: ۽

(ب) اها حد جنهن تائين اهو قانون يا ٺهراءُ ابتڙ (منافي) آهي:

۽ انهيءَ ڏينهن واضح ڪندي، جنهن تي اهو فيصلو اثرانداز رهندو، پر ڪوبہ اهڙو فيصلو، ان مدي جي گذرڻ کان پهرين، جنهن جي اندر سپريم ڪورٽ ۾ ان جي خلاف اپيل داخل ٿي سگهي ٿي يا جڏهن اپيل انهيءَ طرح داخل ڪئي ويئي آهي تہ انهيءَ اپيل جي فيصلي کان پهرين اثر انداز نہ ٿيندو.

(3) جيڪڏهن عدالت جي طرفان ڪو قانون يا قانون جو ڪو ٺهراءُ اسلامي حڪمن جي ابتڙ (منافي) قرار ڏنو وڃي تہ:

(الف) وفاقي قانون سازي جي فهرست يا گڏيل قانون سازي جي فهرست ۾ شامل ڪنهن معاملي جي باري ۾ ڪنهن قانون جي صورت ۾ صدر يا ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾ جيڪو ان فهرستن ۾ ڪنهن ۾ بہ شامل نہ هجي، ڪنهن قانون جي صورت ۾ گورنر، ان قانون ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ قدم کڻندو تہ جيئن ذڪر ڪيل قانون يا ٺهراءُ کي اسلامي قانون موجب بنايو وڃي: ۽

(ب) ذڪر ڪيل قانون يا حڪم، ان حد تائين ان کي اهڙي طرح ابتڙ قرار ڏنو وڃي، ان ڏينهن کان جنهن تي اهو فيصلو اثر انداز هجي، اثر انداز نہ رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## DD.203. نظرثاني ۾ ڪورٽ جو ٻيو دائره اختيار

(1) عدالت، حدود جي نفاذ جي باري ۾ ڪنهن قانون هيٺ ڪنهن فوجداري عدالت طرفان فيصلو ڪيل ڪنهن مقدمي جو رڪارڊ انهيءَ سبب ڪري طلب ڪري سگهندي، ۽ ان جو جائزو وٺي سگهندي ته ذڪر ڪيل عدالت جي لکيل يا صادر ڪيل ڪمن، نتيجي، جاچ، سزا جي حڪم يا حڪم جي شائستگي (صحت)، قانوني جواز يا معقوليت جي باري ۾ يا ان جي ڪنهن قانوني ڪارروائي جي ضابطي هيٺ هجڻ، جي باري ۾ پنهنجو اطمينان ڪري سگهي ۽ ذڪر ڪيل رڪارڊ طلب ڪرڻ وقت اها هدايت ڏيئي سگهي ٿي ته جيستائين رڪارڊ جو جائزو ورتو وڃي، ڪنهن سزا جي حڪم جي تعميل روڪي وڃي، جيڪڏهن جوابدار بند ۾ آهي، ان کي ضمانت تي يا ان جي پنهنجي مچلڪي تي آزاد ڪيو وڃي.

(2) ڪنهن اهڙي مقدمي ۾ جنهن جو رڪارڊ عدالت طلب ڪيو آهي، عدالت اهڙو حڪم صادر ڪري سگهي ٿي، جيڪو اهو مناسب خيال ڪري ۽ سزا ۾ اضافو ڪري سگهي ٿي.

پر شرط هي آهي ته هن آرٽيڪل ۾ ڪنهن ڇڏي ڏيڻ جي فيصلي کي سزا ڏيڻ ۾ بدلائڻ جو اختيار نه سمجهيو ويندو، ڪوبه حڪم هن آرٽيڪل هيٺ ڪنهن جوابدار خلاف نه ڪيو ويندو جيستائين هن کي پنهنجي بچاءُ ۾ ٻُڌڻ جو موقعو نه ڏنو وڃي.

(3) عدالت کي اهڙا ٻيا دائره اختيار رهندا جيڪي ان کي قانون جي ذريعي يا ان هيٺ ڏنا ويا هجن.

## E.203. ڪورٽ جا اختيار ۽ طريقه ڪار

(1) پنهنجي ڪمن جي سرانجامي جي مقصدن لاءِ، عدالت کي هيٺ ڏنل معاملن جي باري ۾ سول پروسيجر ڪوڊ 1908 (ائڪٽ 5- آف 1908) هيٺ ڪنهن دعوي ٻُڌڻ جا سول ڪورٽ جا اختيار حاصل رهندا- يعني

(الف) ڪنهن شخص کي گهرائڻ ۽ ان جي حاضري نافذ ڪرڻ ۽ ان جو حلف تي بيان وٺڻ؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ڪنهن دستاويز جو هٿ ڪرڻ ۽ ان کي پيش ڪرڻ؛
(ث) حلف نامن تي شاهدي وٺڻ؛
(د) شاهدن ۽ دستاويزن جي چڪاس لاءِ ڪميشن جاري ڪرڻ.

(2) عدالت کي هر لحاظ کان اهڙين ڪارروائين جو بندوبست ڪرڻ يا طريقہ ڪار کي ضابطي هيٺ آڻڻ جو اختيار رهندو جهڙو هو مناسب خيال ڪري.

(3) عدالت کي خود پنهنجي بي ادبي ڪرڻ تي سزا ڏيڻ جو اختيار رهندو.

(4) آرٽيڪل 203 د جي فقري (1) هيٺ عدالت جي سامهون ڪنهن ڪارروائي جي ڪنهن ڌر جي پاران اهڙو قانوني پيشہ ور، جيڪو مسلمان آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن جي مُدت لاءِ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ائڊووڪيٽ جي حيثيت يا سپريم ڪورٽ جي ائڊووڪيٽ جي لسٽ ۾ سندس نالو داخل آهي يا ڪو اهڙو قانون جو ماهر ڪري سگهندو جنهن کي هن انهيءَ مقصد لاءِ عدالت جي طرفان ناهيل قانون جي ماهرن جي فهرست مان ان ڌر چونڊيو هجي.

(5) فقري (4) ۾ قانون جي ماهرن جي فهرست ۾ پنهنجي نالي داخل ڪرائڻ لاءِ اهل هئڻ لاءِ ڪو شخص اهڙو عالم هوندو جنهن کي عدالت جي راءِ ۾ شريعت تي عبور حاصل هجي.

(6) عدالت جي آڏو ڪنهن ڌُر جي طرفان عيوضي طور قانون پيشہ شخص يا قانون جو ماهر انهيءَ ڌر جي وڪالت نہ ڪندو پر ڪارروائي جي باري ۾ اسلامي حڪمن جي جنهن حد تائين ڪيس ان جو علم هوندو، بيان ڪندو، ۽ ظاهر ڪندو ۽ تشريح ڪندو ۽ اسلامي حڪمن ۾ ذڪر ڪيل حڪمن جي ظاهر ڪرڻ تي لکت ۾ پنهنجو بيان عدالت ۾ پيش ڪندو.

(7) عدالت، پاڪستان يا ملڪ جي ٻاهر ڪنهن شخص کي جنهن کي عدالت اسلامي قانون جو ماهر خيال ڪندڙ هجي، پنهنجي اڳيان پيش ٿيڻ ۽ اهڙي مدد ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيئي سگهي ٿي، جيڪا ان کان طلب ڪئي وڃي.

(8) آرٽيڪل 203 د هيٺ عدالت کي پيش ڪيل ڪنهن عرضداشت يا درخواست تي ڪابہ ڪورٽ في نہ ورتي ويندي.

(9) عدالت کي پنهنجي ڏنل ڪنهن بہ فيصلي يا صادر ڪيل ڪنهن بہ حڪم تي نظرثاني ڪرڻ جو اختيار رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## F.203. سپريم ڪورٽ کي اپيل

(1) آرٽيڪل 203 د هيٺ عدالت آڏو ڪنهن ڪارروائي ۾ ڪنهن ڌرکي، ذڪر ڪيل ڪارروائي ۾ عدالت جي قطعي فيصلي کان ڏک (ناراضگي) ٿئي ته ذڪر ڪيل فيصلي کان سٺ ڏينهن جي اندر سپريم ڪورٽ کي اپيل داخل ڪري سگهندي.

پر شرط آهي ته وفاق يا صوبي جي طرفان ذڪر ڪيل فيصلي کان ڇهن مهينن جي اندر اپيل داخل ڪري سگهبي.

(2) آرٽيڪل 203 جي فقري (2) ۽ (3) ۽ آرٽيڪل 203- ع جي فقري (4) کان (8) جا نهراءِ سپريم ڪورٽ تي انهيءَ سلسلي ۾ اهڙي طرح لاڳو رهندا، جهڙوڪ اُهي نهراءِ عدالت جي حوالي سان سپريم ڪورٽ لاءِ ڏنل آهن.

(2- الف) وفاقي شرعي عدالت جي ڪنهن فيصلي، قطعي حڪم يا ڏنل سزا جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل ڪا اپيل تڏهن ٻُڌڻ جوڳي هوندي-

(الف) وفاقي شرعي عدالت تي اپيل تي ڪنهن شخص جي آزادي جو حڪم منسوخ ڪيو آهي ۽ هُن کي موت جي سزا يا عمر قيد يا چوڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ قيد جي سزا ڏني هجي يا نظرثاني تي مٿي ذڪر ڪيل ڪنهن سزا وڌائي هجي؛ يا

(ب) جيڪڏهن وفاقي شرعي عدالت ڪنهن شخص تي ڪورٽ جي بي ادبي تي ڪا سزا ڏني هجي؛

(ٿ) ڪنهن اهڙي مقدمي ۾ جنهن سان اڳ ذڪر ڪيل فقرا لاڳو نه آهن، وفاقي شرعي عدالت جي ڪنهن ججمينٽ (فيصلي)، حڪم يا سزا جي خلاف ڪا اپيل سپريم ڪورٽ ۾ تڏهن ٻُڌڻ جوڳي ٿيندي جڏهن سپريم ڪورٽ اپيل ٻُڌڻ جي اجازت ڏي.

(3) هن آرٽيڪل ۾ سونپيل دائره اختيار (ٻُڌڻ جو اختيار) استعمال ڪرڻ جي مقصد لاءِ سپريم ڪورٽ جي هڪ بينچ ٺاهي ويندي جنهن کي سپريم ڪورٽ جي اپيليٽ شريعت بينچ سڏيو ويندو ۽ ان ۾ (هي) شامل هوندا:

(الف) سپريم ڪورٽ جا ٽي مسلمان جج؛ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) وفاقي شرعي عدالت جي ججن مان يا عالمن جي اهڙي فهرست مان جيڪا صدر، چيف جسٽس جي مشوري سان ٺهرائي، وڌ ۾ وڌ ٻه عالم جن کي صدر، بينچ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ائڊهاڪ (وقتي طور) ميمبر جي حيثيت ۾ مقرر ڪري.

(4) فقري (3) جي پئرا (ب) هيٺ مقرر ڪيل ڪوبه شخص ايتري مُدت (وقت) تائين فائز رهندو جهڙي طرح صدر مقرر ڪري.

(5) فقرن (1) ۽ (2) ۾ سپريم ڪورٽ لاءِ ڏنل حوالي مان شريعت اپيليٽ بينچ مطلب ڪڍيو ويندو.

(6) اپيليٽ شريعت بينچ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيندي فقري (3) جي پئرا (ب) هيٺ مقرر ڪيل ڪنهن شخص کي اهڙوئي اختيار ۽ دائره اختيار حاصل رهندو ۽ هُو اهڙن سيني رعايتن جو مستحق هوندو جيڪي سپريم ڪورٽ جي ڪنهن جج کي حاصل آهن، ۽ ان کي اهڙا الائونس ڏنا ويندا، جهڙي طرح صدر مقرر ڪري.

## G.203. دائره اختيار تي پابندي

جيئن ته آرٽيڪل 203 -ع ۾ مقرر ڪيل آهي ته ڪابه عدالت يا ٽريبونل جنهن ۾ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ به شامل آهن، ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾ ڪارروائي ڪرڻ تي غور نه ڪندي يا اختيار يا دائره اختيار استعمال نه ڪندي، جيڪا هن عدالت جي اختيار يا دائره اختيار ۾ هجي.

## GG.203. ڪورٽ جو فيصلو هاءِ ڪورٽ ۽ ان جي زيردست عدالتن کي پٻڌل رکندو

آرٽيڪل 203 -د ۽ 203 -ع جي تابع هن بابت هيٺ دائره اختيار جي استعمال ۾ عدالت جو ڪو فيصلو ڪنهن هاءِ ڪورٽ تي يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ماتحت سيني عدالتن کي (تعميل) لاءِ پٻڌل رکندو.

## H.203. اڻ فيصل ٿيل (رهيل) ڪارروايون جاري رهنديون وغيره

(1) فقري (2) هيٺ هن باب ۾ ڏنل ڪنهن به اهڙي ڪارروائي کي جيڪا هن باب جي نفاذ ٿيڻ جي شروعات کان اڳ ڪنهن عدالت يا ٽريبونل ۾ رهيل آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اڻ فيصل ٿيل) يا هُن جي ابتدا، ذڪر ڪيل نفاذ جي شروعات کان پوءِ ٿيل آهي، فقط انهيءَ سبب ڪري ملتوي يا مهمل ڪيو ويندو ته عدالت کي انهيءَ لاءِ استدعا ڪئي ويئي آهي يا ذڪر ڪيل ڪارروائي ۾ ڪنهن اهڙي قانوني نقطي جي باري ۾ قانون يا قانون جو نهراءُ ڪنهن اسلامي حڪمن جي ابتڙ آهي يا نه ۽ اهڙيون سيئي ڪاروايون جاري رهنديون ۽ ان ۾ تڪراري (قانوني) نقطي جو فيصلو في الوقت نافذ ٿيل قانون موجب ڪيو ويندو.

(2) دستور جي آرٽيڪل 203- ب جي فقري (1) هيٺ اهڙيون سڀ ڪارروايون جيڪي هن باب جي نفاذ جي شروع کان هڪدم اڳ ڪنهن هاءِ ڪورٽ ۾ هلندڙ هيون، هن عدالت کي منتقل (بدلي) ٿي رهنديون ۽ هيءَ عدالت انهيءَ مرحلي کان ڪارروائي ڪندي، جنهن کان اهي بدلي ڪيل آهن.

(3) هن باب هيٺ، پنهنجو دائره اختيار استعمال ڪرڻ وقت نه هن عدالت کي ۽ نه وري سپريم ڪورٽ کي ڪنهن ٻي عدالت يا ٽريبونل وٽ هلندڙ ڪنهن ڪارروائيءَ جي باري ۾ ڪو منع نامو جاري ڪرڻ ۽ نه عبوري حڪم جو اختيار هوندو.

**I.203**. خارج ڪيو ويو.

## J.203. قاعدا ناهڻ جو اختيار

(1) عدالت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن سان هن باب جي مقصدن جي بجاآوري لاءِ قاعدا ناهيندي (وضع ڪندي).

(2) خاص طور، ذڪر ڪيل اختيار جي عام هجڻ، تي اثر انداز ٿيڻ کان سواءِ، ذڪر ڪيل قاعدن ۾ هيٺ ڏنل سيئي معاملا يا انهن مان ڪن بابت نهراءُ جوڙي سگهبا. جيئن ته:

(الف) قانون جا ماهر (پيا)، ماهر ۽ شاهد جن کي ڪورٽ جي طرفان گهرايو (طلب) ڪيو ويو هجي، اهڙي خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪي آهن ته، ۽ خرچ پکي (نذراني) جي ادائگي جو نرخ (پيمانو) جيڪو هنن کي عدالت جي سامهون ڪارروائي جي مقصدن لاءِ پيش ٿيڻ ۾ برداشت ڪرڻو پوي؛

(ب) عدالت آڏو پيش ٿيڻ واري قانون جي ماهر، يا شاهدن کان ورتل حلف نامي جو نمونو؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ث) عدالت جي اختيارين ۽ ڪمن جي، جيڪي چيئرمين طرفان ناهيل هڪ يا وڌيڪ ميمبرن سان ناهيل بينچن طرفان استعمال ڪرڻ يا سرانجام ڏيڻ؛

(د) عدالت جا فيصلا جيڪي ان جي ججن يا جيئن حالت هجي، ڪنهن بينچ ۾ شامل ججن جي اڪثريت جي راءِ جي نموني ۾ ڏُنا وڃن؛

(ع) انهن مقدمن (ڪيسن) جو فيصلو، جنهن ۾ بينچ ۾ شامل ججن جي راءِ اڌو اڌ هجي.

(3) جيستائين فقري (1) هيٺ قاعدا نہ ناهيا وڃن، اعليٰ عدالتن جي شرعي بينچن جا قاعدا 1979، ضروري ترميمن سان ۽ ڪنهن حد تائين اهي هن باب جي ٺهرائن جي ابتڙ هجن، نافذالعمل رهندا.

## باب چوٿون- عدالت جي نظام بابت عام ٺهراءُ

### 204. ڪورٽ جي بي ادبي

(1) هن آرٽيڪل ۾ ڪورٽ جي معنيٰ آهي سپريم ڪورٽ يا ڪا هاءِ ڪورٽ.

(2) ڪنهن عدالت کي ڪنهن اهڙي شخص کي سزا ڏيڻ جو اختيار هوندو جيڪو-

(الف) عدالت جي قانوني ڪارروائي ۾، ڪنهن فرد کي گهٽ وڌ ڳالهائي، ان ۾ مداخلت يا دست اندازي ڪري يا عدالت جي ڪنهن حڪم کي نہ مڃي؛

(ب) عدالت کي بدنام ڪري يا ٻيءَ صورت ۾ ڪو بيو اهڙو ڪم ڪري جيڪو ان عدالت يا عدالت جي جج جي باري ۾ نفرت، مذاق يا بيعزتي جو باعث هجي؛

(ث) ڪو اهڙو ڪم ڪري جنهن سان عدالت جي آڏو هلندڙ ڪنهن معاملي جي فيصلي ڪرڻ ۾ (ان جا) نقصان ده اثر پوڻ جو امڪان آهي؛

(د) ٻيو ڪوبہ اهڙو ڪم ڪري جيڪو قانون موجب ڪورٽ جي بي ادبي هجي؛

(3) هن آرٽيڪل ۾ ڪنهن عدالت کي سونپيل اختيار، قانون جي ذريعي ۽ قانون هيٺ، عدالت جي ناهيل قاعدن ذريعي ضابطي هيٺ آندا ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 205. ججن جا لوازما وغيره

سپريم ڪورٽ يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جا لوازما ۽ سروس (نوڪري) جا ٻيا شرط اهي هوندا جيڪي پنجين شيڊول ۾ ذڪر ڪيل آهن.

## 206. استعيفا

(1) سپريم ڪورٽ يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج، صدر جي نالي پنهنجي هٿ اکر پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيئي سگهي ٿو.

(2) هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج، جيڪو سپريم ڪورٽ جي جج جي حيثيت ۾ مقرر ٿيڻ قبول نہ ڪري، پنهنجي عهدي تان رٽائر ٿيل سمجهيو ويندو، ۽ اهڙي رٽائرمينٽ تي پينشن وٺڻ جو حقدار رهندو، جنهن جو حساب جج وانگر ملازمت جي انهيءَ عرصي ۾ پاڪستان ۾ ڪُل ملازمت جي، جيڪڏهن ڪا آهي، بنياد تي ڪيو ويو هجي.

## 207. جج ڪنهن ٻئي نفعي واري عهدي تي فائز نہ رهندو

(1) سپريم ڪورٽ يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج-

(الف) پاڪستان جي سروس ۾ ڪوبہ ٻيو نفعي وارو عهدو نہ سنڀاليندو، جنهن سان سندس لوازمو (پگهار وغيره) وڌي وڃي؛

(ب) ڪو ٻيو مرتبو نہ والاريندو جنهن ۾ خدمت جي بدلي لوازمي وٺڻ جو حق هجي.

(2) ڪوبہ شخص جيڪو سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جي جج جي عهدي تي فائز رهيو هجي، انهيءَ عهدي ڇڏڻ کان ٻہ سال گذرڻ کان اڳ، پاڪستان جي سروس (ملازمت) ۾ ڪو نفعي وارو عهدو، عدالتي يا اڌ عدالتي عهدو يا چيف اليڪشن ڪمشنر يا قانون ڪميشن چيئرمين يا ميمبر يا اسلامي نظرياتي ڪائونسل جو چيئرمين يا ميمبر جي عهدي کان سواءِ نہ سنڀاليندو.

(3) ڪوبہ ماڻهو جيڪو-

(الف) سپريم ڪورٽ جي مستقل جج جي حيثيت ۾ فائز رهيو هجي، پاڪستان ۾ ڪنهن بہ عدالت يا اختياري آڏو وڪالت جو ڪم نہ ڪري سگهندو؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) هاءِ ڪورٽ جي مستقل جج جي حيثيت ۾ فائز رهيو هجي، ته عدالت يا اختياري آڏو ان جي دائره اختيار اندر وڪالت جو ڪم نه ڪري سگهندو؛

(ث) جيڪو اولهه پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ، جيڪا صوبه مغربي پاڪستان جي ختم ٿيڻ واري آرڊر 1970ع کان اڳ موجود هئي، مستقل (پڪي) جج جي حيثيت ۾ فائز رهي چڪو هجي، انهيءَ عدالت جي صدر مقام (مکيه ويهڻ جي جاءِ) جيئن به حالتون هجن، انهيءَ هاءِ ڪورٽ جي مستقل بينچ، جنهن ۾ ڪيس مقرر ڪيو ويو هو، ان جي دائره اختيار اندر ڪنهن عدالت آڏو وڪالت يا ڪو ٻيو ڪم نه ڪري سگهندو.

## 208. ڪورٽن جا آفيسر ۽ نوڪر

سپريم ڪورٽ ۽ وفاقي شرعي عدالت، صدر جي منظوريءَ سان ۽ ڪابه هاءِ ڪورٽ، واسطو رکندڙ گورنر جي منظوريءَ سان، عدالت جي آفيسرن ۽ نوڪرن جي تقرر ۽ سندن ملازمت جي شرطن ۽ حالتن جي باري ۾ قاعدا ٺاهيندي.

## 209. سپريم جُڊيشل (عدالتي) ڪائونسل

(1) پاڪستان ۾ هڪ سپريم عدالتي ڪائونسل هوندي، جنهن جو حوالو، هن باب ۾ ڪائونسل ڏنو ويو آهي.

(2) ڪائونسل ۾ هي شامل رهندا -

(الف) چيف جسٽس پاڪستان؛

(ب) سپريم ڪورٽ جا ٻه سينئر جج؛ ۽

(ث) هاءِ ڪورٽن جا ٻه سينئر چيف جسٽس.

سمجهاڻي: هن فقري جي مقصدن لاءِ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽسن جي سينيارٽي جو تعين سندن نوڪري تي چڙهڻ واري تاريخ موجب ڪيو ويندو، (پر ان ۾ قائم مقام جج جي حيثيت شمار نه ڪئي ويندي) ۽ جيڪڏهن مقرر ٿيل جون تاريخون هڪ جهڙيون آهن ته پوءِ هاءِ ڪورٽ جي جج جي حيثيت ۾ سندن نوڪري جي مقرر ٿيڻ جي تاريخ کان متعين ڪيو ويندو.

(3) جيڪڏهن ڪنهن وقت، ڪائونسل ڪنهن اهڙي جج جي اهليت يا هلت جي تحقيقات ڪري رهي آهي، جيڪو ڪائونسل جو ميمبر هجي يا ڪائونسل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪو ميمبر حاضر نہ هجي يا بيماري سبب يا ڪنهن ٻئي سبب، ڪم ڪرڻ جي قابل نہ هجي تہ:

(الف) جيڪڏهن اهو ميمبر سپريم ڪورٽ جو جج آهي تہ سپريم ڪورٽ جو اهو جج فقري (2) جي پيرا (ب) ۾ حوالو ڏنل ججن مان سينيارٽي ۾ ٻئي نمبر تي آهي؛ ۽

(ب) جيڪڏهن اهو ميمبر هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس آهي تہ پوءِ باقي رهيل هاءِ ڪورٽن جي چيف جسٽسن مان ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، جيڪو سينيارٽي ۾ ٻئي نمبر تي آهي، ان جي جاءِ تي ڪائونسل جو ميمبر ٿي ڪم ڪندو.

(4) جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ جنهن جي جانچ ڪائونسل ڪئي آهي، ان جي ميمبرن ۾ راءِ جو اختلاف آهي تہ پوءِ اڪثريت جي راءِ غالب رهندي ۽ صدر کي ڪائونسل جي رپورٽ، اڪثريت جي راءِ تي پيش ڪئي ويندي.

(5) جيڪڏهن ڪائونسل جي طرفان يا ڪنهن ٻئي وسيلي مليل اطلاع تي صدر جي راءِ آهي تہ سپريم ڪورٽ يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج-

(الف) جسماني يا دماغي معذوري ڪري پنهنجي عهدي جا ڪم مناسب طور سرانجام ڏيڻ جي قابل نہ رهيو آهي؛ يا

(ب) خراب چال (بدعنواني) جو مرتڪب آهي؛

تہ صدر ڪائونسل کي هدايت ڪندو تہ اها ان معاملي جي تحقيقات ڪري.

(6) جيڪڏهن معاملي جي تحقيقات ڪرڻ کان پوءِ ڪائونسل، صدر کي رپورٽ پيش ڪري تہ ان جي راءِ هي آهي تہ:

(الف) اهو جج پنهنجي عهدي جي ڪم جي سرانجام ڏيڻ جي قابل نہ آهي يا خراب چال جو آهي؛

(ب) هن کي عهدي تان هٽايو وڃي؛

تہ صدر ان جج کي عهدي تان هٽائي ڇڏيندو (برطرف ڪندو).

(7) سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج کي، جهڙي طرح هن آرٽيڪل ۾ ڏنل آهي، ان کان سواءِ عهدي تان نہ هٽايو ويندو (برطرف نہ ڪيو ويندو).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(8) ڪائونسل هڪ ضابطہ اخلاق جاري ڪندي جيڪو سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جا جج بجا آڻيندا (ان تي عمل ڪندا).

## 210. ماڻهن کي حاضر ڪرائڻ جا ڪائونسل جا اختيار

(1) ڪائونسل کي ڪنهن بہ معاملي ۾ تحقيقات (جانچ) جي مقصد لاءِ اهي ئي اختيار حاصل رهندا جيڪي سپريم ڪورٽ کي ڪنهن شخص کي عدالت ۾ حاضر ڪرائڻ لاءِ يا ڪنهن دستاويز کي هٿ ڪرڻ لاءِ يا ان کي پيش ڪرڻ لاءِ هدايتون يا حڪم ناما جاري ڪرڻ لاءِ حاصل آهن ۽ ڪابہ اهڙي هدايت يا حڪم اهڙي طرح قابل نفاذ هوندو جڻ ڪَ اهو سپريم ڪورٽ جي طرفان جاري ڪيل آهي.

(2) آرٽيڪل 204 جا نهراءُ ڪائونسل سان اهڙي طرح لاڳو رهندا جهڙيءَ طرح اهي سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ سان لاڳو آهن.

## 211. دائره اختيار کان روڪ

ڪائونسل جي روبرو ڪارروائي، صدر کي موڪليل ان جي رپورٽ ۽ آرٽيڪل 209 جي فقري (6) هيٺ ڪنهن جج جي برطرفي (هٽائڻ) باري ۾ ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ ڪوبہ سوال نہ اُٿاريو ويندو.

## 212. انتظامي عدالتون ۽ ٽربيونل

(1) هن کان اڳ ذڪر ڪيل ڪنهن نهراءُ جي هوندي بہ مناسب قانون ساز ڪنهن ائڪٽ سان هڪ يا بہ انتظامي ڪورٽن يا ٽربيونلن جي وجود ۾ آڻڻ جو بندوبست ڪندي، جن کي هيٺيون بااختيار (بنا ڪنهن پابندي جي) دائره اختيار رهندو-

(الف) اهڙن شخصن جي، جيڪي پاڪستان جي نوڪريءَ ۾ آهن ۽ رهيا هجن، نوڪريءَ جا شرط ۽ تاديبي ڪارروائين متعلق معاملا:

(ب) حڪومت يا پاڪستان جي نوڪري ۾ ڪنهن شخص يا ڪنهن اهڙي مقامي اداري يا اختياري جي ڪنهن اهڙي ملازم کي، جنهن کي قانون موجب ڪو محصول يا ڍل مڙهڻ جو اختيار هجي يا اهڙي ڪنهن اختياريءَ جي ڪنهن ملازم (نوڪر) جو، جيڪو اهڙي ملازم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حيثيت ۾ پنهنجي فرض جي ادائگي، بيجا ڪمن مان پيدا ٿيڻ
واري دعويٰ جي باري ۾ معاملا:

(ٿ) ڪنهن اهڙي ملڪيت (جائداد) جي حاصل ڪرڻ، انتظام ۽ نيڪال جي
باري ۾ معاملا، جيڪا ڪنهن قانون هيٺ دشمن جي ملڪيت
سمجهي ويئي آهي.

(2) هن ڪان اڳ ڪنهن ٺهراءَ جي هوندي به، جتي ڪا انتظامي عدالت يا ٽربيونل فقري (1) هيٺ قائم ڪئي وڃي ته ٻي ڪابه عدالت ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾ جنهن جو اختيار انتظامي عدالت يا ٽربيونل کي حاصل آهي، ڪوبه حڪم نامو (منع نامو) جاري نه ڪندي، ڪو ٻيو حڪم صادر نه ڪندي يا ڪنهن به ٻي ڪارروائي کي نه ٻُڌندي ۽ ڪنهن ذڪر ڪيل معاملي بنسبت سڀ ڪارروايون جيڪي هن انتظامي عدالت يا ٽربيونل جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ، ڪنهن ٻيءَ عدالت آڏو هلندڙ هيون (سواءِ اهڙي اپيل جي جيڪا سپريم ڪورٽ اڳيان هلندڙ آهي)، ذڪر ڪيل وجود ۾ اچڻ تي بي اثر (ساقط) ٿي ويندیون.

پر شرط آهي ته هن فقري جي ٺهرائن جو اطلاق ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن ائڪٽ هيٺ قائم ڪيل ڪنهن انتظامي عدالت يا ٽربيونل تي نه ٿيندو، جيستائين ان اسيمبليءَ جي هڪ قرارداد جي شڪل ۾ هڪ درخواست تي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون جي ذريعي انهن ٺهرائن کي اهڙي عدالت يا ٽربيونل لاڳو نه ڪري ڇڏي.

(3) ڪنهن انتظامي عدالت يا ٽربيونل جي ڪنهن فيصلي، ڊڪري يا سزا جي حڪم خلاف سپريم ڪورٽ ۾ فقط انهيءَ صورت ۾ اپيل ٻُڌڻ جوڳي ٿيندي جڏهن سپريم ڪورٽ، انهيءَ ڳالهه جو اطمينان ڪرڻ کان پوءِ ته عوامي اهميت وارو ڪو اهم قانوني سوال شامل آهي، اپيل دائر ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ جو حڪم ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو اٺون

## چوڏهون

## باب پهريون - چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشنون

### 213. چيف اليڪشن ڪمشنر

(1) هڪ چيف اليڪشن ڪمشنر هوندو (جنهن کي هن حصي ۾ ڪمشنر چيو ويندو). هُن کي صدر پنهنجي مرضي مطابق مقرر ڪندو.

(2) ڪوبه شخص ڪمشنر مقرر نه ڪيو ويندو جيستائين هُو سپريم ڪورٽ جو جج نه هجي يا نه رهيو هجي يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو جج نه هجي يا نه رهيو هجي ۽ آرٽيڪل 177 جي فقري (2) جي پئرا (الف) هيٺ سپريم ڪورٽ جي جج مقرر ٿيڻ جو اهل نه هجي.

(3) ڪمشنر کي اهي اختيار ۽ ڪم هوندا جيڪي دستور ۽ قانون موجب کيس سونپيا ويا آهن.

### 214. ڪمشنر جي عهدي جو حلف

ڪمشنر، عهدو سنڀالڻ کان اڳ پاڪستان جي چيف جسٽس آڏو انهيءَ عبارت ۾ حلف کڻندو، جيڪو ضميمي 3 ۾ درج آهي.

### 215. ڪمشنر جي عهدي جو ميعاد

(1) هن آرٽيڪل هيٺ ڪمشنر پنهنجي عهدي سنڀالڻ جي تاريخ کان ٽن سالن جي مُدي تائين پنهنجي عهدي تي فائز رهندو.

پر شرط آهي ته قومي اسيمبلي هڪ قرارداد جي رستي ڪمشنر جي عهدي جي ميعاد کي وڌائي سگهي ٿي، جيڪو هڪ سال کان وڌيڪ نه هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ڪمشنر پنهنجي عهدي تان اهڙي صورت ۾ نه هٽايو ويندو جيڪو آرٽيڪل 209 ۾ڪنهن جج جي عهدي کان برطرف ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل آهي ۽ هن فقري جي مقصدن لاءِ هن آرٽيڪل جي لاڳو ٿيڻ ۾ ذڪر ڪيل آرٽيڪل ۾ جج جي باري ۾ ڏنل حوالو، ڪمشنر جي ڏنل حوالي طور سمجهيو ويندو.

(3) ڪمشنر، صدر جي نالي پنهنجي هٿ لکت سان پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيئي سگهي ٿو.

## 216. ڪمشنر ڪنهن ٻئي نفعي واري عهدي تي نه رهندو

(1) ڪوبه ڪمشنر -

(الف) پاڪستان جي ملازمت ۾ ڪوبه ٻيو نفعي وارو عهدو نه سنڀاليندو؛ يا

(ب) ڪو ٻيو مرتبو (منصب) نه والاريندو، جنهن ۾ خدمت سرانجام ڏيڻ لاءِ معاوضي وصول ڪرڻ جو حق هجي.

(2) ڪوبه شخص جيڪو ڪمشنر جي عهدي تي فائز رهي چڪو آهي، ان عهدي کي ڇڏڻ کان پوءِ ٻن سالن گذرڻ کان اڳ، پاڪستان ۾ ڪوبه نفعي وارو عهدو نه وٺندو (سنڀاليندو).

پر شرط آهي ته -

(الف) هن فقري ۾ ائين نه سمجهيو ويندو ته اهو شخص جيڪو ڪمشنر ٿيڻ کان اڳ سپريم ڪورٽ يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو جج هو، ڪمشنر جي حيثيت ۾ پنهنجو مُدو پورو ڪرڻ تي اهڙي جج جي حيثيت ۾ ٻيهر پنهنجي فرضن سنڀالڻ کان روڪيو ويو آهي؛

(ب) ڪنهن شخص کي، جيڪو ڪمشنر جي عهدي تي فائز رهيو آهي، ذڪر ڪيل عهدي ڇڏڻ کان پوءِ ٻن سالن جي مُدت گذرڻ کان اڳ ٻنهي ايوانن جي منظوريءَ سان ٻيو ڀيرو (ٻيهر) انهيءَ عهدي تي مقرر ڪري سگهجي ٿو.

## 217. قائم مقام ڪمشنر

ڪنهن به وقت جڏهن -

(الف) ڪمشنر جو عهدو خالي آهي؛ يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ڪمشنر غير حاضر آهي يا ڪنهن ٻئي سبب پنهنجي ڪمن جي سرانجام ڏيڻ ۾ قاصر آهي تہ سپريم ڪورٽ جو ڪو جج، جنهن کي چيف جسٽس نامزد ڪري ڪمشنر جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو

## 218. اليڪشن ڪميشن

(1) قومي اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي هر هڪ عام انتخاب (چونڊ) جي مقصدن لاءِ هن آرٽيڪل مطابق هڪ اليڪشن ڪميشن قائم ڪئي ويندي.

(2) اليڪشن ڪميشن ۾ هيٺيان شامل هوندا -

(الف) ڪمشنر، جيڪو ڪميشن جو چيئرمين هوندو؛ ۽

(ب) ٻہ ميمبر جن مان هر هڪ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو جج هوندو، جنهن کي صدر لاڳاپيل هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ڪمشنر جي مشوري (صلاح) سان مقرر ڪندو.

(3) ڪنهن انتخاب (چونڊ) جي سلسلي ۾ قائم ڪيل اليڪشن ڪميشن جو اهو فرض هوندو تہ اها چونڊ جو انتظام ڪري يا ان کي منعقد ڪرائي يا اهڙا انتظام ڪرائي جيڪي انهيءَ ڳالھ لاءِ ضروري هجن تہ چونڊ (انتخاب) ايمانداري، حق ۽ انصاف سان ۽ قانون مطابق ڪئي وڃي ۽ بدعنوانين کي روڪيو وڃي.

## 219. ڪمشنر جا فرض

ڪمشنر تي هي فرض عائد رهندا تہ هُو -

(الف) قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جي چونڊَ لاءِ انتخابي فهرستون تيار ڪري ۽ انهن فهرستن تي هر سال نظرثاني ڪري؛

(ب) سينيٽ جي لاءِ يا ڪنهن ايوان يا ڪنهن صوبائي اسيمبليءَ ۾ ڪنهن اتفاقي خالي جاين کي پرڻ لاءِ انتخاب (چونڊ) جو انتظام ڪري ۽ ان کي منعقد ڪرائي؛ ۽

(ث) انتخابي (چونڊن جا) ٽربيونل مقرر ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 220. ڪميشن جي مدد لاءِ انتظامي اختياريون

وفاق ۽ صوبن جي سيني انتظامي اختيارين جو فرض آهي (هوندو) ته اهي ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن ڪي ان جي يا ان جي ڪمن جي سرانجام ڏيڻ ۾ مدد ڪن (هٿ ونڊائين).

## 221. آفيسر ۽ نوڪر (ملازم)

جيستائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون ذريعي يا ٻي طرح بندوبست ڪري، تيستائين ڪمشنر، صدر جي منظوريءَ سان، جن جي هيٺ اهو ڪمشنر يا ڪنهن اليڪشن ڪميشن جي ڪمن جي سلسلي ۾ آفيسرن ۽ ملازمن (نوڪرن) جي مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي نوڪريءَ جي شرطن وغيره جا قاعدا ناهي سگهندو.

# باب ٻيو

# انتخابي (چونڊن جا) قانون ۽ چونڊون ڪرائڻ

## 222. چونڊن جا قانونَ

هن دستور هيٺ، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون جي ذريعي هيٺيان بندوبست ڪندي:

(الف) قومي اسيمبلي ۾ آرٽيڪل 51 جي فقري (3) ۽ (4) مطابق سيٽن جي ورڇ؛

(ب) اليڪشن ڪميشن جي طرفان انتخابي حلقي جي حدبندي؛

(ٿ) انتخابي فهرستن جي تياري، ڪنهن انتخابي حلق ۾ رهائش جي باري ۾ شرط، انتخابي فهرستن جي باري ۾ ۽ ان جي آغاز جي خلاف اعتراضن جو فيصلو؛

(د) چونڊون ڪرائڻ ۽ چونڊن متعلق درخواستون ۽ چونڊن جي سلسلي ۾ پيدا ٿيڻ واري شڪن ۽ تڪرارن جو فيصلو؛

(ع) چونڊن جي سلسلي ۾ بدعنوانين ۽ ٻين ڏوهن متعلق معاملن؛ ۽

(ف) ٻنهي ايوانن ۽ صوبائي اسيمبلين جي قيام ۾ اچڻ بابت ٻيا معاملا.

پر ڪوبہ ذڪر ڪيل قانون هن حصي هيٺ ڪمشنر يا ڪنهن اليڪشن ڪميشن جي اختيارن مان ڪنهن اختيار ڪي سلب ڪرڻ يا گهٽائڻ جو اثر نہ رکندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 223. ڊبل يا ٻٽي ميمبرشپ تي پابندي

(1) ڪوبه شخص، ساڳئي وقت هيٺين جو ميمبر تي نٿو سگهي:

(الف) ٻنهي ايوانن جو؛ يا

(ب) هڪ ايوان ۽ صوبائي اسيمبليءَ جو؛ يا

(ٿ) ٻه يا ان کان وڌيڪ صوبن جي اسيمبلين جو؛ يا

(د) هڪ کان وڌيڪ سيٽن بابت هڪ ايوان يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جو.

(2) فقري (1) ۾ ڪابه شيءِ (حڪم) ڪنهن به شخص کي ساڳئي وقت ٻه يا ٻن کان وڌيڪ سيٽن لاءِ پوءِ اهي ساڳئي اداري ۾ يا مختلف ادارن ۾، اميدوار هئڻ ۾ روڪ نه ڪندو، پر جيڪڏهن هُو هڪ کان وڌيڪ سيٽن ۾ ڪامياب ٿئي (چونڊجي اچي) ته ذڪر ڪيل سيٽن مان آخري سيٽ جي نتيجي جي اعلان کان پوءِ ٽيهن ڏينهن جي مُدي اندر پنهنجي سيٽن مان هڪ کان سواءِ سڀني سيٽن تان استعيفا ڏيندو ۽ جيڪڏهن اهو انهيءَ طرح استعيفا نه ڏي ته ذڪر ڪيل ٽيهن ڏينهن جي عرصي کان پوءِ انهن سڀني سيٽن، جن تي هُو چونڊجي آيو آهي، سواءِ انهيءَ سيٽ جي خالي ٿي وينديون، جنهن تي هُو آخر ۾ چونڊجي آيو آهي يا جيڪڏهن هُو هڪ ئي ڏينهن ۾ هڪ کان وڌيڪ سيٽن تي چونڊجي آيو آهي ته سواءِ انهيءَ سيٽ جي، ٻيون سڀ خالي ٿي وينديون، جنهن تي چونڊ لاءِ سندس نامزدگي آخر ۾ داخل ڪئي ويئي هئي.

سمجهاڻي: ڪو شخص جنهن سان فقرو (2) لاڳو رهي ٿو، ان وقت تائين ڪنهن ايوان يا ڪنهن صوبائي اسيمبليءَ ۾ انهيءَ سيٽ تي، جنهن تي هُو چونڊجي آيو آهي، نه ويهي سگهندو، جيستائين هو پنهنجن سيٽن مان هڪ کان سواءِ ٻين سڀني سيٽن تان استعيفا نه ڏي.

(4) فقري (4) جي تابع، جيڪڏهن ڪنهن ايوان يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جو ڪو ميمبر ڪنهن ٻي سيٽ جو اميدوار ٿئي ته هُو فقري (1) موجب، پنهجي پهرين سيٽ سان گڏ نٿو رکي سگهي ته پوءِ سندس پهرين سيٽ، ٻين سيٽ تي سندس چونڊجي اچڻ تي، خالي ٿي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 224. چونڊ ۽ ضمني چونڊ جو وقت

(1) قومي اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي عام چونڊ، انهيءَ ڏينهن کان سٺ ڏينهن اندر ڪرائي ويندي، جنهن ڏينهن تي اسيمبليءَ جو ميعاد ختم ٿيڻ وارو آهي، سواءِ ان جي ته اسيمبلي ان کان اڳ ٽوڙي وڃي (ختم ڪئي وڃي) ۽ چونڊن جي نتيجن جو اعلان انهيءَ ڏينهن کان وڌ ۾ وڌ چوڏهن ڏينهن جي اندر ڪيو ويندو.

(2) جڏهن قومي اسيمبلي يا ڪا صوبائي اسيمبلي ٽوڙي وڃي ته ان اسيمبليءَ جون عام چونڊون ان جي ختم ٿيڻ کان پوءِ نوي ڏينهن جي اندر ڪرايون وينديون ۽ چونڊن جي نتيجن جا اعلان ووٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ وڌ ۾ وڌ چوڏهن ڏينهن اندر ڪيا ويندا.

(3) سينيٽ جي انهن سيٽن کي پُر ڪرڻ لاءِ سينيٽ جي ميمبرن جي ميعاد ختم ٿيڻ تي خالي ٿيڻ واريون هجن، چونڊون انهيءَ ڏينهن کان جنهن تي سيٽون خالي ٿيڻ واريون هجن، گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن ڏينهن کان پوءِ ڪرايون وينديون.

(4) جڏهن قومي اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي اسيمبليءَ جي ختم ٿيڻ کان ذڪر ڪيل اسيمبليءَ جي ڪا سيٽ انهيءَ اسيمبلي جي ميعاد ختم ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ ويهه ڏينهن پهرين خالي ٿئي ته ان سيٽ کي پُر ڪرڻ لاءِ چونڊ، انهيءَ سيٽ جي خالي ٿيڻ کان سٺ ڏينهن اندر ڪرائي ويندي.

(5) جڏهن سينيٽ ۾ ڪا جاءِ (سيٽ) خالي ٿي وڃي ته ان سيٽ کي پرڻ لاءِ چونڊ، ان جي خالي ٿيڻ کان ٽيهن ڏينهن اندر ڪرائي ويندي.

## 225. چونڊن جا تڪرار

ڪنهن ايوان يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن چونڊ تي اعتراض نه ڪيو ويندو، سواءِ اليڪشن پٽيشن جي ذريعي، جو ڪنهن اهڙي ٽربيونل جي آڏو اهڙي طريقي سان پيش ڪئي ويندي جيڪا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ ذريعي مقرر ڪيو وڃي.

## 226. چونڊ لڪل ووٽ سان ٿيندي

آئين جي هيٺ سڀ چونڊون لڪل ووٽ (راءِ ڏيڻ) جي ذريعي ٿينديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو نائون

## اسلامي ٿهراءُ (قانون)

### 227. قرآن پاڪ ۽ سُنت جي باري ۾ ٺهراءُ

(1) سيئي موجود قانون قرآن پاڪ ۽ سنت ۾ بيان ڪيل اسلامي حڪمن مطابق، جن کي هن حصي ۾ "اسلامي حڪم" جي حوالي سان ياد ڪيو ويو آهي، موافقت ۾ آندا ويندا ۽ ڪوبہ اهڙو قانون پاس (وضع) نہ ڪيو ويندو، جيڪو ذڪر ڪيل اسلامي حڪمن جي ابتڙ هجي.

سمجهاڻي: ڪنهن مسلمان فرقي جي شخصي قانون تي هن فقري جي لاڳو ٿيڻ جو مطلب آهي: عبارت "قرآن ۽ سُنت" ۾ ذڪر ڪيل فقري جي ڪيل سمجهاڻي (تشريح) مطابق "قرآن ۽ سُنت"

(2) فقري (1) جي حڪمن جو فقط اهڙي طريقي سان نفاذ ڪيو ويندو جيڪو هن حصي ۾ بندوبست ڪيل آهي.

(3) هن حصي ۾ ڪابہ شيءِ، غير مسلم شهرين جي شخصي قانونن کي يا شهري هئڻ جي حيثيت ۾، ڪوبہ اثر نہ رکندي.

### 228. اسلامي ڪائونسل جو جُڙڻ وغيره

(1) شروع وارن ڏينهن کان نوي ڏينهن جي مُدي اندر اسلامي نظرياتي ڪائونسل ٺاهي ويندي، جنهن جو هن حصي ۾ اسلامي ڪائونسل طور حوالو ڏنو ويندو.

(2) اسلامي ڪائونسل گهٽ ۾ گهٽ اٺ ۽ وڌ ۾ وڌ ويهن، اهڙن ميمبرن تي مشتمل هوندي، جهڙي طرح صدر انهن شخصن مان مقرر ڪري، جن کي اسلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اصولن ۽ فلسفي جو، جيئن قرآن پاڪ ۽ سُنت ۾ وضاحت ڪئي ويئي آهي، علم هجي يا پاڪستان جي اقتصادي، سياسي، قانوني ۽ انتظامي مسئلن جي پوري ڄاڻ هجي.

(3) اسلامي ڪائونسل جي ميمبرن کي مقرر ڪرڻ وقت، صدر انهيءَ حقيقت جي ضمانت وٺندو:

(الف) جيستائين قابل عمل هجي، ڪائونسل ۾ مختلف مڪاتب فڪر (فرقن) کي نمائندگي حاصل هجي؛

(ب) گهٽ ۾ گهٽ ٻه ميمبر اهڙا شخص هجن جن ۾ هر هڪ سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج هجي يا رهيو هجي؛

(ث) گهٽ ۾ گهٽ چار ميمبر اهڙا هجن، جن ۾ هر هڪ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سالن جي مُدي لاءِ اسلامي تحقيق يا پڙهائڻ جي ڪم سان وابسته رهيو هجي؛ ۽

(د) گهٽ ۾ گهٽ هڪ عورت ميمبر هجي.

(4) صدر اسلامي ڪائونسل جي ميمبرن مان هڪ کي ان جو چيئرمين مقرر ڪندو.

(5) فقري (6) هيٺ اسلامي ڪائونسل جو ڪوبه ميمبر ٽن سالن جي مُدي لاءِ پنهنجي عهدي تي فائز رهندو.

(6) ڪائونسل جو ڪو ميمبر صدر جي نالي پنهنجي هٿ لکيل تحرير سان پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيئي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسلامي ڪائونسل جي سيني ميمبرن جي اڪثريت سان هڪ قرارداد، ڪائونسل جي ڪنهن ميمبر جي برطرفي متعلق منظور ڪئي وڃي ته صدر انهيءَ ميمبر کي برطرف ڪري سگهندو.

## 229. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) طرفان اسلامي ڪائونسل کي ريفرنس

صدر يا ڪنهن صوبي جو گورنر، جيڪڏهن چاهي (گهُري) ته يا جيڪڏهن ڪنهن ايوان يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ٽوٽل ميمبرن جو ٻه ڀاڱي ٽي حصو جيڪڏهن اها گهُر ڪري ته ڪنهن سوال تي ڪو رٿيل قانون اسلام جي حڪمن جي ابتڙ آهي يا غلط آهي، ته اسلامي ڪائونسل کان صلاح (مشورو) ڪيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 230. اسلامي ڪائونسل جا ڪم

(1) اسلامي ڪائونسل جا هي ڪم هوندا:

(الف) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۽ صوبائي اسيمبلين کان اهڙن ذريعن ۽ وسيلن جي سفارش ڪرڻ، جن سان پاڪستان جا مسلمان پنهنجي زندگي شخصي يا گڏيل طور (سماجي) هر لحاظ کان اسلام جي انهن اصولن ۽ خيالن مطابق ڍالڻ جي ترغيب ۽ همت افزائي ڪئي وڃي، جن جو قرآن پاڪ ۽ سُنت ۾ تعين ڪيو ويو آهي؛

(ب) ڪنهن ايوان، ڪنهن صوبائي اسيمبلي، صدر يا گورنر کي ڪنهن اهڙي سوال جي باري ۾ مشورو ڏيڻ، جنهن ۾ ڪائونسل کي انهيءَ بابت رجوع ڪيو ويو هجي ته ڇا ڪو رٿيل قانون اسلامي حڪمن جي ابتڙ آهي يا نه؛

(ث) اهڙيون سفارشون جنهن ۾ هلندڙ قانونن کي اسلامي حڪمن مطابق ڍالڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ اهي مرحلا (ڏاڪا) جن سان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن.

(د) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۽ صوبائي اسيمبلين جي موزون رهنمائي لاءِ اسلام جي اهڙن حڪمن، کي قانوني حيثيت ڏيڻ لاءِ، انهن کي گڏ ڪري لکڻ.

(2) جڏهن آرٽيڪل 229 هيٺ ڪو سوال ڪنهن ايوان، ڪنهن صوبائي اسيمبلي، صدر يا گورنر جي طرف کان اسلامي ڪائونسل کي موڪليو وڃي، ته ڪائونسل ان کان پندرهن ڏينهن اندر، انهيءَ ايوان، اسيمبلي، صدر يا گورنر کي، جيئن به هجي، ان مُدت (مُدي) جو اطلاع ڏيندي جنهن ۾ اُها ذڪر ڪيل مشورو ڏيئي سگهندي.

(3) جڏهن ڪو ايوان، ڪا صوبائي اسيمبلي، صدر يا گورنر جيئن به هجي، اهو خيال ڪري ته عوامي مفاد خاطر رٿيل قانون جي ٺاهڻ ۾ سوال اُٿاريو ويو هو، ته مشوري حاصل هئڻ تائين ان کي ملتوي نه ڪيو وڃي، ته اِن صورت ۾ ذڪر ڪيل قانون مشوري ملڻ کان اڳ ٺاهي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر شرط آهي ته جڏهن ڪو قانون اسلامي ڪائونسل وٽ مشوري لاءِ موڪليو وڃي ۽ ڪائونسل اهو مشورو ڏي ته قانون اسلامي حڪمن جي ابتڙ آهي ته ايوان يا جيئن هجي، صوبائي اسيمبلي، صدر يا گورنر، اهڙي طرح ثاهيل قانون تي وري غور ڪندو.

(4) اسلامي ڪائونسل پنهنجي مقرري ڪان ستن سالن اندر پنهنجي آخري رپورٽ پيش ڪندي. اها رپورٽ عبوري هجي يا آخري، ملڻ ڪان ڇهن مهينن اندر، ٻنهي ايوانن ۽ هر هڪ صوبائي اسيمبلي آڏو بحث لاءِ پيش ڪئي ويندي ۽ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۽ اسيمبلي، رپورٽ تي غور ڪرڻ ڪان پوءِ آخري رپورٽ ڪان پوءِ، ٻن سالن اندر، انهيءَ ڏس ۾ قانون ٺاهيندي.

## 231. طريقي ڪار جا قاعدا

اسلامي ڪائونسل جي ڪارروائي ڪي اهڙن قاعدن موجب ضابطي هيٺ آندو ويندو، جيڪي ڪائونسل، صدر جي مرضيءَ سان وضع ڪري (ٺاهي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو ڏهون

## هنگامي (ضروري) حالتن لاءِ ٺهراءَ

### 232. جنگ، اندروني وڳوڙ وغيره ڪري هنگامي حالتن جو اعلان

(1) جيڪڏهن صدر مطمئن آهي ته اهڙي سنگين هنگامي صورتحال موجود آهي، جنهن ۾ پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي سلامتي، جنگ يا ٻاهرين اڳرائي جي ڪري يا اندروني وڳوڙ سبب، اهڙو خطرو لاحق آهي جنهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ڪنهن صوبائي حڪومت جي اختيار کان ٻاهر آهي، ته هُو هنگامي حالت جو اعلان ڪري سگهندو.

(2) دستور ۾ شامل ڪنهن به شيءِ جي هوندي به، جڏهن هنگامي حالت جي اعلان جو نفاذ آهي:

(الف) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي اختيار رهندو ته هُو ڪنهن صوبي يا ان جي ڪنهن حصي لاءِ، ڪنهن اهڙي معاملي جي باري ۾ قانون ٺاهي، جيڪي وفاقي قانون سازيءَ جي فهرست يا گڏيل قانون سازيءَ جي فهرست ۾ درج نه هجي:

(ب) وفاق جو انتظامي اختيار ڪنهن صوبي کي، انهيءَ طريقي هدايت ڏيڻ جو وس رکندو، جنهن مطابق ان صوبي جي انتظامي اختيار کي استعمال ڪرڻو آهي: ۽

(ٿ) وفاقي حومت فرمان (حڪم) جي ذريعي ڪنهن صوبائي حڪومت جي ڪمن (ڪارگذاري) ۾ سڀ يا ڪي اختيار جيڪي صوبائي اسيمبلي کان سواءِ ان صوبي جي ڪنهن اداري يا اختياري کي حاصل هجن يا ان جي ذريعي استعمال ڪرڻ جهڙا آهن، خود سنڀالي سگهندي يا ان صوبي جي گورنر کي هدايت ڪري سگهندي ته وفاقي حڪومت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان سنيالي ۽ اهڙا اتفاقي ۽ ذيلي حڪم ڪري سگھندي، جيڪي سندس راءِ ۾ اعلان جي مقصدن جي پورائي (تڪميل) لاءِ ضروري يا مناسب ڏسڻ ۾ اچن، انهن ۾ اهڙا حڪم (ٺهراءُ) شامل آهن، جن جي ڪري ان صوبي ۾ ڪنهن اداري يا اختيار جي متعلق (باري ۾) دستور جي ڪنهن ٺهراءُ (حڪم) جو اثر مڪمل طور يا ان جو حصو، معطل ڪري سگھجي.

پر شرط آهي تہ پيرا (ٿ) ۾ ڪابہ شيءِ وفاقي حڪومت کي اهو اختيار نہ ڏيندي جو اها اهڙن اختيارين مان، جيڪي ڪنهن هاءِ ڪورٽ کي حاصل آهن يا جيڪي ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ذريعي استعمال جي قابل آهن، ڪو اختيار پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي ۽ اهو اختيار بہ حاصل نہ رهندو تہ اها دستور جي ڪنهن بہ ٺهراءُ جو اثر، جنهن جو تعلق هاءِ ڪورٽ سان آهي، مڪمل طور يا ان جو حصو معطل ڪري ڇڏي.

(3) ڪنهن صوبي لاءِ ڪنهن معاملي جي باري ۾ بہ قانون ٺاهڻ بابت مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي اختيار ۾ وفاق يا وفاق جي آفيسرن ۽ حڪمن کي ذڪر ڪيل معاملي جي باري ۾ اختياريون ڏيڻ ۽ فرض عائد ڪرڻ يا اختياريون ۽ فرض عائد ڪرڻ جو اختيار شامل هوندو.

(4) هن آرٽيڪل ۾ ڪابہ شيءِ، ڪنهن صوبائي اسيمبليءَ جي ڪنهن اهڙي قانون ٺاهڻ جي اختيار تي پابندي عائد نہ ڪندي، جنهن جي ٺاهڻ جو هُن کي دستور هيٺ اختيار حاصل آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن صوبائي قانون جو ڪو حڪم (ٺهراءُ) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ڪنهن ائڪٽ جي ڪنهن ٺهراءُ جي ابتڙ آهي، جنهن کي ٺاهڻ جو مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي هن آرٽيڪل هيٺ اختيار حاصل آهي تہ پوءِ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو اهو ائڪٽ، پوءِ اهو صوبائي قانون کان پهرين پاس ڪيل هجي يا پوءِ برقرار رهندو، ۽ صوبائي قانون ابتڙ هئڻ جي حد تائين، پر فقط انهيءَ وقت تائين جيستائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ائڪٽ اثر انداز رهي، باطل رهندو (غير قانوني ٿيندو).

(5) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ٺهيل اهڙو ڪوبہ قانون جنهن جي ٺاهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اختيار مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي نه هجي ها جيڪڏهن هنگامي حالت جو اعلان جاري ڪيل نه هجي ها. اعلان جي نافذ العمل نه رهڻ کان ڇهن مهينن کان پوءِ انهيءَ حد تائين اثر وڃائي ڇڏيندو، جنهن حد تائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي ان جي ٺاهڻ جو اختيار نه هو، سواءِ انهن ڪمن جي، جيڪي ذڪر ڪيل مُدت جي ختم ٿيڻ کان اڳ سرانجام ڏنا ويا هجن، يا سرانجام ڏيڻ کان نظر انداز ڪيا ويا هجن.

(6) جڏهن هنگامي حالت جو اعلان نافذالعمل آهي ته مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون ذريعي قومي اسيمبلي جي ميعاد ۾ وڌ ۾ وڌ هڪ سال لاءِ وڌائي سگهي ٿي ۽ اها واڌ ذڪر ڪيل اعلان جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن به صورت ۾ ڇهن مهينن جي مدت کان وڌيڪ نه هوندي.

(7) هنگامي حالتن جو ڪوبه اعلان هڪ گڏيل اجلاس ۾ پيش ڪيو ويندو، جيڪو صدر اعلان جي جاري ڪرڻ کان ٽيهن ڏينهن اندر طلب ڪندو (گهرائيندو)، ۽ اهو-

(الف) ٻن مهينن پوري ٿيڻ کان پوءِ ختم ٿي ويندو، جيستائين انهيءَ عرصي جي ختم ٿي وڃڻ کان اڳ، ان کي گڏيل اجلاس ۾ هڪ قرارداد رستي منظور نه ڪيو وڃي؛ ۽

(ب) پئرا (الف) جي ٺهرائن هيٺ، گڏيل اجلاس ۾ ٻنهي ايوانن جي گڏيل ڪُل ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن سان هڪ اهڙي قرارداد منظور ٿي وڃڻ تي ختم ٿي ويندو (اثر نه رکندو)، جنهن ۾ ان اعلان کي نامنظور ڪيو ويو آهي.

(8) فقري (7) ۾ شامل ڪنهن به ٺهراءَ جي هوندي به، جيڪڏهن قومي اسيمبلي ختم ٿي چڪي آهي، جڏهن هنگامي حالت جو ڪو اعلان جاري ڪيو وڃي ته اهو اعلان چئن مهينن تائين بدستور نافذالعمل رهندو، پر جيڪڏهن اسيمبلي لاءِ عام چونڊون ذڪر ڪيل مُدت (مُدي) پوري ٿيڻ کان پهرين نه ٿيون ڪيون وڃن ته اهو انهيءَ مُدت (مُدي) جي ختم ٿيڻ تي بي اثر ٿي ويندو، جيستائين ان کي سينيٽ جي هڪ قرارداد ذريعي پهرين ئي منظور نه ڪيو ويو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 233. هنگامي حالت دوران (هلندي) بنيادي حقن وغيره جي معطل ڪرڻ جو اختيار

(1) آرٽيڪل 15 کان 19 ۽ 24 ۾ شامل ڪنهن به شيءِ جي هوندي، جڏهن هنگامي حالت جو اعلان نافذالعمل آهي، مملڪت لاءِ، جيئن آرٽيڪل 7 ۾ بيان ڪيل آهي، ڪوبه قانون ناهڻ يا ڪو انتظامي قدم کڻڻ جي اختيار تي، جنهن جي ڪرڻ يا کڻڻ جو حق رکي ها جيڪڏهن ذڪر ڪيل آرٽيڪل ۾ شامل نهراءَ نه هجن ها، پابندي نه وجهندو (عائد ڪندو)، پر هن ريت ناهيل ڪو قانون ان وقت تائين جڏهن ذڪر ڪيل اعلان منسوخ (ختم) ڪيو وڃي يا نافذالعمل نه رهي. انهيءَ جي نااهل هجڻ جي حد تائين اثر انداز نه رهندو ۽ منسوخ ٿيل تصور ڪيو ويندو.

(2) جنهن وقت هنگامي حالت جو اعلان نافذالعمل هجي، صدر حڪم جي ذريعي اعلان ڪري سگهندو ته حصي ٻئي جي باب پهرئين موجب عطا ڪيل (ڏنل) بنيادي حقن متعلق ان جي نفاذ لاءِ، جن جو حڪم ۾ تفصيل ڏنو ويو آهي، ڪنهن عدالت کي رجوع ڪرڻ جو حق ۽ ڪنهن عدالت ۾ ڪنهن ڪارروائي جو، جنهن ۾ حقن مان ڪنهن جي نفاذ لاءِ يا جنهن ۾ انهن حقن مان ڪنهن جي خلاف ورزي جي باري ۾، ڪنهن سوال جو تعين گهربل (مطلوب) هجي، انهيءَ مُدت لاءِ معطل رهندو جنهن جي هلندي ذڪر ڪيل اعلان نافذالعمل رهي ۽ اهڙو ڪوبه حڪم سڄي پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي باري ۾ جاري ڪري سگهجي ٿو.

(3) هن آرٽيڪل هيٺ جاري ڪيل هرڪو حڪم، جيترو جلد ممڪن هجي، گڏيل اجلاس جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو ۽ آرٽيڪل 232 جي فقرن (7) ۽ (8) جا نهراءَ اهڙي حڪم تي انهيءَ طرح لاڳو رهندا جهڙي ريت اهي هنگامي حالت جي اعلان تي لاڳو آهن.

## 234. ڪنهن صوبي ۾ دستوري نظام جي ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ اعلان جاري ڪرڻ جو اختيار

(1) جيڪڏهن صدر، ڪنهن صوبي جي گورنر جي رپورٽ ملڻ تي يا ٻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ مطمئن ٿي وڃي (خاطري ڪري) ته اهڙي صورتحال پيدا ٿي ويئي آهي، جنهن ۾ صوبي جي حڪومت دستور جي حڪمن مطابق نٿي هلائي سگهجي ته صدر کي اختيار هوندو يا جيڪڏهن انهيءَ باري ۾ گڏيل اجلاس ۾ ڪا قرارداد منظور ٿي وڃي ته صدر لاءِ لازم ٿيندو ته اعلان جي ذريعي:

(الف) انهيءَ صوبي جي حڪومت کي سڀ يا ڪي ڪم يا اهڙا سڀ يا ڪي اختيار، جيڪي صوبي کان سواءِ صوبي جي ڪنهن اختياري واري اداري يا اختياري کي حاصل هجن، يا جن جو اهي استعمال ڪري سگهن، خود سنڀالي وٺي (پاڻ کڻي يا هٿ ۾ رکي)، يا صوبي جي گورنر کي هدايت ڏي ته هو صدر جي پاران هٿ ۾ کڻي؛

(ب) اهو اعلان ڪري سگهي ته صوبائي اسيمبليءَ جي اختيارين جو استعمال مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ڪندي يا ان جي حڪم سان ڪيو ويندو؛ ۽

(ٿ) اهڙا اتفاقي ۽ وقتي طور حڪم (نهراءُ) جاري ڪري جن جو صدر، اعلان جي غرض لاءِ ۽ ان کي هٿي ڏيڻ لاءِ، ضروري مناسب خيال ڪري، ان ۾ اهڙا نهراءُ به شامل رهندا، جيڪي صوبي جي ڪنهن اداري يا اختياري متعلق دستور جي ڪنهن حڪم (نهراءُ) تي عمل ۾ آڻڻ جو پوري طرح يا پاڱي طور معطل ڪرڻ جي لاءِ هجن.

پر شرط هي آهي ته هن آرٽيڪل ۾ ذڪر ڪيل ڪا به شيءِ صدر کي انهيءَ جو اختيار نه ڏيندي ته هو انهن اختيارين کي جيڪي ڪنهن هاءِ ڪورٽ کي حاصل هجن، يا جن کي هو استعمال ڪندي هجي، پنهنجي هٿ ۾ کڻي يا صوبي جي گورنر کي هدايت ڪري ته هو سندس پاران ذڪر ڪيل اختيار سنڀالي (هٿ ۾ کڻي)، ۽ نه هو هاءِ ڪورٽ جي باري ۾ دستور جي ڪنهن نهراءُ کي عمل ۾ آڻڻ جو پوري طرح يا پاڱي طور، معطل ڪرڻ جو حق رکندو.

(2) آرٽيڪل 105 جو نهراءُ فقري (1) هيٺ، گورنر سان سندس ڪمن جي بجاآوري متعلق لاڳو نه رهندو.

(3) هن آرٽيڪل هيٺ جاري ڪيل اعلان هڪ گڏيل اجلاس اڳيان پيش ڪيو ويندو، ۽ ٻن مهينن جي مدي گذرڻ تي نافذالعمل نه رهندو، جيستائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر ڪيل مُدي جي گذري وڃڻ کان اڳ ان کي گڏيل اجلاس جي قرارداد رستي منظور نہ ڪيو وڃي ۽ اهڙي ئي قرارداد جي رستي ان کي ايتري وڌيڪ مُدت (مُدي) لاءِ وڌائي سگهبو، جيڪو ٻن مهينن کان مٿي نہ هجي پر اهڙو ڪوبہ اعلان ڪنهن بہ صورت ۾ ڇهن مهينن کان وڌيڪ نافذالعمل نہ رهندو.

(4) فقري (3) ۾ شامل ڪنهن بہ نهراءِ جي هوندي بہ جيڪڏهن قومي اسيمبلي ان وقت ختم ٿي چڪي هجي، جڏهن هن آرٽيڪل هيٺ ڪو اعلان جاري ڪيو وڃي تہ اهو اعلان ٽن مهينن جي مُدي لاءِ بدستور نافذالعمل رهندو، پر اسيمبلي جون عام چونڊون ذڪر ڪيل مُدي پوري ٿيڻ کان اڳ نہ ڪيون ويون هجن، تہ اهو انهيءَ مُدي جي پوري ٿيڻ تي بي اثر (ساقط العمل) ٿي ويندو جيستائين سينيٽ جي هڪ قرارداد جي ذريعي، اڳي ئي منظور نہ ڪيو ويو هجي.

(5) جڏهن هن آرٽيڪل هيٺ جاري ڪيل ڪنهن اعلان جي ذريعي انهيءَ امر جو اعلان ڪيو ويو آهي تہ صوبائي اسيمبليءَ جي اختيارين جو استعمال مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا ان جي اختياري هيٺ ڪيو ويندو تہ:

(الف) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي اختيار رهندو تہ گڏيل اجلاس ۾ صوبائي اسيمبليءَ جي قانون سازيءَ جي اختيار ۾ شامل ڪنهن معاملي جي باري ۾ قانون ٺاهڻ جا اختيار صدر کي ڏنا وڃن؛

(ب) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي گڏيل اجلاس يا صدر کي، جيڪڏهن ان کي پيرا (الف) هيٺ ڏنل هجن، اختيار هوندو تہ وفاق يا ان جي آفيسرن ۽ اختياري ڏنل آفيسرن يا اختيارن کي اختياريون عطا ڪرڻ ۽ فرض عائد ڪرڻ يا اختياريون عطا ڪرڻ ۽ فرض عائد ڪرڻ لاءِ قانون ٺاهڻ جو حق رهندو؛

(ٿ) صدر کي، جڏهن مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو اجلاس نہ ٿيندڙ هجي، اختيار رهندو تہ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي گڏيل اجلاس کان اهڙي خرچ جي منظوري حاصل ٿيڻ تائين، صوبائي مجموعي (گڏيل) فنڊ جي خرچ جي منظوري ڏي، پوءِ اهو خرچ دستور موجب ذڪر ڪيل فنڊ مان واجب الادا هجي يا نہ هجي: ۽

(د) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي گڏيل اجلاس ۾ اهو اختيار رهندو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرارداد رستي پٽرا (ٿ) هيٺ صدر جي طرفان منظور ڪيل خرچ جي اجازت ڏي.

(6) ڪوبہ قانون، جنهن کي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا صدر ٺاهيو هجي، جنهن جي ٺاهڻ جو اختيار مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا صدر کي نہ هجي ها، جيڪڏهن هن آرٽيڪل موجب اعلان جاري ٿيل نہ هجي ها، تہ اهو هن آرٽيڪل هيٺ اعلان جي مُدي ختم ٿيڻ کان ڇهہ مهينا پوءِ، اهل نہ هجڻ جي حد تائين، اثرانداز نہ رهندو، سواءِ انهن شين (معاملن) جي جيڪي ذڪر ڪيل مُدي جي ختم ٿيڻ کان اڳ سرانجام ٿي چڪا آهن يا سرانجام ڏيڻ لاءِ نظرانداز ڪيا ويا آهن (ڇڏي ڏنا ويا هجن).

## 235. هنگامي حالت جي صورت ۾ مالي اعلان

(1) جيڪڏهن صدر کي اطمينان ٿي وڃي تہ اهڙي صورتحال پيدا ٿي ويئي آهي، جنهن ۾ پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي اقتصادي زندگي، مالي استحڪام (مضبوطي) يا ساک (پت) کي ڪو خطرو ٿيو آهي، تہ هُو صوبن جي گورنرن سان يا جيئن بہ هجي، ڪنهن صوبي جي گورنر سان مشوري ڪان پوءِ انهي سلسلي ۾ حڪم (فرمان) جي ذريعي اعلان ڪري سگهندو ۽ جڏهن اهڙو اعلان نافذالعمل ٿي وڃي تہ وفاق جي انتظامي اختيار ڪنهن صوبي کي اهڙي هدايت ڏيڻ تي تہ هو انهن هدايتن ۾ مقررڪيل مالياتي شائستگي (نيتي) جي اصولن تي عمل ڪري ۽ اهڙيون ٻيون هدايتون ڏيڻ تي ڦهليل هونديون، جن کي صدر، پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي اقتصادي زندگي، مالي مضبوطي يا ساک (پت) جي مفاد لاءِ ضروري سمجهي.

(2) دستور ۾ شامل ڪنهن شيءِ هوندي بہ، اهڙين هدايتن ۾ اهڙا نهراءُ (حڪم) بہ شامل ٿي سگهندا، جن ۾ ڪنهن صوبي جي معاملن جي باري ۾ ملازمت (نوڪري) ڪرڻ وارن سيني ماڻهن (فردن) يا انهن جي ڪنهن طبقي جي پگهارن يا الائونسن گهٽائڻ جو حڪم ڏنل هجي.

(3) جڏهن هن آرٽيڪل هيٺ جاري ڪيل ڪو اعلان نافذالعمل آهي تہ صدر، وفاق جي معاملن جي باري ۾ نوڪري ڪندڙ سيني ماڻهن يا انهن جي ڪنهن طبقي جي پگهارن يا الائونسن جي گهٽائڻ جو حڪم جاري ڪري سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) آرٽيڪل 234 جي فقري (3) ۽ (4) جي نهرائن تي هن آرٽيڪل هيٺ جاري ڪيل ڪنهن اعلان سان اهڙي طرح لاڳو رهندا، جهڙي طرح اُهي ذڪر ڪيل آرٽيڪل هيٺ جاري ڪيل اعلان تي لاڳو آهن.

## 236. اعلان جي تنسيخ وغيره

(1) هن حصي هيٺ جاري ڪيل ڪنهن اعلان يا ان کان پوءِ جاري ڪيل (ٻئي) اعلان سان بدلائي يا منسوخ ڪري سگهبو.

(2) هن حصي هيٺ جاري ڪيل ڪنهن اعلان يا ڪيل حڪم جي جائز هجڻ جي باري ۾ ڪنهن به عدالت ۾ ڪوبه سوال نه اُٿاريو ويندو.

## 237. هرجاڻي وغيره لاءِ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون ٺاهي سگهي ٿي

هن دستور ۾ ڪابه شيءِ، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) کي قانون ٺاهڻ کان نه روڪيندي، جنهن ۾ ڪنهن شخص کي جيڪو وفاقي حڪومت يا ڪنهن صوبائي حڪومت جي نوڪري ۾ هجي يا ڪنهن ٻئي شخص کي، ڪنهن اهڙي ڪم لاءِ (بنسبب) هرجاڻو ڀري ڏي، جيڪو پاڪستان جي ڪنهن علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ انهيءَ جي بحاليءَ جي باري ۾ ڪيو ويو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو يارهون

## دستور جي ترميم

### 238. دستور جي ترميم (ڦيرگهير)

هن حصي جي تابع (هيٺ) هن دستور ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ ذريعي ترميم ڪري سگهجي ٿي.

### 239. دستور ۾ ترميمي بل

(1) دستور ۾ ترميم (ڦيرگهير) ڪرڻ جي بل جي شروعات ڪنهن بہ ايوان ۾ ٿي سگهي ٿي ۽ جڏهن ان بل کي ايوان جي ٽوٽل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀاڱي ٽي حصي جي ووٽن سان منظور ڪيو ويو آهي تہ پوءِ اهو ٻئي ايوان ڏانهن موڪليو ويندو.

(2) جيڪڏهن بل کي اُن ايوان جي ڪل (ٽوٽل) ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀاڱي ٽين حصي جي ووٽن سان بنا ترميم جي منظور ڪيو وڃي، جيڪو فقري (1) هيٺ ان کي موڪليو ويو هو تہ ان کي فقري (4) جي تحت هيٺ، صدر کي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(3) جيڪڏهن بل کي ان ايوان جي ٽوٽل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀاڱي ٽي حصي، ترميم سان منظور ڪيو هجي، جيڪو فقري (1) هيٺ ان کي موڪليو ويو هو تہ ان تي اهو ايوان ٻيهر ويچار ڪندو (نظرثاني ڪندو)، جنهن ۾ ان جي شروعات ٿي هئي ۽ جيڪڏهن بل کي ذڪر ڪيل پهرئين ايوان، ان ۾ ترميم ڪري پاس ڪيو آهي تہ ذڪر ڪيل ٻوئين ايوان جي طرفان، ان جي ٽوٽل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀاڱي ٽي حصي جي ووٽن سان منظور ڪيو وڃي تہ پوءِ ان کي فقري (4) جي تحت هيٺ صدر جي منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) دستور جي ترميم جو ڪو بل، جيڪو ڪنهن صوبي جي حدن اندر ڦيرگهير جو اثر رکندڙ هجي، صدر جي منظوريءَ لاءِ تيستائين پيش نه ڪيو ويندو جيستائين ان ڪي ان صوبي جي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جي ڪُل تعداد جي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي ووٽن سان منظور نه ڪيو هجي.

(5) دستور ۾ ڪنهن به ترميم تي ڪنهن عدالت ۾ ڪنهن به سبب ڪري ڪو به سوال نه اُٿاريو ويندو.

(6) شڪ کي ميٽائڻ (ختم ڪرڻ) لاءِ، هن طرح قرار ڏنو وڃي ٿو ته دستور جي شقن ۾ ڪنهن به ترميم (ڦيرگهير) ڪرڻ جي، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي اختيار تي ڪنهن به قسم جي ڪا به پابندي نه آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو ٻارهون

## متفرق (گڏيل سڏيل)

## باب پهريون - نوڪريون

### 240. پاڪستان جي نوڪريءَ ۾ مقرر ٿيڻ ۽ ملازمت جا شرط

دستور جي هيٺ، پاڪستان جي ملازمت (نوڪري) ۾ فردن جو تقرر ۽ ان جي ملازمت جي شرطن جو بندوبست هن ريت ڪيو ويندو:

(الف) وفاق جون نوڪريون، وفاق جي معاملن جي سلسلي ۾ آساميون ۽ ڪُل پاڪستان ملازمتن جي صورت ۾، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ هيٺ يا ان جي وسيلي ٿيندو؛ ۽

(ب) ڪنهن صوبي جي نوڪرين يا ڪنهن صوبي جي معاملن جي سلسلي ۾ آسامين جي صورت ۾، انهيءَ صوبائي اسيمبلي جي ائڪٽ هيٺ يا ان جي ذريعي ٿيندو.

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ ”ڪُل پاڪستان ملازمت“ جو مطلب آهي وفاقي ۽ صوبن جي گڏيل ملازمت، جيڪا شروع واري ڏينهن کان موجود هئي، جنهن کي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ ذريعي پيدا ڪيو وڃي.

### 241. هلندڙ قاعدا جاري رهندا

جيستائين مناسب قانون سازي آرٽيڪل 240 هيٺ ڪئي وڃي، تيستائين شروع واري ڏينهن کان هلندڙ (نافذالعمل) قاعدا ۽ حُڪم، جيستائين اهي دستور جي نهرائن جي مطابق هجن، هلندا (نافذالعمل) رهندا ۽ ان ۾ وفاقي حڪومت يا جيئن هجي، صوبائي حڪومت وقت بوقت ترميم ڪري سگهندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 242. پبلڪ سروس ڪميشن

(1) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) وفاق جي معاملن متعلق ۽ ڪنهن صوبي جي صوبائي اسيمبلي، انهيءَ صوبي جي معاملن بابت قانون جي ذريعي، پبلڪ سروس ڪميشن جي قيام ۽ ان جي تشڪيل لاءِ تهراءِ وضع ڪندي (ٺاهيندي يا بندوبست ڪندي).

(1-الف) وفاق جي معاملن بابت ٺاهيل پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين جو تقرر صدر پنهنجي مرضي مطابق ڪندو.

(2) پبلڪ سروس ڪميشن اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي، جيڪي قانون جي ذريعي مقرر ڪيا وڃن.

# باب پيو- مسلح افواج (فوجون)

## 243. مسلح افواج جي ڪمان

(1) مسلح افواج جي ڪمان ۽ ڪنٽرول وفاقي حڪومت ڪي هوندو:

(1 الف) اڳ ذڪر ڪيل حڪم (تهراءُ) جي عام هجڻ تي اثرانداز هئڻ کان سواءِ، مسلح افواج جي مک ڪمان صدر جي هٿ ۾ هوندي.

(2) صدر کي قانون هيٺ هي اختيار هوندو:

(الف) پاڪستان جي بري، بحري ۽ فضائي (هوائي) فوجن ۽ ذڪر ڪيل فوجن جا محفوظ دستا قائم ڪري ۽ ان کي قائم رکي (سنڀال ڪري)؛

(ب) اهڙين افواج لاءِ ڪميشن عطا ڪري؛ ۽

(ٿ) پنهنجي مرضي مطابق چيئرمين آف جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽي، بري چيف آف اسٽاف ۽ فضائي چيف آف اسٽاف مقرر ڪري ۽ انهن جا پگهار ۽ الائونس مقرر ڪري.

## 244. مسلح افواج جو حلف

مسلح افواج جو هرڪو ميمبر ضميمي ٽئين ۾ ڏنل عبارت ۾ حلف کڻندو.

## 245. مسلح افواج جا ڪم (فرض)

(1) مسلح افواج، وفاقي حڪومت جي هدايتن هيٺ، ٻاهرين اڳرائي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ جي خطري خلاف پاڪستان جو دفاع ڪنديون ۽ قانون هيٺ، سول (شهري) اختيارين جي مدد ۾، جڏهن ائين ڪرڻ لاءِ گهُرايون وڃن، ڪم ڪنديون.

(2) فقري (1) هيٺ وفاقي حڪومت طرفان جاري ڪيل ڪنهن هدايت جو جائز هجڻ يا نه جي باري ۾ ڪنهن به ڪورٽ ۾ ڪو سوال نه اُٿاريو ويندو.

(3) ڪابه هاءِ ڪورٽ، ڪنهن اهڙي علائقي ۾، جتي پاڪستان جي مسلح افواج (فوجون) في الوقت، آرٽيڪل 245 جي تعميل ۾ شهري اختيارين جي مدد لاءِ ڪم ڪندڙ هجن، آرٽيڪل 199 هيٺ دائره اختيار استعمال نه ڪندي.

پر شرط آهي ته هن فقري جو، ان ڏينهن کان عين اڳ، جنهن تي مسلح افواج شهري اختيارين جي مدد ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي، هاءِ ڪورٽ آڏو ڪنهن ڪارروائي جي باري ۾ ان جي دائره اختيار تي اثر انداز نه ٿيندو.

(4) فقري (3) ۾ ڏنل ڪنهن علائقي جي باري ۾ ڪنهن ڪاروائي، جنهن کي انهيءَ ڏينهن يا ان کان پوءِ دائر ڪيل هجي، جڏهن مسلح افواج شهري اختيارين جي مدد ۾ ڪم شروع ڪري ڏنو هجي ۽ جيڪو ڪنهن هاءِ ڪورٽ ۾ رهيل آهي ته (جي رهيو آهي)، انهي عرصي تائين معطل رهندي، جنهن جي هلندي، مسلح افواج انهيءَ طرح ڪم ڪري رهيون آهن.

## باب ٽيون- قبائلي ايراضيون (علائقا)

**246. هن دستور ۾-**

(الف) قبائلي ايراضين مان مطلب آهي پاڪستان جون اهي ايراضيون، جيڪي شروع واري ڏينهن کان هڪدم اڳ، قبائلي ايراضيون هيون ۽ ان ۾ هي شامل آهن:

(i) بلوچستان ۽ اُتر اولهه مغربي سرحدي صوبي جون قبائلي ايراضيون؛ ۽

(ii) امب، چترال، ڊير ۽ سوات جون اڳيون رياستون.

(ب) صوبي جي انتظام هيٺ قبائلي ايراضين جو مطلب آهي:

(i) چترال، ڊير ۽ سوات (جنهن ۾ ڪالام شامل آهي) جا ضلعا (ضلعي ڪوهستان جو قبائلي ايراضي (علائقو)، مالاڪنڊ جو محفوظ علائقو، مانسهره ضلعي سان ڳنڍيل قبائلي ايراضي ۽ امب جي اڳين رياست؛ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) ضلعي زوب، ضلعي لورالائي، تحصيل ڏڪي کان سواءِ) ضلعي چاغي جي تحصيل، دالبندين ۽ ضلعي سبي جون مري ۽ بگٽي ايراضيون؛ ۽

(ث) وفاق جي زيرانتظام قبائلي ايراضين ۾ هي شامل آهن:

(i) ضلع پشاور سان لاڳو قبائلي ايراضيون،

(ii) ضلعي ڪوهاٽ سان لاڳو قبائلي ايراضيون،

(iii) ضلعي بنون سان لاڳو قبائلي ايراضيون،

(iv) ضلعي ديره اسماعيل خان سان لاڳو قبائلي ايراضيون،

(v) باجوڙ ايجنسي

(v الف) اورڪ زئي ايجنسي

(vi) مهمند ايجنسي

(vii) خيبر ايجنسي

(viii) ڪُرم ايجنسي

(ix) اتر وزيرستان ايجنسي

(x) ڏکڻ وزيرستان ايجنسي

## 247. قبائلي ايراضين جو انتظام

(1) دستور جي تابع، وفاق جو انتظامي اختيار مرڪز جي انتظام هيٺ آيل قبائلي ايراضين تي وڌيل رهندو (وسعت رکندو) ۽ ڪنهن صوبي جو انتظامي اختيار ان ۾ شامل صوبي جي انتظام هيٺ، قبائلي ايراضين تي وسعت رکندو.

(2) صدر، وقت بوقت ڪنهن صوبي ۾ شامل ايراضين يا ان جي ڪنهن حصي جي باري ۾ ان صوبي جي گورنر کي اهڙيون هدايتون ڏيئي سگهندو، جيڪي هو ضروري خيال ڪري ۽ گورنر هن آرٽيڪل جي هيٺ پنهنجي ڪمن جي سرانجامي ۾ ذڪر ڪيل هدايتن جي تعميل ڪندو.

(3) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ڪو ائڪٽ وفاق جي انتظام هيٺ ڪنهن قبائلي ايراضي ۽ ان جي ڪنهن حصي تي لاڳو نه رهندو، جيستائين صدر اهڙي نموني جي هدايت نه ڏي ۽ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا صوبائي اسيمبلي جو ڪو ائڪٽ صوبي جي انتظام هيٺ ڪنهن قبائلي ايراضي يا ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪنهن حصي تي لاڳو نہ رهندو، جيستائين ان صوبي جو گورنر جنهن ۾ اها قبائلي ايراضي واقع آهي، صدر جي منظوري سان، ائين هدايت ڪري ۽ ڪنهن قانون جي باري ۾ ڪا اهڙي هدايت ڏيڻ وقت صدر، يا جيئن بہ هجي، گورنر، اها هدايت ڏئي سگهندو تہ اهو قانون ڪنهن قبائلي ايراضي يا ان جي ظاهر ڪيل حصي، جنهن سان اهڙن اعتراضن ۽ ڦيرڦار (ترميمن) سان لاڳو رهندو، جن جي وضاحت انهيءَ هدايت ۾ ڪئي وڃي.

(4) دستور ۾ شامل ڪنهن بہ شيءِ هوندي، صدر، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي قانون سازي جي اختيارين اندر ڪنهن معاملي جي باري ۾ صوبي جي انتظام هيٺ ڪنهن قبائلي ايراضي يا ان جي ڪنهن اهڙي حصي جي لاءِ، جيڪو ان صوبي ۾ واقع آهي، امن امان ۽ سٺي حڪومت جي لاءِ ضابطا وضع ڪري (ٺاهي) سگهي.

(5) دستور ۾ شامل ڪنهن شيءِ جي هوندي بہ، صدر ڪنهن معاملي جي باري ۾ وفاق جي انتظام هيٺ ڪنهن قبائلي علائقي (ايراضي) يا ان جي ڪنهن حصي ۾ امن امان ۽ بهتر (سُٺي) حڪومت لاءِ ضابطا وضع ڪري سگهندو.

(6) صدر ڪنهن بہ وقت، حڪم جي ذريعي هدايت ڏيئي سگهندو تہ ڪو قبائلي علائقو يا ان جو ڪو حصو، قبائلي ايراضي نہ رهندو ۽ ذڪر ڪيل حڪم ۾ اهڙا اتفاقي ۽ اثر رکندڙ حڪم شامل هوندا، جيڪي صدر کي ضروري ۽ مناسب ڏسڻ ۾ اچن.

پر شرط آهي تہ هن فقري هيٺ ڪو حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ صدر اهڙي طريقي سان جيڪي هُو مناسب سمجهي، واسطو رکندڙ قبائلي ايراضي جي عوام جي راءِ، جيئن اها قبائلي جرگي ۾ ظاهر ڪئي وڃي، معلوم ڪندو (پڪ ڪندو).

(7) ڪنهن قبائلي ايراضيءَ جي باري ۾ دستور هيٺ نہ تہ سپريم ڪورٽ ۽ نہ ڪنهن هاءِ ڪورٽ کي ڪو دائره اختيار رهندو جيستائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون موجب ٻي طرح بندوبست ڪري (ٺهراءُ پاس ڪري)، پر شرط هي آهي تہ هن فقري ۾ ڪابہ شيءِ سپريم ڪورٽ يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي دائره اختيار تي اثرانداز نہ رهندي، جيڪا اها شروع ٿيڻ واري ڏينهن کان اڳ استعمال ڪندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب چوٿون- عام

### 248. صدر، گورنر، وزير وغيره جو تحفظ (بچاءُ)

(1) صدر، ڪو گورنر، وزيراعظم، ڪو وفاقي وزير، ڪو وزير مملڪت، وزيراعليٰ ۽ ڪو صوبائي وزير پاڻ سان لاڳو عهدي جي اختيارين استعمال ڪرڻ ۾ انهن ڪمن ڪي ڪرڻ يا جن جو ڪرڻ متشرح هجي، ڪنهن به عدالت آڏو جوابده نه ٿيندا.

پر شرط آهي ته هن فقري ۾ ڪابه شيءِ، ڪنهن ماڻهوءَ ڪي وفاق يا صوبي جي خلاف مناسب قانوني ڪارروايون ڪرڻ جي حق تي پابندي وجهڻ، نه سمجهي ويندي.

(2) صدر يا ڪنهن گورنر جي خلاف، سندس عهدي جي ميعاد هلندي ڪنهن عدالت ۾ ڪي به فوجداري مقدما (ڪيس) داخل نه ڪيا ويندا ۽ نه وري جاري رکيا ويندا.

(3) صدر يا ڪنهن گورنر جي عهدي جي ميعاد اندر ڪنهن عدالت طرفان ان جي گرفتاري يا قيد لاءِ ڪوبه حڪم جاري نه ڪيو ويندو.

(4) صدر يا ڪنهن گورنر جي خلاف، پوءِ اهو عهدو سنڀالڻ کان اڳ يا پوءِ سندس ذاتي حيثيت ۾ ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي باري ۾، هُن جي عهدي جي ميعاد هلندي، (اندر) ڪو ديواني مقدمو جنهن ۾ ان جي خلاف (عيوضو) داد رسي گهُربل هجي، قائم نه ڪيو ويندو جيستائين مقدمو قائم ڪرڻ کان گهٽ ۾ گهٽ سٺ ڏينهن اڳ، هُن کي لکت ۾ نوٽيس نه ڏنو ويو هجي يا قانون جي ذريعي مقرر ڪيل طريقي مطابق نه موڪليو ويو هجي، جنهن ۾ مقدمي جي نوعيت، ڪارروائي جو سبب، انهيءَ ڌر جو نالو، ڪيفيت ۽ رهڻ جي جاءِ، جنهن جي طرفان مقدمو قائم ٿيڻو آهي ۽ دادرسي (معاوضو) جنهن لاءِ اها ڌر دعويٰ ڪري، درج هجي.

### 249. قانوني ڪاروائي

(1) ڪابه قانوني ڪارروائي جيڪا جيڪڏهن دستور نه هجي ها ته ڪنهن اهڙي معاملي بابت، شروع واري ڏينهن کان اڳ، وفاق جي ذميواري هئي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا دستور جي هيٺ، ڪنهن صوبي جي ذميواري ٿي وئي آهي، وفاق جي طرفان يا ان جي خلاف ڪري سگهي ٿي، واسطيدار صوبي جي طرفان يا ان جي خلاف ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن شروع واري ڏينهن کان اڳ ڪا ذڪر ڪيل قانوني ڪارروائي ڪنهن عدالت ۾ هلندڙ هئي، ته ان صورت ۾ ان ڪارروائي ۾ انهيءَ ڏينهن کان، وفاق جي بدران واسطيدار صوبي کي، ان جي جاءِ تي بدليل تصور ڪيو ويندو.

## 250. صدر وغيره جا پگهار، الائونس وغيره

(1) شروع واري ڏينهن کان ٻن سالن جي اندر، صدر، اسپيڪر ۽ قومي اسيمبلي يا صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن ميمبر، سينيٽ جي چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين ۽ ڪنهن ميمبر، وزيراعظم، ڪنهن وفاقي وزير، ڪنهن مملڪتي وزير، (1) ڪنهن وزيراعليٰ، ڪنهن صوبائي وزير ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر جي پگهارن، الائونسن ۽ رعايتن تعين ڪرڻ (حد ٺهرائڻ) لاءِ قانون جي ذريعي ٺهراءُ (پاس) وضع ڪيا ويندا.

(2) جيستائين قانون ذريعي بيا ٺهراءُ وضع ڪيا وڃن:

(الف) صدر، قومي اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر يا ڪنهن ميمبر، ڪنهن وفاقي وزير، وزير مملڪت، ڪنهن وزيراعليٰ، ڪنهن صوبائي وزير ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر جا پگهارَ، الائونس، ۽ رعايتون اهي ئي هونديون، جن جي صدر پاڪستان جي قومي اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، يا ميمبر، ڪنهن وفاقي وزير، ڪنهن وزير مملڪت، (2) ڪو وزيراعليٰ، ڪنهن صوبائي وزير يا جيئن به هجي، چيف اليڪشن ڪمشنر، شروع واري ڏينهن کان اڳ مستحق هئا؛ ۽

(ب) چيئرمين، ڊپٽي چيئرمين، وزيراعظم ۽ سينيٽ جي ڪنهن رڪن جا پگهار، الائونس ۽ رعايتون اهي هونديون جيڪي صدر حڪم ذريعي مقرر ڪندو.

(3) ڪنهن به شخص جو پگهار، الائونس ۽ رعايتون جيڪي هيئين عهدن تي آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) صدر؛
(ب) چيئرمين يا ڊپٽي چيئرمين؛
(ث) قومي اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جو اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر؛
(د) ڪنهن گورنر؛
(ع) چيف اليڪشن ڪمشنر؛ يا
(ف) آڊيٽر جنرل.

تن ۾ ان جي عهدي تي رهندي (جي مُدي هلندي) ان جي مفاد خلاف ڦيرڦار نه ڪئي ويندي.

(4) ڪنهن وقت جڏهن چيئرمين يا اسپيڪر صدر جي جاءِ تي ڪم ڪري رهيو آهي ته هُو به اهڙي پگهار، الائونس ۽ رعايتن جو مستحق هوندو، جنهن جو صدر آهي. پر اهو چيئرمين يا اسپيڪر يا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبر جو ڪوبه ڪم نه ڪندو ۽ نه وري چيئرمين يا اسپيڪر ڪنهن ذڪر ڪيل ميمبر جي پگهار، الائونس يا رعايتن جو مستحق هوندو.

## 251. قومي ٻولي

(1) پاڪستان جي قومي ٻولي اردو آهي ۽ شروع واري ڏينهن کان پندرهن سالن اندر ان کي سرڪاري ۽ ٻين مقصدن جي استعمال ڪرڻ جا انتظام ڪيا ويندا.

(2) فقري (1) هيٺ، انگريزي ٻولي ان وقت تائين سرڪاري مقصدن لاءِ استعمال ڪئي ويندي، جيستائين ان کي اردو ۾ بدلائڻ جا انتظام نه ٿين.

(3) قومي ٻولي جي حيثيت کي متاثر ڪرڻ کان سواءِ، ڪابه صوبائي اسيمبلي، قانون جي ذريعي قومي زبان کان سواءِ ڪنهن صوبائي ٻوليءَ جي تعليم، ترقي ۽ ان جي استعمال لاءِ طريقا تجويز ڪري سگهندي.

## 252. وڏن بندرگاهن ۽ هوائي اڏن جي باري ۾ خاص ٺهراءُ

(1) دستور يا ڪنهن قانون ۾ شامل ڪنهن شيءِ جي هوندي به صدر عام اعلان جي ذريعي، انهيءَ ڳالهه جي هدايت ڏيئي سگهندو، ڪنهن مقرر ڪيل تاريخ کان انهيءَ عرصي تائين جنهن جو ميعاد ٽن مهينن کان وڌيڪ نه هجي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو مقرر ڪيل قانون، پوءِ اهو وفاقي قانون هجي يا صوبائي قانون، مقرر ڪيل وڏي بندرگاهه يا وڏي هوائي اڏي تي لاڳو نہ رهندو يا مقرر ڪيل ڪنهن وڏي بندرگاهه يا وڏي هوائي اڏي تي ظاهر ڪيل پابندين يا ترميمن سان لاڳو رهندو.

(2) هن آرٽيڪل هيٺ ڪنهن قانون جي متعلق ڪنهن هدايت جو جاري ٿيڻ مقرر ڪيل تاريخ کان اڳ هلندڙ، انهيءَ قانون تي اثر انداز نہ ٿيندو.

## 253. ملڪيت (جائداد) جي وڌ ۾ وڌ حد

(1) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون موجب:

(الف) اهڙي ملڪيت يا ان جي ڪنهن قسم جي باري ۾ ڪو شخص ملڪيت جو مالڪ هجڻ، رکڻ، قبضي يا ڪنٽرول ۾ رکڻ، جي وڌ ۾ وڌ حد مقرر ڪري سگهندي؛

(ب) اعلان ڪري سگهندي تہ اهڙي قانون ۾ ظاهر ڪيل ڪو ڪاروبار، واپار، صنعت يا خدمت، وفاقي حڪومت يا ڪنهن صوبائي حڪومت يا اهڙي ڪنهن حڪومت جي نظرداري هيٺ ڪنهن ڪارپوريشن مان، ٻين شخصن کي، پوري طرح يا جزوي طور تي خارج ڪري، پاڻ هلائيندي يا پنهنجي ملڪيت ۾ آڻي سگهندي.

(2) ڪوبہ قانون، جيڪو ڪنهن شخص کي مقرر ڪيل نفعي واري زمين جي ايراضيءَ کان وڌيڪ ايراضي جو مالڪ هجڻ يا قبضي ۾ رکڻ جي اجازت ڏي، جيڪا هو شروع واري ڏينهن کان جائز طور نفعي واري ايراضيءَ کي ملڪيت ۾ يا قبضي ۾ رکي سگهيو ٿي، باطل رهندو.

## 254. مقرر ڪيل وقت اندر گهربل ڪم نہ هئڻ ڪري بہ اثر نہ رهندو

جڏهن ڪو ڪم يا شيءِ، دستور موجب ڪنهن خاص وقت جي اندر پورو ڪرڻ گهربل آهي تہ انهيءَ ڪم يا شيءِ جو ڪرڻ فقط انهيءَ سبب ڪري ڪالعدم نہ (باطل) ٿيندو يا ٻي حالت ۾ بہ اثر نہ رهندو تہ اهو ذڪر ڪيل مُدي اندر نہ ڪيو ويو هو.

## 255. عهدي جو حلف

(1) ڪوبہ حلف جيڪو دستور هيٺ ڪنهن شخص کان ورتو آهي (تہ اهو ترجيح طور اردو) ۾ ورتو ويندو يا ان ٻوليءَ ۾ جنهن کي اهو شخص سمجهندو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) جتي دستور هيٺ، ڪنهن خاص شخص جي سامهون حلف وٺڻ گهربل آهي، ڪنهن سبب ڪري، انهيءَ شخص آڏو حلف کڻڻ ناقابل عمل آهي، ته پوءِ اهڙي شخص جي سامهون حلف کنيو ويندو، جنهن کي ان شخص نامزد ڪيو هجي.

(3) جتي دستور هيٺ، ڪنهن شخص کي عهدي تي چڙهڻ کان اڳ حلف کڻڻ گهُربل آهي ته انهيءَ عهدي تي چڙهڻ انهيءَ ڏينهن کان تصور ڪيو ويندو، جنهن ڏينهن تي هُن حلف کنيو هجي.

## 256. خانگي فوجن جي منع

ڪابه خانگي تنظيم قائم نه ڪئي ويندي جيڪا فوجي تنظيم جي حيثيت ۾، ڪم ڪرڻ جي قابل هجي ۽ اهڙي ڪابه ذڪر ڪيل تنظيم قانون جي خلاف هوندي.

## 257. رياست جمون ۽ ڪشمير بابت ٺهراءُ

جڏهن به رياست جمون ۽ ڪشمير جا ماڻهو پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪن ته پاڪستان ۽ ذڪر ڪيل رياست جي وچ ۾ تعلقات، ذڪر ڪيل رياست جي عوام جي خواهش مطابق متعين ڪيا ويندا.

## 258. صوبن جي ٻاهر علائقن جو نظم ۽ نسق

دستور جي تابع، جيستائين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) قانون جي ذريعي ٻي صورت ۾ ٺهراءُ پاس نه ڪري، صدر، حڪم جي ذريعي، پاڪستان جي ڪنهن اهڙي حصي جي امن امان ۽ سُٺي نظم ۽ نسق لاءِ، جيڪو ڪنهن صوبي جو حصو نه هجي، حڪم صادر ڪري سگهندو.

## 259. ايوارڊ (اعزاز)

(1) ڪوبه شهري وفاقي حڪومت جي منظوريءَ کان سواءِ ڪنهن ٻاهرين رياست (ملڪ) کان ڪوبه خطاب، اعزاز يا اعزازي نشان قبول نه ڪندو.

(2) وفاقي حڪومت يا ڪا صوبائي حڪومت، ڪنهن شهري کي ڪو خطاب، اعزاز يا اعزازي نشان عطا نه ڪندي، پر صدر، وفاقي قانون جي حڪمن مطابق بهادري (مسلح افواج، قابلِ تعريف خدمت)، تعليمي امتياز يا راندين يا نرسنگ جي ميدان ۾ امتياز جي اعتراف جي طور اعزازي نشان عطا ڪري سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) شروع واري ڏينهن کان اڳ، شهرين کي ڪنهن به پاڪستان جي اختياري طرفان عطا ڪيل اُهي سيپيٽي خطاب، اعزاز ۽ اعزازي نشان، سواءِ ان جي جيڪي شجاعت (مسلح افواج ۾ قابل تعريف خدمت) يا تعليمي امتياز جي اعتراف طور ڏنا ويا آهن، رد ٿي ويندا.

## باب پنجون مطلب ٻُڌائڻ (سمجهاڻي)

### 260. سمجهاڻيون

(1) دستور ۾ جيستائين مضمون (عبارت) مان ٻيو (ٻي طرح) مطلب نه نڪري، هيٺئين بيان يا محاوري جي معنيٰ اها رهندي جيڪا هر هڪ لاءِ ترتيب سان هن ريت مقرر ڪئي ويئي آهي، يعني ته:

"مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ" جو مطلب آهي (مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو اهو ائڪٽ جيڪو قومي اسيمبلي منظور ڪيو هجي ۽ صدر ان جي منظوري ڏني هجي يا صدر جي طرفان ان کي منظور ٿيڻ سمجهيو وڃي.

"صوبائي اسيمبلي جو ائڪٽ" جو مطلب آهي، ڪنهن صوبي جي صوبائي اسيمبلي جو منظور ڪيل ۽ گورنر انهيءَ جي منظوري ڏني هجي يا گورنر طرفان ان کي منظور ٿيل سمجهيو وڃي.

"زرعي آمدني" جو مطلب آهي اها زرعي آمدني جنهن کي انڪم ٽئڪس قانون جي مقصدن لاءِ سمجهائي بيان ڪيل آهي.

"آرٽيڪل" جي معنيٰ آهي دستور جو ڪو آرٽيڪل.

"اوڌر وٺڻ" مان مراد آهي ساليانى رقمن جي ذريعي، رقمون حاصل ڪرڻ، شامل آهن ۽ "قرض" (اوڌر) جي معنيٰ به اهڙي طريقي سمجهي ويندي.

"چيئرمين" جي معنيٰ آهي سينيٽ جو چيئرمين ۽ سواءِ آرٽيڪل 49 جي، ان ۾ اهو شخص به شامل آهي، جيڪو عارضي طور سينيٽ جو چيئرمين آهي.

"چيف جسٽس" ۾ سپريم ڪورٽ ۽ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي سلسلي ۾ اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جج شامل آهي، جيڪو وقتي طور (في الوقت) عدالت جي چيف جسٽس طور ڪم ڪري رهيو آهي.

"شهري" جو مطلب آهي اهو شهري جنهن جي قانون ذريعي سمجهاڻي ڏنل آهي.

"فقري" مان ان آرٽيڪل جو فقرو مراد آهي، جنهن ۾ اهو شامل آهي.

"ڪارپوريشن ٽئڪس" جي معنيٰ آهي آمدني تي ڪو ٽئڪس، جيڪو ڪمپنين طرفان واجب الادا هجي ۽ جنهن بابت هيٺيان شرط لاڳو هجن:

(الف) اهو ٽئڪس، جيڪو زرعي آمدني تي نه ورتو وڃي؛

(ب) ڪمپنين طرفان ادا ڪيل ٽئڪس بابت ڪا گهٽتائي، ڪنهن قانون جي ذريعي جيڪو ان ٽئڪس سان لاڳو آهي، ڪمپنين طرفان فردن کي واجب الادا نفعي سان نه ڪئي وڃي؛

(ٿ) آمدني جي محصول جي مقصد لاءِ ذڪر ڪيل نفعي وصول ڪرڻ واري فردن جي ٽوٽل آمدني شمار ڪرڻ يا اهڙن فردن جي طرفان واجب الادا يا انهن کي واپسي جي قابل آمدني ٽئڪس ڪرڻ ۾ اهڙي طرح ادا ڪيل ٽئڪس کي شامل ڪرڻ لاءِ ڪو حڪم (ٺهراءُ) موجود نه هجي.

"قرض" ۾ اها ذميواري شامل آهي، جيڪا ڪنهن رقم جي ساليانيي واپسي جي واجبات متعلق هجي ۽ ان ۾ اها ذميواري به شامل هوندي، جيڪا ڪنهن ضمانت وٺڻ ڪري پيدا ٿي هجي ۽ قرض ۽ "قرضن جي خرچ" جو مطلب انهيءَ لحاظ کان ڪڍيو ويندو.

"ملڪيت تي محصول" معنيٰ اهو محصول، جيڪو اهڙي ملڪيت (جائداد) جيڪا ڪنهن شخص جي وفات تي منتقل ٿي هجي، ان جي قيمت تي يا ان جي حوالي سان، حساب ڪيو وڃي.

"هلندڙ قانون" جي معنيٰ اها ساڳي رهندي، جيڪا آرٽيڪل 268 جي فقري (7) ۾ ڏنل آهي.

"وفاقي قانون" جي معنيٰ آهي ڪو قانون، جيڪو مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا ان جي اختياري هيٺ ٺاهيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مالي سال" جي معنيٰ آهي اهو سال جيڪو پهرين جولاءِ کان شروع ٿئي.

"مال" ۾ سڀ سامان جنسون (وکر)، شيون شامل آهن.

"گورنر" جي معنيٰ آهي ڪنهن صوبي جو گورنر ۽ ان ۾ اهڙو شخص شامل آهي، جيڪو في الوقت (ٿوري وقت لاءِ) ڪنهن صوبي جو گورنر هجي.

"ضمانت" ضمانت ۾ اهي واجبات شامل آهن، جيڪا ڪنهن ڪاروبار جي فائدي مان ڪنهن مقرر ڪيل رقم جي گهٽجي وڃڻ جي صورت ۾ ادائيگي ڪرڻ لاءِ شروع واري ڏينهن کان اڳ قبول ڪيا ويا هجن.

"ايوان" جي معنيٰ آهي سينيٽ يا قومي اسيمبلي.

"گڏيل اجلاس" جي معنيٰ آهي ٻنهي ايوانن جو گڏيل اجلاس.

"جج" سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جي سلسلي ۾ ان عدالت جو چيف جسٽس شامل آهي ۽ ان ۾ هي به شامل آهن:

(الف) سپريم ڪورٽ جي سلسلي ۾ اهو شخص جيڪو عدالت جي قائم مقام جج جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي؛ ۽

(ب) هاءِ ڪورٽ جي سلسلي ۾ اهو شخص، جيڪو عدالت جو واڌو جج هجي.

"مسلح افواج" جي ميمبرن ۾ اهي شخص شامل نه آهن، جيڪي في الوقت مسلح افواج جي ميمبرن متعلق ڪنهن قانون جي تابع نه هجن.

"خالص آمدني" جي معنيٰ آهي ڪنهن ٽئڪس جي ڊيوٽي جي سلسلي ۾ اها آمدني جيڪا وصولي تي خرچ ڪڍڻ کان پوءِ باقي بچي ۽ ان جي جانچ ۽ تصديق، آڊيٽر جنرل جي طرفان ڪئي وڃي.

"حلف" ۾ ساک (اظهار) شامل آهي.

"حصو" معنيٰ دستور جو حصو.

"پينشن" جي معنيٰ آهي پينشن، پوءِ اهو حصو ڏيندڙ هجي يا نه، جيڪا ڪنهن شخص کي يا ان جي بابت ادا ڪئي وڃي ۽ ان ۾ رٽائر ٿيڻ جو پگهار، انعامي رقم (گريجوئيٽي) شامل آهي جيڪا ذڪر ڪيل نموني ادا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي وڃي ۽ ان ۾ اها رقم يا رقمون شامل آهن، جيڪي پراويڊنٽ فنڊ ۾ جمع ڪيل رهين، وياج سان يا بنا وياج يا ڪنهن اضافي (واڌ) سان ذڪر ڪيل نموني تي واپس ادا ڪيا وڃن.

"شخص" ۾ سياسي ۽ اجتماعي ادارا شامل آهن.

"پريزيڊنٽ (صدر)" جي معنيٰ آهي پاڪستان جو صدر، ۽ ان ۾ اهو شخص شامل آهي، جيڪو في الوقت پاڪستان جي قائم مقام صدر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي يا ان جا ڪم سرانجام ڏيئي رهيو آهي يا ڪنهن اهڙي شيءِ جي باري ۾ جنهن جو دستور هيٺ، شروع واري ڏينهن کان اڳ ڪرڻ ضروري هو. اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور هيٺ صدر، مراد آهي.

"ملڪيت" ۾ متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت ۽ حق، حصو، يا مفاد ۽ پڻ پيداوار جا طريقا ۽ وسيلا شامل آهن.

"صوبائي قانون" جي معنيٰ آهي اهو قانون، جيڪو صوبائي اسيمبلي يا ان اختياري هيٺ ٺاهيو ويو هجي.

"لوازمي" ۾ پگهار ۽ پينشن شامل آهي.

"ضميمي" جي معنيٰ آهي دستور جو ضميمو.

"پاڪستان جي سلامتي" ۾ پاڪستان ۽ پاڪستان جي هر حصي جو بچاءُ، فلاح، استحڪام (تڪاءُ ۽ پائيداري) ۽ سالميت شامل آهي، پر ان ۾ عوام جو بچاءُ شامل نہ رهندو.

"پاڪستان جي ملازمت" جي معنيٰ آهي ڪابہ سروس (نوڪري، ملازمت) عهدو يا آفيس، وفاق جي معاملن سان ڳنڍيل يا ڪنهن صوبي سان، ۽ ان ۾ ڪل پاڪستان سروس، مسلح افواج ۽ سروس، ۽ ٻي ڪابہ اهڙي سروس (ملازمت) جيڪا مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جي ائڪٽ موجب پاڪستان جي سروس ظاهر ڪئي ويئي آهي، ۽ ان ۾ اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، چيئرمين، ڊپٽي چيئرمين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزيراعظم وفاقي وزير، وزير مملڪت، وزيراعليٰ، صوبائي وزير، اٽارني جنرل، ائڊووڪيٽ جنرل، پارليامينٽري سيڪريٽري، يا لا ڪميشن جو چيئرمين يا ميمبر، اسلامڪ نظرياتي ڪائونسل جو چيئرمين يا ميمبر، وزيراعظم جو خاص معاون، وزيراعظم جو صلاحڪار، وزيراعليٰ جو خاص معاون، وزيراعليٰ جو صلاحڪار يا ڪنهن ايوان جو ميمبر يا صوبائي اسيمبلي جو ميمبر شامل نه رهندو.

"اسپيڪر" جي معنيٰ آهي قومي اسيمبلي جو اسپيڪر يا صوبائي اسيمبلي جو ۽ ان ۾ اهو شخص شامل آهي جيڪو في الوقت (عارضي طور) اسيمبلي جو اسپيڪر آهي.

"محصولات" ۾ ڪوبه ٽئڪس يا ڊيوٽي شامل آهي، پوءِ اها عام، مقامي يا خاص هجي جيڪا نافذ ڪئي وڃي، ۽ ٽئڪس کي انهيءَ ريت سمجهيو ويندو.

"انڪم (آمدني) ٽئڪس" ۾ وڌيڪ فائدي وارا محصول يا واپار جي نفعي وارا ٽئڪس يا انهن جي نوعيت وارا محصول شامل آهن.

(2) دستور ۾ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ائڪٽ يا وفاقي قانون يا صوبائي اسيمبلي ائڪٽ يا صوبائي قانون ۾ صدر يا جيئن به صورتحال هجي، گورنر جو جاري ڪيل ڪو آرڊيننس شامل هوندو.

(3) دستور ۽ سڀني وضع ڪيل قانونن ۾ ۽ ٻين قانوني دستاويزن ۾ جيستائين عبارت يا مضمون ۾ ڪا شيءِ ابتڙ نه آهي، ته:

(الف) "مسلم" جي معنيٰ آهي اهڙو شخص جيڪو قادر مطلق الله تعاليٰ جي وحدت ۽ هيڪڙائي ۽ خاتم النبيين حضرت محمد ﷺ جي ختم نبوت تي مڪمل ۽ بنا ڪنهن شرط شروط جي ايمان رکندڙ هجي ۽ پيغمبر يا مذهبي سُڌارڪ وانگر ڪنهن اهڙي شخص تي ايمان نه رکندو هجي ۽ نه ان کي مڃيندو هجي، جنهن حضرت محمد ﷺ کان پوءِ انهيءَ لفظ جي ڪنهن به مفهوم يا ڪنهن به سمجهاڻي جي لحاظ کان پيغمبر هجڻ جي دعوي ڪئي هجي يا ڪو دعويٰ ڪري؛ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) "غير مسلم" جي معنيٰ آهي ڪو به اهڙو شخص جو مسلم نه هجي ۽ ان ۾ عيسائي هندو، سک، ٻُڌ، پارسي فرقي سان تعلق رکڻ وارو ڪو شخص، قادياني گروپ يا لاهوري گروپ جيڪي (پاڻ کي احمدي يا ڪنهن ٻئي نالي سان ياد ڪن ٿا) ڪو شخص ڪو ٻَهائي ۽ شيڊول (گهٽ) ذاتين مان ڪنهن سان تعلق رکندڙ ڪو شخص شامل آهي.

## 261. ڪنهن عهدي تي قائم شخص پاڻ کي اڳئين جو جانشين سمجهي

دستور جي مقصدن لاءِ، ڪو شخص ڪنهن عهدي تي قائم رهي، اهو ان شخص کان، جيڪو ڪانئس اڳ ذڪر ڪيل عهدي تي فائز هو، وارث نه سمجهيو ويندو ۽ نه وري ان شخص کي جانشين سمجهيو ويندو، جيڪو ان کان پوءِ ذڪر ڪيل عهدو سنڀالي.

## 262. گريگورين ڪئلينڊر (ٽيپڙو) استعمال ۾ رهندو

دستور جي مقصدن لاءِ ڪنهن به وقت جو حساب گريگورين ڪئلينڊر موجب ڪيو ويندو.

## 263. جنس ۽ تعداد (عدد)

هن دستور ۾:

(الف) اهي لفظ جن ۾ جنس مذڪر جو مفهوم نڪري ٿو تن ۾ جنس مؤنث به شامل سمجهيو ويندو؛

(ب) اهي لفظ جن ۾ عدد واحد جو مفهوم نڪري تن ۾ عدد جمع شامل آهي ۽ اهڙي طرح عدد جمع ۾ عدد واحد.

## 264. رد ٿيل قانونن جو اثر

جڏهن به ڪو قانون هن دستور جي وسيلي يا ان جي حيثيت يا انهيءَ سبب ڪري رد ٿي وڃي يا رد ٿيل تصور ڪيو وڃي ته سواءِ ان جي ته جيئن دستور ۾ ٻي طرح بندوبست ڪيو وڃي، ته ذڪر ڪيل اهڙي تنسيخ (رد ٿيڻ):-

(الف) ڪنهن اهڙي شيءِ کي واپس نه آڻيندي، جيڪا ان وقت نافذ العمل يا موجود نه هئي، جڏهن تنسيخ عمل ۾ آئي؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ذڪر ڪيل قانون جي اڳئين عمل تي يا ان جي هيٺ ڪيل ڪم تي يا برداشت ڪيل ڪنهن نقصان تي اثر نہ رکندي؛

(ث) ذڪر ڪيل قانون جي هيٺ حاصل ڪيل يا ذمي ۾ آيل ڪنهن حق، خاص رعايت، ذميواري ۽ ادائگي تي اثر انداز نہ رهندي؛

(د) ذڪر ڪيل قانون جي خلاف، قانون خلاف ڪيل ڪنهن ڏوهہ ۾ پيل چٽي، ضبطگي، يا سزا تي اثر انداز نہ رهندي؛

(ع) ڪنهن ذڪر ڪيل حق، خاص رعايت، ذميواري، چٽي (ڏنڊ)، ضبطگي يا سزا بابت ڪنهن جانچ، قانوني ڪارروائي يا تدارڪ (اُپاءُ وٺڻ) تي اثر انداز نہ رهندي؛

۽ ذڪر ڪيل ڪا جانچ، قانوني ڪارروائي، يا تدارڪ شروع ڪري، هلائي، نافذ ڪري سگهجي ٿي ۽ ذڪر ڪيل چٽي، ضبطگي يا سزا، اهڙي طرح عائد ڪري سگهبي ڄڻڪ ذڪر ڪيل قانون رد (منسوخ) نہ ڪيو ويو آهي.

## باب ڇهون عنوان، شروعات ۽ تنسيخ

### 265. دستور جو عنوان ۽ شروعات

(1) هي دستور اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو دستور سڏيو ويندو.

(2) فقري (3) ۽ (4) هيٺ، هي دستور چوڏهن آگسٽ 1973ع يا ان کان اڳ ڪنهن اهڙي تاريخ تي نافذ ٿيندو جيڪو صدر سرڪاري گزيٽ ۾ اعلان جي ذريعي مقرر ڪري، دستور ۾ جنهن جو حوالو "شروع وارو ڏينهن" ڏنو ويو آهي.

(3) هي دستور انهيءَ حد تائين جو هيٺين لاءِ ضروري هجي:

(الف) پهرين سينيٽ ٺاهڻ لاءِ؛

(ب) ايوان جي پهرئين اجلاس يا گڏيل اجلاس لاءِ؛

(ث) صدر ۽ وزيراعظم جي چونڊ لاءِ؛

(د) ڪنهن اهڙي ٻي شيءِ لاءِ جنهن جو ڪرڻ شروع واري ڏينهن کان اڳ دستور جي مقصدن لاءِ ضروري آهي.

دستور جي وضع ڪرڻ تي نافذ العمل ٿيندو، پر صدر يا وزيراعظم جي حيثيت ۾ چونڊجي آيل شخص، شروع واري ڏينهن کان اڳ، پنهنجو عهدو نہ سنڀاليندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) جتي دستور جي ذريعي ان حڪم جي نافذ ڪرڻ بابت يا ڪنهن عدالت، يا دفتر (آفيس) جي قيام، ڪنهن جج يا ان جي زيردست ڪنهن آفيسر جي مقرر ٿيڻ متعلق يا ان شخص جي، جنهن جي ذريعي يا ان وقت جڏهن اها جاءِ جتي، يا انهيءَ طريقي متعلق، جنهن ڪان، اهڙي ڪنهن حڪم هيٺ، ڪجھ ڪرايو وڃي، قاعدا ٺاهڻ يا حڪم (ٺهراءُ) صادر ڪرڻ جيڪو اختيار سونپيو وڃي، ته اهو اختيار دستور جي وضع هئڻ ۾ ان جي نافذ ٿيڻ جي شروعات جي وچ ۾ ڪنهن وقت به استعمال ڪري سگھجي ٿو.

## 266. منسوخي

اسلامي جمهوريت پاڪستان جو عبوري دستور انهن جا ائڪٽ ۾ صدر جا حڪمَ، جن جي ذريعي ڪڍڻ، ڳنڍڻ، ڦيرڦار، يا ترميمون ڪيون ويون، هن ذريعي رد ڪيا وڃن ٿا.

## باب ستون - عبوري

## 267. مشڪلات کي هٽائڻ لاءِ صدر جا اختيارات

(1) شروع واري ڏينهن کان اڳ يا شروع واري ڏينهن کان ٽن مهينن جي مُدي ختم ٿيڻ کان اڳ، ڪنهن به وقت، صدر، ڪنهن مشڪلات کي هٽائڻ لاءِ، يا دستور جي ٺهرائن کي مؤثر طور عمل ۾ آڻڻ لاءِ، حڪم جي ذريعي، هدايت ڏيئي سگھندو ته ان دستور جا ٺهراءُ، انهيءَ مُدي جي هلندي جنهن جي ان حڪم ۾ وضاحت ڪيل هجي، اهڙي موافقت هيٺ، اثر انداز رهندا، پوءِ اهي ڦيرگھير جي ذريعي هجن يا واڌ يا ڪڍي ڇڏڻ ذريعي، جهڙي طرح هُو ضروري ۽ مصلحت موجب سمجھي.

(2) فقري (1) هيٺ صادر ڪيل ڪو به حڪم، بنا ڪنهن غير ضروري دير جي ٻنهي ايوانن آڏو پيش ڪيو ويندو ۽ اوستائين نافذالعمل رهندو جيستائين هرهڪ ايوان ان کي نامنظور ڪرڻ جي قرارداد منظور نہ ڪري، يا ٻنهي ايوانن ۾ اختلاف جي حالت ۾، ان وقت تائين جيستائين اهڙي قرارداد گڏيل اجلاس ۾ منظور نہ ٿي وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 268. ڪن قانونن جو جاري رهڻ ۽ موافقت ۾ آڻڻ

(1) جيڪي هن آرٽيڪل ۾ ڏنو ويو آهي، ان کان سواءِ، دستور هيٺ سڀ هلندڙ قانون، جنهن حد تائين اهي لاڳو ٿيڻ جي قابل هجن، ضروري موافقتن سان ان وقت تائين معمول موجب نافذ رهندا جيستائين مناسب قانون سازي جي وسيلي انهن ۾ قيرقار آڻڻ، رد ڪرڻ لاءِ ترميم نٿي آندي وڃي.

(2) ضميمي 6 ۾ ظاهر ڪيل قانون ۾ ردوبدل، انهن جي تنسيخ يا ترميم، صدر جي اڳواٽ منظوريءَ کان سواءِ نه ڪئي ويندي.

(3) ڪنهن هلندڙ قانون جي نهرائن کي (هن دستور جي ٻئي حصي کان سواءِ) دستور جي نهرائن سان موافقت ۾ آڻڻ جي غرض سان، شروع واري ڏينهن کان ٻن سالن جي مُدي اندر، صدر، حڪم جي ذريعي، پوءِ اهو ترميم، واڌ، يا حذف ڪري، اهڙي طرح موافقت ۾ آڻي سگهندو جيڪي هُو ضروري يا مصلحت تصور ڪري ۽ اهڙي طرح صادر ٿيل ڪو فرمان اهڙي تاريخ کان نافذالعمل ٿيندو جيڪو شروع واري ڏينهن کان اڳ جو نه هجي ۽ جيئن ان جو اظهار جاري ڪيل حڪم ۾ ڪيو وڃي.

(4) صدر ڪنهن به صوبي جي گورنر کي انهيءَ صوبي جي سلسلي ۾ انهن قانونن بابت، جن لاءِ صوبائي اسيمبلي کي قانون ناهڻ جو اختيار آهي، انهن اختيارين جي استعمال ڪرڻ جو حق رهندو، جيڪي صدر کي فقري (3) جي مطابق عطا ڪيا ويا آهن.

(5) فقري (3) ۽ (4) هيٺ استعمال جي قابل اختياريون تعلق رکندڙ قانون سازجي ڪنهن ائڪٽ جي نهرائن جي تابع هوندا.

(6) ڪابه اهڙي عدالت، ٽربيونل يا اختياري جنهن کي هاڻوڪي قانون جي نفاذ جو حڪم يا اختيار ڏنل هجي، هن ڳالهه جي هوندي ته فقري (3) يا فقري (4) هيٺ جاري ڪيل ڪنهن حڪم جي ذريعي، ذڪر ڪيل قانون ۾ ڪا موافقت نه ڪئي وئي آهي، ان قانون جي سمجهاڻي اهڙن سيني موافقتن سان ڪندي، جيڪي ان کي دستور جي نهرائن سان موافقت ۾ آڻڻ لاءِ ضروري هجن.

(7) هن آرٽيڪل ۾ هلندڙ قانونن مان مراد آهي اهي سڀ قانون جنهن ۾ آرڊيننس، ڪائونسل ۾ ڪيل حڪم، قاعدا، پيٽي قاعدا، ضابطا، ليٽرس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽئينٽ، جيڪا هاءِ ڪورٽ جو قيام آڻي، پڌرناما، يا ٻيا نافذالعمل قانوني دستاويز شامل آهن، جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ پاڪستان ۾، پاڪستان جي ڪنهن حصي ۾ نافذالعمل آهن يا اهي ملڪ جي ٻاهر به جائز سمجهيا وڃن.

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ ڪنهن قانون جي سلسلي ۾ نافذالعمل جو مطلب آهي، اهو قانون، جيڪو قانون جو اثر رکندڙ هجي، پوءِ اهو عمل ۾ آندو ويو هجي يا نه.

## 269. قانون ۽ ائڪٽن جو جائز قرار ڏيڻ

(1) ويهين ڊسمبر سن هڪ هزار نَو سئو ايڪهتر ۽ ويهين اپريل سن هڪ هزار نَو سئو ٻاهتر (جنهن ۾ ٻئي ڏينهن شامل آهن) جي هلندي جاري ڪيل سڀ پڌرناما، صدر جا حڪم، مارشل لاء جا ضابطا، مارشل لاء جا حڪم، ۽ ٻين سڀني قانونن جي باري ۾ هن وسيلي اعلان ڪيو وڃي ٿو ته ڪنهن عدالت جي ڪنهن فيصلي هوندي به اهي اختياري ڏنل، اختياري طرفان جائز طور جاري ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪنهن به سبب ڪري، ڪنهن عدالت ۾ ڪو سوال نه اُٿاريو ويندو.

(2) ڪنهن اختياري يا ڪنهن شخص طرفان وضع ڪيل سڀئي حڪم، ڪيل ڪارروايون يا ڪيل ڪم، جيڪي ويهين ڊسمبر سن هڪ هزار نَو سئو ايڪهتر ۽ ويهين اپريل سن هڪ هزار نَو سو ٻاهتر (جنهن ۾ ٻئي ڏينهن شامل آهن)، جي وچ ۾ صدر جي ڪنهن حڪم، مارشل لا جا ضابطا، مارشل لاءَ جا حڪم، ناهيل قانون، پڌرناما، قاعدا، حڪم، پيٽي قاعدا يا حڪمن جي تعميل يا مٿي ذڪر ڪيل اختيارين جي استعمال ۾ ڪنهن اختياري طرفان وضع ڪيل حڪم يا مڙهيل سزائون جي تعميل ۾ وضع ڪيا ويا، ڪيون ويون هيون يا ڪيا ويا آهن، يا جن جو وضع ڪري ڇڏڻ، وضع ڪرڻ يا ڪيل سمجهڻ، ڪنهن عدالت جي ڪنهن فيصلي هوندي به جائز طور تي ۽ هميشه کان جائز طور وضع ڪري ڇڏڻ، وضع ڪرڻ يا ڪيل سمجهيا ويندا ۽ انهن تي ڪنهن به سبب ڪري ڪنهن عدالت ۾ ڪو سوال نه اُٿاريو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) ڪنهن به اختياري يا ڪنهن شخص خلاف ڪنهن به وضع ڪيل حڪم، ڪيل ڪارروائي يا ڪيل ڪم لاءِ يا انهيءَ سبب ڪري يا ان جي باري ۾ اُهي فقري (3) ۾ ظاهر ڪيل اختيارن جي هيٺ ڪيا ويا آهن يا اهڙين اختيارين هيٺ ڪنهن حڪم يا سزا پاس ٿيڻ جي تعميل ۾ هجن، ڪابه دعويٰ يا ڪارروائي ڪنهن به ڪورٽ ۾ داخل نه ڪئي ويندي.

## 270. ڪن قانونن جي عارضي بحالي

(1) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) وفاقي قانون سازيءَ جي لسٽ (فهرست) جي ٻنهي حصي ۾ شامل ڪنهن به ڳالهه جي لاءِ قانون سازيءَ جي مقرر ڪيل طريقي مطابق ٺاهيل قانون جي ذريعي پنجويهين مارچ سن هڪ هزار نَو سئو اوڻهتر ۽ اوٽيهين ڊسمبر سن هزار نَو سئو ايڪهتر (جنهن ۾ ٻئي ڏينهن شامل آهن) جي وچ ۾ وضع ڪيل سڀ اعلان، صدر جا حڪم، مارشل لاء جا ضابطا، مارشل لاء جا حڪم ۽ ٻين قانونن جي بحالي ڪري سگهي ٿي.

(2) ڪنهن به عدالت جي فيصلي هوندي به فقري (1) هيٺ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ٺاهيل ڪنهن قانون تي ڪنهن به عدالت ۾ ڪنهن به سبب ڪري ڪوبه سوال نه اُٿاريو ويندو.

(3) فقري (1) جي ٺهرائڻ ۽ ڪنهن عدالت جي ان جي خلاف ڪيل فيصلي جي هوندي به، شروع واري ڏينهن کان ٻن سالن لاءِ اهڙا سڀ دستاويز جن جو حوالو فقري (1) ۾ ڏنو ويو آهي، تن جي بحالي تي ڪنهن به عدالت ۾ ڪنهن سبب ڪري، ڪوبه سوال نه اٿاريو ويندو.

(4) ڪنهن به اختياري يا ڪنهن شخص طرفان سڀ وضع ڪيل حڪم، ڪيل ڪارروايون ۽ ڪيل ڪم، جيڪي پنجويهين مارچ سن هڪ هزار نَو سئو اوڻهتر ۽ اوٽيهه ڊسمبر سن هڪ هزار نَو سئو ايڪهتر (ٻئي ڏينهن شامل) جي وچ ۾ صدر جي حڪمن، مارشل لاء جا ضابطا، مارشل لاء جا حڪم، پاس ڪيل قانون، پڌرناما، قاعدا، حڪم، پيٽي قاعدن مان حاصل ڪيل اختيارين جي استعمال ۾ يا ذڪر ڪيل مٿين اختيارين جي استعمال ۾ ڪنهن اختياري طرفان وضع ڪيل (ٺاهيل) حڪم يا صادر ڪيل سزائن جي تعميل ۾ وضع ڪيا ويا هئا، ڪيون ويون هيون يا جن جو وضع ڪيو وڃڻ، ٿي وڃڻ يا ائين سمجهڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن عدالت ۾ ڪنهن فيصلي هوندي به جائز طور تي، هميشه لاءِ جائز طور وضع ٿيل، ڪئي ويئي يا ڪيا ويا، سمجهيا ويندا. ان هوندي به اهڙي ڪنهن حڪم، ڪنهن ڪارروائي يا ڪم کي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) شروع وارن ڏينهن کان ٻن سالن جي عرصي اندر، ڪنهن وقت به ٻنهي ايوانن جي قرارداد جي ذريعي يا ٻنهي ايوانن جي وچ ۾، اتفاق نه هئڻ جي صورت ۾، ڪنهن اهڙي قرارداد جي ذريعي جيڪا گڏيل اجلاس ۾ منظور ڪئي وڃي، ناجائز قرار ڏيئي سگهي ٿي، پڻ ان تي ڪنهن عدالت جي سامهون ڪنهن به سبب جي ڪري، پوءِ اهو ڇا به هجي، ڪو سوال نه اُٿاريو ويندو.

## A.270. صدارتي حڪمن جي پُٺڀرائي (صحيح ڪرڻ)

پنجين جولاءِ 1977ع جي اعلان، صدر طرفان جاري ڪيل سڀ حڪم، آرڊيننس، مارشل لاء جا ضابطا، مارشل لاء جا حڪم: جنهن ۾ 1984ع وارو ريفرنڊم شامل آهي (صدر جو حڪم نمبر 11 سال 1984ع)، جنهن جي ٿيٺ اوڻيهين ڊسمبر 1984ع تي ڪرايل ريفرينڊم جي نتيجي سبب، جنرل محمد ضياءُ الحق مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي گڏيل اجلاس جي پهرئين اجلاس جي تاريخ کان آرٽيڪل 41 جي فقري (7) ۾ ظاهر ڪيل مُدت لاءِ پاڪستان جو صدر بڻجي ويو. 1973ع جي دستور جي بحاليءَ جو حڪم، 1985 (صدر جو فرمان نمبر 14، سال 1985ع)، دستور جو حڪم (ٻي ترميم)، سال 1985ع (صدر جو حڪم نمبر 20، 1985ع)، دستور جو حڪم (ٽين ترميم) 1985ع (صدر جو حڪم نمبر 24، سال 1985ع) ۽ ٻيا سڀ قانون جيڪي 5 جولاءِ 1977ع ۽ هن تاريخ جي وچ ۾ وضع ڪيا ويا آهن ۽ جن تي هي آرٽيڪل نافذالعمل هجي، هن ذريعي تصديق ڪيا وڃن ٿا، انهن کي تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ اعلان ڪيو وڃي ٿو ته اُهي ڪنهن عدالت جي ڪنهن فيصلي هوندي به، اختياري وارن طرفان جائز طور وضع ڪيا ويا آهن ۽ دستور ۾ شامل ڪنهن به شيءِ هوندي به، انهن تي ڪنهن عدالت ۾ ڪنهن به سبب ڪري ڪو به سوال نه اُٿاريو ويندو.

پر شرط آهي ته 30 سيپٽمبر 1985ع کان پوءِ وضع ڪيل صدر جو ڪو به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪم، مارشل لاء جو ضابطو يا مارشل لاء جو حڪم، فقط اهڙن نهرائن وضع ڪرڻ (ناهڻ) تائين محدود رهندو، جيڪي 5 جولاءِ 1977ع جي اعلان جي تنسيخ سان متفق هجن يا ان سان لاڳو هجن.

(2) ڪنهن اختياري يا ڪنهن شخص طرفان، سيئي وضع ڪيل حڪم، ڪيل ڪارروايون ۽ ڪيل ڪم جيڪي 5 جولاءِ 1977ع ۽ هن تاريخ جي وچ ۾ جنهن تي هي آرٽيڪل نافذالعمل هجي، ڪنهن اعلان، صدر جي حڪمن، آرڊيننس، مارشل لاء جا ضابطا، مارشل لاء جا حڪم، ناهيل قانون، پڌرناما، قاعدا، حڪم، پيٽي قاعدن، مان حاصل ڪيل اختيارين جي استعمال ۾، يا مٿي ذڪر ڪيل اختيارين جي استعمال ۾ ڪنهن اختياري طرفان وضع ڪيل حڪمن يا ڏنل سزائن جي تعميل ۾ وضع ڪيا ويا هئا، ڪيون ويون هيون يا جن جو ڪرڻ يا ڪيو وڃڻ يا ڪرڻ سمجهيو وڃي، ڪنهن عدالت جي ڪنهن به فيصلي جي هوندي به جائز طور تي، ۽ هميشه جائز طرح وضع ٿيل، ڪيل يا ڪئي وئي هجي، تصور ڪيا ويندا ۽ انهن تي ڪنهن به عدالت ۾ ڪنهن به سبب ڪري ڪوبه سوال نه اُٿاريو ويندو.

(3) صدر جا سڀ حڪم، مارشل لاء جا ضابطا، مارشل لاء جا حڪم، ناهيل قانون، پڌرناما، قاعدا، حڪم يا پيٽي قاعدا، جيڪي هن تاريخ کان بلڪل اڳ نافذالعمل هجن، جنهن تي هي آرٽيڪل نافذالعمل هجي، نافذالعمل رهندا، جيستائين ڪا جوڳي اختياري انهن کي بدلائي، رد ڪري يا ترميم ڪري.

سمجهاڻي: هن فقري ۾ ”جوڳي اختياري“ جي معنيٰ آهي:

(الف) صدر جي حڪمن، آرڊيننس، مارشل لاء جا ضابطا، مارشل لاء جا حڪم، ناهيل قانون، مناسب قانون ساز (مراد آهي)؛ ۽

(ب) پڌرناما، قاعدا، حڪم، پيٽي قاعدن بابت اها اختياري جنهن کي قانون هيٺ، انهن کي وضع ڪرڻ، بدلائڻ، رد ڪرڻ يا ترميم ڪرڻ جو اختيار هجي.

(4) ڪنهن جوڳي اختيار يا ڪنهن شخص خلاف ڪنهن وضع ڪيل حڪم ڪيل ڪارروائي، ڪيل ڪمن لاءِ يا ان جي سبب ڪري يا ان جي باري ۾ پوءِ اهي فقري (2) ۾ بيان ڪيل اختيارين يا گهربل استعمال ۾ هجن يا ذڪر ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختيارين جي استعمال يا ڳُڙبل استعمال ۾ وضع ڪيل حڪم يا مڙهيل سزائن جي پورائي يا تعميل ۾ هجن، ڪنهن عدالت ۾ ڪابہ دعوي، مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ڪري سگهبي.

(5) فقري (1)، (2) ۽ (4) جي مقصدن لاءِ، ڪنهن جوڳي اختياري يا شخص جي طرفان سيني وضع ڪيل حڪمن ڪيل ڪارروايں، ڪيل ڪمن يا جن جو وضع ڪرڻ يا ڪرائڻ، سمجهيل هجي، نيڪ نيتيءَ سان ۽ انهيءَ مقصد سان جنهن ڪي پورو ڪرڻ انهن جي معرفت ڳُڙبل هو، وضع ڪيل ورتل، ڪيو ويو، تصور ڪيو ويندو.

(6) فقري (1) ۾ بيان ڪيل صدر جي اهڙن حڪمن جن جو تفصيل ضميمي ستين ۾ ڏنو ويو آهي، اهڙي طريقي سان ترميم ڪري سگهبو جيڪو دستور جي ترميم لاءِ مقرر ڪيل آهي ۽ ذڪر ڪيل فقري ۾ بيان ڪيل ٻيا سڀ قانون، مناسب قانون ساز طرفان اهڙي طريقي سان ترميم ڪري سگهبا، جيڪي ذڪر ڪيل قانونن جي ترميم لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن.

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ صدر جي حڪمن ۾ صدر، چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جا حڪم ۽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جا حڪم شامل آهن.

## B.270. اليڪشنون دستور جي تابع (هيٺ) ڪيل سمجهيون وينديون

دستور ۾ شامل ڪنهن نهراءُ جي هوندي بہ، ايوانن (پارليامينٽ) ۽ صوبائي اسيمبلين (اليڪشن) آرڊر 1977 هيٺ، ايوانن (پارليامينٽ) ۽ صوبائي اسيمبلين جون ڪيل چونڊون، دستور هيٺ ڪرايل سمجهيون وينديون ۽ اهي ان موجب اثرانداز رهنديون.

## 271. پهرين قومي اسيمبلي

دستور ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي شامل هوندي، پر آرٽيڪل 63، آرٽيڪل 64 ۽ آرٽيڪل 223 جي هيٺ:

(الف) پهرين قومي اسيمبلي ۾ هي شامل هوندا:

(i) اُهي شخص جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ، پاڪستان جي موجود قومي اسيمبلي ۾ حلف کڻي چڪا آهن: ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) اهي شخص جيڪي آرٽيڪل 51 جي فقري 2 (الف) موجب اسيمبلي جي ميمبرن هٿان چونڊن رستي، سيٽن (جاين) ڪي پرڻ لاءِ قانون موجب چونڊجي اچن.

۽ جيستائين ان ڪان اڳ ٽوڙيو نه وڃي اها، 14 آگسٽ سن اوڻيهه سو ستهتر تائين برقرار رهندي ۽ دستور ۾ قومي اسيمبلي جي ٽوٽل ميمبرشپ جي حوالي سان انهيءَ طور سمجهي ويندي.

(ب) پهرين قومي اسيمبلي جي ميمبر چونڊجي اچڻ ۽ رهڻ جي لاءِ اهليتن ۽ نااهليتن، سواءِ شروع واري ڏينهن کان پوءِ، اتفاقي طور خالي ٿيندڙ سيٽن کي پرڻ لاءِ، يا آرٽيڪل 51 جي فقري 2 (الف) ۾ ظاهر ڪيل وڏيڪ سيٽن لاءِ چونڊجي آيل ميمبرن جون اهي ئي هونديون، جيڪي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور هيٺ مقرر ڪيون ويون هيون.

پر شرط آهي ته پاڪستان جي نوڪري (ملازمت) ۾ ڪنهن نفعي واري عهدي تي فائز ڪو شخص، شروع واري ڏينهن کان ٽن مهينن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ پهرين قومي اسيمبلي جو ميمبر برقرار نه رهندو.

(2) جيڪڏهن فقري (1) جي پئرا الف ۾ بيان ڪيل (حوالو ڏنل) ڪو شخص، شروع واري ڏينهن کان اڳ ڪنهن صوبائي اسيمبليءَ جو به ميمبر هجي ته هو قومي اسيمبلي، صوبائي اسيمبلي جي ڪابه سيٽ نه سنڀاليندو جيستائين هُو پنهنجي ڪنهن به هڪ سيٽ تان استعيفا نه ڏئي.

(3) پهرين قومي اسيمبلي ۾، ڪنهن ميمبر جي وفات يا استعيفا جيڪري يا هُن جي نااهل هئڻ جي نتيجي ۾ يا ڪنهن انتخابي عذرداري جي حتمي فيصلي سبب، ميمبر نه هئڻ ڪري، اتفاقي طور خالي ٿيڻ واري ڪنهن سيٽ کي، جنهن ۾ شروع واري ڏينهن کان اڳ موجود پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي ڪنهن اهڙي خالي سيٽ به شامل آهي، جيڪا ان ڏينهن کان اڳ پري نه ويئي هئي، انهيءَ طريقي سان پري سگهبي، جنهن طريقي سان اها شروع واري ڏينهن کان اڳ پري وڃي ها.

(4) فقري (1) جي پئرا (الف) ۾ بيان ڪيل ڪو شخص قومي اسيمبليءَ ۾ نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهندو، نه ووٽ ڏيندو جيستائين هُن آرٽيڪل 65 هيٺ مقرر ڪيل حلف نه کنيو هجي ۽ جيڪڏهن ظاهر ڪيل معقول سبب ڪري، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان ڏنل اجازت کان سواءِ، هو اسيمبلي جي پهرئين اجلاس جي ڏينهن کان، ايڪيهه ڏينهن اندر حلف کڻڻ کان قاصر رهي، ته انهيءَ مدت جي پوري ٿيڻ تي، هُن جي سيٽ خالي ٿي ويندي.

## 272. پهرين سينيٽ جو قيام

دستور ۾ شامل ڪنهن به شيءِ هوندي به، پر آرٽيڪل 63 ۽ آرٽيڪل 223 جي تابع-

(الف) سينيٽ، دستور جي هيٺ، پهرين قومي اسيمبلي جي وجود برقرار رهڻ تائين، پنجيتاليهن ميمبرن تي مشتمل هوندي ۽ آرٽيڪل 59 جا نهراۓاهڙي طرح اثرانداز هوندا جڏهن انهيءَ جي فقري (1) جي پيرا (الف) ۾ لفظ "چوڏهن" جي بدران لفظ "ڏهه" ۾ ذڪر ڪيل فقري جي پيرا (ب) ۾ لفظ "پنج" جي بدران "ٽي" بدلايا ويا هجن ۽ دستور ۾ سينيٽ جي ڪُل ميمبرن جو حوالو انهيءَ موجب سمجهيو ويندو؛

(ب) سينيٽ جي چوندجي آيل ۽ چوندبيل ميمبرن ڪي قرعه اندازي جي ذريعي ٻن گروپن (ٽولن) ۾ ورهايو ويندو، پهرئين گروپ ۾ هر هڪ صوبي جا پنج ميمبر، وفاق جي انتظام هيٺ قبائلي ايراضين مان به ميمبر ۽ وفاقي دارالحڪومت مان هڪ ميمبر شامل هوندو ۽ ٻئي گروپ ۾ هر هڪ صوبي جا پنج ميمبر، ذڪر ڪيل ايراضين مان هڪ ميمبر ۽ وفاقي دارالحڪومت مان هڪ رڪن شامل هوندو؛

(ث) پهرئين گروپ ۽ ٻئي گروپ جي ميمبرن جي عهدي جو ميعاد ترتيب وار ٻه سال ۽ چار سال هوندي؛

(د) سينيٽ جي ميمبرن جي پنهنجي پنهنجي ميعاد ختم ٿيڻ کان پوءِ انهن جي جاءِ تي چوندجي آيل يا چوند ٿيل ميمبرن جي عهدي جو معياد چار سال هوندو؛

(ع) اتفاقي طور خالي ٿيڻ واري جاءِ پرڻ لاءِ چوندجي آيل يا چوند ٿيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص جي عهدي جو ميعاد، انهيءَ ميمبر جي باقي رهيل عهدي جي ميعاد جيتري هوندي، جنهن جي جاءِ کي پرڻ لاءِ هُو چونڊجي آيو آهي يا چونڊيل آهي:

(ف) قومي اسيمبلي جي پهرين عام چونڊ ٿيندي ئي، سينيٽ جي هر هڪ صوبي مان چار وڌيڪ ميمبر ۽ وفاق هيٺ زيرِانتظام علائقن مان ٻه وڌيڪ ميمبر چونڊيا ويندا: ۽

(گ) پيرا (د) هيٺ چونڊجي آيل ميمبرن مان اڌ، جن جو تعين، قرعہ اندازي ذريعي ڪيو ويندو، انهن جي عهدي جو ميعاد پهرئين گروپ جي ميمبرن جي باقي رهيل عهدي جو ميعاد هوندو ۽ ٻئي اڌ عهدي جو ميعاد ٻئي گروپ جي ميمبرن جي باقي رهيل عهدي جو ميعاد هوندو.

## 273. پهرين صوبائي اسيمبلي

(1) دستور ۾ شامل ڪنهن بہ شيءِ هوندي بہ، پر آرٽيڪل 63، آرٽيڪل 64 ۽ آرٽيڪل 223 جي تابع هيٺ-

(الف) دستور هيٺ ڪنهن صوبي جي پهرين اسيمبلي ۾ هيٺيان شامل هوندا:

(i) شروع واري ڏينهن کان اڳ انهيءَ صوبي جي اسيمبليءَ جا موجود ميمبر: ۽

(ii) واڌو ميمبر جيڪي آرٽيڪل 106 جي فقري (3) ۾ بيان ڪيل سيٽن پرڻ لاءِ، ميمبرن طرفان، قانون مطابق چونڊيا وڃن.

۽ جيستائين ان کان اڳ ان کي توڙيو نہ وڃي (برخواست نہ ڪيو وڃي) چوڏهن آگسٽ سن اوڻيهہ سو ستهتر تائين برقرار رهندي ۽ دستور ۾ ڪنهن صوبي جي اسيمبلي جي "ٽوٽل ميمبرشپ" جو انهيءَ موجب مطلب ڪڍيو ويندو.

(ب) ڪنهن صوبي جي پهرين اسيمبلي جي ميمبر چونڊجي اچڻ ۽ رهڻ لاءِ اهليتون ۽ نااهليتون، سواءِ شروع واري ڏينهن کان پوءِ اتفاقي طور خالي ٿيڻ وارين سيٽن کي پرڻ وارن (يا آرٽيڪل 106 جي فقري (3) ۾ بيان ڪيل وڌيڪ سيٽن لاءِ چونڊجي اچڻ وارن) ميمبرن جون اهي ئي هونديون، جيڪي اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري دستور هيٺ مقرر ڪيل هيون:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر شرط هي آهي تہ پاڪستان جي نوڪري (ملازمت) ۾ ڪنهن نفعي واري عهدي تي فائز ڪيہ شخص شروع واري ڏينهن کان ٽن مهينن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ، اسيمبلي جو ميمبر برقرار نہ رهندو.

(2) ڪنهن صوبي جي پهرين اسيمبلي ۾ ڪنهن ميمبر جي وفات يا استعيفا جي ڪري يا ان جي نااهليءَ جي نتيجي ۾ يا ڪنهن انتخابي عذرداريءَ جي حتمي فيصلي سبب ميمبر نہ رهڻ ڪري، اتفاقي طور خالي ٿيڻ واري ڪنهن سيٽ کي شروع واري ڏينهن کان اڳ، موجود ان صوبي جي اسيمبلي جي ڪا اهڙي خالي سيٽ بہ شامل آهي، جيڪا ان ڏينهن کان اڳ نہ ڀري ويئي هئي، انهيءَ طريقي سان ڀري سگهبو، جنهن طريقي سان اها، شروع واري ڏينهن کان اڳ ڀري وڃي ها.

(3) فقري (1) جي پيرا (الف) ۾ بيان ڪيل ڪو ميمبر، صوبائي اسيمبلي ۾ نہ ويهندو، نہ ووٽ ڏيندو، جيستائين هُن آرٽيڪل 127 سان گڏ، آرٽيڪل 65 هيٺ مقرر ڪيل حلف نہ ڪنيو هجي ۽ جيڪڏهن ظاهر ڪيل معقول سبب ڪري، صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان ڏنل اجازت کان سواءِ هُو صوبائي اسيمبلي جي پهرئين اجلاس جي ڏينهن کان ايڪيهن ڏينهن تائين حلف کڻڻ کان قاصر رهي تہ انهيءَ مُدت جي ختم ٿيڻ تي، ان جي سيٽ خالي ٿي ويندي.

## 274. ملڪيت، اثاثہ، حق، ذميواريون ۽ واجبات جو تصرف

(1) سڀ ملڪيتون ۽ اثاثہ، جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ صدر يا وفاقي حڪومت جي تصرف ۾ هئا، ذڪر ڪيل ڏينهن کان وفاقي حڪومت جي تصرف ۾ رهندا، جيستائين انهن کي اهڙن مقصدن لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي، جيڪي ذڪر ڪيل ڏينهن تي ڪنهن صوبي جي حڪومت جا مقصد بنجي ويا هجن تہ انهيءَ صورت ۾ انهيءَ ڏينهن کان، انهن تي انهيءَ صوبي جو تصرف رهندو.

(2) سڀ ملڪيتون ۽ اثاثہ جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ ڪنهن صوبي جي حڪومت جي تصرف ۾ هئا، ذڪر ڪيل ڏينهن کان انهي صوبي جي حڪومت جي تصرف ۾ رهندا، جيستائين انهن کي اهڙن مقصدن لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي، جيڪي ذڪر ڪيل ڏينهن کان وفاقي حڪومت جا مقصد بنجي ويا هجن تہ انهيءَ صورت ۾ ان ڏينهن کان، انهن تي وفاقي حڪومت جو تصرف رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) وفاقي حڪومت يا ڪنهن صوبي جي حڪومت جا سيئي حق، ذميواريون ۽ واجبات، پوءِ اهي ڪنهن معاهدي سبب پيدا ٿيل هجن يا ٻي صورت ۾ شروع واري ڏينهن کان ترتيب وار، وفاقي حڪومت يا ان صوبي جي حڪومت، جا حق، ذميواريون ۽ واجبات رهندا، سواءِ ان جي ته:

(الف) ڪنهن اهڙي معاملي بابت سيئي حق، ذميواريون ۽ واجبات ذڪر ڪيل ڏينهن کان اڳ، وفاقي حڪومت جي ذميواري هئا، پر جيڪي دستور جي هيٺ، ڪنهن صوبي جي حڪومت جي ذميواري ٿي ويا آهن، انهيءَ صوبي جي حڪومت جي حوالي ٿي ويندا؛

(ب) ڪنهن اهڙي معاملي بابت سيئي حق، ذميواريون ۽ واجبات جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ، ڪنهن صوبائي حڪومت جي ذميواري هئا، پر دستور جي هيٺ، وفاقي حڪومت جي ذميواري ٿي ويا آهن، وفاقي حڪومت جي حوالي ٿي ويندا.

## 275. پاڪستان جي سروس (ملازمت) ۾ شخصن جو برقرار رهڻ

(1) دستور جي تابع ۽ آرٽيڪل 240 هيٺ قانون نهڻ تائين، ڪو شخص، جيڪو شروع واري ڏينهن کان اڳ پاڪستان جي ملازمت ۾ هو، ان تاريخ کان انهن شرطن تي پاڪستان جي ملازمت ۾ برقرار رهندو، جن جو انهيءَ ڏينهن کان اڳ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري دستور هيٺ، ان سان لاڳو آهن.

(2) فقرو (1) انهن شخصن سان پڻ لاڳو رهندو، جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ، هيٺين عهدن تي فائز هئا-

(الف) پاڪستان جو چيف جسٽس يا سپريم ڪورٽ جو ڪو ٻيو جج يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا ڪو ٻيو جج؛

(ب) ڪنهن صوبي جو گورنر؛

(ث) ڪنهن صوبي جو وزيراعليٰ؛

(د) قومي اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جو اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر؛

(ع) چيف اليڪشن ڪمشنر؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ف) پاڪستان جو اٽارني جنرل يا صوبي جو ايڊووڪيٽ جنرل؛
(گ) پاڪستان جو آڊيٽر جنرل.

(3) دستور ۾ شامل ڪنهن به شيءِ هوندي به، شروع واري ڏينهن کان ڇهن مهينن جي مُدي لاءِ ڪو وفاقي وزير يا ڪو وزير مملڪت يا ڪنهن صوبي جو وزيراعليٰ يا ڪو صوبائي وزير، اهڙو شخص ٿي سگهندو، جيڪو مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا جهڙي به صورت هجي، انهيءَ صوبي جي صوبائي اسيمبلي جو ميمبر نه هجي ۽ اهڙي وزيراعليٰ، صوبائي وزير کي صوبائي اسيمبلي يا ان جي ڪنهن اهڙي ڪميٽي ۾، جنهن جو هن کي ميمبر نامزد ڪيو وڃي، تقرير ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪارروائي ۾ حصي وٺڻ جو حق هوندو، البت انهيءَ فقري موجب، هو ووٽ ڏيڻ جو حقدار نه هوندو.

(4) ڪو شخص جيڪو هن آرٽيڪل هيٺ ڪنهن اهڙي عهدي تي برقرار رکيو وڃي، جنهن جي لاءِ ضميمي ٽئين ۾، حلف جي عبارت مقرر ڪيل آهي، شروع واري ڏينهن کان پوءِ، جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي اوترو جلد، مناسب شخص جي آڏو ذڪر ڪيل عبارت ۾ حلف کڻندو.

(5) دستور ۽ قانون جي تابع-

(الف) سڀئي ديواني، فوجداري ۽ روينيو جون عدالتون جيڪي شروع واري ڏينهن کان، دائره اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيئي رهيون هيون، ذڪر ڪيل ڏينهن کان پنهنجا پنهنجا دائره اختيار، استعمال ڪنديون رهنديون ۽ ڪم سرانجام ڏينديون؛

(ب) سڀئي اختياريون ۽ آفيسون (پوءِ اهي عدالتي، انتظامي، روينيو يا منسٽريل هجن) شروع واري ڏينهن کان اڳ جيڪي ڪم سرانجام ڏيندڙ هجن، سڄي پاڪستان ۾ ذڪر ڪيل ڏينهن کان اهي ڪم سرانجام ڏينديون رهنديون.

## 276. پهرئين صدر جو حلف

دستور ۾ شامل ڪنهن به شيءِ هوندي به، پهريون صدر، پاڪستان جي چيف جسٽس جي غير حاضريءَ ۾ آرٽيڪل 42 ۾ بيان ڪيل حلف، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي آڏو کڻي سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 277. عبوري مالي ٺهراءُ (حڪم)

(1) 30 جون سن هڪ هزار نو سئو چوهتر تي ختم ٿيڻ واري مالي سال صدر جي تصديق ٿيل ۽ منظور ڪيل خرچ جو شيڊول، ان سال جي لاءِ وفاقي گڏيل فنڊ مان خرچ ڪرڻ لاءِ، بدستور جائز اختياري رهندي.

(2) صدر پهرين جولاءِ سن هڪ هزار نو سئو ٽيهتر ڪان شروع ٿيڻ واري مالي سال کان اڳ، ڪنهن به مالي سال لاءِ، وفاقي حڪومت جي خرچ (جيڪو ان سال لاءِ منظور ٿيل خرچ کان وڌيڪ هجي) بابت وفاقي گڏيل فنڊ مان رقمَ جي ڪڍڻ جي منظوري ڏيئي سگهندو.

(3) فقري (1) ۽ (2) جي ٺهرائن جو ڪنهن صوبي تي ۽ ان بابت لاڳاپو رهندو ۽ انهيءَ مقصد لاءِ-

(الف) انهن ٺهرائن ۾ صدر جي لاءِ ڏنل ڪنهن حوالي کي ان صوبي جي گورنر ڏانهن ڏنل حوالي طور پڙهيو ويندو؛

(ب) انهن ٺهرائن ۾ وفاقي حڪومت لاءِ ڏنل ڪنهن حوالي کي ان صوبي جي حڪومت لاءِ ڏنل حوالو سمجهيو ويندو.

(ٿ) انهن ٺهرائن ۾ وفاقي گڏيل فنڊ لاءِ ڏنل ڪنهن حوالي کي ان صوبي جي صوبائي گڏيل فنڊ لاءِ ڏنل حوالو سمجهيو ويندو.

## 278. شروع واري ڏينهن کان اڳ حسابن جي آڊٽ (چڪاس) نه ڪيل

آڊيٽر جنرل انهن حسابن جي باري ۾ جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ مڪمل نه ٿيا هجن يا جن جي آڊٽ نه ٿي آهي، ۽ اهي ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اهي اختياريون استعمال ڪندو جيڪي دستور مطابق، هن کي پين حسابن بابت سرانجام ڏيڻ يا استعمال ڪرڻ جو اختيار آهي ۽ آرٽيڪل 171، ضروري ڦيرڦار سان، انهيءَ موجب لاڳو رهندو.

## 279. ٽئڪسن جو جاري رهڻ

دستور ۾ شامل ڪنهن به شيءِ هوندي، شروع واري ڏينهن کان هڪدم اڳ عمل ۾ آيل ڪنهن به قانون هيٺ مڙهيل سڀ ٽئڪسَ، فيون، ان وقت تائين برقرار رهنديون جيستائين انهن کي مناسب قانون سازيءَ جي ڪنهن ائڪٽ ذريعي بدلايو يا رد نٿو ڪيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 280. هنگامي حالت جي اعلان جو جاري رهڻ

ٽيهين نومبر هڪ هزار نو سؤ ايڪهتر تي جاري ڪيل هنگامي حالت جو اعلان آرٽيڪل 232 جي هيٺ جاري ڪيل هنگامي حالت جو اعلان تصور ڪيو، ويندو ۽ ان جي فقري (د) ۽ فقري (8) جي مقصدن لاءِ شروع واري ڏينهن کان جاري ڪيل تصور ڪيو ويندو ۽ ان اعلان جي سبب، ڪو قانون، قاعدو يا حڪم جيڪو جاري ڪيو ويو هجي يا جنهن جو جاري ڪيو وڃڻ سمجهيو وڃي، جائز طور، جاري ڪيل تصورڪيو ويندو ۽ ان تي ڪنهن عدالت ۾، حصي ٻئي جي باب 1 جي موجب عطا ڪيل حقن مان ڪنهن جي به مطابق نه هجڻ تي ڪنهن به عدالت ۾ ڪوبه سوال نه اُٿاريو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو

## آرٽيڪل 2 (الف)

## قرارداد مقاصد

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

جيئن ته الله تبارڪ و تعاليٰ سڄي ڪائنات جو لاشريڪ حاڪم مطلق آهي ۽ پاڪستان جي جمهور جو اختيار ۽ اقتدار ان جي مقرر ڪيل حدن جي اندر استعمال ڪرڻ جو حق هوندو، اها هڪ مقدس امانت آهي؛

هي دستور ساز اسيمبلي جيڪا پاڪستان جي ماڻهن (عوام) جي نمائندگي ڪري ٿي، هڪ آزاد ۽ خودمختيار مملڪت پاڪستان جي لاءِ هڪ دستور مرتب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن موجب مملڪت پنهنجي اختيار ۽ اقتدار کي، جمهور جي چونڊيل نمائندن جي ذريعي استعمال ڪندي؛

جنهن موجب جمهوريت، آزادي، مساوات (برابري)، رواداري، سماجي انصاف جي اصولن کي جهڙي ريت اسلام، ان کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪيو آهي، بجا آندا ويندا.

جنهن موجب مسلمانن کي انهيءَ قابل بنايو ويندو جو اُهي انفرادي ۽ اجتماعي طور تي پنهنجي زندگيءَ کي اسلامي تعليم ۽ تقاضائن مطابق جهڙي طرح قرآن پاڪ ۽ سنت ۾ انهن جو تعين ڪيو ويو آهي، ترتيب ڏيئي سگهن؛

جنهن موجب مناسب بندوبست ڪيو وڃي ته اقليتون آزاديءَ سان پنهنجا مذهبي عقيدا رکي سگهن ۽ ان تي عمل ڪن ۽ پنهنجي ثقافت کي ترقي وٺرائين؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن موجب اهي علائقا جيڪي هاڻي تائين پاڪستان ۾ داخل يا شامل ٿي ويا آهن ۽ اهڙا ٻيا علائقا جيڪي هن کان پوءِ پاڪستان ۾ داخل يا شامل ٿي وڃن، هڪ وفاق ٺاهيندا، جنهن ۾ صوبن کي مقرر ڪيل اختيارين ۽ اقتدار جي حد تائين خودمختياري حاصل هوندي؛

جنهن موجب بنيادي حقن جي ضمانت ڏني ويندي ۽ انهن حقن ۾ جيستائين قانون ۽ اخلاق اجازت ڏين، حيثيت ۾ هڪجهڙائي ۽ موقعا، قانون جي نظر ۾ برابري، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي انصاف، خيالن جي اظهار، دين جي عقيدي، عبادت ۽ ميل جول جي آزادي شامل هوندي؛

جنهن موجب اقيلتن ۽ پٺتي پيل طبقن جي جائز حقن جي تحفظ جو مناسب بندوبست ڪيو ويندو؛

جنهن موجب عدليه جي آزادي جي پوري طرح ضمانت ڏني ويندي (حفاظت ڪئي ويندي)؛

جنهن موجب وفاق جي علائقائي سالميت، ان جي آزادي ۽ ان جي سيني حقن، زمين، سمنڊ ۽ هوا تي بادشاهي حقن جي حفاظت ڪئي ويندي؛

انهيءَ لاءِ ته پاڪستان جا ماڻهو خوشحال ٿين ۽ دنيا جي قومن ۾ پنهنجي جائز ۽ عزتدار درجو حاصل ڪن ۽ عالمي امن ۽ ترقي ۽ انسان ذات جي ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ پورو حصو وٺي سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو پهريون

آرٽيڪل 8 (3) (ب) ۽ (4)

آرٽيڪل 8 (1) ۽ (2) جي نفاذ (اثر) کان آجا قانون

## حصو پهريون

### 1. صدر جا حڪم

1. الحاقي رياست (ملڪيت) جو حڪم 1961 (حڪم نمبر 12، سال 1961)
2. اقتصادي سڌارن جو حڪم 1972 (حُڪم نمبر 1، سال 1972)

### 2. ضابطا

1. زمين سُڌارڪ ضابطو 1972.
2. زمين سُڌارڪ (بلوچستان پَٽَ فيڊر ڪينال) ضابطو 1972.
3. اقتصادي سُڌارڪ (صنعتن جو تحفظ) ضابطو 1972.
4. ملڪيت جي ورهاست (چترال) ضابطو 1974 (پيو آف 1974).
5. غير متحرڪ ملڪيت جي تڪرارن جو أُڪلاءُ (چترال) ضابطو 1974 (3 آف 1974).
6. ڊير ۽ سوات (غير متحرڪ ملڪيت جي ورثي، ورهاستي تڪرارن جي أُڪلاءُ (تصفيہ) جو ترميمي ضابطو 1975 (2 آف 1975).
7. غير متحرڪ ملڪيت جي تڪرارن جي أُڪلاءُ (چترال) (ترميمي) ضابطو 1976 (4 آف 1976).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 3. وفاقي ائڪٽ

1. زمين سڌارڪ (ترميم) ائڪٽ 1974 (30 آف 1974).
2. زمين سڌارڪ (ترميم) ائڪٽ 1975 (39 آف 1975).
3. اٽي جي ملن (چڪين) جي ڪنٽرول ۽ ترقي وارو ائڪٽ 1976 (57 آف 1976).
4. چانورن (ڇڙهڻ) جي ملن جي ڪنٽرول ۽ ترقي وارو ائڪٽ 1976.
5. ڪپهه ڇاڻڻ جي ڪنٽرول ۽ ترقي وارو ائڪٽ 1976 (59 آف 1976).

## 4. صدر جا جاري ڪيل آرڊيننس (حڪم ناما)

1. زمين سڌارڪ ترميمي آرڊيننس 1975 (II آف 1975) ۽ ذڪر ڪيل آرڊيننس جي جاءِ تي وضع ڪيل وفاقي ائڪٽ.

## 5. صوبائي ائڪٽ

1. زمين سڌارڪ (بلوچستان ترميم) ائڪٽ 1974 (بلوچستان ائڪٽ II آف 1974).
2. زمين سڌارڪ (پَٽ فيڊر ڪئنال ضابطو) ترميمي ائڪٽ 1975 (بلوچستان ائڪٽ 7 آف 1975).

## 6. صوبائي آرڊيننس

1. زمين سڌارڪ پٽ فيڊر ڪئنال ترميم آرڊيننس 1976.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصو ٽيو

## 1. صدر جا حڪم

1. معدنيات جي حصول ۽ منتقلي جو حڪم 1961 (پي. او نمبر 8- سال 1961).
2. ڪمپنين جي انتظامي ايجنسي ۽ ڊائريڪٽرس جي چونڊ جو حُڪم 1972 (پي. او نمبر 2- سال 1972).
3. ڪوآپريٽوَ سوسائٽيز (قومي ڪرڻ) حڪم 1972 (پي. او نمبر 9- سال 1972).
4. لائيف انشوئرنس (قومي ڪرڻ) حڪم 1972 (پي. او نمبر 10- سال 1972).
5. مارشل لاء (زير غور ڪارروايون) حڪم 1972 (پي. او نمبر 14- سال 1972).
6. الحاق وارين رياستن جا قاعدا (خاص جيب خرچ ۽ رعايتن) جي ختم ڪرڻ جو حڪم 1972 (پي. او نمبر 15- سال 1972).
7. صنعتي منظورين ۽ ليسنن (رد ڪرڻ) آرڊر 1972 (پي. او نمبر 16- سال 1972).
8. فوجداري قانون ترميم (خاص ڪورٽ) حڪم 1972 (پي. او نمبر 20- سال 1972).

## 2. ضابطا

1. راولپنڊي (ملڪيت حاصل ڪرڻ) ضابطو 1959.
2. پاڪستان دارالحڪومت ضابطو 1960.
3. دعوائن جي چڪاس (متروڪ ملڪيت) ضابطو 1961.

4. انڪم ٽئڪس (گوشوارن جو صحيح ڪرڻ ۽ ڪوڙي اظهار) ضابطو 1969.
5. نامناسب ملڪيت حاصل ڪرڻ جو ضابطو 1969.
6. نوڪري مان هٽائڻ (خاص ٺهراءَ) ضابطو 1969.
7. ظاهري وسيلن کان گهٽو وڌيڪ رهائش (سزا جو) ضابطو 1969.
8. سرڪاري زرعي زمين (ناجائز قبضي مان واپسي) ضابطو 1969.
9. دشمنن جي ملڪيت (دشمن کي پنشن جي ادائگي) ضابطو 1970.
10. ڪرنسي نوٽن جي واپسي (قيمتي يا اوچو قسم) ضابطو 1971.
11. متروڪ ملڪيت جي قيمت سرڪاري واجبات (وصولي) ضابطو 1971.
12. پشاور ضلعي ۽ قبائلي ايراضين (تڪرارن جي اُڪلاءَ ضابطو) 1971.
13. ڪنوينشن مسلم ليگ ۽ عوامي ليگ (فنڊن جي چڪاس) ضابطو 1971.
14. غيرملڪي زرمبادله جي واپسي ضابطو 1972.
15. غير ملڪي اثاثه (اظهار) ضابطو 1972.
16. نوڪري مان ڪڍڻ رِويو پٽيشن) ضابطو 1972.
17. خانگي انتظام هيٺ اسڪول ۽ ڪاليج (حڪومت جو ڪٺڻ) ضابطو 1972.
18. دشمن جي ملڪيت (وڪري جي تنسيخ) ضابطو 1972.
19. دِير ۽ سوات (ملڪيت جي ورثي ۽ ورهاست) ضابطو 1972.
20. دِير ۽ سوات (غيرمتحرڪ ملڪيت جي تڪرارن جو اُڪلاءُ) ضابطو 1972.
21. مغربي پاڪستان صنعتي ترقياتي ڪارپوريشن (وڪري ۽ انتقال جي تنسيخ) ضابطو 1972.
22. قومي پريس ٽرسٽ (متولين ۽ ڊائريڪٽرس) جي معطلي جو ضابطو 1972.
23. ڪوآپريٽوَ بينڪن (قرضن جي واپسي: پنجاب) ضابطو 1972.
24. ڪوآپريٽوَ سوسائٽين (قرضن جي واپسي: سنڌ) ضابطو 1972.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 3. صدر طرفان جاري ڪيل آرڊيننس

1. جهازراني جي ضابطي جو آرڊيننس 1959 (13 آف 1959).
2. جمون ۽ ڪشمير (ملڪيت جي انتظام) آرڊيننس 1961 (3 آف 1961).
3. مسلم فئملي لاء آرڊيننس 1961 (7 آف 1961).
4. پاڪستان جو بچاءُ (ترميم) آرڊيننس 1961 (14 آف 1961).
5. ائسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان (حڪومت جو ڪنٽرول) آرڊيننس (20 آف 1961).
6. تجارت تنظيمون آرڊيننس 1961 (45 آف 1961).

## 4. وفاقي ائڪٽ

1. فلمن جي سينسرشپ ائڪٽ 1963 (18 آف 1963).

## 5. مغربي پاڪستان (اڳوڻي) جي گورنر طرفان جاري ڪيل آرڊيننس

1. مغربي پاڪستان گورنمينٽ تعليمي ۽ تربيتي ادارن جو آرڊيننس 1960 (و- پ- آرڊيننس 11 آف 1960).
2. مغربي پاڪستان وقف ملڪيت آرڊيننس 1961 (و- پ- آرڊيننس 28 آف 1961).
3. مغربي پاڪستان سوسائٽين جو رجسٽريشن آرڊيننس 1962 (و- پ- آرڊيننس 9 آف 1962).
4. مغربي پاڪستان جي صنعتن (قيام ۽ وڌائڻ تي ڪنٽرول) آرڊيننس 1963 (و- پ- آرڊيننس آف 1963).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 6. اُتر اولهه سرحدي صوبي جي گورنر طرفان نڪتل آرڊيننس

1. اُتر اولهه سرحدي صوبي جي سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارن جو آرڊيننس 1971 (آرڊيننس نمبر 3- سال 1971).

2. اُتر اولهه سرحدي صوبي جي چشما ساڄو ڪپ ڪئنال پروجيڪٽ (ڪنٽرول ۽ خيال پچائڻ جي روڪ) آرڊيننس 1971 (آرڊيننس نمبر 5- سال 1971).

3. اُتر اولهه سرحدي صوبي گومل ڊيم پراجيڪٽ (رٽ) (ڪنٽرول ۽ خيال پچائڻ جي روڪ) بابت آرڊيننس 1971 (آرڊيننس نمبر 8- سال 1971).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻيو شيڊول (ضميمو)

## آرٽيڪل 41 (3)

## صدر جي چونڊ

1. چيف اليڪشن ڪمشنر، صدر جي عهدي جي چونڊ لاءِ، ان جي ٿيڻ ۽ ڪرڻ جو بندوبست ڪندو ۽ ذڪر ڪيل چونڊ لاءِ رٽرننگ آفيسر هوندو.

2. چيف اليڪشن ڪمشنر، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جي ميمبرن جي اجلاس ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن جي اجلاس جي صدارت ڪرڻ لاءِ پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪندو.

3. چيف اليڪشن ڪمشنر، عام اعلان (پڌرنامي) ذريعي، نامزدگي جا ڪاغذ داخل ڪرڻ لاءِ، جانچ پڙتال لاءِ، نالو واپس وٺڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪو آهي، ۽ چونڊڻ ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن ضروري هجي، وقت ۽ جاءِ مقرر ڪندو.

4. نامزدگي جي لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن جو منجهند کان پهرين مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا ڪنهن صوبائي اسيمبلي جو ڪو ميمبر، نامزدگيءَ جو هڪ پيپر (نامينيشن پيپر)، جنهن ۾ هو پاڻ رٽ پيش ڪندڙ آهي ۽ ٽيڪو ڏيندڙ مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا جيئن به صورت هجي، اسيمبلي جي ڪنهن ٻئي ميمبر جي صحيح ٿيل هجي ۽ جنهن ۾ نامزد ڪيل هڪ شخص جي صحيح ٿيل بيان ۾ ڳڏ هجي ته هو نامزدگي تي راضي آهي، پرزائيڊنگ آفيسر کي ڏيئي ڪنهن اهڙي شخص کي صدر جي حيثيت ۾ چونڊ لاءِ نامزد ڪري سگهندو، جيڪو صدر جي حيثيت ۾ چونڊ لاءِ اهل هجي.

پر شرط آهي ته ڪوبه شخص رٽ پيش ڪندڙ يا ٽيڪو ڏيندڙ جي حيثيت ۾ ڪنهن به هڪ چونڊ ۾، هڪ کان وڌيڪ نامينيشن پيپر تي صحيح نه ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5. جانچ پڙتال، چيف اليڪشن ڪمشنر پنهنجي طرفان مقرر ڪيل وقت ۾ جاءِ تي ڪندو ۽ جيڪڏهن چڪاس ڪان پوءِ فقط هڪ شخص جائز طور نامزد رهجي وڃي ته چيف اليڪشن ڪمشنر ان شخص کي چونڊجي آيل قرار ڏيندو يا جيڪڏهن هڪ شخص کان وڌيڪ، جائز طرح نامزد رهجي وڃن، ته پوءِ هو عام اعلان ذريعي جائز طور نامزد شخصن جي نالن جو اعلان ڪندو، جيڪي هن کان پوءِ اُميدوار جي نالي سان ياد ڪيا ويندا.

6. ڪوبه اميدوار انهيءَ غرض لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن جي ٻن پهرن کان اڳ ڪنهن وقت، انهيءَ پرزائيڊنگ آفيسر کي، جنهن وٽ سندس نامينيشن پيپر داخل ڪرايل آهي، پنهنجي صحيح سان لکيل نوٽيس ڏيئي پنهنجي اميدواري تان هٿ کڻي سگهندو ۽ ڪوبه اميدوار، جنهن هن پٽرا هيٺ پنهنجي اميدواري تان هٿ کڻڻ جو نوٽيس ڏنو هجي، ذڪر ڪيل نوٽيس کي رد ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.

7. جيڪڏهن هڪ کان سواءِ، ٻيا سڀ اميدوار هٿ کڻي وڃن، ته ڪمشنر انهيءَ هڪ اميدوار کي منتخب (چونڊجي آيل) قرار ڏيندو.

8. جيڪڏهن ڪو دستبردار نٿو ٿئي يا جيڪڏهن، دستبردارين کان پوءِ، ٻه يا وڌيڪ اميدوار رهجي وڃن، ته چيف اليڪشن ڪمشنر عام اعلان ذريعي، اميدوارن ۽ انهن جي تجويز ڪرڻ وارن ۽ تيڪي ڏيڻ وارن جي نالن جو اعلان ڪندو ۽ ان کان پوءِ پٽرائن ۾ آيل نهرائن موجب، لڪل ووٽ رستي، چونڊ ڪرائڻ جي ڪارروائي ڪندو.

9. جيڪڏهن ڪنهن اميدوار جي نامزدگي صحيح ڏني ويئي هجي، نامزدگي جي لاءِ مقرر ڪيل وقت کان پوءِ فوت ٿي وڃي، ۽ ووٽ جي شروع ٿيڻ کان اڳ پرزائيڊنگ کي ان جي موت جو اطلاع ملي وڃي، ته پرزائيڊنگ آفيسر کي اميدوار جي موت جي باري ۾ اطمينان هئڻ تي، ووٽنگ منسوخ ڪندو ۽ انهيءَ حقيقت جي رپورٽ چيف اليڪشن ڪمشنر کي ڏيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر شرط آهي ته ڪنهن اهڙي شخص جي صورت ۾، جنهن جي نامزدگي (ووٽنگ) راءِ ڏيڻ جي تنسيخ جي وقت جائز هئي، وڌيڪ نامزدگي ضروري نه رهندي.

وڌيڪ شرط هي آهي ته ڪو شخص، جنهن جي ووٽنگ منسوخ هئڻ کان اڳ، هن ضميمي جي پئرا 6 هيٺ پنهنجي اميدواري تان دستبرداري جو نوٽيس ڏيئي ڇڏيو هجي، ذڪر ڪيل تنسيخ کان پوءِ چونڊ لاءِ اميدوار جي حيثيت ۾ نامزد ٿي وڃڻ لاءِ نااهل نه ٿيندو.

10. ووٽن، مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ هر هڪ صوبائي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ٿيندي، ۽ تعلق رکندڙ پرزائيڊنگ آفيسر، اهڙي آفيسر جي مدد سان چونڊ ڪرائيندو، جهڙي طرح چيف اليڪشن ڪمشنر جي منظوريءَ سان ترتيب وار مقرر ڪري.

11. مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۽ هر هڪ صوبائي اسيمبلي جي، هر هڪ ميمبر کي، جيڪو پاڻ کي مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) يا جهڙي به صورت هجي، انهيءَ صوبائي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ووٽ وجهڻ لاءِ پيش ڪري، جنهن جو هو ميمبر هجي، جنهن جو حوالو هن کان پوءِ ووٽ ڏيڻ واري شخص طور ڏنو ويو آهي، هڪ انتخابي پرچي جاري ڪئي ويندي ۽ هو پنهنجو ووٽ پرچي تي هن کان پوءِ پئرائن ۾ ڏنل نهرائن مطابق نشان لڳائي استعمال ڪندو.

12. ووٽنگ، مخفي راءِ ڏيڻ جي ذريعي اهڙين انتخابي پرچين جي وسيلي سان ٿيندي، جن تي اهڙن سيني اميدوارن جا نالا الفابيٽيڪل لحاظ سان درج هوندا، جيڪي دستبردار نه ٿيا آهن، ۽ ووٽ ڏيندڙ شخص، انهيءَ شخص جي نالي جي سامهون، جنهن کي هو ووٽ ڏيڻ گهُري ٿو، نشان لڳائي ووٽ ڏيندو.

13. انتخابي پرچيون، ڪائونٽر فائل سان گڏ، انتخابي پرچين جي ڪتابن مان جاري ڪيون وينديون، هر ڪائونٽر فائل تي نمبر لکيل هوندو ۽ جڏهن ڪا انتخابي پرچي ڪنهن ووٽ ڏيڻ واري شخص کي جاري ڪئي وڃي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جو نالو ڪائونٽر فائل تي درج ڪيو ويندو ۽ پرزائيڊنگ آفيسر جي چِٽي صحيح وسيلي، انتخابي پرچي جي تصديق ڪئي ويندي.

14. انتخابي پرچي تي نشان لڳائڻ ڪان پوءِ ووٽ ڏيڻ وارو شخص ان کي انتخابي صندوق ۾ وجهندو، جيڪو پرزائيڊنگ آفيسر اڳيان رکيل هوندو.

15. جيڪڏهن ووٽ ڏيڻ واري شخص کان، انتخابي پرچي خراب ٿي وڃي، ته هُو ان کي پرزائيڊنگ آفيسر کي واپس ڪندو، جيڪو پهرين ڏنل انتخابي پرچي کي منسوخ ڪري ۽ انهيءَ باري ۾ ڪائونٽر تي منسوخي جو نشان لڳائي ان کي ٻي انتخابي پرچي جاري ڪندو.

16. ڪابہ انتخابي پرچي ناجائز هوندي، جيڪڏهن:

(الف) ان تي ڪو اهڙو نالو، لفظ يا نشان هجي، جنهن مان ووٽ ڏيڻ واري شخص جي سڃاڻپ ٿي سگهي؛ يا

(ب) ان تي پرزائيڊنگ آفيسر جي چِٽي صحيح نہ هجي؛ يا

(ٿ) ان تي ڪوبہ نشان نہ هجي؛ يا

(د) ٻہ يا وڌيڪ اميدوارن جي نالي سامهون نشان لڳايو ويو هجي؛ يا

(ع) انهيءَ اميدوار جي سڃاڻپ جي باري ۾ تعين نہ ٿي سگهي، جنهن جي نالي سامهون نشان لڳايو ويو هجي.

17. ووٽنگ (پولنگ) ختم ٿيڻ کان پوءِ، هر هڪ پرزائيڊنگ آفيسر، اهڙن اميدوارن يا انهن جي اختياري يافتہ عيوضين جي موجودگيءَ ۾ جيڪي حاضر رهڻ گهُرن، انتخابي پرچين جي صندوق کي کوليندو ۽ انهن کي خالي ڪندو ۽ انهن ۾ موجود انتخابي پرچين جي جانچ پڙتال ڪندو، اهڙين پرچين کي رد ڪندو، جيڪي ناجائز آهن، جائز انتخابي پرچين تي هر هڪ اميدوار لاءِ درج ٿي ووٽن جي تعداد جو شمار ڪندو ۽ اهڙي طرح درج ٿيل ووٽن جي تعداد کان چيف اليڪشن ڪمشنر کي اطلاع ڏيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18. چيف اليڪشن ڪمشنر انتخاب (چونڊ) جو نتيجو هن طريقي سان ظاهر ڪندو:

(الف) مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) ۾ هر هڪ اميدوار جي حق ۾ وڌل ووٽ شمار ڪيا ويندا؛

(ب) ڪنهن صوبائي اسيمبلي ۾ هر هڪ اميدوار جي حق ۾ وڌل ووٽ جي تعداد کي انهيءَ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جي مجموعي تعداد سان، جنهن ۾ في الوقت سڀ کان گهٽ نشستون هجن، ضرب ڪيون وينديون ۽ ان صوبائي اسيمبليءَ جي نشستن جي مجموعي تعداد سان، جنهن ۾ ووٽ وڌا ويا هجن، ونڊ ڪيا ويندا ۽ فقري (ب) هيٺ شمار ڪيل ووٽن جي تعداد ۾ جمع ڪيا ويندا.

تشريح: (i) هن پئرا ۾ "سيٽن جي ڪُل انگ" ۾ غير مسلمانن ۽ عورتن لاءِ مخصوص سيٽون به شامل آهن.

(ii) ڪنهن اڌ پوري جز (ڀاڱي) کي ويجهي ۾ ويجهي سڄي ۾ بدلايو ويندو.

19. اُن اميدوار کي، جنهن پئرا 18 ۾ ڏيکاريل طريقي سان ووٽنگ ۾ سڀ کان وڌيڪ ووٽ حاصل ڪيا هجن ته ان کي چيف اليڪشن ڪمشنر طرفان منتخب (چونڊيل) قرار ڏنو ويندو.

20. جيڪڏهن ڪنهن ووٽنگ ۾ ٻه يا وڌيڪ اميدوار، ووٽن جو هڪجهڙو انگ حاصل ڪن ته منتخب ڪيل اميدوارن جي چونڊ قرعه اندازي ذريعي ڪئي ويندي.

21. جڏهن ڪنهن ووٽنگ کان پوءِ ووٽن جو شمار مڪمل ٿي وڃي ۽ راءِ شماريءَ جو نتيجو متعين ٿي وڃي، ته چيف اليڪشن ڪمشنر، ان جي سامهون جيڪي موجود هجي، نتيجي جو اعلان ڪندو ۽ نتيجي جو وفاقي حڪومت کي اطلاع ڏيندو، جيڪا نتيجي جو عام اعلان (عام پڌرنامي) ذريعي ظاهر ڪندي.

22. چيف اليڪشن ڪمشنر، عام اعلان جي ذريعي، صدر جي منظوري سان هن ضميمي جي غرضن جي بجاآوري جي لاءِ، قاعدا وضع ڪري سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو ٽيون

## عهدي جو حلف

### صدر

[آرٽيڪل 42]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آئون ..................................... صدقِ دل سان قسم کڻان ٿو ته آئون مسلمان آهيان ۽ قادرِ مطلق الله تعاليٰ جي وحدت ۽ توحيد، الله جي ڪتابن، جن ۾ قرآن پاڪ خاتم الڪتاب آهي، حضرت محمد ﷺ خاتم النبيين آهي ۽ ان کان پوءِ ڪوبه نبي نه اچڻو آهي، قيامت جي ڏينهن ۽ قرآن پاڪ ۽ سُنت جي گهُرجن ۽ تعليم تي ايمان رکان ٿو:

ته آئون خلوص نيت سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته صدرِ پاڪستان جي حيثيت ۾ پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي سرانجامي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي قيام جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ آئون اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ڪي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

تہ آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

تہ آئون ڪنهن شخص کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، ڪنهن اهڙي معاملي جي خبر نہ ڏيندس ۽ نہ ان کي ظاهر ڪندس، جيڪو منهنجي اڳيان پاڪستان جي صدر جي حيثيت ۾ غور لاءِ پيش ڪيو وڃي يا منهنجي ڄاڻ ۾ اچي، سواءِ ان جي، جيڪي صدر جي حيثيت ۾ مونکي منهنجي فرضن جي ادائگي لاءِ گهربل هجن:

الله تعالىٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وزيراعظم
[آرٽيڪل 91(2)]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آئون ................................ صدقِ دل سان قسم کڻان ٿو ته آئون مسلمان آهيان ۽ قادرِ مطلق الله تعاليٰ جي وحدت ۽ توحيد، الله جي ڪتابن، جن ۾ قرآن پاڪ خاتم الڪتاب آهي، حضرت محمد ﷺ خاتم النبيين آهي ۽ ان کان پوءِ ڪوبه نبي نه اچڻو آهي، قيامت جي ڏينهن ۽ قرآن پاڪ ۽ سُنت جي گهُرجن ۽ تعليم تي ايمان رکان ٿو:

ته آئون نيت جي سچائي سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته بحيثيت وزيراعظمِ پاڪستان، آئون پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي سرانجامي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي قيام جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان ۽ پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

ته آئون ڪنهن شخص کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، ڪنهن اهڙي معاملي جي خبر نه ڏيندس ۽ نه ان کي ظاهر ڪندس، جيڪو منهنجي اڳيان پاڪستاني وزيراعظم جي حيثيت ۾ غور لاءِ پيش ڪيو ويو يا منهنجي ڄاڻ ۾ اچي، سواءِ ان جي، جيڪي پاڪستاني وزيراعظم جي حيثيت ۾ مونکي منهنجي فرضن جي ادائگي لاءِ گهربل هجن:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وفاقي وزير يا وزيرِ مملڪت

[آرٽيڪل 92 (2)]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آئون ...................................... صدقِ دل سان قسم کڻان ٿو ته پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته بحيثيت وفاقي وزير (يا وزيرِ مملڪت)، آئون پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي سرانجامي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي قيام جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان ۽ پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

ته آئون ڪنهن شخص کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، ڪنهن اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملي جي خبر نہ ڏيندس ۽ نہ ان کي ظاهر ڪندس، جيڪو منهنجي اڳيان بحيثيت وفاقي وزير (يا وزيرِ مملڪت) منهنجي غور لاءِ پيش ڪيو ويو يا منهنجي ڄاڻ ۾ آيو، سواءِ ان جي، جيڪي بحيثيت وفاقي وزير يا وزيرِ مملڪت جي مونکي پنهنجي فرضن جي ادائگي لاءِ گهربل هجن:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر يا سينيٽ جو چيئرمين

[آرٽيڪل 53 (2) ۽ 61 ]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

آئون ...................................... صدقِ دل سان قسم کڻان ٿو ته آئون پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر (سينيٽ جي چيئرمين) جي حيثيت ۾ ۽ جڏهن مونکي بحيثيت پاڪستان جي صدر جي ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويندو ته آئون پنهنجي منصبي فرضن ۽ ڪمن کي، ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيتن ۽ وفاداري سان اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون جي مطابق ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي حيثيت ۾ اسيمبلي جي قاعدن مطابق (يا سينيٽ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ سينيٽ جي قاعدن مطابق) ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي قيام جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان ۽ پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قومي اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر يا سينيٽ جو ڊپٽي چيئرمين
[آرٽيڪل 53 (2) ۽ 61]

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

آئون ........................................ صدقِ دل سان قسم کڻان ٿو ته آئون پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته جڏهن به مونکي اسپيڪر قومي اسيمبلي يا سينيٽ جي چيئرمين کم ڪرڻ لاءِ چيو ويندو ته آئون پنهنجي منصبي فرضن ۽ ڪمن کي، ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيتن ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون ۽ اسيمبلي (يا سينيٽ) جي قاعدن مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي قيام جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان ۽ پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قومي اسيمبليءَ جو ميمبر يا سينيٽ جو ميمبر

[آرٽيڪل 65]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آئون ...................................... صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان تہ آئون پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

تہ بحيثيت قومي اسيمبلي (يا سينيٽ)، آئون پنهنجي منصبي فرض ن ۽ ڪمن کي، ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيتن ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۽ قانون ۽ اسيمبلي (يا سينيٽ) جي قاعدن مطابق ۽ هميشہ پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

تہ آئون اسلامي نظريہ کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي قيام جو بنياد آهي:

تہ آئون اسلامي جمهوريہ پاڪستان ۽ پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صوبي جو گورنر
[آرٽيڪل 102]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

آئون ................................... صدق دل سان قسم ٿو کڻان ته آئون نيت جي سچائيءَ سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته بحيثيت گورنر صوبي ..............، پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي سرانجامي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي نهڻ جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

ته آئون ڪنهن شخص کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، ڪنهن اهڙي معاملي جي خبر نه ڏيندس ۽ نه ان کي ظاهر ڪندس، جيڪو بحيثيت گورنر صوبي ........ جي منهنجي اڳيان غور لاءِ پيش ڪيو وڃي يا منهنجي ڄاڻ ۾ اچي، سواءِ ان جي، جيڪي گورنر جي حيثيت ۾ مونکي منهنجي فرضن جي ادائگي لاءِ ائين ڪرڻ ضروري هجي:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وزيراعليٰ يا صوبائي وزير
[آرٽيڪل 131 (4) ۽ 132 (2)]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

آئون ....................................... صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان ته آئون نيت جي سچائيءَ سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته بحيثيت وزيراعليٰ يا(وزير) حڪومت صوبه .............. آئون پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي سرانجامي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي ٺهڻ جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

ته آئون ڪنهن شخص کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، ڪنهن اهڙي معاملي جي خبر نه ڏيندس ۽ نه ان کي ظاهر ڪندس، جيڪو بحيثيت وزيراعليٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(يا وزير) جي منهنجي اڳيان غور لاءِ پيش ڪيو وڃي يا منهنجي ڄاڻ ۾ اچي، سواءِ ان جي، جڏهن وزيراعليٰ (يا وزير) جي حيثيت ۾ مونکي منهنجي فرض جي ادائگي لاءِ ائين ڪرڻ ضروري هجي (يا جنهن جي وزيراعليٰ خاص طور اجازت ڏني هجي).:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صوبائي اسيمبلي جو اسپيڪر

[آرٽيڪل 53 (2) 127 ]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آئون ........................................ صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان ته آئون نيت جي سچائيءَ سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته آئون صوبي ......... جي اسپيڪر جي حيثيت ۾، پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي سرانجامي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

نه آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي ٺهڻ جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صوبائي اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر

[آرٽيڪل 53 (2) 127 ]

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

آئون ...................................... صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان ته آئون نيت جي سچائيءَ سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته جڏهن به مونکي .......... صوبي جي صوبائي اسيمبلي ۾ اسپيڪر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويندو ته آئون پنهنجي منصبي فرضن ۽ ڪمن کي، ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيتن ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور، قانون ۽ اسيمبلي (يا سينيٽ) جي قاعدن مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي ٺهڻ جو بنياد آهي:

ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

ته آئون هر حالت ۾ هر ڪنهن قسم جي ماڻهن سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني، قانون موجب انصاف ڪندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صوبائي اسيمبلي جو ميمبر

[آرٽيڪل 65 ۽ 127]

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

آئون........................................ صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان ته آئون نيت جي سچائيءَ سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته آئون صوبي ......... جي ميمبر جي حيثيت ۾، پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي سرانجامي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۽ قانون مطابق ۽ هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سالميت، مضبوطي، بهبودي ۽ خوشحالي خاطر سرانجام ڏيندس:

ته آئون اسلامي نظريه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪو پاڪستان جي ٺهڻ جو بنياد آهي:

ته آئون اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آڊيٽر جنرل پاڪستان

[آرٽيڪل 168 (2)]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

آئون ...................................... صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان ته آئون نيت جي سچائيءَ سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

ته بحيثيت آڊيٽر جنرل پاڪستان، آئون پنهنجي منصبي فرض ۽ ڪمن کي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني سرانجام ڏيندس ۽ هي ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس.

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڪستان جي ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس يا سپريم ڪورٽ يا ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو جج

[(آرٽيڪل 178 ۽ 194)]

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

آئون ........................................ صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان تہ آئون نيت جي سچائيءَ سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس:

تہ بحيثيت چيف جسٽس پاڪستان (يا سپريم ڪورٽ جي جج يا چيف جسٽس، هاءِ ڪورٽ يا جج، هاءِ ڪورٽ) ۾ پنهنجي فرضن ۽ ڪمن جي ادائگي ايمانداري، انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، اسلامي جمهوريہ پاڪستان ۽ قانون مطابق سرانجام ڏيندس:

تہ آئون سپريم جديشل ڪائونسل طرفان جاري ڪيل اخلاقي ضابطي جي پابندي ڪندس:

تہ آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪمن يا پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نہ ڏيندس:

تہ آئون اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور کي برقرار رکندس ۽ ان جو تحفظ ۽ دفاع ڪندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وفاقي شرعي عدالت جو چيف جسٽس يا جج
[آرٽيڪل 203 (ج) (7)]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آئون .................................... صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان ته وفاقي شرعي عدالت جي چيف جسٽس يا جج جي حيثيت ۾ پنهنجي منصبي فرض ۽ ڪمن کي دستور هيٺ ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان سرانجام ڏيندس؛

۽ هي ته آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس.

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چيف اليڪشن ڪمشنر

[(آرٽيڪل 214)]

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

آئون ........................................ صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان تہ چيف اليڪشن ڪمشنر جي حيثيت ۾ پنهنجي منصبي فرض ۽ ڪمن کي ايمانداري، پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ وفاداري سان، بنا خوف ۽ رعايت ۽ بنا رغبت ۽ دشمني سرانجام ڏيندس ۽ هي تہ آئون پنهنجي ذاتي مفاد کي پنهنجي سرڪاري ڪم ۽ پنهنجي سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نہ ڏيندس.

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُسلح افواج جا ميمبر

[آرٽيڪل 244]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

آئون ....................................... صدقِ دل سان قسم ٿو کڻان ته آئون نيت جي سچائي سان پاڪستان جو حامي ۽ وفادار رهندس ۽ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور جي حمايت ڪندس، جيڪو عوام جي خواهشن جو مظهر آهي ۽ هي ته آئون پنهنجو پاڻ کي ڪنهن به قسم جي سياسي سرگرمين ۾ مشغول نہ ڪندس ۽ هي ته آئون قانون جي گهُرجن مطابق ۽ ان جي هيٺ پاڪستان جي بري (يا بحري يا فضائي) فوج ۾ پاڪستان جي خدمت ايمانداري ۽ وفاداري سان سرانجام ڏيندس:

الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي (رهبري) ڪري- آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو چوٿون

## آرٽيڪل 70 (74)

## قانون سازي جون فهرستون

## وفاقي قانون سازي جي فهرست

### حصو پهريون

1. امن يا جنگ ۾ وفاق يا ان جي ڪنهن حصي جو دفاع، وفاق جي بري، بحري ۽ فضائي افواج( فوجن) يا ڪي ٻيون مسلح افواج، جيڪي وفاق طرفان پرتي ڪيون وڃن يا رکيون وڃن، ڪي بہ مسلح افواج جيڪي وفاق جون فوجون نہ هجن، پر وفاق جي مسلح افواج، جنهن ۾ شهري مسلح افواج شامل آهن، ان جي متعلق هجن يا انهن سان ملي ڪارروائي ڪري رهيون هجن، وفاقي انٽيليجنس بيورو (ڪاتو)، پرڏيهي معاملا، دفاع يا پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي سلامتي متعلق ملڪي مصلحتن جي بناء تي روڪيندڙ نظربندي، اهڙا شخص جيڪي نظربند ڪيا ويا هجن، اهي صنعتون جيڪي وفاقي قانون موجب دفاعي مقصد لاءِ يا جنگ جاري رکڻ لاءِ ضروري قرار ڏنيون ويون هجن.

2. بري، بحري، فضائي فوج جا ڪمر، ڪنٽونمينٽ (ڇانوڻي) ايراضين ۾ خود مختيار مقامي حڪومت، اختيارين جا قيام ۽ اختياريون انهن ايراضين ۾ گهرن ۾ رهائش جا ضابطا، ۽ انهن علائقن جي حدبندي.

3. پرڏيهي معاملا، ٻين ملڪن سان تعليمي، ۽ ثقافتي معاهدن ۽ اقرارنامن سان شامل انهن عهدنامن ۽ قبوليتن تي عمل ڪرڻ، جنهن ۾ مجرمن ۽ جوابدارن کي پاڪستان کان ٻاهر حڪومتن جي حوالي ڪرڻ شامل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. قوميت، شهري ۽ شهري بنائڻ جو حق ڏيڻ.

5. ڪنهن صوبي يا وفاق جي دارالحڪومت مان يا ان ۾ هجرت ڪري آباد ٿيڻ.

6. پاڪستان ۾ داخلا يا پاڪستان مان لڏي وڃڻ ۽ تڙجي وڃڻ (ديس نيڪالي) جنهن ۾ پاڪستان اندر ماڻهن جي چرپر، جيڪي پاڪستان جا رهندڙ نہ هجن، پاڪستان کان ٻاهر زيارت جون جايون.

7. پوسٽ ۽ ٽيليگراف (تارون)، جنهن ۾ ٽيليفون، وائرليس، نشريات ۽ مواصلات جا اهڙا ٻيا وسيلا، پوسٽ آفيس جا سيونگ بينڪ.

8. ڪرنسي، سڪا ناهڻ، قانوني زر.

9. پرڏيهي ناڻو (زر مبادلہ)، چيڪ، متاستا جا بل، پرونوٽ ۽ اهڙا ٻيا دستاويز.

10. وفاق جو سرڪاري قرض، جنهن ۾ وفاقي گڏيل فنڊ جي ضمانت تي رقم قرض وٺڻ، پرڏيهي قرض پرڏيهي امداد شامل آهي.

11. وفاقي سرڪاري نوڪريون ۽ وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن.

12. وفاقي پينشنون يعني تہ وفاق طرفان يا وفاقي گڏيل فنڊ مان واجب الادا پينشنون.

13. وفاقي محتسب.

14. وفاق جي رعيت لاءِ انتظامي عدالتون (ڪورٽون) ۽ ٽربيونل.

15. لئبريريون (ڪتب خانا)، ميوزيم ۽ ساڳيا ادارا جيڪي وفاق جي ضابطي ۽ خرچ تي هجن.

16. تحقيقات لاءِ پيشہ ورانہ يا فني تربيت لاءِ يا خاص تعليم جي ترقي لاءِ، وفاقي ايجنسيون ۽ ادارا.

17. ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستاني شاگردن جي تعليم ۽ پرڏيهي شاگردن جي پاڪستان ۾ تعليم متعلق.

18. جوهري توانائي ۾ شامل-

(الف) معدني وسائل، جيڪي جوهري توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) جوهري ٻارڻ جي پيداوار ۽ جوهري توانائي پيدا ڪرڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ؛ ۽

(ٿ) شعائن (لائون) کي چمڪائڻ (روشن ڪرڻ).

19. بندرگاهه جي ڪوارنٽائين، ملاحن ۽ بحري اسپتالون ۽ اهڙيون اسپتالون جيڪي بندرگاهه ڪوارنٽائين سان وابسته هجن.

20. بحري جهازراني، جهازن جي اچڻ ۽ وڃڻ، بحري دائره اختيار، جنهن ۾ وِير چڙهيل پاڻي ۾ جهازراني ۽ جهازن جي آمدرفت شامل آهي.

21. وڏا بندرگاهه يعني ذڪر ڪيل بندرگاهن جو اعلان ڪرڻ، انهن جي حدبندي ڪرڻ ۽ بندرگاهه اختياري وارن جي تشڪيل (قيام) ۽ اختياريون.

22. هوائي جهاز ۽ هوابازي، هوائي اڏن جو انتظام، هوائي جهازن جي آمدورفت ۽ هوائي اڏن جو ضابطو ۽ انتظام.

23.. لائيٽ هائوس (روشني جا منارا) جنهن ۾ روشنيءَ جا جهاز، لائيٽ هائوس، بحري ۽ هوائي جهازن جي حفاظت لاءِ ٻيا انتظام شامل آهن.

24. بحري يا هوائي رستن وسيلي مسافرن ۽ مال جي نقل ۽ حمل.

25. تصنيف جو حق، ايجادون، نمونا، تجارتي نشان ۽ تجارتي مال جا نشان.

26. آفيم، ان جي برآمد ۽ وڪري بابت.

27. وفاقي حڪومت جو تعين ڪيل سرحدن، ڪسٽم جي آرپار مال جي درآمد ۽ برآمد، صوبن جي وچ ۾ تجارت ۽ ڪاروبار، ٻاهرين ملڪن سان تجارت ۽ ڪاروبار، پاڪستان مان برآمد ٿيندڙ مال جو معيار.

28. پاڪستان جي ملڪي بينڪ، بينڪاري يعني ته اهڙين ڪارپوريشنن طرفان بئنڪاري جي ڪاروبار جو انتظام، جيڪي انهن ڪارپوريشنن کان سواءِ هجن، جيڪي ڪنهن صوبي جي ملڪيت يا نگراني ۾ هجن ۽ فقط انهيءَ صوبي ۾ ڪاروبار ڪنديون هجن.

29. انشوئرنس جو قانون، سواءِ جڏهن انهيءَ انشوئرنس جي باري ۾ هجي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي ذميواري ڪنهن صوبي ڪنئي هجي ۽ انشوئرنس جي ڪاروبار جي انتظام کي ضابطي ۾ آڻڻ، سواءِ جڏهن انهيءَ ڪاروبار جي متعلق هجي، جنهن جي ذميواري ڪنهن صوبي ڪنئي هجي، سرڪاري انشوئرنس سواءِ انهيءَ حد تائين ڪنهن صوبي ان جي ذميواري صوبائي اسيمبلي جي قانون سازي جي اختيار جي ڪنهن معاملي جي ڪري ڪنئي هجي.

30. اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ وعده بازار، جنهن جو مقصد ۽ ڪاروبار هڪ صوبي تائين محدود نہ هجي.

31. ڪارپوريشنون يعني تہ تجارتي ڪارپوريشنون، جنهن ۾ بينڪاري، انشوئرنس ۽ مالي ڪارپوريشن جو قيام، ضابطا ناهڻ ۽ ختم ڪرڻ، پوءِ اهي تجارتي هجن يا نہ هجن، جن جا مقصد هڪ صوبي تائين محدود نہ هجن، پر ان ۾ يونيورسٽيون شامل نہ آهن.

32. قومي منصوبہ بندي ۽ قومي اقتصادي هڪجهڙائي، جنهن ۾ سائنسي ۽ فني تحقيقات جي منصوبہ بندي ۽ هڪجهڙائي شامل آهي.

33. سرڪاري لاٽريون.

34. قومي وڏا رستا ۽ اهم رستا (سڙڪون).

35. وفاقي سروي (ماپون) جنهن ۾ زمين جي سروي (ماپ) ۽ وفاقي موسمياتي تنظيمون.

36. علائقائي سمنڊ کان ٻاهر مڇي مارڻ يا مڇيون ڏارڻ.

37. وفاق جي مقصدن لاءِ حڪومت جي تصرف يا قبضي ۾ ڪم، زمينون ۽ عمارتون، جيڪي بري، بحري يا فضائي فوج جون ناهيل نہ هجن، پر ڪنهن صوبي ۾ واقع ملڪيت جي سلسلي ۾ هميشہ صوبائي قانون سازيءَ جي تابع، سواءِ ان حد تائين جتي وفاقي قانون جي حالت ۾ حڪم ڏي.

38. آدمشماري.

39. تور ۽ ماپ جو معيار قائم ڪرڻ.

40. ڪنهن صوبي جي ٻاري ۾ ڪنهن پوليس جي عملي جي ميمبرن جي اختيار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ دائره اختيار کي ڪنهن ٻئي صوبي جي ڪنهن علائقي تائين وڌائڻ پر انهيءَ ريت نه ته ڪنهن صوبي جي پوليس کي ٻئي صوبي جي حڪومت جي رضامندي کان سواءِ اختياريون ۽ دائره اختيار استعمال ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي. ڪنهن صوبي جي باري ۾ پوليس جي عملي جي ميمبرن جي اختيارين ۽ دائره اختيار کي ان صوبي کان ٻاهر، ريلوي جي علائقن تي وڌائڻ.

41. صدر جي عهدي، قومي اسيمبلي، سينيٽ ۽ صوبائي اسيمبلين لاءِ چونڊون، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن.

42. صدر، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، سينيٽ جي چيئرمين، ڊپٽي چيئرمين وزيراعظم، وفاقي وزير، وزير مملڪت جي پگهار، الائونس ۽ رعايتون ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي پگهار، الائونس ۽ رعايتون ۽ ان شخص جي سزا جيڪي ڪميٽي آڏو شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ کان انڪار ڪن.

43. ڪسٽم ٽئڪس، جنهن ۾ برآمدي ٽئڪسَ شامل آهن.

44. آبڪاري ٽئڪس، جنهن ۾ لوڻ تي ٽئڪسَ شامل آهن، پر ان ۾ الڪوحل مليل پيئڻ جون شيون، آفيم ۽ ٻيون نشي جون شيون ۽ ان تي محصول شامل نه آهي.

45. ملڪيت جي وراثت تي ٽئڪس.

46. ملڪيت بابت سرڪاري ٽئڪس.

47. زرعي آمدني کان سواءِ آمدني تي ٽئڪس.

48. ڪارپوريشنن تي ٽئڪس.

49. درآمد ۽ برآمد تيل، تيار ڪيل صنعت يا صرف تيل مال جي وڪري ۽ خريد تي ٽئڪس.

50. اثاثن جي اصل ماليت تي محصول، جنهن ۾ غير متحرڪ جائداد جي اصل منافعي تي ٽئڪس شامل نه هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

51. جوهري توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ معدني تيل، قدرتي گيس ۽ ڏاتن تي محصول.

52. ڪنهن پلانٽ، مشنري، منصوبي، ڪارخاني يا تنصيب جي پيداواري صلاحيت تي انهن ٽئڪسن بدران، جن جو ذڪر 44، 47،48 ۽ 49 ۾ ڪيئي ويئي آهي، يا ان ۾ ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ جي بدران محصول.

53. ريل، بحريه يا هوائي جهاز رستي ڪٽي وڃڻ واري مال يا مسافرن تي انتهائي ٽئڪس، انهن جي ڀاڙن ۽ باربرداريءَ تي محصول.

54. هن حصي ۾ درج ڪيل ڪنهن به معاملي بابت فيون، پر ان ۾ ڪنهن عدالت ۾ وٺندڙ في شامل نه آهي.

55. هن فهرست ۾ درج ڪيل ڪنهن به معاملي مان ڪنهن بابت ۽ اهڙي حد تائين جنهن کي دستور جي رو کان يا ان کان هيٺ، عام طور اجازت ڏني ويئي آهي، سپريم ڪورٽ کان سواءِ سڀني عدالتن ۾ ٻڌڻ جو اختيار يا اختياريون، سپريم ڪورٽ جي دائره اختيار ۾ واڌ آڻڻ ۽ ان کي وڌيڪ اختياريون ڏيڻ.

56. هن حصي ۾ درج ڪنهن به معاملي متعلق قانونن خلاف ڏوهه.

57. هن حصي ۾ درج ڪيل ڪنهن به معاملي جي مقصدن لاءِ تحقيقات ۽ انگ اکر.

58. معاملا، جيڪي دستور هيٺ (مجلس شوريٰ يعني پارليامينٽ) قانون سازيءَ جي اختيار اندر آهن يا وفاق جي باري ۾ آهن.

59. هن حصي ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي جي اتفاقي يا ان سان لاڳو معاملو.

## حصو ٻيو

1. ريلوي.

2. معدني تيل ۽ قدرتي گيس، پاڻيٽ يا مادو، جن جو خطرناڪ باهه لڳندڙ هجڻ لاءِ وفاقي قانون ذريعي اعلان ڪيو وڃي.

3. صنعتن جي ترقي، جتي وفاقي قانون ذريعي وفاقي نگرانيءَ ۾ ترقي، عوام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مفاد خاطر مصلحت جي ويجهو قرار ڏني وڃي. اهڙا ادارا، ڪارخانا، مجلسون ۽ ڪارپوريشنون جن جو انتظام يا سنڀال، شروع واري ڏينهن کان اڳ وفاقي حڪومت ڪندي هئي، ان ۾ شامل پاڪستان جي پاڻي ۽ بجليءَ جي ترقي واري اختياري، پاڪستان جي صنعتي ترقي جي ڪارپوريشن، ذڪر ڪيل ادارن، ڪارخانن، مجالس ۽ ڪارپوريشنن جا سيئي منصوبا، پروجيڪٽ، اسڪيمون، صنعتون، پروجيڪٽ ۽ منصوبا جيڪي وفاق يا وفاق طرفان قائم ڪيل ڪارپوريشنن جي مڪمل يا حصي طور ملڪيت هجي.

4. گڏيل مفادن جي ڪائونسل.

5. هن حصي ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي بابت فيون، پر ان ۾ ڪنهن عدالت ۾ وٺندڙ فيون شامل نه هونديون.

6. هن حصي ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي بابت قانونن خلاف ڏوهه.

7. هن حصي ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي بابت تحقيقات ۽ انگ اکر.

8. هن حصي ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي جي اتفاقي يا ان سان لاڳو معاملو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪجهڙي قانون سازيءَ جي فهرست

1. فوجداري قانون، جنهن ۾ شامل شروع واري ڏينهن تي، پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ شامل سڀ معاملا، پر ان ۾ وفاقي قانون ساز فهرست ۾ ظاهر ڪيل انهن معاملن بابت قانونن خلاف ڪيل ڏوهه ۽ شهري حڪومت جي مدد لاءِ بحري، بري ۽ فضائي افواج جو استعمال.

2. ڪرمنل پروسيجر، جنهن ۾ شامل شروع واري ڏينهن تي سيئي معاملا شامل آهن، جيڪي ڪرمنل پروسيجر ۾ شامل آهن.

3. سول پروسيجر، جنهن ۾ شامل لميٽيشن جو قانون ۽ سڀ معاملا، مع ڪوڊ آف سول پروسيجر، شروع واري ڏينهن کان شامل آهي، ڪنهن صوبي يا وفاقي دارالحڪومت ۾ ٽئڪس ۽ ٻين سرڪاري واجبات جي وصولي جن ۾ ليند روينيو جي بقايا، ۽ ذڪر ڪيل طور تي اُهي رقمون، جيڪي صوبي کان ٻاهر پيدا ٿيون آهن.

4. شاهدي ۽ حلف (قسم)، قانون، سرڪاري ڪم، رڪارڊ ۽ عدالتي ڪارروائي جو تسليم ڪرڻ.

5. شادي ۽ طلاق، ڪير پيئندڙ ٻارن، نابالغ ۽ دين جو پُٽ ڪرڻ (يا پٽ وٺڻ).

6. وصيتون بنا وصيت جي وفات، ۽ وراثت سواءِ ان جي، جتي زرعي ايراضيءَ جو تعلق آهي.

7. ڏيوالو ڪڍڻ ۽ ڪٽي وجڻ، ائڊمنسٽريٽر جنرل ۽ سرڪاري امين.

8. امين مقرر ڪرڻ.

9. معاهدا جن ۾ ڀائيواري، دلالي، مزوري (ڪٽائي) جا معاهدا، ٻيا خاص قسم جا معاهدا شامل آهن، پر زرعي زمين بابت مقاطعا شامل نه رهندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

10. وقف ۽ متولي.

11. زرعي ايراضيءَ کان سواءِ، ملڪيت جو انتقال، ڪمن ۽ دستاويزن جو رجسٽر ٿيڻ.

12. اُهي غلطيون جن تي قدم کنيو وڃي، سواءِ ان جي جيڪي وفاقي فهرست جي قانون سازيءَ ۾ ظاهر ڪيل معاملن بابت ڪنهن به معاملي بابت قانونن ۾ شامل هجن.

13. قيدين ۽ جوابدارن کي هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۾ منتقل ڪرڻ.

14. امن عامه جي قيام يا معاشري لاءِ ضروري رسد ۽ خدمتون برقرار رکڻ ۽ انهيءَ سبب روڪيندڙ نظربندي ۽ اهڙا ماڻهو جن کي انهيءَ طرح نظربند ڪيو وڃي.

15. وفاقي اختيار هيٺ روڪيندڙ نظربند ڪيل شخص.

16. وفاقي ۽ صوبائي حڪومت جي باري ۾ معاملن جي سلسلي ۾ ڪيل ڪن ڏوهن کي منهن ڏيڻ لاءِ تدبيرون (قدم کڻڻ) ان مقصد لاءِ پوليس فورس جو قيام.

17. اسلحه (هٿيار)، آتشين (باهه) هٿيار، ۽ بارود.

18. ٻرڪو ڏيئي ٻرندڙ مادا (شيون).

19. آفيم جيستائين ان جي پوک ۽ تياري جو تعلق آهي.

20. نشي آور شيون ۽ دوائون.

21. زهر ۽ خطرناڪ نشي آور شيون.

22. ماڻهن، جانورن ۽ ٻوٽن تي اثر ڪرڻ واريون يا ڇُوت ڇات واريون بيماريون يا وائرس کي هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۾ پکڙجڻ کان روڪڻ.

23. ذهني بيماري يا ذهني گهٽتائي، جنهن ۾ شامل ذهني بيمار، ذهني گهٽتائي رکندڙ شخصن کي رکڻ ۽ علاج ڪرڻ لاءِ جايون.

24. ماحول جي گندگي (خراب ٿيڻ) يا ماحوليات.

25. آباديءَ لاءِ منصوبه بندي ۽ سماجي فلاح ۽ بهبود.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

26. مزدورن جي فلاح ۽ بهبود، محنت جا شرط، پراويڊنٽ فنڊ، آجرن (ڪارخانيدارن) جي ذميواري ۽ ڪم ڪندڙن جو معاوضو، صحت جي انشوئرنس جنهن ۾ معذوري جي پينشن ۽ پيريءَ جي پينشن شامل آهي.

27. مزدورن جون يونينون (انجمنون)، صنعتي مزدورن جا تڪرار.

28. محنت يا دفتر، روزگار جا اطلاعي بيورو، تربيتي ادارن جو قيام.

29. بوائلرس.

30. کاڻين، ڪارخانن ۽ تيل جي کوهن (چشمن) ۾ محنت ۽ تحفظ جا ضابطا.

31. بيروزگاري جي انشوئرنس.

32. جهازن ۽ جهازراني، جيڪا اندروني پاڻيءَ جي رستي ڪئي وڃي، يعني ميڪانيڪل مشينن وسيلي ۽ پاڻيءَ جي رستن تي رستي جو قانون، ماڻهن جي اچ وڃ ۽ مال جي باربرداري.

33. ميڪانيڪل طريقي اڳتي ڌڪجندڙ گاڏيون.

34. بجلي.

35. اخبارون، ڪتاب، پرنٽنگ پريسون.

36. متروڪ جائداد.

37. قديم ۽ تاريخي يادگار، آثار قديمه جون جايون ۽ کنڊر.

38. تعليم ۽ تدريس، نصاب، منصوبه بندي، حڪمت عملي، اختيار جا مرڪز ۽ ميعاد.

39. اسلامي تعليم.

40. زڪوات.

41. سينمائي فلمن جي تياري، سينسر ۽ نمائش.

42. سياحت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

43. قانوني، طبي ۽ ٻيا پيشا.

44. هن فهرست ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي بابت فيون، پر ان ۾ ڪنهن عدالت ۾ وصول ٿيندڙ فيون شامل نه آهن.

45. هن فهرست ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي جي مقصدن لاءِ تحقيقات ۽ انگ اکر.

46. هن فهرست ۾ درج ڪيل ڪنهن معاملي جي باري ۾ قانونن خلاف ڏوهه، انهن معاملن مان ڪنهن به معاملي جي سلسلي ۾ هن فهرست ۾ درج آهن، سپريم ڪورٽ کان سواءِ سڀني ڪورٽن جو اختيار ۽ دائره اختيار.

47. هن فهرست ۾ ڳڏيل معاملن مان ڪنهن به معاملي سان اتفاقي يا لاڳو معاملو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شيڊول پنجون

[آرٽيڪل 205]

## ججن جي لوازمي (پگھار) ۽ نوڪريءَ جي شرطن شروطن بابت

### سپريم ڪورٽ

1. پاڪستان جي چيف جسٽس کي مبلغ 7900 رپيا ماھوار پگھار ادا ڪيو ويندو ۽ سپريم ڪورٽ جي ھر ھڪ ٻئي جج کي 7300 رپيا ماھوار پگھار ڏنو ويندو.

2. سپريم ڪورٽ جو ھر ھڪ جج اھڙين رعايتن ۽ الائونسن (ڀتن)، غير حاضري جي موڪل ۽ پينشن جي باري ۾ اھڙن حقن جو حقدار ٿيندو، جيڪي صدر مقرر ڪري ۽ اھڙي طرح مقرر ڪرڻ تائين، اھڙين رعايتن، الائونسن ۽ حقن جو حقدار رھندو، جيڪي شروع واري ڏينھن کان اڳ سپريم ڪورٽ پاڪستان جا جج مستحق ھئا.

3. سپريم ڪورٽ جي رٽائر ڪيل جج کي، واجب الادا پينشن، ھُن جي ان عدالت يا ڪنھن ھاءِ ڪورٽ جي ملازمت جي ڊيگھہ جي مطابق 7000 رپيا ھر مھيني کان گھٽ، 8000 رپيا ماھوار کان وڌيڪ نہ ھوندي.

پر شرط آھي تہ سپريم ڪورٽ جي ڪنھن جج کي واجب الادا پينشن ان پينشن کان گھٽ نہ ھوندي، جيڪا شروع واري ڏينھن کان اڳ، ھُن کي اھڙي جج جي حيثيت ۾ واجب الادا ھجي.

4. سپريم ڪورٽ جي ڪنھن جج جي بيوہ ھيٺ ڏنل نرخن تي پينشن جي حقدار رھندي:

(الف) جيڪڏھن جج رٽائر ڪرڻ کان پوءِ مري وڃي تہ ان کي واجب الادا خالص پينشن جو اڌ ڏنو ويندو؛ يا

(ب) جيڪڏھن جج گھٽ ۾ گھٽ ٽي سال بحيثيت جج خدمت انجام ڏيڻ کان پوءِ انھيءَ حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رھيو ھجي ۽ مري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي تہ اُن کي گهٽ ۾ گهٽ نرخ تي واجب الادا پينشن جو اڌ (پنجاهہ سيڪڙو).

5. پينشن بيوهہ کي، جيستائين هوءَ جيئري آهي يا جيستائين اها ٻيهر شادي ڪري نہ ان شادي تائين واجب الادا رهندي.

6. جيستائين بيوه وفات ڪري وڃي تہ سندس ٻارن کي پينشن هن ريت ادا ڪئي ويندي:

(الف) جج بابت جيڪي ٻار ايڪيهن سالن کان گهٽ عمر جا هجن، جيستائين اُهي انهيءَ عمر تائين پهچي نہ وڃن: ۽

(ب) جج جون غير شادي شده (ڪنواريون) ڌيون جن جي عمر 21 سالن کان گهٽ هجي، جيستائين اُهي ان عمر کي نہ پهچن يا انهن جي شادي نہ ٿي وڃي، جيڪا بہ پهرين واقع ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هاءِ ڪورٽ

1. ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي مبلغ 7050 رپيا ماهوار پگهار ادا ڪيو ويندو ۽ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ٻئي هر هڪ جج کي مبلغ 6500 رپيا ماهوار پگهار ادا ڪيو ويندو.

2. ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي هر هڪ جج کي اهڙيون رعايتون ۽ الائونس، غيرحاضري جي موڪل ۽ پينشن جي باري ۾ اهڙن حقن جو حقدار رهندو، جيڪي صدر مقرر ڪري ۽ اهڙي طرح مقرر ٿيڻ تائين اهڙين رعايتن، الائونسن ۽ حقن جو حقدار رهندو، جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ هاءِ ڪورٽ جا جج حقدار هئا.

3. ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج کي جيڪو جج جي حيثيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ملازمت ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ڪري، واجب الادا پينشن، انهيءَ جج جي حيثيت ۾ ملازمت يا پاڪستان جي ملازمت ۾ ٽوٽل ملازمت موجب، جيڪڏهن ڪا آهي ته 2400 رپيا ماهوار کان گهٽ ۽ 4200 ماهوار کان وڌيڪ نه هوندي.

4. هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جي بيوه هيٺين نرخن تي پينشن جي حقدار ٿيندي، يعني:

(الف) جيڪڏهن جج رٽائر ڪرڻ کان پوءِ وفات ڪري، ان کي واجب الادا پينشن جو اڌ؛ يا

(ب) جيڪڏهن جج گهٽ ۾ گهٽ پنج سال بحيثيت جج خدمت سرانجام ڏيڻ کان پوءِ جڏهن انهيءَ حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهي، وفات ڪري وڃي، ان کي گهٽ ۾ گهٽ نرخ تي واجب الادا پينشن جو اڌ (پنجاهه سيڪڙو).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5. پينشن بيوه کي تاحيات يا جيڪڏهن اها ٻيهر شادي ڪري ته ان شادي تائين واجب الادا هوندي.

6. جيڪڏهن بيوه وفات ڪري وڃي ته پينشن هن موجب واجب الادا هوندي:

(الف) جج جي پٽن کي، جيڪي ايڪيهن سالن کان گهٽ عمر جا هجن، جيستائين اُهي ان عمر کي نه پهچن:

(ب) جج جي ڪنوارين ڌيئرن کي، جيڪي 21 سالن کان گهٽ عمر جون هجن ۽ جيستائين اُهي ان عمر کي نه رسن يا انهن جي شادي نه ٿي وڃي، جيڪي به پهرين واقع ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو ڇهون

[آرٽيڪل 268 (2)]

## اُهي قانون جن ۾ صدر جي اڳواٽ منظوري کان سواءِ بدل سدل، رد ڪرڻ (تنسيخ) يا ترميم ڪئي ويندي

### ضابطي جي نوعيت

1. ملڪيت جي ناجائز حصول جو ضابطو 1969.
2. نوڪري مان برطرفي (خاص نهراءُ) جو ضابطو 1969.
3. ظاهري ذريعن کان وڌيڪ زندگي گذارڻ جي سزا جو ضابطو 1969.
4. سرڪاري زرعي زمين (ناجائز قبضو واپس وٺڻ) جو ضابطو 1969.
5. دشمن جي ملڪيت (دشمن کي واجب الادا رقم) ضابطو 1970.
6. وڏي قيمت جي ڪرنسي نوٽن جي واپسيءَ جو ضابطو 1971.
7. متروڪ ملڪيت جي قيمت ۽ سرڪاري واجبات جي وصوليءَ جو ضابطو 1971.
8. پشاور ضلعي ۾ قبائلي ايراضين (تڪرارن جو تصفيو) ضابطو 1971.
9. ڪنوينشن مسلم ليگ ۽ عوامي ليگ (فنڊن جي جانچ پڙتال) ضابطو 1971.
10. غير ملڪي زرمبادلہ جي واپسيءَ جو ضابطو 1972.
11. غير ملڪي اثاثن جي واپسيءَ جو ضابطو 1972.
12. نوڪريءَ مان برطرفي جا (خاص نهراءُ) ضابطو 1972.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

13. لينڊ رفارم (زمين سڌارڪ) ضابطو 1972.

14. ملازمت مان برطرفي (نظرثاني درخواست) ضابطو 1972.

15. بلوچستان پَٽ فيڊر ڪئنال، زمين سڌارڪ ضابطو 1972.

16. خانگي انتظام هيٺ اسڪول ۽ ڪاليج (حڪومت طرفان ڪٽڻ) ضابطو 1972.

17. دشمن جي ملڪيت (وڪري جي تنسيخ) ضابطو 1972.

18. ڊِير ۽ سوات (وراثت ۽ تقسيم ملڪيت) ضابطو 1972.

19. ڊِير ۽ سوات (غير متحرڪ ملڪيت جي باري ۾ تڪرارن جو تصفيو) ضابطو 1972.

20. مغربي پاڪستان صنعتي ترقياتي ڪارپوريشن (وڪري ۽ انتقال جي تنسيخ) ضابطو 1972.

21. اقتصادي سڌارن (صنعتن جو تحفظ) ضابطو 1972.

22. قومي پريس ٽرسٽ جي منتظمين ۽ متولين جي بورڊ جي معطلي) ضابطو 1972.

23. ڪوآپريٽو بينڪن (قرضن جي واپسي: پنجاب) ضابطو 1972.

24. ڪوآپريٽوَ سوسائٽين (قرضن جي واپسي: سنڌ) ضابطو 1972.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو ستون

[آرٽيڪل A.270 (6)]

## قانون، جن ۾ ترميم دستور جي ترميم لاءِ وضع ڪيل طريقي موجب ڪيا ويندا

## صدر جا حڪم

1. ذوالفقار علي ڀٽو ٽرسٽ ۽ پيپلز فائونڊيشن ٽرسٽ (ٻيو دفعو نالو رکڻ ۽ انتظام) جو حڪم 1978 (حڪم نمبر 4، سال 1978.
2. چانوٽين (شهري غير متحرڪ ملڪيت، ٽئڪس ۽ تفريح ٽئڪس) جو حڪم 1979 (حڪم نمبر 14، سال 1979.
3. پاڪستان ڊفينس آفيسرز هائوسنگ اختياريءَ جو حڪم 1980 (حڪم نمبر 7، سال 1980.
4. غير ملڪي ڪرنسيءَ جا قرض (بدلائڻ جو نرخ) جو حڪم 1982 (حڪم نمبر 3، سال 1982.
5. وفاقي محتسب (اومبڊسمن) جي عهدي جي قيام جو حڪم 1983 (حڪم نمبر 1، سال 1983.
6. آغا خان يونيورسٽي جو حڪم 1983 (حڪم نمبر 3، سال 1983.
7. قومي ڪاليج آف ٽيڪسٽائيل ۽ انجنيئرنگ (انتظامي باڊي ۽ سيس) جو حڪم 1983 (حڪم نمبر 11، سال 1983.
8. لاهور يونيورسٽي آف مئنجمينٽ سائنس جو حڪم 1985 (حڪم نمبر 25، سال 1985.

## آرڊيننس

1. بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي آرڊيننس 1985 (نمبر 30، سال 1985).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ائڪٽ 33 آف 1974

### دستور (جو پهريون ترميمي ائڪٽ) 1974

**اهو ائڪٽ جنهن سان اسلامڪ ريپبلڪ (جمهوريہ) پاڪستان جي دستوري ترميم ڪجي**

**گزيٽ آف پاڪستان- غير معمولي حصو پهريون- 8 مئي 1974**

**پارليامينٽ جو هيٺ ڏنل ائڪٽ، جنهن کي صدر 4 مئي 1974 تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع (پڌرو) ڪيو وڃي ٿو.**

**جيئن تہ اهو (مصلحت هيٺ) واجبي (ضروري) ٿيو آهي تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾ هن ڪان پوءِ ظاهر ٿيندڙ مقصدن لاءِ ترميم آندي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ٺاهيو وڃي ٿو.**

### 1. مختصر نالو ۽ شروعات

**(i) هن ائڪٽ کي دستور جو پهريون ترميمي ائڪٽ 1974 سڏيو ويندو.**

**(ii) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.**

### 2. دستور جي آرٽيڪل پهرئين ۾ ترميم

**(1) اسلامڪ جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾، جنهن کي هن ڪان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 1 جي فقري (2)، (3) ۽ (4) ۾ هن ريت بدلائي لکيو ويندو.**

**(2) پاڪستان جي علائقن ۾ هي شامل رهندا:**

**(الف) بلوچستان، اُتر اولهہ سرحد، پنجاب ۽ سنڌ جا صوبا؛**

**(ب) اسلام آباد دارالحڪومت جو علائقو، جيڪو هن ڪان پوءِ وفاقي دارالحڪومت سڏيو ويندو؛**

**(ٿ) وفاق طرفان انتظام هيٺ قبائلي ايراضيون؛ ۽**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(د) اهڙيون رياستون ۽ علائقا جيڪي موجود آهن يا گهُرن (چاهين) پوءِ الحاق رستي يا ٻي طرح پاڪستان ۾ شامل ڪيا وڃن.

(3) پارليامينٽ قانون جي ذريعي، وفاق ۾ نين رياستن ۽ علائقن کي اهڙين شرطن ۽ قاعدن موجب، شامل ڪري سگهندي، جيڪي هو مناسب سمجهي.

## 3. دستور جي آرٽيڪل 8 ۾ ترميم

(1) دستور ۾ آرٽيڪل 8 فقري (3) جي پيرا (ب) ۾ آخر ۾ ڏنل اکر "ڏينهن" جي پوريان هي اکر، يا جيئن شيڊول ۾ ڏنل (ظاهر ڪيل) ڪنهن به هڪ قانون سان ترميم ڪيل هجي، ڳنڍيا ويندا.

## 4. دستور جي آرٽيڪل 17 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 17 فقري (2) ۾ هن ريت بدلائي لکيو ويندو.

(2) هر هڪ شهري، جيڪو پاڪستان جي نوڪري ۾ نہ هجي، پاڪستان جي حڪومت (حاڪميت) يا سالميت جي مفاد ۾، قانون جي ذريعي عائد ڪيل، معقول پابندين جي تابع (هيٺ) ڪابہ سياسي جماعت (پارٽي) ناهڻ يا ان جو ميمبر ٿيڻ جو حق هوندو، ۽ ذڪر ڪيل قانون ۾ ظاهر ڪيو ويندو تہ وفاقي حڪومت جڏهن اعلان ڪري تہ ڪا سياسي جماعت اهڙي طريقي سان ٺاهي ويئي آهي يا ڪم ڪري رهي آهي، جيڪا پاڪستان جي حاڪميت يا سالميت لاءِ هاڃيڪار آهي تہ وفاقي حڪومت ذڪر ڪيل اعلان کان 15 ڏينهن اندر سپريم ڪورٽ جي حوالي ڪري ڇڏيندي، جنهن جو ذڪر ڪيل حوالي تي فيصلو قطعي هوندو.

(3) هرڪا سياسي پارٽي، قانون موجب پنهنجي مالي ذريعن جي بنياد لاءِ جوابده هوندي.

## 5. دستور جي آرٽيڪل 61 جي ترميم

(1) دستور ۾ آرٽيڪل 61 ۾، آخري لفظن "ڊپٽي چيئرمين" جي لفظ، ڪاماٽون، بريڪيٽس ۽ فگرس ۽ ڇٽڪ، آرٽيڪل 54 جي فقري (2) جي شرط ۾ لفظن "هڪ سو ٽيهن" بدران "نوي" بدلائي لکيا ويا آهن، ڳنڍيا ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 6. دستور جي آرٽيڪل 101 ۾ ترميم

(1) دستور ۾ آرٽيڪل 101 جي فقري (3) جي آخر ۾ "صدر" لفظ کان پوءِ لفظ "ڪاما ۽ هو اهڙي پگهار، الائونس ۽ رعايتن جو حقدار ٿيندو جيڪي صدر متعين ڪري" ڳنڍيا ويندا.

## 7. دستور جي آرٽيڪل 127 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 127 ۾:

(الف) پيرا (ع) ۾ ڇيڙي ۾ ڏنل لفظ "۽" ڪڍي ڇڏجي؛

(ب) پيرا (ف) ڇيڙي ۾ ڏنل فل اسٽاپ (.) سيمي ڪولن (؛) ۽ لفظ "۽" بدلايو وڃي؛

(ث) پيرا (ف) کي جيئن اڳ ڏنل آهي، هيٺيون نئون پيرا ڳنڍيو ويندو، يعني ته-

(گ) آرٽيڪل 54 جي فقري (2) اهڙي طرح عمل ۾ ايندو جهڙي طرح ان جي شرط ۾ لفظن "هڪ سو ٽيهه" جي بدران "سٺ" بدلايا ويا هجن.

## 8. دستور جي آرٽيڪل 193 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 193 جي فقري (2)، پيرا (ث) ۾ هيٺين سمجهاڻي ڳنڍي ويندي، يعني ته:

سمجهاڻي: انهيءَ مُدي شمار ڪرڻ ۾ جنهن جي هلندي ڪو شخص هاءِ ڪورٽ جو ائڊووڪيٽ رهيو هجي يا عدالتي عهدي تي فائز رهيو هجي، اُها مُدت شامل ڪئي ويندي جنهن جي هلندي، هو ائڊووڪيٽ ٿيڻ کان پوءِ، عدالتي عهدي تي فائز رهيو هجي يا جيئن هجي، اُها مدت جنهن جي هلندي، هو عدالتي عهدي تي فائز رهڻ کان پوءِ ائڊووڪيٽ رهيو هجي.

## 9. دستور جي آرٽيڪل 199 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 99 جي فقري (3) جي بدران هي شامل ڪيو وڃي:

(2) فقري (1) هيٺ انهيءَ درخواست تي حڪم صادر نه ڪيو ويندو جيڪو ڪنهن شخص طرفان يا ان جي باري ۾ جيڪو مسلح افواج پاڪستان جو ميمبر هجي، يا جيڪو في الوقت ذڪر ڪيل افواج مان ڪنهن جي متعلق ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانون جي تابع هجي، ان جي ملازمت جي شرطن بابت (بنسبت) ان جي ملازمت مان پيدا ٿيندڙ ڪنهن معاملي بابت يا مسلح افواج پاڪستان جي هڪ رڪن (ميمبر) طور يا ذڪر ڪيل قانون جي تابع ڪنهن شخص جي طور، ان جي باري ۾ ڪيل ڪنهن ڪارروائي بابت، پيش ڪئي وڃي.

## 10. دستور جي آرٽيڪل 200 ۾ ترميم

(1) هي دستور جي آرٽيڪل 200 جي فقري (2) کان پوءِ هيٺيون نئون فقرو ڳنڍيو ويندو: يعني ته-

"جيڪڏهن ڪنهن به وقت ڪنهن سبب ڪري ٿوري وقت لاءِ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ججن جي تعداد ۾ اضافو ڪرڻ ضروري هجي ته ذڪر ڪيل هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ڪنهن ٻي هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج کي ايتري مُدت (وقت) لاءِ جيڪو ضروري هجي، اڳ ذڪر ڪيل هاءِ ڪورٽ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم ڏيئي سگهندو ۽ جڏهن هو هاءِ ڪورٽ جي اجلاس ۾ انهيءَ طرح شريڪ ٿيندو ته ان جج کي ذڪر ڪيل هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جهڙوئي اختيار ۽ دائره اختيار حاصل ٿيندو."

پر شرط آهي ته ڪنهن جج کي هن ريت حڪم نه ڏنو ويندو، سواءِ سندس رضامندي جي ۽ صدر جي منظوري سان ۽ پاڪستان جي چيف جسٽس ۽ انهيءَ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري سان، جنهن جو هُو جج هجي."

## 11. دستور جي آرٽيڪل 209 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 209 جي فقري (2) جي سمجهاڻيءَ ۾ "چيف جسٽس" جي لفظن کان پوءِ "سواءِ بحيثيت قائم مقام چيف جسٽس" ڳنڍيو (وڌو) ويندو.

## 12. دستور جي آرٽيڪل 212 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 212 ۾-

(الف) فقري (1) ۾:

(i) لفظ "قيام" بدران "قيام لاءِ حڪم وضع ڪرڻ يا بندوبست ڪرڻ، وڌو ويندو ۽ اهو سمجهڻ گهرجي ته سدائين لاءِ وڌو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) پئرا گراف (الف) ۾ لفظن "شخصن" جي پٺيان لفظ "هجن يا رهيا هجن" وڌا ويندا ۽ هميشہ لاءِ وڌل سمجهيا ويندا.

(ب) فقري (2) ۾ لفظن ٽربيونل وڌيل "ڪان پوءِ هيٺيان لفظ وڌا ويندا ۽ اهي هميشہ لاءِ وڌل سمجهيا ويندا.

"۽ ڪنهن ذڪر ڪيل معاملي جي باري ۾ اُهي سڀ ڪارروايون، جيڪي ان انتظامي عدالت يا ٽربيونل جي قيام کان بلڪل اڳ، اهڙي ڀي عدالت جي روبرو زيرِ غور هيون، ذڪر ڪيل قيام تي ساقط (بي عمل) ٿي وينديون.

## 13. دستور جي آرٽيڪل 250 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 250 ۾ فقري (1) ۽ (2) ۾ لفظ "ڪاما ۽ ڪو گورنر" خارج ڪيا ويندا (ڪڍي ڇڏبا).

## 14. دستور جي آرٽيڪل 259 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 259 ۾-

(الف) فقري (2) ۾ لفظ "شجاعت" جي پٺيان، ڪاما ۽ لفظ "مسلح افواج ۾ قابل تعريف خدمت،" وڌا ويندا؛ ۽

(ب) فقري (3) ۾ لفظ "شجاعت" جي پٺيان ڪاما ۽ لفظ "مسلح افواج ۾ قابل تعريف خدمت،" وڌا ويندا، ۽ اُهي هميشہ لاءِ وڌل سمجهيا ويندا.

## 15. دستور جي آرٽيڪل 260 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 260 ۾:

(الف) "چيئرمين" جي سمجهاڻي جي پويان هيءَ نئين سمجهاڻي وڌي ويندي، يعني تہ-

"چيف جسٽس ۾، سپريم ڪورٽ ۽ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي سلسلي ۾ اهو جج بہ شامل آهي، جيڪو في الوقت چيف جسٽس جيان ڪم ڪري رهيو هجي."

(ب) سمجهاڻي "سروس آف پاڪستان" ۾ لفظ "صوبائي وزير" جي پويان ڪاما ۽ لفظ "اٽارني جنرل، پارليامينٽري سيڪريٽري،" وڌا ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 16. دستور جي آرٽيڪل 272 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 272 جي حاشيه جي سرنامي لفظ "پهريون" جي پويان لفظ "جو قيام" وڌو ويندو.

### 17. دستور جي پهرين شيڊول (ضميمي) ۾ ترميم

(1) دستور جي پهرين شيڊول (ضميمي) ۾ حصي چوٿين بدران هي ڳنڍيو ويندو، يعني ته-

## 4- وفاقي ائڪٽ

1. فلمن جي سينسرشپ (ڪاٽ ڪُوٽ) جو ائڪٽ 1963 (حڪم نمبر 18، 1963).

2. زمين سڌارڪ ترميم ائڪٽ 1974.

## ائڪٽ (49 آف 1974)

### دستور جو ٻيو ترميم ائڪٽ 1974

اهو ائڪٽ جنهن سان اسلامي جمهوريه پاڪستان جي وڌيڪ ترميم ڪجي
گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي حصو پهريون 21 سيپٽمبر 1974
پارليامينٽ جو هيٺ ڏنل ائڪٽ، جنهن کي صدر 17 سيپٽمبر 1974 تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع (پڌرو) ڪيو وڃي ٿو.

جيئن ته اهو (مصلحت هيٺ) واجبي ٿيو آهي ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾ هن کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ مقصدن لاءِ ترميم آندي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ناهيو وڃي ٿو.

### 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو ٻيو ترميم ائڪٽ 1974 سڏيو ويندو.

(2) ۽ اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

### 2. دستور جي آرٽيڪل 106 ۾ ترميم

(1) اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾ جنهن کي هن کان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 106 جي فقري (3) ۾ لفظ "فرقا" جي پويان لفظ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنگيون ليڪون "۽ قادياني يا لاهوري گروهه جا ماڻهو، جيڪي پاڻ کي احمدي سڏائين ٿا" وڌو ويندو.

### 3. دستور جي آرٽيڪل 260 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 260 جي فقري (2) ۾ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو، يعني تہ-

"ڪو شخص، جيڪو محمد ﷺ جي خاتم النبين هئڻ ۽ آخري نبي هئڻ يا سندس دعويٰ تہ هُو نبي آهي، ڪي ڪنهن بہ طرح ۽ ڪهڙي بہ نموني ۾ نہ مڃي (ايمان رکي) ڪنهن اهڙي کي مڃي ٿو، جيڪو نبي هجڻ يا مهدي (مذهبي سُڌارڪ) جي دعويٰ ڪري، دستور ۽ قانون جي مقصدن لاءِ، مسلم نہ آهي.

## (ائڪٽ 22 آف 1975)

دستور جو ٽيون ترميمي ائڪٽ سال 1975ع

اهو ائڪٽ، جنهن سان اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي وڌيڪ ترميم ڪجي

گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي حصو پهريون 18 فئبروري 1975

پارليامينٽ جو هيٺ ڏنل ائڪٽ، جنهن کي صدر 13 فئبروري 1975 تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع (پڌرو) ڪيو وڃي ٿو.

جيئن تہ اهو واجبي (ضروري) ٿيو آهي تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾ هن ڪان پوءِ ظاهر ٿيندڙ مقصدن لاءِ ترميم آندي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ناهيو وڃي ٿو.

### 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو ٽيو ترميم ائڪٽ 1975 سڏيو ويندو.

(2) ۽ اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

### 2. دستور جي آرٽيڪل 10 ۾ ترميم

(1) اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾ جنهن کي هن ڪان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 10 ۾-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) فقري (4) ۾ ٻه دفعا ورجايل لفظن "هڪ مهينو" بدران "ٽي مهينا" لکيا ويندا:

(ب) فقري (5) ۾ اکرن ۽ ڪاما "جيترو جلد ٿي سگهي اوترو، پر هڪ هفتي کان وڌيڪ نه،" جي بدران، "پندرهن ڏينهن" اندر لکيا ويندا:

(ث) فقري (7) جي شرط ۾ "دشمن" ڪاما ۽ لفظ ۽ "جيڪو ڪنهن اهڙي طريقي سان ڪم پيو ڪري، يا ڪم ڪرڻ جو قدم پيو کڻي، جيڪو پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي سالميت، تحفظ يا دفاع لاءِ هاڃيڪار هجي يا ڪو اهڙو ڪم ڪري پيو يا ڪم جي ڪوشش پيو ڪري، جيڪو (ڪنهن) وفاقي قانون موجب قوم (ملڪ) دشمن آهي يا اهڙي سنگت (انجمن) جو ميمبر (فرد) آهي، جنهن جو مول مقصد پاڪستان جي قوميت خلاف آهي، يا هُو اهڙين ڪارروائين ۾ مشغول (ملوث آهي)."

## 3. دستور جي آرٽيڪل 232 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 232 جي فقري 7 ۾ پئراگراف (ب) جي بدران هيءُ بدلائي ڇڏيو ويندو:

"پئراگراف الف جي ٺهرائڻ هيٺ، گڏيل اجلاس ۾ ٻنهي ايوانن جي ميمبرن جي اڪثريت جي ووٽن سان اهڙي قرارداد منظوري ٿي وڃڻ تي رد ٿي ويندي، جنهن ۾ ان اعلان کي نامنظور ڪيو ويو هجي."

## (ائڪٽ 71 آف 1975)

دستور جو چوٿون ترميمي ائڪٽ سال 1975

گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي حصو پهريون 25 نومبر 1975

پارليامينٽ جو هيٺ ڏنل ائڪٽ، جنهن کي صدر 21 نومبر 1975 تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع (پڌرو) ڪيو وڃي ٿو.

جيئن ته اهو واجبي (ضروري) ٿيو آهي ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾ هن کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ مقصدن لاءِ ترميم آندي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ٺاهيو وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو چوٿون ترميم ائڪٽ 1975 سڏيو ويندو.

(2) ۽ اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

## 2. دستور جي آرٽيڪل 8 ۾ ترميم

(1) اسلامي جمهوريہ پاڪستان، جنهن کي هن کان پوءِ دستور سڏيو ويندو، ان جي آرٽيڪل 8 جي-

(الف) فقري (3) ۾ پئراگراف (ب) ۾ هي ڳنڍيو ويندو:

(ب) کي بہ اهڙا-

(i) قانون جيڪي پهرئين شيڊول (ضميمي) ۾ مذڪور آهن ۽ شروع ٿيندڙ ڏينهن کان اڳ عمل ۾ هئا، يا ساڳئي ضميمي ۾ ڊيڪاريل ڪنهن بہ قانون هيٺ ترميم ٿيل هجن:

(ii) يا قانون جيڪي پهرئين شيڊول جي پهرئين ڀاڱي ۾ مذڪور آهن.

(ب) فقري (4) ۾ لفظن ۽ ڪاما "پهرئين شيڊول ۾ اهو قانون تہ جيڪو اقتصادي سڌارن بابت آهي يا ان سان لاڳو آهي،" لفظ ۽ فگر پهرئين شيڊول (ضميمي) جو پهريو حصو ڳنڍيو ويندو.

## 3. دستور جي آرٽيڪل 17 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 17 جي فقري (1) ۾ لفظن "اخلاقيات يا امن عامہ" جي بدران لفظ ۽ ڪاما "پاڪستان جو اقتدار، سالميت، امن عامہ ۽ اخلاقيات،" ڳنڍيو ويندو.

## 4. دستور جي آرٽيڪل 19 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 19 ۾ لفظ "بدناموسي" جي بدران لفظ "ڪرڻ جو" ڳنڍيو ويندو.

## 5. دستور جي آرٽيڪل 51 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 51 ۾-

(الف) فقري (2) جي پڇاڙي ۾ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو- يعني تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2 الف) فقري (1) ۾ بيان ڪيل جاين (سيٽن) کان سواءِ، ڏهه واڌو جايون هونديون، جن کي انهن ماڻهن لاءِ مخصوص رکيو ويندو، جيڪي آرٽيڪل 106 جي فقري (3) ۾ بيان ڪيل آهن.

(ب) فقري (4) ۾ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو-

(4 الف) فقري (2 الف) ۾ بيان ڪيل سيٽن کي ڀرڻ لاءِ ميمبرن کي فقري (1) جي سيٽن کي ڀرڻ لاءِ ميمبرن سان هڪڙي ئي وقت، قانون موجب ڏار ڏار سڌي ۽ آزاد ووٽ رستي چونڊيو ويندو.

## 6. دستور جي آرٽيڪل 54 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 54 جي فقري (2) جي آخر ۾ هيءَ سمجهاڻي ڳنڍي ويندي- يعني ته:

سمجهاڻي: هن فقري ۾ ڏنل ڪم ڪندڙ ڏينهن ۾ اهڙو ڏينهن، جنهن ۾ گڏيل اجلاس ۽ ٻن ڏينهن تائين اهو عرصو، جنهن ۾ قومي اسيمبلي معطل آهي، شمار ڪيو ويندو."

## 7. دستور جي آرٽيڪل 106 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 106 جي فقري (3) ۾-

(الف) ٻئي دفعي ورجايل لفظ "يا" لفظ "۽يا غير مسلم ۽ جيڪي تعلق رکندڙ" ڳنڍيا ويندا: ۽

(ب) صوبي پنجاب لاءِ ڏنل اکر "3" جي بدران "5" ڳنڍيو ويندو.

## 8. دستور جي آرٽيڪل 199 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 199 ۾-

فقري (3) کان پوءِ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو:

(3 الف) هاءِ ڪورٽ، فقري (1) هيٺ ڪوبه اهڙو آرڊر ،حڪم) نه ڏيندي:

(الف) جنهن ۾ ڪنهن شخص کي نظربند ڪرڻ جي ڪنهن حڪم نامي کي روڪي: يا

(ب) ڪنهن ماڻهوءَ کي ضامن ڏي، جيڪو روڪيندڙ نظربنديءَ جي قانوني نهرائن موجب، نظربند آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ث) فقري (4) جي پويان هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو.

(4 الف) ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي طرفان ان کي پيش ڪيل ڪنهن اهڙي درخواست تي، جيڪا ڪنهن اختياري يا شخص جي طرفان جاري ڪيل ڪنهن حڪم، ڪيل ڪنهن ڪارروائي، يا ڪيل ڪنهن ڪم جي جواز يا قانوني اثر تي اعتراض ڪرڻ لاءِ هجي، جيڪو ضميمي پهرئين جي حصي پهرئين ۾ بيان ڪيل قانون هيٺ جاري ڪيل هجي، ڪئي ويئي هجي، يا ڪيو ويو هجي يا جنهن جو جاري ٿيڻ، ڪرڻ، يا ڪرڻ، متشرح هجي يا جيڪو سرڪاري ملڪيت يا سرڪاري محصول، تخميني ۽ وصولي متعلق هجي يا ان جي سلسلي ۾ هجي، صادر ڪيل ڪنهن عارضي حڪم، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ جنهن تي اهو صادر ڪيو وڃي، ڇهن مهينن جي عرصي کان پوءِ اثر انداز نه رهندو جيستائين عدالت جي طرفان ان کان اڳ مقدمي جو فيصلو نه ڪيو وڃي يا جاري ڪيل عارضي حڪم واپس نه ورتو وڃي.

## 9. دستور جي آرٽيڪل 271 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 271 جي فقري (1) ۾-

(الف) لفظن "جي تحت" پويان لفظ، فگر ۽ ڪاما "آرٽيڪل 36،" وڌو ويندو؛

(ب) پيراگراف (الف) بدران هي ڳنڍيو ويندو؛

(i) پهرين قومي اسيمبلي ۾ هيٺيان شامل رهندا:

(ii) اُهي شخص جيڪي شروع واري ڏينهن کان اڳ، پاڪستان جي موجود قومي اسيمبليءَ ۾ حلف کڻي چڪا آهن،

(iii) اُهي شخص جيڪي آرٽيڪل 51 جي فقري (2 الف) موجب اسيمبلي جي ميمبرن هئان چونڊ رستي، سيٽن کي پرڻ لاءِ قانون موجب چونڊجي اچن.

۽ جيستائين ان کان اڳ نه ٽوڙي وڃي، اها 14 آگسٽ 1977 تائين برقرار رهندي ۽ دستور ۾ قومي اسيمبلي جي ٽوٽل ميمبرشپ جي حوالي سان، انهيءَ طور سمجهي ويندي.

(ث) پيراگراف (ب) ۾ لفظ "آساميون" جي پويان ڪامائون، لفظ، برئڪيٽ، فگرَ ۽ ليٽر "جيڪي آرٽيڪل 51 جي فقري (2 الف) ۾ بيان ڪيل واڌو سيٽن تي چونڊجي اچن،"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 10. دستور جي آرٽيڪل 272 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 272 ۾-

(الف) برئڪيٽ ۾ فگر "1) جيڪا فگر (انگ) 272 پويان ڏنل آهي، ختم ڪيو ويندو؛

(ب) لفظن "ان جي هيٺ،" لفظ، فگر (انگ) ڪاما "آرٽيڪل 63، ۽" وڌو ويندو.

## 11. دستور جي آرٽيڪل 273 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 273 جي فقري (1) ۾-

(الف) "ان جي تابع" لفظن کان پوءِ، لفظ، انگ ۽ ڪاما "آرٽيڪل 63،" وڌو ويندو؛ ۽

(ب) پئراگراف (الف) جي بدران هي ڳنڍيو ويندو (بدلايو ويندو).

دستور جي هيٺ ڪنهن به صوبي جي پهرين اسيمبلي ۾ هيٺيان شامل هوندا

(1) شروع واري ڏينهن کان اڳ انهيءَ صوبي جي اسيمبلي جا موجود ميمبر

(2) واڌو ميمبر جيڪي آرٽيڪل (106 جي فقري (3) ۾ بيان ڪيل سيٽن پرڻ لاءِ، ميمبرن طرفان، قانون مطابق چونڊيا وڃن.

۽ جيستائين ان کان اڳ، ان کي ٽوڙيو نه وڃي يا برخاست نه ڪيو وڃي 14 آگسٽ سن 1977 تائين برقرار رهندي ۽ دستور ۾ ڪنهن صوبي جي اسيمبلي جي ٽوٽل ميمبرن جو انهيءَ موجب مطلب ڪڍيو ويندو؛ ۽

(ث) پئرا گراف "ب" ۾ لفظ "آسامين" برئڪيٽ، انگ "يا آرٽيڪل 106 جي فقري (3) ۾ بيان ڪيل وڌيڪ سيٽن لاءِ چونڊجي اچڻ وارن" وڌو ويندو.

## 12. دستور جي پهرئين شيڊول جو بدلجڻ

(1) دستور ۾ ڏنل پهرئين شيڊول کي بدلائي، هن سان گڏ، دستور ۾ شيڊول ڳنڍيو ويو آهي (اهو پهريون شيڊول رهندو).

## 13. دستور جي چوٿين شيڊول ۾ ترميم

(1) دستور جي چوٿين شيڊول ۾، ساڳي قانون ساز فهرست ۾، داخلا نمبر 43 کان پوءِ نئين داخلا هن ريت درج ڪئي ويندي:

"43- الف اوقاف"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**14. ڪي حڪم، مقرر ڪيل وقت يا مُدي ڪان پوءِ ڪارگر نہ رهندا (ڪنهن طرح بہ اثرانداز نہ ٿي سگهندا).**

(1) اهڙو عارضي حڪم جيڪو دستور جي آرٽيڪل 199 جي فقري (14 الف) ۾ ڏنل آهي ۽ هاءِ ڪورٽ، هن ائڪٽ جي شروع ٿيڻ کان اڳ پاس ڪيو آهي، شروع ٿيڻ کان سٺ ڏينهن کان پوءِ بي اثر ٿي ويندو، جيستائين مقدمي جو آخري فيصلو نہ ڪيو وڃي يا عارضي حڪم ڪورٽ طرفان واپس نہ ورتو وڃي، جيڪي بہ اڳ واضع ٿئي.

## پهريون شيڊول

آرٽيڪل 8 (3) (ب) ۽ (4)

اُهي قانون جيڪي آرٽيڪل 8 (1) ۽ (2) جي نفاذ جي اثر کان آجا آهن هن سان گڏ پهريون ضميمو (شيڊول) شامل آهي

## ائڪٽ (42 آف 1976)

دستور جو پنجون ترميمي ائڪٽ 1976

اهو ائڪٽ جنهن سان اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي وڌيڪ ترميم ڪجي

گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي حصو پهريون 15 سيپٽمبر 1976

پارليامينٽ جو هيٺ ڏنل ائڪٽ، جنهن کي صدر 13 سيپٽمبر 1976 تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع (پڌرو) ڪيو وڃي ٿو.

جيئن تہ اهو (مصلحت هيٺ) واجبي ٿيو آهي تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾ هن کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ مقصدن لاءِ ترميم آندي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ٺاهيو وڃي ٿو.

**1. مختصر نالو ۽ شروعات**

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو پنجون ترميمي ترميم ائڪٽ 1976 سڏيو ويندو.

(2) ۽ اُهو هڪدم عمل ۾ ايندو، سواءِ جو سيڪشن 8 ۽ 13 جيڪي پهرين ڊسمبر 1976 تي عمل ۾ ايندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 2. دستور جي آرٽيڪل 101 ۾ ترميم

(1) اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾، جنهن کي هن کان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 101 جي فقري (2) جي ڇيڙي ۾ فل اسٽاپ جي بدران ڪولن ڏيئي، ان کان پوءِ هي شرط ۽ نئون فقرو ڳنڍيو ويندو-

پر شرط آهي تہ قومي اسيمبلي جي پهرين عام چونڊ ٿيڻ کان پوءِ، ڪوبہ شخص انهيءَ صوبي جو گورنر مقرر نہ ڪيو ويندو، جنهن جو هُو مستقل رهاڪو نہ آهي.

(2 الف) فقري (2) جي شرط ۾ ڏنل ڪابہ (شيءِ) انهيءَ عرصي تائين لاڳو نہ رهندي، جيستائين آرٽيڪل 132 جي فقري (2) جي پيراگراف (ٿ) هيٺ ڪو حڪم يا آرٽيڪل 234 هيٺ ڪيل ڪو اعلان زيرِ عمل آهي.

## 3. دستور جي آرٽيڪل 160 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 160 جي فقري (3) پيراگراف (22) جي بدران هي ڳنڍيو ويندو-

"(i) درآمد يا برآمد ٿيل، پيدا ڪيل، تاهيل يا واپرايل مال جي وڪري يا خريد تي ٽئڪس يا محصول."

## 4. دستور جي آرٽيڪل 175 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 175 جي فقري (3) ۾ لفظ "ٽي" جي بدران "پنج" ڳنڍيو ويندو.

## 5. دستور جي آرٽيڪل 179 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 179 کي پيهر نمبر ڏيئي فقرو (1) بنايو ويندو ۽ فقري (1) کان پوءِ جيئن اڳ بيان ڪيل آهي، هيٺيان نوان فقرا ڳنڍيا ويندا- يعني تہ:

(2) سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس، پوءِ اهو دستور جي پنجين ترميمي ائڪٽ 1976 کان اڳ مقرر ڪيل هجي يا پوءِ، جيستائين هو جلدي 65 سالن جو نہ ٿئي، پنجن سالن تائين پنهنجي عهدي تي رهندو ۽ ان کان پوءِ سندس مرضي رهندي تہ-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) پنهنجي عهدي تان رٽائر ڪري ۽ اهڙي پينشن وٺي، جنهن جو هو 65 سالن جي ڄمار ۾ رٽائر ڪرڻ سبب حقدار رهندو؛ يا

(ب) سپريم ڪورٽ جي سڀ کان سينئر جج جي عهدي تي چڙهي ۽ اهو ساڳيو پگهار وٺندو رهي، جيڪي هو چيف جسٽس هئڻ ڪري وٺندڙ هو.

3. جڏهن به فقري (2) هيٺ ڪو جج، سپريم ڪورٽ جي سڀ کان وڏيڪ سينئر جج جي عهدي تي چڙهندو ته پوءِ جيڪو جج، سپريم ڪورٽ ۾ سڀ کان وڏيڪ سينئر آهي، سينيارٽي جي ترتيب ۾ هن کان پوءِ ٻئي درجي تي ڏنو ويندو.

4. ڪوبه شخص آرٽيڪل 180 کان سواءِ، هڪ دفعي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي عهدي تي رهيو هجي، انهيءَ عهدي تي ٻيهر مقرر نه ڪيو ويندو.

5. فقري (2)، (3) ۽ (4) جا نهراءِ، آرٽيڪل 275 ۾ ڏنل ڪنهن به شيءِ هوندي به اثرانداز نه رهندا.

## 6. دستور جي آرٽيڪل 180 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 180 ۾ لفظن "سپريم ڪورٽ جي سڀ کان وڏيڪ سينئر جج" جي بدران لفظ "سپريم ڪورٽ جي ججن مان ڪنهن هڪ کي، جنهن اڳ ۾ پاڪستان جي چيف جسٽس جو عهدو نه ماڻيو هجي، سواءِ ان جي ته" هن آرٽيڪل هيٺ ڳنڍيو ويندو.

## 7. دستور جي آرٽيڪل 187 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 187 جي فقري (1) ۾ لفظ "ڏ،" لفظ، برئڪيٽون، اکر ۽ ڪاما، آرٽيڪل 175 جي فقري (2) هيٺ ڳنڍيو ويندو.

## 8. دستور جي آرٽيڪل 192 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 192 جي فقري (2)، (3) ۽ (4) ۾ هي (هيٺ ڏنل) ڳنڍيو ويندو يعني ته-

(2) "سنڌ بلوچستان هاءِ ڪورٽ، بلوچستان ۽ سنڌ لاءِ مشترڪ (ساڳي) هاءِ ڪورٽ طور ڪم ڪرڻ بند ڪندي."

(3) "صدر، حڪم جي ذريعي، بلوچستان ۽ سنڌ جي صوبن مان هر هڪ لاءِ هڪ هاءِ ڪورٽ قائم ڪندو ۽ حڪم ۾ ٻنهي هاءِ ڪورٽن جي رهڻ جي جاءِ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏيل هاءِ ڪورٽ جي ججن جي بدلي، ٻنهي هاءِ ڪورٽن جي قيام کان اڳ، مشترڪ هاءِ ڪورٽ، رهيل مقدمن جي بدلي لاءِ ۽ عام طور گڏيل هاءِ ڪورٽ جي ڪم بند ڪرڻ ۽ ٻنهي هاءِ ڪورٽن جي قيام سان وابسته يا اتفاقيه معاملن لاءِ اهڙا حڪم وضع ڪري سگهندو، جيڪي هُو موزون سمجهي."

## 9. دستور جي آرٽيڪل 187 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 195 کي وري نمبر ڏيئي انهيءَ آرٽيڪل ۾ فقرو (1) بنايو ويو آهي ۽ فقري (1) کان پوءِ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو، يعني ته-

(2) هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس پوءِ اهو، دستور جي پنجين ترميم ائڪٽ 1976 کان اڳ مقرر ڪيل هجي يا پوءِ، جيستائين هو جلدي 62 سالن جو نه ٿئي، ڇئن سالن تائين پنهنجي عهدي تي رهندو ۽ ان کان پوءِ سندس مرضي رهندي ته-

(الف) پنهنجي عهدي تان رٽائر ڪري ۽ اهڙي پينشن وٺي جنهن جو هُو 62 سالن جي ڄمار ۾ رٽائر ڪرڻ سبب حقدار رهندو؛ يا

(ب) هاءِ ڪورٽ جي سڀ کان سينئر جج جي عهدي تي چڙهي، ۽ اُهو ساڳيو پگهار وٺندو رهي، جيڪي هُو چيف جسٽس هئڻ ڪري وٺندڙ هو.

(3) جڏهن به فقري (2) هيٺ ڪو جج هاءِ ڪورٽ ۾ سڀ کان وڏيڪ سينيئر جج جي عهدي تي چڙهندو ته جيڪو جج هاءِ ڪورٽ ۾ سڀ کان سينئر آهي، سينيارٽي جي ترتيب ۾ هن کان پوءِ ٻئي درجي تي ٿي ويندو.

(4) ڪوبه شخص، آرٽيڪل 196 کان سواءِ، هڪ دفعو هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي عهدي تي رهيو هجي، ان عهدي تي ٻيهر مقرر نه ڪيو ويندو.

(5) آرٽيڪل 275 ۾ جيڪي ڏنل آهي، ان هوندي به فقري (2)، (3) ۽ (4) جا نهراءِ اثرانداز رهندا.

## 10. دستور جي آرٽيڪل 196 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 196 ۾، لفظن "هاءِ ڪورٽ جي ججن مان سڀ کان وڏيڪ سينئر جج" جي بدران لفظ "ڪوبه هاءِ ڪورٽ جو جج، جنهن اڳ ۾ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جو عهدو نه ماڻيو هجي، سواءِ" هن آرٽيڪل هيٺ ڳنڍيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 11. دستور جي آرٽيڪل 199 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 199 ۾ فقري (3- الف) بدران هي ڳنڍيو ويندو-

(3- الف) هاءِ ڪورٽ هن آرٽيڪل هيٺ ڪوبه حڪم نه ڪندي-

(الف) ڪوبه اهڙو آرڊر نه ڪندي، جنهن موجب ڪنهن ماڻهوءَ جي روڪيندڙ نظربندي جي قانون هيٺ ڪنهن شخص جي نظربنديءَ جي حڪم جي عمل کي معطل ڪري؛

(ب) اهڙو حڪم جنهن موجب ڪنهن ماڻهوءَ کي جيڪو روڪيندڙ نظربندي هيٺ نظربند آهي، ضامن تي ڇاهر نڪري؛

(ٿ) ڪنهن ماڻهوءَ جي ضامن تي ڇاهر نڪرڻ جو حڪم ڪري يا نظربندي معطل ڪري يا اهڙي حڪم جي تعميل ۾ جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ خلاف ڪنهن ڪورٽ يا ٽربيونل ۾ رپورٽ تي آهي يا ان جي خلاف پوليس ٿاڻي تي رپورٽ تي آهي ڪنهن ڏوهه لاءِ، يا هُو ڪنهن ڪورٽ يا ٽربيونل هٿان سزا ڪاٽل آهي؛

(د) اهڙو حڪم جنهن موجب ڪنهن پوليس ٿاڻي تي ڪو ڪيس رجسٽر نه ٿئي يا ڪا رپورٽ يا فرياد ڪنهن ڪورٽ يا ٽربيونل آڏو ڪنهن ڏوهه جي باري ۾ نه ڪئي وڃي؛

(ع) ڪوبه اهڙو عارضي حڪم، ڪنهن به اهڙي ماڻهوءَ لاءِ جنهن جو حوالو هن کان اڳ پيراڱن ۾ ڏنو ويو آهي.

(3- ب) اهڙو ڪوبه حڪم جيڪو فقري (3- الف) ۾ ڏنل آهي، چوٿين ترميمي ائڪٽ سال 1975 جي عمل ۾ اچڻ کان پوءِ ڪنهن به وقت ڪيل هجي ته اهو بي اثر رهندو ۽ سڀ تعميلاتون جيڪي ان حڪم هيٺ، ڪنهن به هاءِ ڪورٽ اڳيان رهيل هجن، رد ٿي وينديون؛

(3- ٿ) فقري (3- الف) ۽ (3- ب) جا نمراءَ (حڪم) انهيءَ درخواست سان جيڪا اپيل ڪرڻ جي اجازت جي نيڪال لاءِ ڪيل عرضداشت يا ڪنهن اپيل سان جنهن جو حوالو فقري (3- الف) ۾ ڏنل آهي ۽ جيڪا سپريم ڪورٽ ۾، دستور جي پنجين ترميم ائڪٽ 1976 کان اڳ زير نيڪال هئي، لاڳو رهندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 12. دستور جي آرٽيڪل 200 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 200 جي فقري (1) ۾ آخر ۾ فل اسٽاپ جي بدران ڪولن ":" ڳنڍي هي شرط ڳنڍيو ويندو، يعني ته-

"پر شرط آهي ته ذڪر ڪيل راضپو يا هاءِ ڪورٽن جي چيف جسٽسن سان مشورو ضروري نه هوندو، جيڪڏهن اهڙي بدلي جو مُدو هڪڙي وقت ۾ هڪ سال کان وڌيڪ نه هجي؛"

سمجهاڻي: هن آرٽيڪل ۾ لفظ جج ۾ ڪوبه چيف جسٽس شامل نه هوندو.

## 13. دستور جي آرٽيڪل 204 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 204 ۾ فقري (2) ۽ (3) جي بدران هيٺيون لکيو ويندو، يعني ته-

(2) ڪورٽ کي اختيار رهندو ته ڪنهن به ماڻهو کي قانون موجب، ڪورٽ جي بي ادبي لاءِ سزا ڏئي.

## 14. دستور جي آرٽيڪل 206 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 206 کي نئون نمبر ڏيئي فقرو (1) لکبو ۽ فقري (1) کان پوءِ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو، يعني ته-

(2) ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو سپريم ڪورٽ ۾ جج جي حيثيت ۾ تقرر قبول نه ڪري ته هو پنهنجي عهدي تان رٽائر سمجهيو ويندو ۽ رٽائرمينٽ تي اهڙي پينشن وٺڻ جو حقدار رهندو، جنهن جو حساب، جج طور ڪم ڪرڻ تي سندس نوڪري جي عرصيءَ پاڪستان ۾ ڪيل ملازمت جي، جيڪڏهن ڪا آهي، جي بنياد تي ڪيو ويو آهي.

## 15. دستور جي آرٽيڪل 212 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 212 ۾ فقري (2) ۾ ٽيون دفعو ورجايل لفظ "ٽربيونل،" جي پٺيان، ڪامائون ۽ لفظ "ان اپيل کان سواءِ جيڪا سپريم ڪورٽ ۾ زيرِ غور آهي،" وڌا ويندا ۽ سدائين لاءِ اُهي وڌل سمجهيا ويندا.

## 16. دستور جي آرٽيڪل 260 ۾ ترميم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) دستور جي آرٽيڪل 260 جي سمجهاڻين ۾ "پاڪستان جي نوڪري" جي پٺيان لفظ ۽ ڪاما "اٽارني جنرل" لفظ ۽ ڪاما "ائڊووڪيٽ جنرل،" ڳنڍيو ويندو.

### 17. دستور جي آرٽيڪل 280 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 280 ۾ آخر ۾ لفظ "تهيل" لفظ ۽ اکر "۽ ان تي ڪنهن عدالت ۾ انهيءَ سبب ڪري ته اها حصي ٻئي جي باب پهرئين ۾ عطا ڪيل حقن مان ڪنهن حق جي مطابق نه آهي، ڪوبه سوال نه اُٿاريو ويندو،" ڳنڍيا ويندا ۽ اُهي هميشه اهڙي طرح ڳنڊيل سمجهيا ويندا.

### 18. دستور جي پهرئين شيڊول ۾ ترميم

(1) دستور جي پهرئين شيڊول جي حصي پهرئين ۾-

(الف) ننڍي هيڊنگ "2- ضابطا" ۾ داخلا نمبر 6 کان پوءِ هيٺيون حصو ڳنڍيو ويندو:

(7) غير متحرڪ ملڪيت (چترال) جي تڪرارن جي تصفيه (ترميمي) ضابطو 1976 (12 آف 1976)؛

(ب) ننڍي هيڊنگ "3- فيڊرل ائڪٽ" ۾ داخلا نمبر 2 کان پوءِ هيٺيون ڳنڍيو ويندو:

(3) اٽي پيهڻ جي ڪارخانن جي ڪنٽرول ۽ ترقي جو ائڪٽ 1976 (57 آف 1976)

(4) چانورن جي ڪارخانن جي ڪنٽرول ۽ ترقي جو ائڪٽ 1976 (58 آف 1976)

(5) ڪپهه ڇاڻڻ جي ڪنٽرول ۽ ترقي جو ائڪٽ 1976 (59 آف 1976)؛

(ٿ) ننڍي هيڊنگ ڪان پوءِ "5- صوبائي ائڪٽ" ۽ ان بابت داخلائن ۾ هي نئون سب هيڊنگ ۽ داخلا ڳنڍي ويندي، يعني ته-

5- صوبائي آرڊيننس

لئنڊ رفارم (زمين سڌارڪ) پٽ فيڊر ترميمي آرڊيننس 1976



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 19. دستور جي چوٿين شيڊول ۾ ترميم

دستور جي چوٿين شيڊول ۾-

(الف) فيڊرل قانون ساز فهرست ۾:

(1) پهرئين حصي جي داخلا نمبر 49 کان پوءِ هي ڳنڍيو ويندو، يعني ته "49- برآمد ۽ درآمد تيل، پيدا ڪيل، تاهيل ۽ واپرايل مال جي خريد ۽ وڪري تي ٽئڪس: ۽

(2) ٻئي حصي جي داخلا نمبر 3 ۾ لفظ "ويسٽ (مغربي) پاڪستان واٽر ۽ پاور ترقياتي اختياري (واپڊا) جي بدران "واپڊا ۽ پاڪستان صنعتي ترقياتي ڪارپوريشن" ڳنڍيو ويندو.

(ب) شريڪ (ساڳئي وقت هلندڙ) قانون ساز فهرست ۾ داخلا نمبر 41 جي بدران هيٺيون ڳنڍيو ويندو:

"2- پيدا ڪرڻ، سينمائي فلمن جي ڪاٽ ڪوٽ ۽ نمائش"

# ائڪٽ 84 آف 1976ع

دستور جو ڇهون ترميمي ائڪٽ 1976ع

اهو ائڪٽ جنهن سان اسلامي جمهوري پاڪستان جي دستور جي ترميم ڪجي

گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي حصو پهريون 4 جنوري 1977ع

پارليامينٽ جي هيٺ ڏنل ائڪٽ، جنهن کي صدر 31 ڊسمبر 1976ع تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع (پڌرو) ڪيو وڃي ٿو.

جيئن ته اهو ضروري ٿيو آهي ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾ هن کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ مقصدن لاءِ ترميم آندي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ٺاهيو وڃي ٿو.

## 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو ڇهون ترميمي ائڪٽ 1976ع سڏيو ويندو: ۽

(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 2. دستور جي آرٽيڪل 179 ۾ ترميم

(1) اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾، جنهن کي هن کان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 179 ۾ فقري (5) کان پوءِ هيٺيون فقرو ڳنڍيو ويندو، يعني ته-

(6) فقري (1) يا ٻئي (2) ۾ جيڪي هجي ان جي هوندي به سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس 65 سالن جي ڄمار جو ٿئي ۽ هن پنجن سالن لاءِ اهو عهدو ماٺيو هجي ته هُوانهيءَ عهدي تي قائم رهندو، جيستائين هُو اهو مُدو پورو ڪري.“

## 3. دستور جي آرٽيڪل 195 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 195 ۾، فقري (5) کان پوءِ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو، يعني ته-

(6) فقري (1) يا (2) ۾ جيڪي هجي، ان هوندي به هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس 62 سالن جي ڄمار کي پهچي ۽ هن اهو عهدو ڇهن سالن تائين ماٺيو هجي ته هُو انهيءَ عهدي تي قائم رهندو جيستائين هُو اهو مُدو پورو ڪري.

## 4. دستور جي آرٽيڪل 246 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 206 ۾-

(الف) پيراگراف (ب) جي حصي (1) ۾:

(22) برئڪيٽ ۾ لفظ، جنهن ۾ ڪاما به شامل آهي، ”ڪوهستان ضلعي جون قبائلي ايراضيون،“ وڌو ويندو ۽ اٿين سمجهيو ويندو ته:

(22) آڪٽوبر 1976ع کان وٺي هميشه لاءِ وڌايا ويا آهن.

(22) لفظ ”هزاره“ جي بدران ”مانسهره“ ڳنڍيو ويندو ۽ اٿين سمجهيو ويندو ته پهرين آڪٽوبر 1976ع کان وٺي هميشه لاءِ ڳنڍيا ويا آهن.

(ب) پيراگراف (ٿ) جي ننڍي پيراگراف (5) لاءِ هيٺيون ڳنڍيو وڃي ۽ اهو پهرين ڊسمبر 1973ع کان ڳنڍيل سمجهيو ويندو.

(5) باجوڙ ايجنسي

(5- الف) اورڪزئي ايجنسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 5. دستور جي آرٽيڪل 260 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 260 جي سمجهاڻي ۾ "سروس آف پاڪستان" ۾ لفظ "پارليامينٽري سيڪريٽري،" کانپوءِ لفظ "چيئرمين يا لاءِ ڪميشن جو ميمبر، اسلامڪ آئيڊيالاجي جي ڪائونسل جو چيئرمين يا ميمبر، وزيراعظم جو خاص معاون، وزيراعظم جو صلاحڪار، وزيراعليٰ جو خاص معاون، وزيراعليٰ جو صلاحڪار،" وڌو ويندو.

# ائڪٽ 23 آف 1977ع

### دستور جو ڇهون ترميمي ائڪٽ 1976ع

اهو ائڪٽ جنهن سان اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور جي ترميم ڪجي
گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي حصو پهريون 16 مئي 1977
پارليامينٽ جي هيٺ ڏنل ائڪٽ، جنهن کي صدر 16 مئي 1977ع تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع (ڇپرو) ڪيو وڃي ٿو.

جيئن تہ اهو ضروري ٿيو آهي تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾ هن کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ مقصدن لاءِ ترميم آندي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ٺاهيو وڃي ٿو.

## 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو ستون ترميمي ائڪٽ 1977ع سڏيو ويندو؛ ۽
(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو؛ ۽ سيڪشن 4، 21 اپريل 1977ع کان عمل ۾ اچي وڃڻ سمجهيو وڃي.

(3) سيڪشن 2- 13 سيپٽمبر 1977ع تي ختم ٿيل سمجهڻ گهرجي.

## 2. دستور جي نئين آرٽيڪل 96- الف ۾ داخلا

(1) اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾، جنهن کي هن کان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 96 کان پوءِ هي نئون آرٽيڪل داخل ڪيو ويندو يعني تہ-

96- الف وزيراعظم جو اعتماد حاصل ڪرڻ جو ريفرنڊم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) جڏهن به وزيراعظم اهو ضروري ٿو سمجهي ته ريفرنڊم رستي پاڪستان جي ماڻهن جو اعتماد جو ووٽ حاصل ڪيو وڃي ته هُو صدر کي صلاح ڏيئي سگهي ٿو ته هُو پارليامينٽ جي قانون مطابق انهيءَ معاملي تي ريفرنڊم ڪرائي.

(2) فقري (1) ۾ حوالي ڏنل قانون، ريفرنڊم جو قيام ۽ ريفرنڊم ڪرائڻ جي طريقي ۽ نموني جو بندوبست ڪيو ويندو.

(3) وزيراعظم جي صلاح تي جيئن فقري (1) ۾ بيان ڪيل آهي، صدر، ريفرنڊم ڪميشن کي ريفرنڊم ڪرائڻ لاءِ چوندو ته اها، عام چونڊ لاءِ نيشنل اسيمبلي لاءِ نظرثاني ٿيل عمل انتخابي فهرست ۾ درج ڪيل، ماڻهن ذريعي ريفرنڊم ڪرائي.

(4) جيڪڏهن ريفرنڊم ۾ ووٽ جي ڳڻپ جي باري ۾ ڪو تڪرار اُٿي ته اهو ريفرنڊم، ڪميشن يا ان جي ڪنهن اختياري ڏنل ميمبر طرفان فيصلو ڪيو ويندو، سواءِ ان جي جيڪي اڳ بيان ڪيل آهن، ريفرنڊم يا ان جي نتيجي جي باري ۾ تڪرار (يا سوال) ڪنهن به ڪورٽ يا اختياري آڏو نه ڪيو ويندو ۽ نه ان جي ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي.

(5) جيڪڏهن ريفرنڊم جي ووٽن جي آخري ڳڻپ ۾ وزيراعظم، ٽوٽل ڏنل ووٽن ۾ جيڪي پاڪستان جي ماڻهن جي اعتماد حاصل ڪرڻ خاطر، اڪثريت حاصل نٿو ڪري، ته هُن کي آرٽيڪل 94 جي مطلب لاءِ اهو سمجهيو ويندو ته هُن استعيفا ڏني آهي.

## 3. دستور جي آرٽيڪل 101 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 101 جي فقري (الف) ۾ لفظن برئڪيٽن، اکر ۽ فگر ۾ "آرٽيڪل 232 جي فقري (2) جي پئراگراف (ث) هيٺ ڪو حڪم يا پڌرنامو جي بدران لفظ، فگر "آرٽيڪل 232 هيٺ پڌرنامو يا،" ڳنڍيو ويندو.

## 4. دستور جي آرٽيڪل 245 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 245 کي نئون نمبر ڏيئي فقرو پهريون (1) لکيو ويندو ۽ ان کان پوءِ هيٺيون نئون فقرو ڳنڍيو ويندو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) فقري (1) هيٺ وفاقي حڪومت طرفان جاري ڪيل ڪنهن هدايت جي جائز هجڻ کي ڪنهن عدالت ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو سوال نه اُٿاريو ويندو.

(3) ڪنهن هاءِ ڪورٽ ڪنهن اهڙي علائقي ۾، جنهن ۾ پاڪستان جي مسلح افواج، في الوقت، آرٽيڪل 245 جي تعميل ۾ شهري اختياري وارن جي مدد لاءِ ڪم ڪندڙ هجن، آرٽيڪل 199 هيٺ ڪو به دائره اختيار استعمال نه ڪندي.

پر شرط آهي ته هن فقري جو ان ڏينهن کان اڳ جنهن تي مسلح افواج شهري اختيارين جي مدد لاءِ ڪم شروع ڪري ڏنو هجي، ڪابه رهيل (زير سماعت) ڪارروائي متعلق هاءِ ڪورٽ جي دائره اختيار تي اثر انداز نه ٿيندو.

(4) فقري (3) ۾ بيان ڪيل ڪنهن علائقي متعلق ڪا ڪارروائي، جنهن کي ان ڏينهن يا ان کان پوءِ، داخل ڪئي ويئي هجي، جڏهن مسلح افواج شهري حاڪمن (اختيارين) جي مدد لاءِ ڪم شروع ڪيو هجي ۽ جيڪو ڪنهن هاءِ ڪورٽ ۾ رهيل (زير سماعت) آهي، انهيءَ عرصي لاءِ معطل رهندي، جنهن جي هلندي مسلح افواج هن ريت ڪم ڪري رهيون هجن

## دستور جو نائون ترميمي بل

اُهو بل جنهن سان اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي وڃي.

جيئن ته اهو ضروري ٿيو آهي ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي وڃي، ان ڪري هن ريت قانون ٺاهيو وڃي ٿو

### 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو نائون ترميمي ائڪٽ 1985ع سڏيو ويندو.

(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

### 2. دستور جي آرٽيڪل 2 ۾ ترميم

(1) اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾، جنهن کي هن کان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 2 ۾ "پاڪستان" لفظ کان پوءِ، چيڙي ۾ لفظ "۽ اسلام جا تاڪيدي حڪمناما، جيڪي قرآن ۽ سُنت ۾ مقرر ڪيل آهن، عظيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانون ٿيندو ۽ اُهي قانون سازي لاءِ هدايت جو سرچشمو رهندا ۽ پاس ڪيل قانونن رستي، پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين طرفان ملڪي انتظام ۽ حڪومت جي پاليسي ٺاهڻ لاءِ عمل ۾ آندا ويندا.“ ڳنڍيا ويندا.

## 3. دستور جي آرٽيڪل 203- ب ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 203- ب جي پئرا (ٿ) ۾-

(الف) ڪاما جي بدران لفظ ”دستور“ جي پٺيان فل اسٽاپ ”.“ ڳنڍيو ويندو؛

(ب) لفظ، ڪاما ۽ سيمي ڪولن ”مسلم شخصي قانون، ڪورٽ جي ڪارروائي متعلق ڪوبه قانون يا ٽريبونل يا هن باب جي شروعات ڪان ڏهن سالن گذرڻ ڪان پوءِ ڪهڙو به پيسن (ناڻي) جو قانون يا ڪوبه اهڙو قانون، جنهن ۾ ٽئڪسن مڙهڻ ۽ وصول ڪرڻ يا فيون يا بئنڪنگ يا انشوئرنس (ويمي) طريقي ڪار يا ڪارروائي؛ ۽“ خارج ڪيو ويندو.

## 4. دستور جي آرٽيڪل 203- د ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 203- د ۾ فقري (3) ۾ هي نئون فقرو ڳنڍيو ويندو

(3- الف) هن باب ۾ جيڪي به ڏنل آهي، ان هوندي به، ناڻي جي ڪنهن به قانون يا ٽئڪس جي مڙهڻ ۽ وصولي بابت قانون يا فيون، يا بئنڪنگ، انشوئرنس طريقه ڪار ۽ ڪارروائي متعلق، ڪورٽ فيصلو ڏي ته ڪوبه قانون اسلام جي تاڪيدي حڪم نامن جي خلاف (ابتڙ) آهي ته انهن ماڻهن سان، جن ڪي انهيءَ مضمون بابت خاص علم آهي، انهن سان صلاح مشوري ڪان پوءِ، حڪومت کي سفارش ڪندي ته انهيءَ ڏس ۾ مناسب قدم کڻي، انهيءَ قانون ۾ ترميمون آنديون وڃن ته جيئن اهو اسلام جي تاڪيدي حڪم نامن جي مطابق موافقت ۾ آندو وڃي.

پر شرط آهي ته ڪورٽ جو اهڙو فيصلو گذري ويل وقت تي اثرانداز نه ٿيندو ۽ ڪوبه حق يا دعويٰ، سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح ان تي نه رهندو.

(3- ب) دستور ۾ ۽ فقري (3- الف) ۾ جيڪي به آهي، ان هوندي به جيڪي ان جي ڪري ڪيو ويو آهي، ڪوبه قانون يا ڪنهن به ڪورٽ جي فيصلي هيٺ، سپ هلندڙ قانون، جن ۾ ٽئڪسن جو مڙهڻ، ادائگي ۽ فيون يا بئنڪنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا انشوئرنس طريقه ڪار يا ڪارروائي، جيڪي فقري (3- الف) ۾ حوالي طور ڏنل آهن، جائز رهندا، جيستائين انهن لاءِ قانون ساز اسيمبلي پاران مناسب قانون نه ٺاهيو ويو آهي، جيڪي هلندڙ قانونن جي جاءِ وٺن، تيستائين ڪورٽ جي ڏنل آخري فيصلي تائين، جيئن فقري (3- الف) ۾ بيان ڪيل آهي يا جيستائين نوان قانون نافذالعمل ٿين، اُهي جائز رهندا.

پر شرط آهي ته (3- الف) ۽ (3- ب) ۾ جيڪي ڏنل آهي، ان هوندي به اهي ڪيل جمعبندي پاس ڪيل حڪم، رهيل ڪارروايون ۽ ادائگيون ۽ وصول ٿيندڙ رقمن (فقري 3- الف هيٺ پاس ڪيل قانونن ۾ نافذالعمل ٿيڻ کان اڳ) سان لاڳو نه رهندو.

## مقصدن ۽ سببن جو تفصيل

اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آرٽيڪل 2 ۽ 227 جي ٺهرائن جي موافقت ۾، جنهن موجب اسلام، پاڪستان جو سرڪاري مذهب رهندو، ته سڀ قانون اسلام جي تاڪيدي حڪم نامن مطابق آندا ويندا، ۽ پڻ قرارداد مقاصد، هن بل جو مقصد آهي ته دستور جي آرٽيڪل 2، 203 (ب) ۽ 203- د ۾ ترميم آندي وڃي ته جيئن اهڙو بندوبست ڪيو وڃي ته اسلام جا تاڪيدي حڪم ناما، عظيم قانون ٿي وڃن ۽ قانون ساز پاليسي ٺاهڻ لاءِ هدايت جو چشمو ٿئي ۽ وفاقي شريعت ڪورٽ کي اختيار ڏنو وڃي ته اها ناڻي جي قانون، ٽيڪسن مڙهڻ ۽ وصول ڪرڻ جي قانونن کي اسلام جي مٿي بيان ڪيل تاڪيدي حڪم نامن مطابق، موافقت ۾ آندو وڃي.

## ائڪٽ پهريون سال 1987ع

دستور جو ڏهون ترميمي ائڪٽ 1987ع

اهو ائڪٽ جنهن سان اسلامي جمهوريه پاڪستان جي دستور ۾ وڌيڪ ترميم آڻجي

گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي حصو پهريون 29 مارچ 1987ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينيون مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو ائڪٽ، جنهن تي صدر 15 مارچ 1987ع تي منظوري ڏني ۽ اهو عام اطلاع لاءِ شايع ڪيو وڃي ٿو.

جيئن تہ اهو ضروري ٿيو آهي تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور جي هن ڪان پوءِ ظاهر ڪيل مقصدن لاءِ ترميم ڪئي وڃي:

ان ڪري هن ريت قانون ناهيو وڃي ٿو.

## 1. مختصر نالو ۽ شروعات

(1) هن ائڪٽ کي دستور جو ڏهون ترميمي ائڪٽ 1987ع سڏيو ويندو: ۽

(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

## 2. دستور جي آرٽيڪل 54 ۾ ترميم

(1) اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور ۾، جنهن کي هن کان پوءِ دستور سڏيو ويندو، آرٽيڪل 54 جي فقري (2) جي شرط ۾ لفظ "ست" جي بدران "ٽيهہ" بدلائي وڌو ويندو.

## 3. دستور جي آرٽيڪل 61 ۾ ترميم

(1) دستور جي آرٽيڪل 61 ۾ لفظ "هڪ سو ۽ ست" جي بدران "هڪ سو ٽيهہ" بدلائي وڌو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محترم رسول بخش اُنڙ وڪيل جهڙي قدآور علمي شخصيت متعلق لکڻ مون لاءِ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ مون کي نہ رڳو قانون جهڙي اهم شعبي ڏانهن راغب ڪيو، پر منهنجو ۽ منهنجي ٽنهي پٽن جو اُستاد پڻ آهي، جيڪي پڻ وڪالت سان لاڳاپيل آهن. سائين رسول بخش اُنڙ کي آئون تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن پاڻ لوڪل بورڊ (بيسڪ ڊيموڪريسي) جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هو ۽ آئون سيڪريٽري يونين ڪائونسل هئس، ان کان پوءِ جڏهن ڪيس پٽو حڪومت واري دؤرِ حڪومت ۾ ڪيس نوڪريءَ تان لاٿو ويو ۽ هن وڪالت شروع ڪئي، تہ مون هن ۾ سنڌ دوستي گهرائيءَ سان ڏٺي. سنڌ ۾ جڏهن ”شيرين سومرو ڪيس“ وارو مشهور واقعو ٿيو، جنهن ۾ آرمي پاران ڇاٽايل سنڌي شاگردن قادر بخش جتوئيءَ ۽ حيدر علي شاهہ کي گرفتار ڪري، ڪين ملٽري ڪورٽ ۾ آندو ويو، تہ اُنڙ صاحب بغير ڪنهن لالچ جي ملٽري ڪورٽ جا پيرين پنڌ چڪر ڪاٽيا ۽ تڪليفن جي پرواهہ نہ ڪندي، ڪيس هلائيندو رهيو.

سائين رسول بخش اُنڙ لاءِ اڪثر اهو چوندي ٻڌو ويو آهي، تہ هو پيپلز پارٽيءَ جو وڏو مخالف آهي. آئون ان ڳالهہ کي هن دليل سان رد ٿو ڪريان، تہ هن شخص ڪنهن معاوضي بنا جمهوريت جي بحالي لاءِ هلندڙ تحريڪ ۾ گرفتار ٿيل هزارين سنڌي قيدين کي آزاد ڪرايو، جن مان گهڻائي پ پ جي ڪارڪنن ۽ ليڊرن جي هئي. قانون جي شعبي سان لاڳاپيل هئڻ ڪري هن کي قانون جو گهرو مطالعو آهي، ان ڪري پاڻ هر وقت ماڻهن کي مطلع ڪندو رهندو آهي، تہ جنهن آئين جي بحاليءَ لاءِ توهان سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ۽ سر بہ ڏنا اٿو، ڪڏهن انهيءَ آئين کي پڙهي بہ ڏسو، تہ ان ۾ سنڌي ماڻهن کي ڪهڙا حق حاصل آهن.


ڊالومل ’موتي‘ لوهاڻو

اسسٽنٽ پروفيسر سنڌ لا ڪاليج

حيدرآباد



Rs : 240.00



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٽوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)